امر جليل



جڏهن مان نه هوندس

جڏهن مان نہ هوندس

(ڪهاڻيون)

امر جليل

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1991ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ارڙنهن

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن	مارچ 1971ع
ٻيون ايڊيشن	مارچ 1989ع
ٽيون ايڊيشن	مارچ 1991ع
ٽائيٽل ڊزائين	شاهد وحيد
ٽائيٽل ڪئليگرافي	عاشق حسين
قيمت	50/- رپيا
پڪي جلد سان	70/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

JADDAHIN MAAN NA HOONDUS (Short stories) by AMAR JALEEL. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition March 1971. Second Edition March 1989. Third Edition March 1991. Price Per Copy Rs. 50/-

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن موهن جو دڙو پبليڪيشن ڪراچي، ٻيون ايڊيشن نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ ڇپرايو.

انتساب

سنڌي ادب جي عظيم انقلابي مخزن
'روح رهاڻ'
جي نالي —

— امر جليل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— ’جڏهن مان نہ هوندس‘، سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ ڪهاڻيڪار امر جليل جي ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو آهي، جنهن جي پهرين ڇاپي ڇپجڻ سان ئي، سنڌي ادب ۽ ڪهاڻي پڙهندڙن ۾ وڏو ڇوهبول پيدا ڪري، هر طرف کان وڏي مڃتا ماڻي هئي. امر جليل جي اها وڏي خوش نصيبي آهي ته، هر دور ۾ هو سڀ کان گهڻو پڙهيو ويندڙ ۽ خاص ڪري سنڌ جي نوجوانن جو فيورٽ ڪهاڻيڪار بڻي رهيو آهي. امر جليل جي هن مجموعي کي ڇپجڻ سان، نہ فقط پڙهندڙن وٽان وڏي مڃتا ملي هئي، پر اِن ڪتاب کي ساڳئي وقت، سنڌ جي باوقار ادبي ۽ ثقافتي اداري سنڌالاجي پاران سال ١٩٧١ع ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي مجموعن مان ’بهترين ڪهاڻين جي مجموعي‘ جو انعام بہ مليو هو. امر جليل جي اِن ’انعاميافتہ‘ ڪتاب ’جڏهن مان نہ هوندس‘ کي ٽيون دفعو پڙهندڙن جي اسرار ۽ خواهش تي ڇپرائيندي، ادارو نيو فيلڊس پبليڪيشنس نهايت خوشي محسوس ڪري رهيو آهي.

ادارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

سهاڳ ــ تاريخ تي شاهدي	٩
سر مارٽيمر ويلر ۽ قلندر	١٧
منهنجي دل موهن جو دڙو	١٩
سچل سرمست Trouble ۾	٢٩
خوني رات	٤٥
سياح، گائيڊ ۽ ٽرانزسٽر	٦٣
راهون جدا جدا	٦٥
عظمت جو ثبوت	٨٤
لهندڙ سج، وڌندڙ پاڇا	٨٦
چريٽ ۽ قلفي	١٠٠
جلاوطن	١١٣
شڪست	١١٥
پل صراط	١٣٧
ساجن منهنجو دوست	١٥٨
جڏهن مان نه هوندس	١٧١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ تي شاهدي

'جڏهن مان نہ هوندس' پهريون ڀيرو ون يونٽ ٽٽڻ کانپوءِ، جنرل يحيٰ خان جي مارشل لا دوران، اٽويهه سؤ ايڪهتر (١٩٧١) ۾ شايع ٿيو هو. تڏهن، مشرقي پاڪستان ۾ بنگلاديش جي باضابطہ تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ جنگ هلي رهي هئي.

ون يونٽ جي ڪڏي ڪارنامي کي برقرار رکڻ لاءِ فيلڊ-مارشل ايوب خان ڏاڍي جبر، تشدد ۽ ساهہ سڪائيندڙ سختيءَ سان ١٩٥٨ع کان ١٩٦٨ع تائين، ڏهہ سال حڪومت ڪئي هئي. سندس حڪومت جا ڏهہ سال ون يونٽ خلاف سياسي اٿل پٿل، هلچل ۽ تحريڪن کي، خاص ڪري مشرقي پاڪستان، سنڌ ۽ بلوچستان ۾، دٻائڻ ۽ چٿڻ ۾ گذري ويا. ان دوران اسان پاڪستان جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي انتخابي هيرا ڦيري ۽ ڌانڌلي ڏٺي، جڏهن محترمہ فاطمہ جناح صدارتي اميدوار جي حيثيت ۾ فيلڊمارشل ايوب خان جي سامهون ٿي هئي. فاطمہ جناح کي سموري مشرقي پاڪستان، سنڌ، بلوچستان ۽ اڌ پنجاب، ۽ اڌ سرحد جي حمايت حاصل هئي، پر ٿنهن هوندي بہ هوءَ چونڊن ۾ ايوب خان خلاف ڪامياب ٿي نہ سگهي. چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ فيلڊ مارشل ايوب خان اڳ کان اڳرو ٿي پيو ۽ ون يونٽ جي پاسباني ۽ نگهبانيءَ ۾ سمورا ليڪا لتاڙي ويو.

ون يونٽ جو منصوبو رٿڻ وارن جي ذهن ۾ اگرا سياسي، استحصالي ۽ پرماري سبب هئا. اصل ۾، ون يونٽ ٺاهڻ جو سڀ کان وڏو سبب هو، قومي اسيمبليءَ ۾ بنگالين کي نيچي نوائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباديءَ جي لحاظ کان مشرقي پاڪستان، هڪ صوبي جي حيثيت ۾، پاڪستان جو سڀ کان وڏو صوبو هو. سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي گڏيل آبادي به کين پڄي نہ سگهندي هئي. قومي اسيمبليءَ ۾ سندن اڪثريت هوندي هئي. ون يونٽ جي آڏاڻ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کي گڏي، هڪ ڪري، قومي اسيمبليءَ ۾ بنگالين جي منهن ۾ آڻي بيهاريو. ان ريت، تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مغربي ۽ مشرقي پاڪستان درميان محاذ آرائي شروع ٿي، جنهن اڳتي هلي بنگلاديش کي جنم ڏنو.

مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ خلاف سڀ کان وڏيڪ ۽ شديد ردعمل سنڌ ۾ ٿيو. ڏهن سالن جي گهٽ، ٻوسٽ، ۽ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي استحصال، ۽ تشدد سبب لازمي طرح سنڌ جي سوچ بدلجي ويئي. اقدار بدلجي ويا. رُويا بدلجي ويا. صوفي منش سنڌي قوم ساز ۽ سنگيت کي پَرَ پَرو ڪري، پنهنجي بقا لاءِ ويريءَ کي للڪاريو. تاريخ جا ورق ورڻ لڳا. تاريخ جي صفحن تان سورهيہ سرويچ ۽ شهيد نئين سوچ ۽ نئين حوالي سان نئين نسل ۾ ڳاڻجڻ لڳا. گهر گهر سنگرام ٿي پيو. انيڪ آواز فضائن ۾ ڦهلجي ويا ـــ

’سُهندو ڪير ميار، او يار
سنڌڙيءَ کي سرَ ڪير نہ ڏيندو.‘ (اياز)
وطن جي راهہ ۾ وطن جا نوجوان شهيد ٿيو،
يا بچايو سنڌ کي، يا سورما شهيد ٿيو.‘ (قمر)

اسان کي سنڌ سان گڏ لفظ ’سابق‘ قبول نہ هو. انهن ڏينهن ۾ خبرن دوران ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اخبارن ۾ جڏهن بہ ڪنهن صوبي جو ذڪر ايندو هو، تہ ڏاڍي پابنديءَ سان لفظ ’سابق‘ استعمال ڪيو ويندو هو. مان يقين سان ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان تہ لفظ ’سابق‘ پنهنجي صوبي جي نالي اڳيان ڏسي پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ماڻهن جو ڪهڙو ردعمل هوندو هو! باقي سنڌ ۾ ’سابق صوبہ سنڌ‘ جو اصطلاح ٻڌي سموري وايومنڊل مان آواز ايندو هوـــ

سنڌ ڪڏهن نہ مرڻي آ
سنڌ اٽل آ
سنڌ ازل آ
سنڌ امر آ
سنڌ ڪڏهن نہ مرڻي آ.

منهنجي درويش پيءُ قاضي فيض محمد * هڪ دفعي چيو هو، ”توهان چوڪرن کي ون يونٽ جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي، جنهن توهان کي سياسي طرح سجاڳ ڪري، نئون شعور ۽ نئين سوچ ڏني آهي. ون يونٽ هڪ نہ هڪ ڏينهن ٽٽندو، پر ون يونٽ خلاف هليل هلچل دوران پيدا ٿيل سنڌ شناسي وڌندي رهندي.“

ون يونٽ خلاف نفرت، حقارت، ۽ هلچل کي چٿڻ ۽ چچرڻ لاءِ ڪاروايون ڪندي فيلڊ مارشل ايوب خان جي آمريت آنت کي پهتي؛ سنڌس ڳچها صلاحڪار ۽ حواري، جن ون يونٽ ناهڻ ۽ هلائڻ ۾ سنڌس مدد ۽ پشت پناهي ڪئي هئي، سڀ سياڻا هئا. ايوب خان کي صلاح ڏناؤن ته ــ آقا، تنهنجو سونهري دؤر اچي پڄاڻيءَ کي پهتو آهي ـــ پاڻ سان گڏ عوام هٿان اسان کي بہ خوار خراب ڪرائي مارائيندين ـــ مهرباني ڪري حڪومت جون واڳون اسان جي حوالي ڪر، ۽ پاڻ وڃي الله لله ڪر. پر ايوب خان بہ ڳهٽ سياڻو نہ هو! هن حڪومت جون واڳون پنهنجي ماتحت جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيون، ۽ پاڻ وڃي گوشہ نشينيءَ ۾ ويٺو. ايوب خان کان پوءِ جنرل يحيٰ خان جو دور شروع ٿيو.

يحيٰ خان عوامي آٿل ڏسي واٺڙو ٿي ويو. هن اول ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو، ۽ پوءِ عام چونڊون ڪرائڻ جو. پر، ڏهن

---

* بزرگ سياستدان، محترم سائين قاضي فيض محمد نواب شاهہ وارو نہ، منهنجو وڏو پيءُ قاضي فيض محمد ـــ ”نيون وجود“ ۾ منهنجين بين ڪهاڻين ۾ سرڪش، بهادر، ۽ ڪڏهن شڪست قبول نہ ڪرڻ جهڙن ڪردارن جو اتساهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن ۾ ون يونٽ جي ڪينسر. جيڪي جبل جيڏا جاڙ ڪيا هئا، تن جو ازالو ٿي نہ سگهيو. اصل ۾ ون يونٽ مشرقي پاڪستان خلاف، بلڪہ ائين چئجي تہ بنگالين خلاف گهڙي طرح رٿيل ۽ سٽيل سازش هئي. مقصد هو مغربي پاڪستان جي چئن صوبن جي انفرادي حيثيت ختم ڪري، هڪ وڏو صوبو قائم ڪري، مشرقي پاڪستان جي صوبي اڌو ٻيهارڻ، ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ بنگالين کي نيچي نوائڻ. پر، وڏيڪ عرصي تائين، ائين ٿي نہ سگهيو. انسانيت سوز مظالم، خوفناڪ خونريزي، ۽ هڪ هيبتناڪ جنگ کان پوءِ مشرقي پاڪستان بنگلاديش ٿي پيو. هڪ نئون ملڪ دنيا جي نقشي تي اڀري آيو.

ڏاڍو بيرحم، پريشان ۽ ششدر ڪندڙ هو ون يونٽ وارو دور! ون يونٽ دوران جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو، ملڪ جنهن پيڙا کي ڏٺو ۽ پوگهيو، رت جو سمنڊ ۽ بارود جو رڻ پٽ جهاڳيو، ۽ ان دوران ملڪ ۾، ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ جنهن سوچ ۽ شعور جنم ورتو، ۽ اوسر ۽ ارتقا جون احتجاجي منزلون طي ڪيون، تن جو ڪٿي بہ باضابطہ رڪارڊ قلمبند ڪيل نہ آهي. هڪ هلاڪت خيز دور تاريخ جي صفحن ۾ ڪنهن بہ عبرتناڪ باب جو اضافو ڪري نہ سگهيو. پر، سنڌي ادب نهايت سچائيءَ، بهادريءَ ۽ بيباڪيءَ سان ون يونٽ واري دور جي هڪ هڪ لمحي کي قلمبند ڪيو، ۽ تاريخ جي مجرمانہ خاموشيءَ تي شاهد ٿي بيٺو.

ون يونٽ دوران سنڌي اديبن جيڪو ادب پيدا ڪيو، لکيو، ۽ چيرايو تنهن کي بنا ڪنهن وڏاءَ جي مزاحمتي ادب (Literature of Resistance) سڏي سگهجي ٿو. ليکڪن جي هڪ وڏي ڪيمپ پيدا ٿي پيئي. ملڪ سچو منصور ٿي پيو. ادب چڻ سنگرام ٿي پيو— جنگ جو ميدان ٿي پيو. سنڌي ادب ماڻهن جي سوچ کي، ۽ وقت جي هڪ هڪ لمحي کي پنهنجي وجود ۾ اوتي ڇڏيو. بيت هجي يا گيت، غزل هجي يا نظم، ڪهاڻي هجي يا مضمون، تحقيقي مقالو هجي يا تاثر، هڪ هڪ سٽ ۽ هڪ هڪ بند جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هڪ لفظ ٻڙڇي ٻڌجي پيو. هر ليکڪ پنهنجي وس، ذات ۽ ڏانو آهر هڪ دور جي ڏاڍ ۽ ڏمر جو ڀرپور نموني مقابلو ڪيو. ادب پنهنجي دور جي عڪاسي ڪندو آهي. اُن دور جي سنڌي ادب پنهنجي دور جي عڪاسي ڪئي آهي. ون يونٽ دوران سنڌ ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي موڊ، سوچ، شعور، روّين، ۽ لاڙن بابت جيڪڏهن تحقيق (Research) ڪندي فقط 'روح رهاڻ' ۽ 'سهڻي' رسالن جو مطالعو ڪجي، تہ هڪ دور پنهنجي تاريخ سميت اسان جي اکين آڏو اُڀري ايندو.

ڏير مدار، ۽ وقت جي ويڇي کان قطع نظر، تاريخ جي هڪ دور ۾ ڪيل غلطيءَ جو نتيجو قومن ۽ ملڪن کي تاريخ جي ٻئي دور ۾ ڏسڻو ۽ ڀوڳڻو پوندو آهي. اڻويهہ سؤ ايڪونجاهہ (١٩٥١) ۾ اُن دور جي حڪومت مشرقي پاڪستان ۾، يعني بنگال ۾ بنگالين کان پڇڻ جي نالي ۾ بنگالي ٻولي کسڻ جي تاريخي غلطي ڪئي. ريلوي اسٽيشنن، هوائي اڏن، بس اسٽاپن، پوسٽ آفيسن، سرڪاري دفترن، دڪانن، چوڪن ۽ رستن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نالي وارين تختين تان بنگالي ٻوليءَ کي ڊاهي، ڊاهي، ۽ ختم ڪري اردوءَ ۾ نالا لکيا ويا. نتيجي ۾، ردِ عمل طور بنگالين جهڙي نموني پنهنجي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪيو، ۽ بچاءُ جي ڪاروائين دوران بليدان ڏنو، سو بنگال جي تاريخ جو هڪ حصو آهي. رت، ست، ۽ ساهہ جون قربانيون ڏيئي، بنگالين پنهنجي ٻوليءَ جو موروثي حق موٽائي ورتو. ڍاڪا ۾ شهيدن جو هڪ يادگار اڏيو آيو. تاريخ جي هڪ دور ۾، يعني اڻويهہ سؤ ايڪونجاهہ (١٩٥١ع) ۾ ڪيل غلطيءَ جو نتيجو ويهن سالن ۾، تاريخ جي ٻئي دور ۾، يعني، اڻويهہ سؤ ايڪهتر (١٩٧١) ۾ قوم جي اکين آڏو اچي بيٺو ـــ ملڪ ٽٽي پيو، ۽ بنگلاديش وجود ۾ آيو. ١٩٥١ع واري تاريخي غلطيءَ کي اڻويهہ سؤ پنجونجاهہ ـ ڇاونجاهہ (١٩٥٥-٥٦) ۾ ٻئي تاريخي غلطيءَ سان، ون يونٽ ڏاهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقويت ڏنـي ويئي هئي. علحدگيءَ جي سوچ، ۽ تحريڪ کي هٿي ملي ويئي.

ون يونٽ نہ رهيو. ون يونٽ جا ناهيندڙ، نگهبان، ۽ پرجهليا نہ رهيا. پر، وَنَ يونٽ دوران لکيل سنڌي ادب موجود آهي. سنڌ سان ٿيل جفا، ظلم، ناانصافي، تشدد ۽ بيرحمي جو دستاويز موجود آهي. سنڌ ۾ سنڌ شناسي، خود آگاهي، نئين سوچ، نئين لوچ ۽ نئين شعور جيءَ ارتقا جو تحريري ثبوت موجود آهي. پاڪستان ۾ اڄ تائين تاريخ سائنسي بنيادن تي نہ لکي ويئي آهي، ۽ نہ ئي سائنسي بنيادن تي تاريخ جو ڪڏهن مطالعو ٿيو آهي. تاريخ سان هٿ - چراند کي اسان وٽ ڪڏهن بہ عيب ۽ ڏوهہ نہ سمجهيو ويو آهي، بلڪ، وظيفن ۽ گرانٽن ذريعي تاريخ کي مليا ميٽ ڪيو ويو آهي. ان قسم جي جڙتو ۽ هٿ ٺوڪي تاريخ جا وڪا آن دور جو تخليقي ادب پڌرا ڪندو آهي. اٺـويهہ سؤ پنجونجاهہ کان اڻـويهہ سؤ ستر (١٩٥٥-٧٠) تـائين، لکيل سنڌي ادب آن دور جي تاريخ خلاف جيئرو جاڳندو شاهد آهي.

'جڏهن مان نہ هوندس' جي پهرين ايڊيشن (١٩٧١) ۽ ٻئي ايڊيشن (١٩٨٩) جي وچ ۾ ارڙهن سالن جي وڇوٽي آهي. پهرين ايڊيشن اچڻ کان پوءِ، حالتن کي مدِ نظر رکندي، ڪوشش جي بـاوجود، ڪوبہ پبلشر 'جڏهن مان نـہ هوندس' جو نئون ايڊيشن آڻي نـہ سگهيو. بنگلاديش جي تحريڪ سبب ملڪ رتـيءَ بـارود جهڙي سياسي ڪيفيت ۾ وڪوڙجي ويو هو. ماڻهو تہ ڇڏيو، پاڇي تي بہ شڪ پئي پين تہ ان کي بـہ غداريءَ جي الزام ۾ ڦاهيءَ تي چاڙهي پئي ڇڏيائون! سڪن کان وڌيڪ ساوا ساڙي پئي ڇڏيائون. بنگلاديش جي تحريڪ ۽ جنگ، هلي تہ مشرقي پاڪستان ۾ هئي، پر وٺ پڪڙ سنڌ ۾ هئي! نيٺ مشرقي پاڪستان ۾ بنگلاديش ٺهي پيو. ون يـونٽ جو نتيجو ظاهر ٿي پيوـــ اڻـويهہ سؤ ستيتاليهہ (١٩٤٧) وارو اصلوڪو پـاڪستان ٽٽي پيو. مغربي پـاڪستان، مغربي پاڪستان نہ رهيو. مغربي پاڪستان فقط پـاڪستان سڏجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ آيو. پاڪستان ۾ موت جهڙي خاموشيءَ جو راڪاس راتاهو ڏيئي ويو. جنرل يحيٰي خان حڪومت جون واڳون ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪري منظر تان هٽي ويو.

سڀ ڪجهہ بدلجي ويڻ کان پوءِ اهڙو وقت بہ آيو، جڏهن ون يونٽ خلاف ڏهن سالن جي مسلسل جدوجهد ۽ جنگ سيني جو ستنڊ سنڌ ساڻو ڪري وڌو. ڏڪ روحن ۾ لهي ويو. عجيب قسم جي خاموشي قبرستانن جي ياد تازي ڪرڻ لڳي. پن چُري تہ چرڪي پئجي! پر پوءِ، آهستي آهستي ماڻهن ساهہ کڻڻ شروع ڪيو. دلين ڌڙڪڻ، نگاهن ڏسڻ، ڪنن ٻڌڻ، زبانن ڳالهائڻ، ۽ قلمن لکڻ، ۽ مائوف دماغن سوچڻ شروع ڪيو. پر، ان کان اڳ جو اظهار کي پرواز جا پر ملن، ٥ جولاءِ ١٩٧٧ تي، رات جي ڪاري ڪفن ۾، هڪ دفعو وري آمريت جو راڪاس موٽي آيو. هن دفعي راڪاس آيو، تہ ڪاٺ ڪهاڙن سان گڏ مذهب جي علمبرداريءَ جي دعوي بہ کڻي آيو. اڻين لڳو، ڄڻ قيامت ڏائين هن ملڪ ۾ سوچڻ، سمجهڻ، پرکڻ، ڏسڻ، ٻڌڻ، ۽ ڳالهائڻ، ۽ اندر جو حال اورڻ تي بندش رهندي.

سنڌ دشمني، پرماريت، نسل ڪشي، قرمار، قتڪن، ڦاهين ۽ جيلن ڀرڻ جنرل ضياالحق جي يارهن سالن جي حڪومت فيلڊ- مارشل محمد ايوب خان جي ڏهن سالن جي حڪومت کان ڪنهن بہ صورت ۾، ۽ ڪنهن بہ تجزيہ ۾ گهٽ نہ هئي. مان ٻنهي دورن جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. ٻنهي آمرن جي دور حڪومت جو تجزيو ڪندي فقط هڪ فرق سامهون اچي بيهي ٿو — ٻنهي جي پڄاڻي! فيلڊ مارشل ايوب خان زبردست عوامي هلچل، جدوجهد، Street demonstrations (رستن تي مظاهرن) ۽ احتجاجن سبب اقتدار جون واڳون ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيو. ان جي برعڪس، جنرل ضياالحق ڪوڙن واعدن، ڏتن، گوهين ۽ گهمرين، زبردست حڪمت عملي، نشر و اشاعت جي سرڪاري توڙي غيرسرڪاري ادارن تي مڪمل ڪنٽرول، بي پناهہ تشدد، ۽ مذهب کي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقتدار جي توسيع لاءِ بيدريغ استعمال ڪرڻ سبب ڏنڊين ڏاند تي هلندو آيو. سنڌس پرڪار ڏسي، اهو طي تي چڪو هو ته موصوف جيئري جند نه ڇڏيندو — جيستائين مرندو نه، تيستائين حڪومت جون واڳون هٿ مان نه ڪيندو. ۽ پوءِ، ٿيو به ائين.

'جڏهن مان نه هوندس'، مارچ اٺويهه سؤ ايڪهتر (١٩٧١) ۾ شايع ٿيو هو. ان کان سال کن اڳ ڪتاب 'دل جي دنيا' مارڪيٽ ۾ آيو هو. ٻنهي ڪتابن ۾ ون يونٽ دوران لکيل منهنجيون ڪجهه ڪهاڻيون شامل آهن. ارڙهن سالن کان پوءِ 'جڏهن مان نه هوندس' جو سيڪنڊ ايڊيشن شايع ٿيو آهي. ان دوران پڙهندڙن جا به نسل نڪري نروار ٿيا آهن — هڪڙا آهي، جيڪي ون يونٽ دوران اڃان ننڍڙا هئا، ۽ آفتن کي ڪترڙي اک سان ڏسڻ جي سَنَ کي نه پهتا هئا؛ ۽ ٻيا آهي، جن ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ جنم ورتو آهي. مان پنهنجو هيءُ ڪتاب پڙهندڙن جي نوجوان نسل جي حوالي ڪري رهيو آهيان.

شعبو - ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد.

امر جليل
پهرين جنوري، ١٩٨٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مارٽيمر ويلر ۽ قلندر

سر مارٽيمر ويلر (قديم آثارن جو جڳ - مشهور ماهر) هوٽل جي انتظار گاهه ۾ داخل ٿيو. ٽڪل ٿي ڏٺو. چيائين، "معاف ڪجو. مان اصل هينئر موهن جي دڙي ڪان حيدرآباد پهتو آهيان."

انتظار گاهه ۾ صحافي، پريس فوٽو گرافر، ريڊيو پاڪستان جا نمائيندا، شاگرد ۽ سرڪاري ڪامورا موجود هئا. هڪڙي صحافيءَ سر مارٽيمر ويلر ڪان پڇيو، "موهن جي دڙي کي ڪڏهن ڪانءِ ڪلر کوري رهيو آهي؟"

سر مارٽيمر ويلر نهه پهه وراڻيو، "اهو سوال سياسي نوعيت جو آهي. مان جواب نه ڏيندس."

"موهن جو دڙو سنڌ جي علامت آهي." يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرد سر مارٽيمر ڪان پڇيو، "موهن جي دڙي کي بچائڻ لاءِ اوهان ڪهڙا اُپاءَ وٺي رهيا آهيو."

"اهو سوال پنهنجي حڪومت ڪان پڇو." سر مارٽيمر سرڪاري ڪامورن ڏانهن ڏسندي وراڻيو.

هڪ بندرو، نوڙهو ۽ نهايت بيڊولو شخص، شاگردن، صحافين ۽ پريس فوٽوگرافرن کي ڌڪيندو، اڳتي هليو آيو. هن پڳل ٽٽل ۽ انگريزن جي ارواح کي عذاب ڏيندڙ انگريزيءَ ۾ سر مارٽيمر سان پنهنجي واقفيت ڪرائيندي چيو، "مان فلمن جو مشهور ۽ سڀ ڪان شاهوڪار پروڊيوسر آهيان."

"مون کي افسوس آهي، مسٽر پروڊيوسر،" سر مارٽيمر وراڻيو، "اسان حڪومت کي تاڪيد ڪئي آهي ته ڪنهن کي به موهن جي دڙي ۾ فلم جي شوٽنگ ڪرڻ نه ڏين."

"اسان کي موهن جي دڙي سان ڪابه دلچسپي نه اهي." بيڊولي نوڙهي ساڳي لهجي ۾ چيو، "مون کي پنهنجا پيسا حرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرٽا ناهن جو ڪنڊرن جي فلم ٺاهيان."

"تہ پوءِ؟" سر مارٽيمر ويلر حيرت مان پڇيو.

"ڪجهہ سال اڳ مصر ۾ فرعون جي قديم عبادت گاهن کي پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ بنيادن سميت اصلوڪي هنڌان ڪٽي محفوظ جاءِ تي پهچايو ويو هو." بيٻولي پروڊيوسر چيو، "اسان کي بہ بس اهڙو هڪ ڪم ڪرائڻو آهي."

سر مارٽيمر عجب مان پڇيو، "تون ڇا ڪٽائيندين."

"هر سال سيبيءَ فلم اسٽار ۽ هيرامنڊيءَ جا هيرا ڪشالا ڪڍي قلندر شهباز جي ميلي تي سيوهڻ ايندا آهن، اسان جو وقت برباد ڪندا آهن." نوڙهي ۽ بندري پروڊيوسر چيو، "اسان فيصلو ڪيو آهي، تہ اسين قلندر لعل شهباز جي سموري درگاهہ بنيادن سميت پٽائي لاهور ڪٽي وڃون. ان سلسلي ۾ تون اسان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندين؟" ●

منهنجي دل موهن جو دڙو

چوڻ چاهيم، تاج محل دل هجي ها، پڄي پوي ها، جنهن نه ڪري ها. پر جيڪي چوڻ چاهيم، چئي نه سگهيم. لفظ ڪروڙ جي پنيءَ ۾ پسر ٿي ويا.

فقط ايترو چيم، ”تو مونکي دوکو ڏنو آهي، نجمه.“

هن جواب نه ڏنو. وڏي وڃي آرٽس آڊيٽوريم جي ٿلهه وٽ بيٺي. رئي جي ڪنڊ آڱر تي ويڙهڻ لڳي.

مان نيپام بم جي گهائل وانگر ڦٿڪي اٿيس. وڃي سندس پٺيان بيٺس. اندر جا آدما حواسن کي سنگسار ڪري رهيا هئا. نه ڳالهايان ته جيڪر جگر مان جوالا وهي نڪري. تڏهن چيم، ”پانيو هوم، تون اِئين نه ڪندينءَ. منهنجين اميدن جي ڪناري کي وير وانگر لتي نه ڇڏيندينءَ. پر منهنجي پاڻ ۽ نه پاڻ مان چا ورندو. مون حياتيءَ ۾ هميشه غلط سوچيو آهي.“

هوءَ خاموش رهي. سندس ڪنڌ جو خم وڏي ويو.

ڪراچيءَ کان ڪوهن تي روهن ۾ ناهيل يونيورسٽي موهن جو دڙو ٿيندي ويئي. صبر، زندگيءَ جي گهڙين وانگر منهنجي قبضي کان ڏار ٿي، ڇڙواڳ گهوڙي جيان هوش جي ڌرتيءَ کي سنبن سان لتاڙيندو رهيو.

هن نه ڳالهايو.

مون ڳالهايو، ”مان ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن تنهنجي بيوفائي وساري ڇڏيندس، نجمه پر نه وساري سگهندس ته تنهنجي ياد.“

نجمه منهن ورائي منهنجين اکين ۾ نهاريو. وچڙيل نگاهون مليون، ته ڪجهه دير تائين ڌار ٿي نه سگهيون. تڏهن ڏسندي ئي ڏسندي، سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو. ڪجهه چوڻ لاءِ سڪل چپ ڦڙڪي آٿيس. آواز نيڙيءَ ۾ وچڙي ويو ته وچڙيل ئي رهيس. ٻه لڙڪ پنبڻين مان ڇڻندا، ڪنول جهڙن ڳلن تان ترڪندا. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئي جي ڪنڊ ۾ جذب ٿي ويا.

پاڻ روڪي نہ سگهيم. چيم، ”تنهنجا ۽- چار لڙڪ منهنجين بي‌پناهہ مايوسين جو معاوضو ناهن، نجمہ.“

هن آليون اکيون ڪٽي مون ڏانهن ڏٺو. گيٽ ڏيئي، نڙيءَ کي ليپ ڏنائين. رئي سان پنهنجون اکيون اُگهي، چپ چٻيي، منهن موڙي ڇڏيائين.

چيم، ”تنهنجي بيرخي منهنجيءَ دل جو داغ آهي، نجمہ.“

مونڏانهن ڏسڻ بنا چيائين، ”تون مونکي سمجهي نہ سگهيو آهين. مونکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر خدارا.“

”تون ريگستان جي رڃ آهين، صحرا جي سڃ آهين. تون منهنجي سڪرات جي اُڃ آهين.“ لڇندي پڇندي چيم، ”مان توکي خوب سمجهي ويو آهيان، نجمہ.“

”تون مونکي سمجهي نہ سگهيو آهين.“ گهُٽيل گهُٽيل آواز ۾ چيائين، ”تون مونکي سمجهي نہ سگهيو آهين.“

”تون پٿر آهين، ڪنهن سنگتراش جو بت آهين“. چيم، ”منهنجي چري چاهت ڇو آواز فرهاد جو تيڪر ناهي جو تنهنجي دل ۾ لهي وڃي.“

بدين فيڪلٽي آف آرٽس جي در ٻاهران اسٽول تي ويٺل پٽيوالو اوٻاسي ڏيئي، آرس موڙي اُٿي بيٺو. هٿ وڌائي، نوٽس بورڊ تان ڪاٺ جو ڏونڪو ڪٽي پتل جي ٿالهہ تي چار دفعا هنيائين. پتل جي ورت مان آواز جا اڻ ڏٺا سلسلا نڪرندا رهيا ۽ وراندن جي ٺلهن سان وچڙندا رهيا.

نجمہ چيو، ”مان وڃان ٿي.“

”مان توکي روڪڻ جو حق نٿو رکان.“ چيم، ”تون وڃ.“

ٻہ وکون ڪٽي بيهي رهي. مٿي تي رئو ٺاهيندي چيائين، ”روحن جا رشتا هڪبئي سان نہ ڇنبا آهن، جيئن تو ڪيو آهي.“

”ورهيہ ٿيا جو مون پنهنجو روح تنهنجي پيار تان قربان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو هو.“ وراڻيم، ”اڄ، منهنجي دل موهن جو دڙو آهي.“

”ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ لاءِ ڊراما لکندي، ۽ ڊرامن ۾ ڪم ڪندي، توهان زندگيءَ ۾ بہ ڊرامائي انداز اختيار ڪري ويو آهين.“ مون کان نظرون بچائيندي، چيائين، ”تون حقيقتن کان پري ٿي ويو آهين.“

”جنم زندگيءَ جي ڊرامي جي ابتدا، ۽ موت ان جو انجام آهي.“ صبر جو بند پڄي پيو. چيم، ”فرق فقط ايترو آهي، جو زندگيءَ جي المناڪ ڊرامي ۾ مان ڪارو ڪفن ٻڌي ايندو رهيو آهيان، ۽ تون چٽن گهوڙن جي رٿ ۾ چڙهي مونکان پري ڀڄندي رهي آهين.“

وراڻيائين، ”مان تو وانگر ڊائلاگ ڳالهائي نٿي سگهان، تو وانگر دل جو حال اوري نٿي سگهان.“

”مان ان جي ضرورت بہ نٿو محسوس ڪيان.“ چيم، ”تون فقط هڪ دفعو پيهر انڪار ڪر. پنهنجي نٿرتا سان منهنجي من جو رهيو کهيو شيشيو چُور ڪر. ناڪار جي آخري ٻرڇي منهنجي هنيانءَ ۾ هڻ. چئہ نجمہ، تہ تو سون سان محبت نہ ڪئي هئي. چئہ تہ مون سان گڏ هڪ گهر، ۽ هڪ زندگيءَ جا خواب نہ ڏٺا هئم.“

ڏاڍي ڏک وچان چيائين، ”مان تنهنجي آڏو جلي مران، تڏهن بہ توکي منهنجي اڻميي پيار تي اعتبار نہ ايندو.“

هڪدم چيم، ”تہ پوءِ منهنجي ڳالهہ چو ٿي ٽڪرائين. مونسان هلين چو نٿي؟“

ولهہ جهڙي آواز، ۽ جذبن کان خالي لهجي ۾ پڇيائين، ”پڄي هلان ؟“

”جيڪي سمجهين.“

”ٻي ڪا راهہ ڪانهي؟“

”نہ. مان توکي تنهنجي خاندان کان ڏهن جنمن ۾ بہ حاصل ڪري نہ سگهندس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇو؟“

”ڇو جو مان پٽيوالي جو پٽ آهيان، ۽ تون چيف انجنيئر جي ڌيءَ آهين.“

”پر پاڻ ٻنهي ته ائين ڪڏهن به نه سوچيو آهي.“

”تنهنجي منهنجي سوچڻ سان ڪجهه نــه ورندو نجمه.“ وراڻيم، ”اسان جــي شادي منهنجي پــيءُ ۽ تنهنجي ڊيڊيءَ جــي سماجي رتبن جي فٽ بال ميچ تــي منحصر آهي، جنهن ۾ منهنجو پيءُ زخمي گول ڪيپر آهي.“

هوءَ ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم ٿي ويئي.

”مان طبقاتي ڪشمڪش جــي ڏيڻ مــان آيڙي تنهنجي خاندان کي ڪلهو هٽي نه سگهندس.“ چيم، ”مونکي سچ پچ چاهين ٿي ته مونسان نڪري هل. هن ڪوڙي شان شوڪت ۽ ناهه ڏکيءَ کي ڊاهي مونسان نڪري هل.“

هن جواب نه ڏنو. ڪلها ڪنبڻ لڳس، ٽڪ ٽڪ نگاهن سان مونڏانهن ڏسڻ لڳي.

”ڪيس قائل ڪرڻ لاءِ چيم، ”مان ڪورٽ ۾ بيهي، قانون جي دائرن ۾ توکي پنهنجو ڪندس. اتي طبقاتي ڪشمڪش نــه هوندي. اتي ڪوبه توکي مون کان ڌار ڪري نــه سگهندو. هل، نجمه هل.“

”مان ـــ“ هوءَ هٻڪي. جملو پورو ڪري نه سگهي.

”چئه . هٻڪين ڇو ٿي؟ مون پاڻ کي سڀ ڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيار ڪيو آهي.“

ڪجهه دير ترسي، اونهو ساهه کڻي، گيت ڏيئــي چيائين.

”مان جدائيءَ جو عذاب سهنديس، پر ڪنهن به قيمت تي توسان پڇي نه هلنديس.“

”نه نه . ائين نه چئه.“ ڦاٽ ڪاڏمڙ ”چئه ته منهنجي ڪنگال ۽ مفلس زندگيءَ سان پلئه نه اٽڪائينديندينءَ.“

”سوچ ته سهي. مان توسان پڇي هلان، ته مينهنجو ڪراڙو

پـيءُ ۽ جوان پاڻر دنيا ۾ ڪهڙو ڪنڌ ڪڍي سگهندا!" چيائين،
"اهو منهنجي خاندان جي عزت جو سوال آهي."
"۽ منهنجي زندگيءَ جو سوال آهي."
"تنهنجي زندگي جيڪڏهن منهنجي ساهه سان سينگارجي سگهي، ته پوءِ مان مرڻ لاءِ تيار آهيان: پر پڇي نه هلنديس."
"تون نه فقط دوکيباز ۽ بيوفا آهين، پر چالاڪ به آهين."
وراڻيم، "تو وٽ بهانن جي کوٽ ناهي."
"تون ٿڌيءَ دل سان تـه سوچي ڏس، منهنجي جـاءِ تـي جيڪڏهن تون هجين ها ته چا ـــ"
"مونکي دليلن جي راند ڪن سان نه پرچاءِ."
"تون بيحد جذباتي آهين."
"ها. ها مان جذباتي آهيان، تڏهن تـه تنهنجي پيار تـان پنهنجي دل جي دنيا قربان ڪري ڇڏيم. سوچيو هيم، تنهنجو پيار منهنجي مايوس زندگـيءَ جـي اداس چپڙن کـي مرڪ ڏيندو ـــ منهنجي هيڪلي حياتيءَ کي جيئڻ جي سرڪ ڏيندو. پر نه. منهنجي سوچڻ مـان ڇا ورندو. مون هميشه غلط سوچيو آهي. تون بيوفا آهين، تون بيوفا آهين، نجمه."
اندر اڳ تي پيو ـ من ملول، ۽ پيار پـريءَ جي پيڙا ٿي پيو. دل پڳي، ته چڻ ڪائنات جو نظام به درهم برهم ٿي ويو. هوءَ اکين کان اوجهل ٿي، يونيورسٽيءَ جي کنڊرن ۾ گم ٿي ويئي.
تڏهن ڊوڙندو، شهر ويندڙ بس جي فٽ بورڊ تـي وڃي پير رکيم. بس خالي هئي. پوئين سيٽ جي ڪنڊ ۾ ڪپو ٿـي ويٺس. سمورو وجود خود عذاب جي چڪيا تـي چهچلائڻ لڳو. حياتي پير جي ٺاري تي پيئي.
مان بس جي دريءَ تـي منهن رکي اينٽليڪ گرائونڊ جي چپن ڏانهن ڏسڻ لڳس، جتي هڪ دفعي نجمه چيو هو، "اسان جون يونيورسٽيون ۽ ڪاليج تعليم سان سماجي نظام مـان نندي وڏائيءَ جو فرق ختم ڪري ڇڏيندا. تون به هڪ نه هڪ ڏينهن سي- ايس-پي-

ڪري وڏو عهدو حاصل ڪري سگهندين.' مون وراڻيو هو، 'مان اتفاق جو قائل نه آهيان. هنن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان ڪند ذهن ڪلارڪ، دفتري، ڊيسپيچر ۽ ماستر پيدا ٿيندا رهيا آهن، ۽ ٿيندا رهندا ـــ مان اُن محڪوم رعيت جو هڪ معمولي ۽ غير-اهم فرد رهندس؛ مان حاڪم نه، پر چنگيز ۽ هلاڪوءَ جهڙن حاڪمن لاءِ بهترين شڪار ٿيندس. هڪ ڏينهن، جڏهن ڪنهن سي-ايس- پيءَ سان تنهنجي شادي ـــ'. نجمه مونکي جملو پورو ڪرڻ نه ڏنو هو. چيو هئائين، 'مان تنهنجي آهيان، تنهنجي ٿي رهنديس. مونکي گار نه ڏي.'

ڪيڏانهن ويئي تنهنجي غيرت، عورت! نجمه جو وجود پگهل شيشي وانگر منهنجي من ۾ چنبڙيو رهيو. تون بيوفا آهين، دنيا جي هر عورت بيوفا آهي ـــ مان پڪندو رهيس ـــ ته مونکي نه، منهنجي اندر ۾ لڪل فنڪار کي گهڙي پل لاءِ چاهيو هو، جنهن کي اسٽيج تي ڏسي تو تاڙيون وڄايون هيون. تون اُنهن انسانن جي برادريءَ منجهان آهين نجمه، جن وان گو کي مفلسيءَ ۾ مرڻ ڏنو، پر سندس تصويرن جو ملهه لکين رپيا لڳايائون ـــ جن سقراط کي زهر جو پيالو پيئاريو، پر سندس افڪار ڪتابن ۾ ڇپايائون ـــ جن عيسيٰ کي صليب تي لٽڪايو، پر سندس مورتين سان گرجائون ڀريائون.

نجمه سان گذاريل هڪ هڪ گهڙي مونکي کائڻ لڳي. هڪ هڪ ياد دل تي رت جي ليڪ ڇڏيندي رهي. هڪ دفعي چيو هئائين، 'ڪنهن کان پڌو هوم ته هندستاني عورت زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعو محبت ڪندي آهي. پر مونکي يقين آهي، دنيا جي هر عورت زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعو محبت ڪندي آهي.'' اُن دفعي ڪيس وراڻيو هوم، 'محبت ۾ سچائي انفرادي عمل جي حد تائين قبول ڪري سگهجي ٿي. خوش قسمت هئا ليليٰ مجنون، سسئي پنهون، ۽ سهڻي ميهار جن جي محبت جا قصا قلمبند ڪرائي پڪن جلدن ۾ پڌايا ويا آهن. مان پنهنجي دوست رام کي عظيم سمجهندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، جنهن محبت خاطر هندستان وڃڻ نہ قبوليو ۽ جڏهن دين ڌرم جي نالي ۾ ڪيس ناڪامي ملي، تڏهن ليندس ڊائون پل تان سنڌو درياھ ۾ ٽپو ڏيئي جان ڏنائين. نجمہ خوف کان ڪنبندي پڇيو هو، 'تون محبت ۾ مرڻ جائز ٿو سمجهين؟' ۽ مون وراڻيو هو، 'موت جائز يا ناجائز نہ هوندو آهي. جائز يا ناجائز پيار هوندا آهن. موت معمولي، يا غيرمعمولي هوندو آهي. آپگهات غيرمعمولي موت آهي. جنهن انسان جو ضمير جرڪندڙ هوندو آهي، تنهن جو موت بہ غيرمعمولي هوندو آهي.' هن جيئلي فش جهڙي سرد ۽ ڏڏندڙ آواز ۾ پڇيو هو، 'جيڪڏهن مان تنهنجي تي نہ سگهان، تو کان ڇڙي وڃان، تڏهن تون بہ خودڪشي ڪندين؟' تڏهن وراڻيو هوم، 'ها نجمہ، مان خودڪشي ڪندس.'

ڏامر جي ڪاري ڪوجهي رستي تي ڊوڙندڙ بس يونيورسٽيءَ جي حدن مان نڪري ويئي.

مان خودڪشي ڪندس! ذهن جي مقبرن ۾ ماضيءَ جو آواز پڙاڏا ڪرڻ لڳو. منهنجو پنهنجو آواز صدا بڻجي مون کان محبت جو دان گهرڻ لڳو. زندگي! ها زندگي. مان تو کي زندگيءَ جو نذرانو ڏيندس. مان هڪ بيوفا عورت کي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ دنيا جي ڪابہ عورت مرد جي محبت جو معاوضو ڏيئي نٿي سگهي. مرد محبت ڪرڻ ۽ نڀائڻ ڄاڻي. دل ڏيئي پڇتائڻ مرد جو مرڪ ناهي. اسان جو سينو جيڪر غمن جو سمنڊ ۽ مصيبتن جو هماليہ بہ لڪائي ڇڏي!

بس ڊوڙندي رهي.

هر ڇاڻل سڃاڻل عورت جي شڪل منهنجي تصور ۾ مڪروھ ٿيندي ويئي. سندس وار واسڻڪ، اکيون آلاءِ، هٿ پير وڇون، ۽ جسم بلا ٿيندو ويو.

خيالن جي ڇار مان تڏهن نڪتس، جڏهن ڪنڊيڪٽر چيو، "سعيد منزل."

بس اسٽاپ تي لهي، ڪينٽينءَ وانگر رستا ڪپيندڙ ٽريفڪ

ڪان بچندو الاءِ ڪيئن بارنيس اسٽريٽ تائين پهتس. بيچيني هئڻ جي باوجود محسوس ڪيم تہ هرڪو مونکي گهوري رهيو هو. سندن نگاهون، آهي نگاهون نہ هيون، جي منهنجيون سڃاتل هيون. احمد پان واري وٽ غفور حجم پڇيو، ”ڏي خبر، ڪا ڪڙڪ پيئي؟“ مون ڏانهس ڏٺو.

هن چيو، ”روئين ٿو چريا! مڙس تي وقت ڪي منهن ڏبو آهي.“

”غفور، منهنجي دل پڇي پيئي آهي.“ روئڻهارڪي آواز ۾ چيم، ”عورت بيوفا آهي.“

ڪوهاٽ هوٽل ڪان اڳ پرو ٿيس تہ خيال آيو، غفور ڪي منهنجي ناڪام محبت جي خبر ڪيئن پيئي! غفور حجم گهٽ، ۽ سياستدان وڌيڪ آهي. سوچيم، صبح ڪان جو گهر مان غائب آهيان، سو ضرور اڳ ڦريو آهي، دٿوس.

چاچي نوروءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون ڏانهس نهاريو.

چاچو نورو منهنجو سڳو چاچو نہ آهي. چاچو نورو سڄي بارنيس اسٽريٽ جو چاچو آهي. هرڪو سڏيس چاچا.

چاچا نوروءَ منهنجي منهن ۾ نهاريندي چيو، ”ايڏو نا اميد ٿيو آهين! همت ڪر، پٽ.“

تہ چاچا نوروءَ کي بہ منهنجي محبت جي سڌ آهي! سوچيم، سچ چوندا آهن چريا، تہ عشق ۽ مشڪ لڪائڻ سان نہ لڪن.

ڏاڍي ارمان مان چيم، ”هڪ عورت مان بي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي، چاچا.“

”ها بچا.“ چاچا نوروءَ ورائيو، ”مردن جي عزت عورت جي هٿ وس هوندي آهي. مرضي پوين تہ مٿي تان لاهي مٽيءَ ۾ هڻن.“

”اسين مٽيءَ جا مندر آهيون چاچا، وڃون پيرندا.“

”سوئر صبح ڪان غائب آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪير؟“

”اهو قادر سائيڪل وارو، پيو ڪير.“

”قادر سائيڪل وارو!“ مون حيرت مان چاچا نوروءَ ڏانهن نهاريو.

”ها، ها، قادر سائيڪل وارو.“ چاچا جي منهن تي نفرت تري آئي. چيائين، ”سپني جو شڪ ان سوئر ۾ آهي.“

چاچا نورو بارنيس اسٽريٽ جو جاسوس آهي. سعيد منزل کان لارينس روڊ تائين جيڪي ڪجھ ٿيندو، کيس ڪن پوندو. سوچيم، اڄ هي پوڙهو بيزار ڪندو، هونءَ ئي دل دفن ٿي ويئي آهي. مان کيس ڇڏي، ڪمپائونڊ جو لوهي در لنگھي، تاراچند بلڊنگ جي ڏاڪڻ ۾ ٻہ ڏاڪا ڪري چڙهي ويس.

ٻہ ماڙ جو در کڙڪائي، پٺ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيس. ٽہ ماڙ تان رعوف ٽيلر ماسٽر هيٺ لٿو. هو مونکي گھوريندو هيٺ هليو ويو.

امان در کوليو.

امان ٻنهي هٿن لاءِ هڪ پئي ڏانهن نهاريو. نہ هن ڳالهايو. ۽ نہ مون.

مان اندر ويس. هن در بند ڪري ڇڏيو. نفرت ۽ بغاوت جي طوفان کي يونيورسٽيءَ کان گھر تائين اندر ۾ جهليندو آيو هوس. گھر پهتس تہ طوفان جي زور ۾ جيءُ جهُرڻ لڳو. پانيم، پونءَ تي ويندس. واچوڙي وانگر آڏامي ويندس. پنهنجيءَ ئي آڳ ۾ ٽانڊي وانگر سڙي رک ٿي ويندس.

تڏهن امان جي آواز ٿي منهن ورائي ڏانهس ڏٺم. چيائين، ”پڙهڻ کي دل جو دورو پيو آهي.“

کيس جواب نہ ڏنم.

گھٽيل گھٽيل آواز ۾ چيائين، ”جڳ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين.“

”ڇو؟ امان جڳ کي پوندو ڏنو آهي ڇا!“ ورائيم، ”دل

جو دورو تہ وڏن ماڻهن کي بہ پوندو آهي. غريبن کي پيو تہ ڇڻ عيب ٿي پيو! ڇا اسان کي دل جي دوري جو بہ حق ناهي؟"

امان عجب مان مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، "صبح کان ٻاهر رهيو آهين؛ ڪٿان پيو اچين؟"

"يونيورسٽيءَ مان."

"تہ توکي سچ پچ خبر ناهي،" امان جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا.

فقط ايترو پڇيم، "گهر تي ائين ڇو ڪريو آهي؟ ڇا؟"

امان ورائيو، "رخسانہ قادر سائيڪل واري سان پرڻجي ويئي آهي."

"منهنجي ڀيڻ قادر سان پرڻجي ويئي!" ڀانيم، منهنجي رڙ سان عرش ڏري پوندو، ڌرتي ڦاٽي پوندي، سج آسمان مان ڇڏائجي ويندو. پر ڪجهہ نہ ٿيو. هڪدم محسوس ڪيم تہ آواز سڪرات جي ڪونگهري وانگر منهنجيءَ نڙيءَ ۾ ڪرڪر ڪري رهيو هو.

ڪائنات جي ڪوڏ مان پڙلاءُ ايندو رهيو— تنهنجي ڀيڻ پرڻجي ويئي آهي— تنهنجي ڀيڻ پرڻجي ويئي آهي. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساچل سرمست Trouble ۾

ٻه اڇن اڄرن ڪپڙن سان قداور، ٿلها ۽ ٿلهڪڙ وٿان گنجا شخص ٿنڌي جي مشهور ڀاڪڙا هوٽل ڪيفي ڪنگال ۾ لنگهي آيا. ٻئي پنجاهه جي لڳ ڀڳ هئا ۽ وٽيل سٽيل هئا. ڀاڪڙي ۾ ويٺل گراهڪ سندن شخصيت کان بيحد متاثر ٿيا ۽ منهن ورائي هنن ڏانهن ڏسڻ لڳا (ٿلها ماڻهو ڏسڻ ۾ رعبدار ۽ معتبر ايندا آهن.) ٻئي ٿلها نڪ سڌو وڃي دخل * تي بيٺا ۽ ڪيفي ڪنگال جي مالڪ عاشق آزاد سان ڳالهائڻ لڳا.

ڪيفي ڪنگال جو اصلوڪو نالو 'اسٽار آف سنڌ ريسٽورنٽ' آهي، تنهنڪري سندس ستارو گردش ۾ آهي. هن ڀاڪڙا هوٽل ۾ فقط اهي گراهڪ ايندا آهن، جن جي تقدير جا تارا ٽٽل تارن وانگر اڄهايل هوندا آهن، جن جي هٿن جا ليڪا ٽيڪمن ۽ ڪوڏرن جي رهڻن سان ڍڪجي ويندا آهن. ڀاڪڙن جا گراهڪ پنهنجين پيشانين تي صدين جي تاريخ جا آثار کڻي گهمندا آهن. سندن چپن تي انسانيت جي اها گم ٿيل مرڪ هوندي آهي، جنهن جي تلاش ۾ انسان 'فيس پائوڊر' کان 'گن پائوڊر' تائين ايجادون ڪري ڇڏيون، پر مرڪن جي فيڪٽري تيار ڪري نه سگهيو آهي.

ڀاڪڙا هوٽلن ۾ چوڙ ڀڳل ۽ چيڪاٽ ڪندڙ ٽيبلون ۽ ڪرسين بدران بينچون رکيل هونديون آهن، جتي مون جهڙا مولائي ايندا آهن، ويهندا آهن ۽ ڪڙڪ چانهه پي فلمن جا گانا ۽ قوالين جا رڪارڊ ٻڌندا آهن.

---

* دخل اها شيءِ آهي، جتي ڊوڪڙن جي ڏي - وٺ ٿيندي آهي. وڏين هوٽلن ۾ دخل کي ڪائونٽر چئبو آهي. دخل تي دخل ڏيڻ ڏوهه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيفي ڪنگال جــو مالڪ عاشق آزاد، آسر ڪان اڌ رات تائين زور زور سان لتامنگيشڪر ۽ محمد رفيع جا رڪارڊ وڄائيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي پاڪڙي جي پبلسٽي ڪيدو آهي. هوٽل ۾ چار لائوڊ اسپيڪر لڳل آهن، جن مان ايڏو تــہ آسمان ڦاڙ آواز نڪرندو آهي، جو پاڪڙي جا گراهڪ اندريان پاهريان آواز وساري گانن جي لهرن ۾ لڙهي ويندا آهي، سپ سپ ڪري چانهہ پيئندا آهن ۽ پنکيون ڪائيندا آهن.

ڪيفي ڪنگال جي بلڪل سامهون نور مسجد آهي. مسجد جي مينارن تي اڳ ۾ لائوڊ اسپيڪر لڳل هوندا هئا. پر پوءِ، جڏهن عاشق آزاد محمد رفيع جو فلم ’برسات‘ ۾ ڳايل ڳانو ’مين زندگي مين هردم روتا هي رها هون‘، جو رڪارڊ وڃي آيــو، تڏهن مسجد جي انتظامي ڪامبيٽيءَ هڪ هنگامي اجلاس سڏايو ۽ تڏي تي ٻن وڏيڪ لائوڊ اسپيڪرن خريد ڪرڻ جي رٿ پــاس ڪري ڇڏي. تڏهن کان نور مسجد جي مينارن تي چار لائوڊ اسپيڪر لڳل آهن، جن مان ڏينهن ۾ پنج دفعا ٻانگ جو آواز ايندو آهي ۽ جمع ڏينهن مولانا عبدالجبار ڳيچاڻي لاڳيتو ڏيڍ ڪلاڪ تائين خطبي کان اڳ ڳالهائيندو آهي. هو ماڻهن کي قبر جي عذاب، قيامت جــي ڊپ ۽ الله سائينءَ جي قهر کان ڊڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ماڻهو، جيڪي بک جي عذاب، بيروزگاريءَ جي ڊپ ۽ خالي ذهن ۾ ويٺل راڪاسن جي قهر کان ڪنبيل آهن، تن تي مولانا عبدالجبار ڳيچاڻيءَ جي تقريرن جو زبردست اثر ٿيندو آهي.

جڏهن به نور مسجد جي چئن لائوڊ اسپيڪرن مان ٻــانگ جو آواز اچڻ شروع ٿيندو آهي، عاشق آزاد هڪدم رڪارڊنگــ * بند ڪري، اکيون به بند ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ پوءِ، جڏهن ٻانگ ۾ ﷺ رسول الله جو نالو ٻڌندو آهي، تڏهن ٻئي آڱوٺا چمي اکين

* ڪراچيءَ وارن جي محاوري ۾ رڪارڊ وڄائڻ کي رڪارڊنگ چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رکندو آهي. پــانگ ختم ٿيندي آهي تہ پنهنجي قميص جا بٽڻ کولي وارن ڀــريل سيني کي شوڪارو هڻي، هڪدم رڪارڊنگ شروع ڪندو آهي، 'مين زندگي مين هردم روتا هي رها هون.'

هڪ دفعي مولانــا عبدالجبار ڳچڇاٽي ڪيفي ڪنگال آڏو اچي بيٺو هو. چولي جون ٻانهون ڏونئين تائين ڪنجي، هٿ لوڏي، ٻــانهون لوڏي، پير ڌرتيءَ تي هڻي، نبهن چوٽيءَ جو زور لڳائي، رڙيون ڪرڻ لڳو هو. ايڏيءَ جفاڪشيءَ کان پوءِ بہ ماڻهو فقط 'روتا هي رها هون' ٻڌي رهيا هئا. جڏهن ماڻهن جو ميڙ ٻــاڪڙي جي ٻاهران وڌندو ويو، تڏهن عاشق آزاد رڪارڊ لاهي ڇڏيو ۽ مولانا جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. مولانا اول آزاد کي قبر جي عذاب، قيامت جي ڏڀ ۽ الله سائين جي قهر کان ڊڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ پوءِ ڇيو هڻائين، 'شرم ڪر، عزيزم، جناب عاشق علي آزاد بن معشوق علي برباد* شرم ڪر.' عاشق آزاد دخل جي خاني مان رڪارڊنگ ڪرڻ جو ليسن ڪڍي مولانا کي ڏيکاريندي ڇيو هو، 'موڻ وٽ رڪارڊنگ ڪرڻ جو ليسن آهي.' مولانا ليسن نظرانداز ڪندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکي هئي. 'مومن مسلمان هوندي بہ تون هندستاني فلمن جا رڪارڊ، يعني ڪافرن جو رڪارڊ وڄائيندو رهين ٿو. ڇا پاڪستاني ڳائڻا مري ويا آهن؟ ڇا ملڪہ ترنم ميڊم نورجهان صاحبہ تمغہ خدمت ۽ جناب مهدي حسن صاحب تمغہ خدمت مري ويا آهن؟ ڇا پاڪستان ۾ ڳوَيَن جو ڪال پئجي ويو آهي! شرم ڪر، ڪجهہ تہ خيال ڪر. پاڪستاني فلمن جا رڪارڊ وڄائيندو ڪر، جهڙوڪ ـ 'ميرا ڪوئي نهين هي تيري سوا.'

مولانــا جي تلقين، قبر جي عذاب ۽ قيامت جــي ڏڀ جو عاشق آزاد تي تــِر جيترو بــہ اثر نہ ٿيو ۽ هو اڄان تائين زور زور سان لتامنگيشڪر ۽ محمد رفيع جا رڪارڊ وڄائيندو آهي. هر جمعي

* عاشق علي آزاد جو پيءُ مُعشوق علي شاعر هو ۽ پاڻ کي 'برباد' سڏائيندو هو. برباد سندس تخلص هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مولانا عبدالجبار گپچائي پنهنجي تقرير ۾ نمازين کي ٻڌائيندو آهي ته عاشق آزاد هندستان جو سيڪريٽ ايجنٽ آهي، پاڪستان جو دشمن ۽ غدار آهي، ۽ اندرئي اندر اٿم ٻم تياري ڪري رهيو آهي.

جڏهن ٻه اڇن اجرن ڪپڙن سان قداور، ٿلها ۽ تکڻ وٽان گنجا شخص ڪيفي ڪنگال ۾ لنگهي آيا، تڏهن سيني گراهڪن کي سخت تشويش ٿي ۽ هرڪو منهن ڦيرائي هنن ڏانهن ڏسڻ لڳو. مون سمجهيو خدائي فوجدار آهن ۽ عاشق آزاد جي ڪهاڻي ختم ڪرڻ آيا آهن.

هو ٻئي دخل تي ٺونٺيون ڪي بيٺا هئا ۽ رڙيون ڪري عاشق آزاد سان ڳالهائي رهيا هئا. سنڌن سموريون رڙيون محمد رفيع جي رڙين ۾ گم ٿي پئي ويون، 'او دنيا کے رکهوالے، سن درد بهرے ميرے نالے.' هو ٻئي منيون پيڪوڙي ۽ ڊيريون ڪري، منهن سڄائي ۽ لڙڪائي، اکيون ڦوٽاري ۽ چنجهيون ڪري عاشق آزاد سان ڳالهائي رهيا هئا. پريان، پاڻ ته گونگي فلم هلي رهي آهي.

رڪارڊن جي مغز ڌوڙ آوازن ۾ فقط هوٽل جو ٽيبل وارو * ڏٺي بخش عرف ڏنو ڳالهائي سگهندو آهي. رڪارڊن جي گوڙ گهمسان ۾ سندس آواز ٻڌي سگهبو آهي، 'ساب سے چهے آنه ليو، چهه آنه'— 'ايک سنگل دال فرائي اور ايک پتير پهينکو'— يا 'بهائي کو ايک کڑک گولي مار چائے مارو.' جڏهن رڪارڊ وڃڻ بند ٿي ويندا آهن، تڏهن ڏٺي بخش عرف ڏنو به ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي. اصل ۾ ڏني جو آواز گهگهو ٿي ويهجي ويو آهي، ۽ ڳالهائڻ لاءِ ڳائڻ وانگر ڪيس 'ڌوم ڌڙام ٽڪ' ٿي غلام' جهڙن سازن جو سهارو رڪارڊن مان وٺڻو پوندو آهي. ميوزڪ يعني موسيقيءَ جي آڌار تي ڏني جو آواز بيحد دلفريب، وڻندڙ ۽ سريلو ٿي پوندو آهي.

---

* جيڪو ماڻهو گراهڪن لاءِ چانهه کڻي ايندو آهي، تنهن کي ٻاڪڙن ۾ 'ٽيبل وارو' وڏين هوٽلن ۾ 'بيرو'، اڄان به وڏين هوٽلن ۽ هوائي سفر ۾ 'اسٽيورڊ' چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني جو دنيا ۾ فقط هڪ دوست آهي؛ اهو آهيس قلندر شهباز جو چوڙهو. لتامنگيشڪر ۽ محمد رفيع جي ڳائڻ تي مست ٿي ڏنو آرڊر تي آرڊر ڏيندو ويندو آهي ۽ قلندر لعل شهباز جو چوڙهو سڻن تي سِرُ ڌوڻڻ لڳندو آهي.

عاشق آزاد رڪارڊن جي هاءِ گهوڙا ۽ وٺ پڪڙ ۾ ڏني جو آواز ٻڌي ۽ سمجهي سگهندو آهي. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ عاشق آزاد جيڪڏهن تندي ۾ پاڪڙا هوٽل نہ کولي ها تہ جيڪر اسماعيل آزاد قوال جي مقابلي ۾ قواليون ڳائي ها، ملڪ ۾ نالو ڪيڏي ها ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪري ها. هن ۾ اهڙا 'گڻس' آهن. عاشق آزاد کي ٽي هابيون يعني مشغوليون پسند آهن. هو اخبارن ۽ رسالن مان فلم ايڪٽريس شميم آرا جا فوٽا ڪپي هوٽل جي پٽين تي چنبڙائيندو آهي. لتامنگيشڪر ۽ محمد رفيع جا رڪارڊ زور زور سان وڄائيندو آهي ۽ ريڊيو پاڪستان، ريڊيو سيلون، آڪاش واني 'آمد آباد (ني) ٻڙودا' ۽ آل انڊيا ريڊيو جي اردو پروگرامن ۾ فرمائشي خط لکندو آهي. *

عاشق آزاد ڪَنَ تي هٿ رکي ٻنهي ٽلهن جي ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جڏهن ڪيس رڪارڊ جي گوڙ ۾ ٽلهن جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، تڏهن هن رڪارڊ لاهي ڇڏيو. اوچتو رڪارڊ لاهڻ ڪري هوٽل ۾ مڪمل خاموشيءَ ڇڻ اچي ڦهڪو ڪيو.

رڪارڊ بند ٿيڻ شرط ڏني بہ ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. ٻئي ٽلها پنهنجو قاتل دهل جهڙو آواز ٻڌي ششدر ٿيا. هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏسي خاموش ٿي ويا.

ٻنهي ٽلهن مان هڪ جي قتل نڪ هيٺان پِوائنٽيون مڇون هيون ۽ ٻيو صفا چٽ هو ۽ سنڌس نڪ سيرڻ جي ڇنب جهڙو

* عاشق آزاد جو نالو جڏهن بہ ڪنهن ريڊيو اسٽيشن جي فرمائشي پروگرام ۾ نشر ٿيندو آهي، تڏهن هو مٺائي ورهائيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هن کنگهڪار ڪري زور سان پڇيو، ”سچل ڪٿي آهي؟“
پنهنجو نالو پڌي مون ڪن ڪڙا ڪيا. هنن ڏانهن نہ اريم. عاشق آزاد مون طرف هٿ سان اشارو ڪندي چيو، ”سامهون جيڪا دري آهي نہ.“

”ها.“ صفا چٽ وراڻيو.

”ان دريءَ جي پرسان شميم آرا جو فلم ’برباد جواني‘ مان ورتل فوٽو لڳل آهي نہ.“

”ها.“

”ان فوٽوءَ جي بلڪل هيٺان پٽ کي ٽيڪ ڏيئي جيڪو موالين جهڙو ڇوڪراٽ ويٺو آهي نہ.“

”ها.“

”سو آهي سچل.“

پنهي ٽلهن مون ڏانهن اهڙين نظرن سان ڏٺو ڄڻ مان ماڻهو نہ پر مترڪو هوس ۽ سماجي شيش محل کي چور چور ڪري رهيو هوس. پنهي جي اکين جي مشڪوڪ نگاهن، نرڙ جا گهنج ۽ ڪنڌ جي آڪڙ ڏسي هڪدم سمجهي ويس تہ هو ٻئي عاشق آزاد جي نہ، پر منهنجي ڪهاڻي ختم ڪرڻ آيا هئا.

جن ڏينهن ۾ مان پرائمري ماستر هوس ۽ هڪ سؤ پنجن رپين مان پندرهن ڀاتين جو نہ پيٽ ڀري سگهندو هوس ۽ نہ تن ڍڪي سگهندو هوس، تڏهن حڪومت کي درڪو ڏنو هوم تہ منهنجي پگهار وڌايو يا وڏي پگهار واري نوڪري ڏيو نہ تہ مان خودڪشي ڪندس. ٿوري جلدئي مون کي خبر پئجي وئي هئي، تہ هتي نہ فقط سون جهڙن انسانن لاءِ پنهنجي مرضيءَ مطابق زنده رهڻ ڏوهہ آهي، پر پنهنجي مرضيءَ سان مرڻ بہ ڏوهہ آهي. خودڪشيءَ جو اعلان ڪري پاڻ کي اجايو قانون جي نظرن ۾ ڏنو ڪيو هوم. پنهي ٽلهن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي سمجهي ويس تہ خدائي فوجدار آهن ۽ مون کي مڙدن جهڙي زندگي گذارڻ لاءِ مجبور ڪرڻ آيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيم، ڏچي وڃان. پر اوچتو خيال آيو تہ انسان عزرائيل کان پيچو ڇڏائي سگهي ٿو، پر هن قسم جي مخلوق کان جان ڇڏائڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري رب جي رضا تي راضي ٿي ويهي رهيس.

سڄي پاڪڙي جا گراهڪ تلهن ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ تلها قدم قدم سان ملائيـ موٺڊانهن وڌي رهيا هئا. جڏهن پئي ڄڻا مون ڪي ويجهو پهتا، تڏهن ڳالهائڻ بنا لانگ ورائي بينچ تي ويهي رهيا. منهنجو جائزو وٺڻ کان پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺائون، هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيائون. ڇڻ سندن شڪ يڪ ۾ بدلجي ويو هو. `صفا چٽ نڙي صفا ڪئي ۽ پوءِ ڊوميسائيل سنڌيءَ ۾ پڇيائين، ”تنهنجو نالو سچل آهي؟“

”ها،“ ورائيم، ”منهنجو نالو سچل آهي. مون اڄڪلهہ خودڪشيءَ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو آهي، ۽ خدا جي فضل سان ۽ منسپالٽيءَ جي ڪرم سان راحت سينيما جي پرسان پڪوڙا وڪڻڻ شروع ڪيا اٿم.“

هنن منهنجي ڳالهہ کان پوءِ بہ نہ ڳالهايو. خاموش رهيا ۽ منهنجي منهن ۾ چتائي ڏسڻ لڳا. سندن نگاهون پنهنجي جسم ۾ چڀنديون محسوس ڪيم. بيچيني محسوس ڪيم تہ چيم، ”توهين يقين ڪريو، مون سچ پچ خودڪشيءَ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو آهي، ذري گهٽ رد ڪري ڇڏيو اٿم. ڏسو نہ، زنده رهڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي. مزو ئي مزو آهي! اسان هوا ۾ ساهہ کڻي سگهئون ٿا، کلي سگهئون ٿا، روئي سگهئون ٿا. ڏسو نہ، جيئرو رهڻ لاءِ تہ پڪوڙا وڪڻڻ شروع ڪيا اٿم. مرڻو هجيم ها تہ جيڪر ماستري نہ ڪريان ها!“

هنن تڏهن بہ نہ ڳالهايو. ٽيبل تي ٻانهون رکي، ڪاڏين هيٺان اُبتا هٿ ڏيئي مون ڏانهن ڏسندا رهيا. سندن خاموشي مون کي پريشان ڪرڻ لڳي. گهٽ محسوس ڪيم تہ ڳالهايم، ”مان سچ پچ پڪوڙا وڪڻندو آهيان. توهان بہ دل ۾ سوچيندا هوندا، تہ پلا

گريجوئيٽ بہ ڪڏهن پڪوڙا وڪڻيا آهن! گريجوئيٽ تہ ڪلارڪ ٿيندا آهن، دفتري ٿيندا آهن، ماستر ٿيندا آهن! سائين، مان گريجوئيٽ آهيان، پر مون وٽ سرٽيفڪيٽ ڪونهي. مون پنهنجو سرٽيفڪيٽ سچل نالي هڪ شخص کي ڏهن رپين ۾ وڪڻي ڇڏيو آهي. هن وٽ جڻڪ هو. هو هينئر گزيٽيڊ آفيسر آهي."

پنهي چڻن تڏهن بہ نہ ڳالهايو. سندن منهن سانڊي وانگر رنگ مٽائيندا رهيا. منهنجو ساه منجهڻ لڳو. منهنجي پرسان آچر ويٺو هو (آچر جي پيءُ جو نالو سومر آهي). هن منهنجي حال تي رحم کاڌو. منهنجي پاران چيائين، "ها سائين، سچل جڏهن پرائمري ماستر هو، تڏهن بک مرندو هو، ۽ هڪڙي ڏينهن بک ۾ پاهه تي خودڪشيءَ جو ارادو ڪيو هئائين، چريو."

پنهي ٽلهن ڪافور جي گڏن وانگر ڪنڌ ڦيرايو. مون تان نظرون هٽائي آچر جي منهن تي ڪپائي ڇڏيائون.

آچر چيو، "سچل جڏهن کان ماستري ڇڏي پڪوڙا وڪڻڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان آسودو آهي. خودڪشيءَ جو خيال بہ دل مان ڪڍي ڇڏيو اٿائين."

پنهي ٽلهن جون اکيون عقاب جي اکين وانگر گول ٿي ويون. هنن تڏهن بہ نہ ڳالهايو. آچر جي حالت مون جهڙي ٿي ويئي. هن چيو، "سائين، مان ني، راحت سينيما وٽ گنڊيريون وڪڻندو آهيان."

"خاموش،" پنهي ٽلهن اوچتو رڙ ڪئي. رڙ بيحد خوفناڪ هئي، ايتري قدر جو قلندر لعل شهباز جي چوهي کان بہ چرڪ نڪري ويو. آچر ڊپ وچان سوال جي نشاني ٿي ويو. جنهن ٽلهي جو نڪ ڦتل هو، سو ڏسڻ ۾ هوبهو مانگر مڇ جهڙو پئي آيو. هن آچر کي ڇڙٻ ڏيندي چيو، "get out".

آچر انگريزي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ ۾ سنڌ جي نمائيندن جهڙو آڙي‌ڪاپ آهي. هن جملو الائي سمجهيو هو يا نہ، پر جملي جو لهجو هڪدم سمجهي ويو ۽ بنا دير جي پاڪڙي مان کسڪي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا گراهڪ بہ پاڪڙي جي هنگامي حالت ڏسي کسڪڻ لڳا.
پنهي ٽُلهن پيهر پنهنجون نظرون مونتي کُپائي ڇڏيون.
مون جسٽ جي ڇپي تندي جڳ مان جسٽ جي ڇپي تندي گلاس ۾ پاڻي پيئيو ۽ ڀڪ ساهي ٻي ويس. پاڻي پي، تڏو ساهہ کڻي پنهي ڏانهن ڏٺم. ڪين ڏسي نظرون جهڪائي ڇڏيم ۽ آڱر سان ميز جي مٿر لاهڻ لڳس.
ڪنگهڪار جو آواز ٻڌي منهن مٿي ڪيم. صفاچٽ پڇيو،
”تون ڪڏهن کان شاعري ڪري رهيو آهين؟“
”شاعري!“ مونکان چرڪ نڪري ويو. ڇڻ پٽر هٽي ڪيڏيائون.
”ها شاعري.“
وراڻيم، ”مان ۽ منهنجي گهر جا ڀاتي جڏهن بک مرندا هئا ۽ دوا بنا درد ۾ ڦٿڪندا هئا، تڏهن بہ مونکي مرڻ جو خيال آيو هو، پر شاعريءَ جو خيال نہ آيو هو.“
صفا چٽ پنهنجي مانگر مڇ جهڙي ساٿيءَ کي انگريزيءَ ۾ چيو، ”ڏاڍو چالاڪ آهي.“
مانگر مڇ جو ڦٽل نڪ پڪوڙي جهڙو ٿي ويو. هن پڇيو،
”تہ تون انڪار ٿو ڪرين، تہ تون شاعر ناهين.“
”مان بلڪل سالم دماغ جو انسان آهيان،“ وراڻيم، ”شاعرن ۽ افسانہ نگارن کي کوپريءَ ۾ خلل هوندو آهي. مان چاڪ چڱو ڀلو آهيان، ۽ پڪوڙا وڪڻندو آهيان.“
”ياد رک،“ صفا چٽ چيو، ”اسان تنهنجو هڪ هڪ جواب نوٽ ڪري رهيا آهيون. ڇا تون شاعر ناهين؟“
”نہ منهنجو پيءُ شاعر هو ۽ نہ مان شاعر آهيان. ۽ نہ ئي منهنجي اولاد مان ڪو شاعر ٿيندو.“
”ڇا تنهنجا شعر رسالن ۾ نہ ڇپيا آهن؟“
وراڻيم، ”مونکي فقط هڪ رسالي جي خبر آهي، جيڪو ڪاغذ جو نہ پر ڏامر جو ٺهيل آهي، ۽ جنهن شعر نہ پر ڪتا نظر

ايندا آهن. اهو آهي حيدرآباد جو رسالا روڊ."

مانگر مچ چيو، "اسان کي ڪيلڻ جي عادت ڪونهي، تنهنڪري اسان کي اجاڙو ڪلائڻ جي ڪوشش نہ ڪر."

وراٿيم، "مان گذريل هڪ ڪروڙ سالن کان ڪِلي نہ سگهيو آهيان، پين کي ڪيئن کلائي سگهندس."

صفا چٽ چيو، "تو شايد اسان کي سڃاتو ناهي."

"نہ" وراٿيم، "پر ايترو سو سمجهي سگهان ٿو تہ توهان بہ منهنجي ڪهاڻي ختم ڪرڻ آيا آهيو."

صفا چٽ پنهنجي ۽ پنهنجي ساٿيءَ جي واقفيت ڪرائي. ماڻ سندن نالا ۽ عهدا ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيس. ٻئي عالمي جاسوس هئا. ڪين پڪ ڏيارڻ خاطر چيم، "توهان ناميارا ڊٽيڪٽو، پنهنجو قيمتي وقت وڃائي رهيا آهيو. مان اقرار ٿو ڪريان تہ مون خودڪشيءَ جو ارادو ڪيو هو، پر مان شاعر نہ آهيان ۽ ايندڙ ست هزار سالن تائين شاعر ٿي نہ سگهندس."

مانگر مچ چيو، "اسان ٻئي خلائي ستاري جا مشهور ۽ بي‌مثال عالمي جاسوس ٠٠٨ ۽ ٠٠٩ آهيون. اسان جي اک ڪيميرا آهي."

وراٿيم، "سائين، منهنجي فوٽي جو نيگيٽو پازيٽو هوندو آهي، ۽ پازيٽو هميشہ نيگيٽو لڳندو آهي."

"تنهنجيون ڳالهيون بلڪل جپاني شاعرن جهڙيون آهن،" صفا چٽ چيو.

"اسان کي معمولي ماڻهو نہ سمجهہ،" مانگر مچ چيو،"اسان اُن خلائي ستاري جا باشندا آهيون، جيڪو زمين تي امن امان برقرار رکڻ لاءِ صدين کان گردش ۾ آهي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ بہ اسان هتي اچي چڪا آهيون. جيڪي بہ انقلابي هندو ۽ مسلمان شاعر زهريلي شاعري ڪندا هئا، تن جا پول پڌرا ڪندا هئاسين ۽ ڪين ٽيپ ڪرائيندا هئاسين. ١٨٥٧ وارو بلوو اسان جي غير موجودگيءَ ۾ ٿيو هو. اُنهن ڏينهن ۾ اسان آفريڪي حبشين

خلاف مهم سر ڪرڻ ويا هئاسين.“

هن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ پنهنجو سونهري ماضي ياد ڪري گڏ گڏ ٽيا. مان حيرت مان سندن حيرت انگيز ڪارناما ٻڌندو رهيس.

صفا چٽ چيو، ”جيڪي بہ باغي شاعر علامتي يعني Symbolic شاعري ڪندا هئا ۽ عوام کي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، اسان تن جا ارادا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندا هئاسين.“

مانگر مڇ چيو، ”جتي انگريز ڊپٽيڪمشنر ناڪام رهندا هئا، اُتي اسان اهڙا تہ ڪارناما ڪري ڏيکاريندا هئاسين، جو انگريز عملدارن کي ڏندين آڱريون پٽجي ويندڙيون هيون.“

وراڻيم، ”سائين، ڏندين آڱريون اسان ديسي ماڻهو ڏيندا آهيون. انگريز ڏندين ٻرش ڏيندا آهن.“

”زبان سنڀالي ڳالهاءِ سچل،“ قتل نڪ واري چيو، ”تنهنجو رويو جيان جون حدون ٽپي چين ۾ داخل ٿي رهيو آهي.“

صفا چٽ چيو، ”تو عالمي امن خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اڄ ڪلهہ تون سخت اعتراض جوڳي ۽ انقلابي شاعري ڪري رهيو آهين.“

”انقلابي شاعري!“ حيرت مان پڇيم.

”ها تون سو في صدي خالص ملحدانہ ۽ انقلابي شاعري ڪري رهيو آهين،“ عالمي جاسوسن ٠٠٨ ۽ ٠٠٩ ڪورس ۾ چيو.

انقلاب ۽ شاعريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، رهيا ڪَهيا گراهڪ بہ ٻپ وچان پاڪڙو ڇڏي ڀڄي ويا. هوٽل ۾ ٻن ٽلهن ۽ مون کان سواءِ عاشق آزاد، ڏٽي بخش عرف ڏنو ۽ قلندر لعل شهباز جو چوهو وڃي بچيا. شاعري، فساد ۽ انقلاب جي ٻڌڻ جو قلندر لعل شهباز جي چوهي تي زبردست اثر ٿيو. هو هڪ بينچ تي ليٽي پيو ۽ ڪينوڙي جيتري مٿي، هٿان ڀانهون ڏيئي ٽلهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.

مانگر مڇ چيو، ”تو جهڙا انقلابي شاعر سماج دشمن آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم، ”جيڪا شيءِ وجود ۾ ئي ڪونهي تنهن جو مان دشمن ڪيئن ٿيندس.“

”تون سماج جي وجود کان انڪار ٿو ڪرين؟“

وراڻيم، ”گهاٽي جو ٻيو نالو جيڪڏهن سماج آهي، تہ پوءِ مان سماج جي وجود کان انڪار نٿو ڪريان.“

پنهنجي ٽلهن پاڻ ۾ سرگوشي ڪئي. پوءِ صفا چٽ چيو، ”اسان توکي گرفتار ڪنداسين.“

”ڇو؟“

”ڇو جو تون سچل آهين.“

”مان سچل آهين، آن ۾ منهنجو ڏوهہ ڪونهي. ڏوهہ منهنجي پيءُ جو آهي جنهن منهنجو نالو سچل رکيو آهي،“ جواب ڏنم، ”پر مان پنهنجي پٽ جو نالو ڪوڙل رکندس. جهڙو ديس تهڙو ويس.“

”جيڪي ڪجهہ تنهنجي باري ۾ ٻڌو هئوسين، تون ان کان بہ سرس آهين،“ صفا چٽ ڪجهہ دير کان پوءِ چيو.

”ڇا ٻڌو هيو؟“

”تہ تون سڌو سنئون ڪارل مارڪس جي اثر هيٺ آهين.“

”مان مئچ باڪس جي اثر هيٺ آهيان.“

”يعني، تنهنجي شاعري ۾ شعلا آهن. تنهنجي شاعري ساڙيندي آهي!“

ڏٽي بخش عرف ڏنو بحث ۾ ٽپي پيو، ”سائين هي ويچارو ڇا ڄاڻي شاعريءَ ٻاعريءَ مان. هي تہ مستانو آهي، مستانو.“

”ڇا چيئہ، مستانو!“ صفا چٽ رڙ ڪري اٿي بيٺو ۽ پوءِ ويهي رهيو. چيائين، ”مستانو، يعني مست، يعني سر مست، يعني هي سر مست آهي.“

مانگر مڇ چيو، ”ڪيئن! ڦاسي پئين نہ سچل سرمست.“

صفا چٽ چيو، ”اسان کان بچي وڃڻ سولو ڪونهي، منتر سچل سرمست.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم، ”مان سچل سرمست ناهيان، سچل پڪوڙائي آهيان. راحت سينيما جي ٻاهران پڪوڙا وڪڻندو آهيان.“

”تون نہ فقط سچل پڪوڙائي آهين، پر سچل چرچائي بہ آهين،“ مانگرمڇ چيو، ”تون اصل ۾ سچل سرمست انقلابي شاعر آهين.“

صفا چٽ هڪدم پڇيو، ”ڀلا ٻڌاءِ، مذهب جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

”مذهب!“ پڇيم، ”ڪهڙو مذهب؟ دنيا ۾ گهڻائي مذهب آهن، اسلام، عيسائي، ٻڌ ڌرم ۽ ــــ“

”بس بس بس،“ صفا چٽ ذري گهٽ اٿي بيٺو ۽ ويهي رهيو. سندس منهن مان فتح جو احساس ظاهر ٿيڻ لڳو. چيائين، ”تون سياڻي ڪانو وانگر بہ ٽنگو ڦاسي رهيو آهين، سچل سرمست.“

”مونکي توهانجي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.“

پنهي ٿهڪ ڏنو ۽ مون تان ٺٺولي ڪندي چياڻون، ”ڪهڙو مذهب!“

صفا چٽ چيو، ”تون ڇاڪاڻ جو ڪان مذهب، مسجد، نمازن، پيرن ۽ بزرگن جي خلاف آهين. تون ڪميونسٽ آهين.“

مانگرمڇ هڪدم شعر پڙهيو،

”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
پيرن بزرگن پنڊتن بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.“

صفا چٽ پڇيو، ”ڇا اهو ملحدانہ شعر تنهنجو ناهي؟“

وراڻيم، ”تيل جي ڪڙائي ۽ پڪوڙن جي گاڏي ڪان سواءِ هن دنيا ۾ منهنجو ڪجهہ بہ ڪونهي.“

ڪجهہ دير تائين ٻئي ٿلها خاموش رهيا.

”مسٽر سچل سرمست،“ مانگرمڇ نيٺ ڳالهايو.

”سچل سرمست نہ، مان سچل پڪوڙائي آهيان.“

”O.K،“ هن ڪلندي چيو، ”ڇا تون مسلمان آهين.“

”ها. پڪو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو کي ڪنهن مسلمان ڪيو آهي؟“
”هان!“
”تو کي ڪنهن مسلمان ڪيو هو؟“
”جي! ڪنهن بہ نہ.“
”ڪنهن بہ نہ؟“
”منهنجو مطلب آهي،“ مان سنڌس آڏي پچا آڏو هڪڙ لڳس، ”منهنجو مطلب آهي، مان ڄائي ڄم کان مسلمان آهيان.“
”ڦاٽين،“ مانگر مڇ ٽيبل تي مُڪ وهائي ڪڍي. چيائين، ”پيهر ڦاٽين، مسٽر سچل سرمست.“
صفا چٽ چيو، ”پنهنجو هڪ ابيت پڙ ـ
ڪلمي مونکي ڪين ڪيو مؤرؤن مسلمان،
نڪو احمد مـوڪليو عـرب، کـان ايمان،
سچو آهـي سبحان، مـاڻهن ليکي آدمـي.“
مانگر مڇ چيو، ”جنهن ڳالهہ جـو اظهار هينئر ڪيو اٿئي، تنهن جو اقرار پنهنجي هن شعر ۾ اڳ ئي ڪري چڪو آهين.“
”چا تون اجان بہ انڪار ٿو ڪرين تہ تون باغي شاعر سچل سرمست ناهين؟“ صفا چٽ پڇيو.
”مان سچل سرمست ناهيان،“ مون احتجاج ڪيو.
”اسان تـو کي پيهر Catch ڪنداسين،“ مانگر مڇ چيو، ”خبردار تيءَ،“ ۽ هـن پنهي هٿن جون پيڪوڙيل مُڪون ٽيبل تي هٽي ڪيون.
قلندر لعل شهباز جو چوهو چرڪ پري آٽي ويهي رهيو.
صفا چٽ پڇيو، ”اُردو ڄاڻين .“
”واهہ،“ وراڻيم، ”هزارين اُردو فلمون ڏٺيون اٿم، اجان بہ اڙدو نہ ايندي تہ قيامت ڏينهن ايندي.“
”Good،“ هن پڇيو، ”پنجابي ڄاڻين؟“
”ها،“ وراڻيم، ”فردوس منهنجي پسنديده اداڪاره آهـي. هـوءَ پنجابڻ آهـي. سنڌس پنجابي فلمون ڏسي ڏسي پنجابي سکـي ويو آهيان.“

”يعني تون پنجابي بہ چاڻين.“
”ها.“
”سرائڪي چاڻين؟“ صفا چٽ پڇيو.
”ثريا ملتانيءَ کان سرائڪي ڪافيون سمجهي ويندو آهيان.“
”يعني تہ سرائڪي بہ چاڻين.“
”ها.“
”فارسي بہ ايندي اٿئي؟“ پڇيائون.
”ها. پاڪستان جو قومي ترانو سمجهي ويندو آهيان،“ وراڻيم، ”۽ مون کي اها بہ خبر آهي تہ پوريءَ کي پارسيءَ ۾ عندليب چئبو آهي.“
”واهہ واهہ،“ مانگر مڇ خوش ٿيندي چيو، ”تہ تو کي فارسي بہ ايندي آهي.“
”ها. ڪجهہ ڪجهہ.“
”هندي چاڻين؟“
”ها، لعل پشپ ۽ گني سامتاڻيءَ جا سنڌي افسانا سمجهي سگهندو آهيان.“
”۽ عربي؟“
”ڪلمي جي معنيٰ تشريح سان ايندي اٿم.“
”۽ سنڌي تنهنجي مادري ٻولي آهي؟“ صفا چٽ پڇيو.
”ها.“
”ڦاٽين. سچل سرمست ڦاٽين.“ مانگر مڇ ميز تي مڪون هڻندي چيو، ”تون هڪ ئي وقت اردو، پنجابي، سرائڪي، فارسي، عربي، هندي ۽ سنڌي چاڻين ٿو. يعني تون ست ٻوليون چاڻين ٿو.“
صفا چٽ آگر سان منهنجي منهن ۾ اشارو ڪندي چيو،
”تنهنجو پيو نالو شاعر هفت زبان بہ آهي. ڪيئن، سچل سرمست!“
مانگر مڇ اکيون ڦوٽاريندي پڇيو، ”ڇا ان کان وڌيڪ بہ تون ثبوت گهرين ٿو؟ تون سچل سرمست آهين. سو فـي صدي، خالص ۽ نيجو سچل سرمست آهين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان منجهي پيس. پنهي ٽلهن جا ثبوت پڌي مونکي به ٿورو ٿورو شڪ ٿيڻ لڳو ته مان سچل پڪوڙائي نه، پرسچل سرمست هوس.
صفا چٽ چيو، ”تون سابق صوبه سنڌ * ۾ ڪفر، الحاد ۽ ڪميونزم جو پرچار ڪري رهيو آهين.“
”ڪميونزم جو پرچار!“ چيم، ”سائين، مان آنبن جو آچار وجهي رهيو آهيان. توهان کي ڪنهن غلط خبر ڏني آهي.“
”اسان کان ڪوبه جديد شاعر بچي نه سگهندو،“ مانگرمڇ چيو.
صفا چٽ چيو، ”اڄ تون گرفتار ٿيو آهين، سڀاڻي کان هڪ ٻئي انقلابي شاعر جي ڳولا شروع ڪنداسين.“
پڇيم، ”اهو ڪير خوشنصيب آهي جيڪو توهان کان بچي ويو آهي؟“
”اوهه! نه تون پنهنجي ساٿي انقلابي شاعر کي سڃاڻڻ کان به انڪار ٿو ڪرين!“
”ساٿي! منهنجو ساٿي؟“
”ها، تنهنجو ساٿي،“ مانگر مڇ چيو، ”ڇا تون شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سڃاڻڻ کان به انڪار ٿو ڪرين.“
”ڀٽائي!“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.
قلندر لعل شهباز جو چوهو اُٺي بيٺو ۽ حيرت مان ٽلهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.
”ڪيئن! پنهنجي ساٿيءَ جو نالو ٻڌي ڇرڪ نڪري ويئه نه؟“ صفا چٽ چيو، ”اسان کان ڪوبه بچي نه سگهندو.“
مانگر مڇ چيو، ”اڄ سچل سرمست تون گرفتار ٿيو آهين؛ سڀاڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وارو آهي.“
اُن وقت قلندر لعل شهباز جو چوهو مٿو پيٽيندو، ڊوڙندو، ٻاڪرا هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو.

* سرڪاري ڳماشتا ون يونٽ جي خدا کي خوش ڪرڻ لاءِ جيئري جاڳندي سنڌ کي سابق صوبه سنڌ سڏيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوني رات

هڪ خاموش ۽ اونداهي رات ۾، جڏهن سنڌ تي اوير ڪان ڪارا ڪڪر ڪاهي آيا هئا، ٻه نوجوان هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي ڳوٺ کان روانا ٿيا. نه اڳ ڀاڻ ۾ مليا هئا ۽ نه ئي هڪ ٻئي کي ڏٺو هئائون. ٻنهي فقط هڪ ٻئي جو نالو ٻڌو هو ۽ سرڪشيءَ جا ڪارناما ٻڌا هئا.

هڪ ٻئي کي خون ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري، هو ٻئي رات جي تاريڪيءَ ۾ پنهنجي پنهنجي دشمن جي ڳولا ۾ نڪري پيا. ٻنهي کي سنڌوءَ جي ڪپ تي، ستين جي آستان ڀرسان، سڪي ساڌ ٻيلي وٽ مقابلو ڪرڻو هو.

جمال رائيفل ڪلهي سان لٽڪائي، چلڪندڙ خنجر چيله سان ٻڌي، ڪاري گهوڙي تي چڙهي نيڙهيءَ ڪان روانو ٿيو. جمال جي رواني ٿيڻ جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي هئي. جيتوڻيڪ رات جو پهريون پهر وهامي ويو هو، پر تڏهن به ڳوٺ جا مرد ۽ عورتون، ٻار ۽ ٻڍا کيس الوداع ڪرڻ لاءِ نيڙهيءَ ٻاهران، ڏامر جي سخت رستي تي اچي گڏ ٿيا هئا. جمال جڏهن ڳوٺ ٻاهران کوهه وٽ پهتو ته هڪ ضعيف عورت سندس گهوڙي جي واڳ ۾ هٿ وڌو. گهوڙو هڻڪيو. ٿهيو. ذرا ڪنيائين ته جمال فولادي ٻانهن سان رينن کي سٽ ڏيئي گهوڙي جي هستي مستي مات ڪري ڇڏي.

ضعيف عورت ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، ”خالقوءَ جي پيءُ منهنجا ٽي جوان پٽ ماريا هئا. تون مٿي خالقوءَ جا ڳتڙا ڳتڙا ڪري ڇڏجانءِ.“

جمال جواب نه ڏنس. خاموش رهيو. اکين ۾ خالقوءَ لاءِ نفرت ۽ حقارت تري آيس. هن گهوڙي کي اڙي هنئين ۽ اڳتي وڌي ويو. ماڻهو اونده ۾ سندس منهن تي نفرت جا آثار ڳولي رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽريٽرو هڪ اڌڙ عمر جي شخص گهوڙي سان وڪ کڻندي چيو، "خالقوءَ جو پيءُ پريل چيچ مان منهنجي ڪنوار ڪٽي ويو هو."
جمال پنهنجو هٿ اُن شخص جي ڪلهي تي رکي هلڪو زور ڏنو. پنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. اونده ۾ هڪ ٻئي جي منهن تي پيدا ٿيل تاثر ڏسڻ جي ڪوشش ڪياڏون.
اُن شخص چيو، "منهنجي سيني تي ڏنب آهن، جمال."
جمال کي ڪاري ململ جي پٽ پڌل هئي. اونده ۾ سندس اکيون ڪيهر جي اکين جيان چمڪي رهيون هيون. هن پٽ کوليندي وراڻيو، "جيڪڏهن جيئري هوندي، تہ مان تنهنجي ڪنوار موٽائيندس."
ان شخص چيو، "خالقوءَ جي پيءُ جي ڪاريل رڻ کي مان کوهہ ۾ اڇليندس."
جمال وراڻيو، "اِن ۾ اُن بدنصيب عورت جو ڪهڙو ڏوهہ!"
"اسين سنڌي آهيون، جمال،" اُن شخص گهوري آواز ۾ چيو، "اسان پلوءَ ڪندا آهيون. منهنجي زال ڪاري ٿي چڪي. مون کي خالقوءَ جو لاش گهرجي يا خالقوءَ جي پيءُ."
جمال کيس جواب نہ ڏنو. رين ڊيري ڪيائين. گهوڙي ۾ چار وکون مس کنيون جو هڪ قداور شخص پيهہ مان نڪري جمال جي سامهون اچي بيٺو.
قداور شخص اگهتي وڏندي چيو، "مونکي سڃاڻين ٿو جمال؟"
"هائو."
"خالقوءَ جا ماڻهو منهنجي فصل ساڙي، مال ڪاهي هليا ويا آهن."
"مون کي خبر آهي،" جمال وراڻيو، "مان خالقوءَ جو لاش گهوڙي جي پڇ سان گيلهيندو ايندس."
جمال گهوڙي کي اڙي هٽي چوٽ چڏي ڏنو. گهوڙو سنبن سان مٽي اڏائيندو نيڙهي جي پيچرن کان پري نڪري ويو.
هجوم مان مختلف آواز آيريا، "خالقوءَ جو لاش."
"خالقوءَ جو سر لاهي کڻي اچجانءِ جمال."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شل جواني ماڻين جمال، خالقوءَ کي گهوڙي جي سنبن ۾ چيڙي ڇڏجانءِ.“

جمال هڪ هٿ سان ٻٽ ٻڌي گهوڙي جي واڳ روهڙيءَ ڏانهن ڪري ڇڏي. گهوڙو رات جي خاموشيءَ جو جگر ڏاريندو، اوندهہ جو سمنڊ جهاڳيندو، اڳتي ڊوڪيندو ويو.

رات جي ساڳي پهر، خالقوءَ بندوق هٿي سان لٽڪائي ۽ لانگ ورائي پنهنجي اچي، ڪير جهڙي گهوڙي تي چڙهي ويٺو. رڪيب ۾ پير پختو ڪري، ستر تي هٿ ڦيرائي روالور جي چيمبر نالي پاسيري ڪري ڇڏيائين. مٿو اگهاڙو هوس. ڪلهن تي اجرڪ ويڙهي، گهوڙي کي اڙي هنيائين. گهوڙي جي ڪنڌ جون مشڪون سيٺجي ويون. هٺڪيو. اڳيان سنب مٿي ڪري، گول دائري ۾ چڪر هڻي، اک ڇنڀ ۾ سانگين جي جهڳين ۽ ڪچن گهرن کي پوئتي ڇڏي ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويو.

خالقوءَ پنهنجين طاقتور ٻانهن سان لغام کي ست ڏيئي گهوڙي کي بيهاري ڇڏيو.

ڳوٺ ٻاهران مٽيءَ جي دڙن تي ڳوناٺا سندس انتظار ڪري رهيا هئا. ڪين اونده ۾ خالقوءَ جو اڇو گهوڙو تاريڪيءَ ۾ ترندو نظر آيو. راڪاس جهڙي خالقوءَ گهوڙي کي مٽيءَ جي دڙن وٽ آڻي بيهاريو.

گهڙي ڪن ماڻهن پاڻ ۾ سرگوشي ڪئي ۽ خاموش ٿي ويا. سندن اکين چنيڻ ڇڏي ڏنو. وقت جي ڪنڌ ۾ ڄڻ زنجير پئجي ويو، ۽ وقت حالتن آڏو ڪنڌ نوائي بيهي رهيو. سڀني جون نگاهون خالقوءَ تي کپل هيون.

هجوم مان هڪ عورت ماڻهن کي ڌڪيندي، پاسي ڪندي خالقوءَ جي سامهون اچي بيٺي. خالقوءَ ڏانهس نهاريو. هو اونده ۾ چهرو ڏسي نہ سگهيو. عورت چيو، ”تيون ورهيہ جمال جي پيءُ منهنجو گهر وارو ماريو هو.“

عورت جو آواز پرجي آيو. لفظ نڙيءَ ۾ ٽوچڙجي پيس. خالقوءَ

ٻانهن سڌي ڪري عورت جي مٿي تـي هٿ رکيو. هڪ سڏڪو عورت جي ساهہ سان وچڙندو هليو ويـو . عورت سڏڪن ۾ چيو، ”اسان جي شاديءَ کي هفتو کن مس ٿيو هو.“

”جمال جو پيءُ جيئرو هجي ها تہ مان جيڪر سندس لاش جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيان ها، ڀيڻ.“ خالقوءَ جي آواز ۾ بيپناهہ نفرت هئي ۽ هـو ساڳئي لهجي ۾ چوندو رهيو، ”مان جمال جي لاش جون ٻوٽيون سانگهي ڳوٺ جي ڪتن کي کارائيندس. اسان اهڙو پلئہ ڪندا آهيون.“

عورت منهن رئي ۾ لڪائي هڪ طرف هلي ويئي.

خالقو چپ ڀڪوڙي اڳتي هليو ويـو . هڪ ننڍڙي دڙي وٽان لنگهندي، ڪنهن شخص پنهنجو هٿ خالقوءَ جي گهوڙي جي واڳ ۾ وڌو. گهوڙو ڇرڪيو. ذرا ڪُنڊ تي هو جو خالقوءَ ٻچڪار ڏيئي مانو ڪيس. هڪ ڪراڙو مرد دڙي تان لهي آيو.

ڪراڙي ڪان اکر نڪتي آڪليو. ڪجهہ دير خاموش بيهڻ کان پوء، هن خالقوءَ جي ڪلهي ۾ هٿ وجهي ڪيس ڇڪي هيٺ ڪيو. ڇڻ تہ ڪجهہ رازداريءَ ۾ چوڻ تـي چاهيائينس. خالقوءَ پنهنجو منهن ڪراڙي جي منهن ڀرسان ڪري ڇڏيو.

نيٺ ڪراڙي ڪنبندڙ آواز ۾ ڳالهايو، ”مان بيشرم آهيان جو اڃان بہ جيئرو آهيان. جمال منهنجي عزت ۾ هٿ وڌو، مان اڃان بہ پيو ٽڪيان.“

خالقوءَ جي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي وئي. چيائين، ”تو بہ تہ پنهنجي ڌيءَ جو خون ڪري ڇڏيو.“

”هوءَ ڪاري هئي خالقو،“ پـوڙهي کيس رهڙيندي چيو، ”منهنجن پوڙهن هڏن سونسان دغا ڪئي، نہ تہ جمال کي بہ ڌڏي تي ماري وجهان ها.“

خالقو ڪلهو ڇڏائي سنئون ٿي ويٺو. ڪراڙي چيس، ”مون کي جمال جو لاش آڻي ڏي، خالقو.“

خالقوءَ کيس جواب نہ ڏنو. سندس ڪلهي تي همدرديءَ

وچان هٿ رکي، اڳتي وڌي ويو.

پوئين ڏڙي وٽ ڳوٺ جي مرشد سائين خالقوءَ کي ترسايو. چيائينس، "اڙي اهو جمال مون سيد مان بہ نہ مڙيو. منهنجو سمورو فصل ساڙائي ڇڏيائين."

"دل نہ لاهہ سائين،" خالقوءَ کيس دلداري ڏيندي چيو، "جيستائين هن ڳوٺ جو ٻچو ٻچو جيئرو آهي، تنهنجي جهولي خالي نہ ٿيندي."

"مون کي دولت نہ، جمال جو لاش گهرجي."

"فڪر نہ ڪر سائين،" خالقوءَ ورائيو. "مان جمال جو لاش آڻي تنهنجن قدمن ۾ اڇليندس."

مرشد گدگد ٿيو. چيائين "پليءِ مون کان تعويذ تہ بہ وٺي وڃ، فتح پائيندين."

خالقوءَ ورائيو، "اڃان منهنجن ٻانهن ۾ جمال کي چٿڻ جي طاقت آهي."

خالقوءَ جو جواب ٻڌي ڳوٺاڻن جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويئي. ڪنهن صلاح ڏنس، "ڪفر تو ٻڪين خالقو، تعويذ وٺي وڃ."

۽ جڏهن خالقو تير وانگر پيهہ وٽان لنگهي ويو، تڏهن سندس ڪن تي ڪنهن عورت جو آواز پيو، "بدزبان خالقو تعويذ وٺي وڃ، نہ تہ تون نہ موٽندين."

خالقوءَ پنهنجي گهوڙي جو رخ روهڙيءَ ڏانهن ڪري ڇڏيو. ڪائنات جي اونده کان وڌيڪ ٻنهي جوانن جي دل ۾ نفرت ۽ حقارت جي اونده هئي. چپ ڏندن ۾ پڪوڙيل ۽ سڄي بدن جون مشڪون وٽجي سٽجي لوهہ ٿي ويون هيون. اکيون دشمن جي وجهہ ۾ ڪتل هيون. رفتار قائم رکڻ لاءِ گهوڙن کي اڙيون هڻي رهيا هئا. گهوڙن جون ناسون ڦونڊارجي ويون هيون. پنهنجي پــويان سنبن سان مٽيءَ جا ڪڪر اڏائيندا، سرڙاٽ ڪندا، منزلون ماريندا ويا. گهوڙا اڏين ٿي آيا پيانهہ وڃ جو چمڪاٽ هئا. چڻ تہ انساني نفرت حيواني رڳن ۾ بہ شامل ٿي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمال پنهنجي گهوڙي کي پيرلوءِ وٽ ساهي پٽائي. گهوڙي سان گڏ پاڻ بہ سهڪي رهيو هو. پاڻ مسجد جي مٽ مان ٽين جو ڊبو ڀري يڪ ساهي پي ويو. قميص جي پانهہ سان وات اُگهي، شهپرن تي هٿ ڦيري گهوڙي کي ڪنڌ تي ٿڦڪي ڏنائين. سندس هٿ گهوڙي جي ڪنڌ مان ٽمندڙ پگهر ۾ آلو ٿي ويو. گهوڙو هڻڪيو. اونده ۾ منهن ورائي مالڪ کي گهورڻ لڳو. جمال گهوڙي کي واڳ کان ورتو ۽ ڪسيءَ تي آڻي بيهاريائينس. گهوڙي پنهنجو وات ناسن سميت ڪسيءَ جي پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

جمال ڪلهي تان رائيفل لاهي هٿ ۾ جهلي. آرس موڙي بدن جو ٿڪ ڀڳائين. رائيفل تي هٿ جي گرفت مضبوط ڪري بي هٿ جون آڱريون رائيفل جي ناليءَ تي ڦيرائڻ لڳو. هزارين خيال ڪن ۾ آيا ۽ سندس ذهن کي باهہ ڏيندا هليا ويا. خالقوءَ کي گولين سان ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏڻ جو جذبو ٻين جذبن تي حاوي پئجي ويس. سندس آڱريون رائيفل جي ٽرگر تي رڪ وانگر ڄمي ويون. خالقوءَ جي تصوير تصور ۾ ظاهر ٿي بيٺس. سندس نگاهون تصور جي دائرن کي چنبڙي پيون. تڏهن اوچتو، جمال رائيفل جو رخ آسمان ڏانهن ڪيو ۽ پهرين آڱر کپ ڪاڏل ٽرگر تي ڪپائي ڇڏيائين. سندس ڏوري جون مشڪون تڙڪڻ لڳيون. هڪ گولي زوڪات ڪندي رائيفل جي ناليءَ مان نڪتي ۽ ڪڪرن جي ڪارن تهن مان پار هلي وئي. اونداهن وڻن تي ويٺل پکين ۾ تاڪوڙ پئجي ويو ۽ گوٺ جا ڪتا ڀونڪڻ لڳا. جمال چرڪيل گهوڙي تي لانگ ورائي ويٺو ۽ هوا وانگر پيرلوءِ کان ٻاهر هليو ويو. پنيان، اونده ۾ ڪيتري دير تائين پکي وڻن جي ٽارين سان و چڙندا رهيا ۽ پرڙا ڦڙڪائيندا رهيا.

جمال اونده جا پاٽ ڦاڙيندو اڳتي ڊوڪيندو ويو. ڪروڌ ۾ سندس ڏند ڪڙڪندا ويا. جيل جي پٽ وٽان ڦيرو ڪاڏائين تہ سکر بيراج جي بتين جي روشني اکين ۾ اچي لڳس. گهوڙو ٿورو چرڪيو. ٿهيو. ڪچو ڇڏي پڪي سڙڪ تي چڙهي آيو. سنبن جي آواز تي

ڀهراڙيءَ جا ڪتا ڀونڪڻ لڳا. جيل جي در تي ڪونگهرا هڻندڙ سپاهي خبردار ٿي ويٺو. جمال لغام کي سٽ ڏيئي گهوڙي کي ڪچي ۾ لاهي ڇڏيو. ٻيراج جون بتيون ڪيس ويجهو ڀونديون پي ويون. ٻيراج ۽ روهڙيءَ کان ايندڙ بند جي وچ ۾ هڪ سپاهي ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان مٿو ٽيڪي ننڊ ۾ الوٽ پيو هو. رائيفل سندس پاسي ۾ ڏامر جي رستي تي پئي هئي. ٻراج روڊ وٽ ڪچو ختم ٿي ويو. جمال گهوڙي جي رفتار ڍري ڪري ڇڏي ۽ روشنيءَ کان بچندو، پاڇن ۾ لڪندو ٻيراج ڏانهن وڌڻ لڳو.

سنڌو درياهہ ٻيراج جي درن سان لڙ ڪري رهيو هو. ٻيراج جي پهرين وراڪي وٽ جمال اوچتو ڏي اوچتو گهوڙي کي اڙي وهائي ڪڍي. گهوڙي ڇال ماريو. جمال واڳ روهڙيءَ ڏانهن ورائي ۽ تير وانگر سپاهيءَ وٽان لنگهي ويو. سپاهي ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو. جيستائين اکيون مهٽي رائيفل ۾ هٿ وڌائين، تيستائين جمال نارا ڪينال ٽپي ٻڙن جي گگهہ اونده ۾ گم ٿي ويو.

سنڌوءَ جي ڀرئينءَ ڀر جيتوڻيڪ سکر جي بندر جون بتيون ٽمڪي رهيون هيون، روهڙيءَ جي رستي تي هيبتناڪ اونده هئي. ٻيرلوءِ کان نڪرندي ئي جمال آسمان تي ڪارا ڪڪر ڏٺا هئا، پر اونده ايڏي نہ هئي جو هٿ هٿ کي نہ ڏسي سگهي. ڀر ۾ ٻڙن ۽ ٻيرن جي گهاٽن وڻن هيٺان لنگهندي ڪيس سچ پچ اونده ۾ پنهنجو هٿ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. سندس ساڄي هٿ تي قاضين ۽ قريشين جا باغ هئا جن ۾ ٻيڻل کجيون چتڪبرن ڪڪرن جي پس منظر ۾ راڪاسن وانگر واءُ ۾ چڻ وار کولي لڏي رهيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن وقت، رکي رکي ڪو ٽانڊاڻو ٽمڪيو ٿي ۽ وري ٻاٽ اونده ٽانڊاڻي جي جوت گڙڪائي پي ڇڏي.

جمال پنهنجي گهوڙي جي رفتار ڍري ڪري ڇڏي. ايڏي اونده ۾ ڪيس پنهنجو ساهہ ٻوساٽجندو محسوس ٿيو. هن پٺيءَ جو ڪنڌو سنئون ڪري ٻہ چار اونها ساهہ کنيا. اٿين ڪرڻ سان ڪيس جڪڙيل سيني ۾ سکون محسوس ٿيو. سندس ذهن مان اٿيڪ

خيالن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو ڦٽي نڪتو. ڳوناڻن جا جملا سندس دماغ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڙاڏا ڪرڻ لڳا. ۽ پوءِ کيس خالقوءَ جو خيال آيو. ڪيئن هوندو؟ سوچيائين. ڪن ۾ هڪ قوي هيڪل جوان سندس نگاهن ۾ تري آيو. جمال پنهنجي رائيفل ۾ هٿ وڌو. خالقو قداوز آهي، سندس سينو ويڪرو آهي، هن پڪيو، مان هڪ گولي ۽ سان سندس دل چٽي ڪيس آڦٽ ماري سگهان ٿو! پر ڇو؟ هن پاڻ کان پڇيو. ٻئي لمحي پاڻ کي پاڻ جواب ڏنائين، اسان سنڌي آهيون، صدين جا پلوءَ ڪندا آهيون. خالقوءَ جي پيءُ جي ڪئن ڪرتوتن جي سزا خالقوءَ کي پو ڳئي پوندي؛ هن سوچيو. خيالن ۾ ڳالهايائين ۽ ڳالهائيندو رهيو.

جڏهن وڻن جي اوٽ کان لينڊس ڊائون پل جون بتيون ظاهر ٿيون، تڏهن جمال پنهنجو رات جهڙو ڪارو گهوڙو هڪ وڏي ٻڙ جي اوٽ ۾ بيهاريو. سامهون، ڪانئس سڏ پنڌ تي سڪو ساڌ پيلو هو. جمال ڪجهه دير تائين ساهه روڪي سڪي ساڌ پيلي جي ڊنل ڪوئين ڏانهن چتائي ڏسندو رهيو. ڳڻهه اونده ۾ کيس ڪجهه بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. ڪجهه دير دم پچائي هو خالقوءَ جي سڏ جو انتظار ڪندو رهيو. سندس ڪنڪنهن آواز لاءِ واجهائڻ لڳا. تڏهن اوچتو اونده ۾ ڪجهه سڪل پن ڪڙڪيا ۽ پيري پيا.

جمال هڪدم پنهنجو هٿ رائيفل ۾ وجهندي چيو، ”خالقو، مڙسن وانگر مقابلو ڪجانءِ.“

جواب جو انتظار ڪيائين. جواب نہ مليس. سندس دل ۾ شڪ جاڳيو. خالقوءَ کي هرهڪ وڻ جي اوٽ ۾ لڪل محسوس ڪيائين. سندس لونءِ لونءِ ڪانڊارجي ويئي. سڪل پنن جي پيرڻ جو آواز ٻيهر سندس ڪن تي پيو. ڪنهن چڻ سنيالي و ک کڻئي هئي.

”متان پاڙي ٿيو آهين، خالقو.“ هن رڙ ڪري چيو. کيس جواب نہ مليو. سندس شڪ پختو ٿي ويو. دو کي جي پڪ ٿي ويس. سمجهيائين تہ سامهون اچي مڙسن وانگر مقابلو ڪرڻ بدران خالقو لڪي ڇپي مٿس وار ڪندو. بچاءَ لاءِ سامهون ويڪرو ٿڙ هوس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سندس پٺ خالي هئي. هر لمحي پٺيءَ ۾ خنجر لڳڻ جو احساس ويس تي وڌندو.

تڏهن، هن ساڳ پيلي جي ڊڳل ڪونئين ۾ لڪي ويهڻ جو فيصلو ڪيو. گهوڙي جو منهن ساڳ پيلي ڏانهن ڪري، پير رڪيب ۾ پختا ڪري هن، چپن ۾ ڪجهه چيو ۽ پوءِ گهوڙي کي ڪپائي اڙي هنيائين. گهوڙي جا چارئي سنبَ ڌرتيءَ تان کجي ويا. اک چنڀ ۾ گهوڙو سڱڪي ساڳ پيلي جي ٻاهرين پٽ وٽ وڃي پهتو. ان کان اڳ جو جمال گهوڙي جي رفتار گهٽ ڪري، گهوڙي جون اڳيون ٽنگون ڪنهن شي سان وچڙيون. گهوڙي ٿاٻو کاڌو. جمال جا ٻئي پير رڪيب مان نڪري ويا. اڇل کائي پٽ جي پرسان وڃي ڪريو. ٻي لمحي گهوڙي ڪنڌ تي قلابازي کائي، جمال جي پرسان اچي ڦهڪو ڪيو.

جمال جي هٿ مان رائيفل ڇڏائجي وئي، ۽ ڪرڻ ڪري هڏ ڳوڏ ساٺو ٿي پيس. ڪجهه دير هو اونده ۾ تارا ڦاڙي حيرت ۽ ڪاوڙ مان خالقوءَ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، پر ڪيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيو. تڏهن، هن ٻئي ڏونئيون ڌرتيءَ تي رکي پاڻ کي مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اوچتو هڪ وزني پير بوٽ سميت سندس سيني تي لڳو ۽ هو موٽي وڃي ڌرتيءَ سان لڳو. سور پڇائي، هٿ وڌائي چيلهه سان ٻڌل خنجر ڪڍڻ چاهيائين. ان کان اڳ جو سندس هٿ خنجر تائين پهچي، ڪيس مغز تي بندوق جو ڪنداڪ لڳو ۽ سندس ٻئي پانهون تڪليف جي احساس ۾ مٿيءَ ۾ ڇمي ويون. هڪ سٽ سان سندس چيلهه مان خنجر نڪري ويو.

”مونسان ويسا گهاتي ڪئي اٿئي خالقو،“ جمال خارن مان چيو. جواب ۾ ڪنداڪ وات تي لڳس ۽ سندس وات مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو.

مهارن ۽ چچريل چپن مان خون نڪرندو، واچن وٽان وهندو، جمال جي ڪنڌ تي ڪرندو رهيو. سندس سڄو وات رت سان پرجي ويو. هن ڪنڌ ورائي رت جي گرڙي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قميص جـي ٻـانهن سان وات اُگهندي چيائين، ”مـونکي سولائيءَ سان ماري نہ سگهندين.“

ڪيس جواب نہ مليو.

جمال پاسو ورائي مٿيءَ تي اونڌو ٿي سمهي پيو. ڪجهہ دير ساهہ پٽي، سموري طاقت ميڙي هٿ جـي ترين تـي پاڻ کي مٿي ڪيائين.

اوچتو زور سان ڪيس ڪک واري لت لڳي. هو درد ۾ ٻيڻو ٿي ويو. گوڏا وچي ڇاتيءَ سان لڳس. اکين ۾ ترورا نچڻ لڳس. ساهہ سيني ۾ رهجي ويس. بدن ساڻو ٿيندو محسوس ڪيائين. دماغ ٻنواٽيون کائڻ لڳس. ان عذاب ۾ فقط ايترو محسوس ڪيائين، تہ سندس هٿ رسيءَ سان ڪشجي ويا ۽ ڪيس اُٿاري، هڪ ڪوٺيءَ جي در ڏانئين آندو ويو. ڪوٺيءَ جـي در جا طاق نڪتل هئا. در کي بند ڪرڻ لاءِ هڪ پراڻو صندل استعمال ڪيل هو. صندل کي سوري ڪيس ڪوٺيءَ ۾ اندر ڌڪيو ويو.

در جي چانئٺ سان وچڙندو، هڪ انساني جسم تان ٿڙندو، جمال سڌو وڃي پٽ سان لڳو.

هڪ هلڪي دانهہ اونڌهہ ۾ اُڀري ۽ خاموش ٿي وئي. پٽ کي ٽيڪ ڏيئي جمال ڪوٺيءَ جي ڇت ڏانهن ڏٺو. ڪوٺيءَ کي ڇت نہ هئي. مٿان جبل جهڙا ڪارا ڪڪر آسمان کي ڇنبڙي پيا هئا. ڪڪرن تـان نگاهون هٽائي. ڪوٺيءَ ۾ نهاريائين. اونڌهہ ۾ ڪيس ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. تڏهن، اوچتو ڪيس ٻئي شخص جـو خيال آيو جيڪو ڪوٺيءَ جي وچ ۾ فرش تي پيو هو ۽ جنهن سان وچڙندو پاڻ پٽ سان وڃي لڳو هو.

آهستي پڇيائين، ”ڪير آهين؟“

”تون ڪير آهين؟“ اجنبيءَ جواب بدران سوال ڪيو.

”مان واٽهڙو آهيان،“ جمال وراڻيو، ”۽ تون؟“

”مان مسافر آهيان.“

ٻئي خاموش رهيا. ڪنهن بہ نہ ڳالهايو. اونڌهہ ۾ جمال آن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص کي فرش تان اٿندي محسوس ڪيو ۽ پوءِ اهو شخص پيٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو.

جمال جي رڳ رڳ ۾ خالقوءَ لاءِ نفرت ڊوڙي رهي هئي. حقارت جي شدت ڪري سندس لونڊڙين مان پگهر وهي رهيو هو. سوچيائين، خالقوءَ کي وار جو وجهه نه ڏئي ها- آتيئي وڻ جي اوٽ ۾ لڪل هجي ها. پر ڪيس اها خبر نه، هئي ته معرڪي لاءِ مقابلو سڏائي خالقو اهڙي مڪار نموني ڪيس دوکو ڏيندو. هن پنهنجي ساهه خيالن ۾ خالقوءَ جون بوٽيون ڇپاڙڻ لاءِ ڏند ڪرٽيا.

”۽ هو ڪير آهي؟“ اجنبيءَ جي آواز تي جمال جي سوچ ويچار جو سلسلو ٽٽي پيو.

”ڪير؟“

”جنهن اسان ٻنهي سان هيءَ جٺ ڪئي آهي.“

”الاءِ.“

”تون نٿو سڃاڻينس ڇا؟“

”نه،“ جمال وراڻيو، ”سڪي ساڌ ٻيلي وٽ ڌاڙا لڳندا رهندا آهن. هوندو ڪو ڌاڙيل.“

جمال آواز جي آڌار تي اجنبيءَ جي پير ۾ وڃي ويٺو. سندس هڏ هڏ سور ۾ چور هو. بدن مان ٽڙڪات پئي نڪتس. قميص جي ٻانهه سان ڇپن مان ٽمندڙ رت اُگهي ڇڏيائين. ويني ويني، پنهنجا زخم وساري، ڪيس اجنبيءَ تي رحم آيو. وڙهن شينهن لتاڙجن ٻوڙا- ويچارو مفت ۾ مارجي ويو! خالقوءَ جي ذلالت کي بيگناهه اجنبيءَ جي موجودگيءَ پختو ڪري ڇڏيو.

”اڄ رات جو ڪيڏانهن وڃي رهيو هئين؟“ اجنبيءَ ڪانئس پڇيو.

جمال جي سيني ۾ دل بال وانگر اُڇل ڪاڏي. هو ان سوال لاءِ بلڪل تيار نه هو. گالهه ٽاهڻ لاءِ چيائين، ”بيدل سائينءَ جي درگاهه تي سلام ڀرڻ نڪتو هوس.“

”هن مهل؟“

”چو؟ سلام پيرڻ لاءِ بہ وقت مقرر آهي ڇا؟“
اجنبي جواب ڏيئي نہ سگهيو. جمال ورائي پڇس، ”۽ تون اڄ رات جو ڪيڏانهن نڪتو هئين؟“
”مان سکر وڃي رهيو هوس.“
ڪوٺيءَ ۾ ماٺ مسلط ٿي ويئي. جمال جي دل ۾ شڪ جاڳيو ۽ سمهي پيو.
”ڇتيل آهين؟“ اجنبيءَ جي آواز تي هن ڪن ڪڙا ڪيا.
”ڇا ڇيهہ؟“
”ڏاڍو زخمي آهين ڇا؟“
”نہ.“
”مون آواز تہ ڏاڍا ٻڌا هئا.“
”ڇپن مان زت بند نٿو ٿئي،“ جمال ورائيو.
”ڏسان.“ اجنبي جمال ڏانهن سري ويو. تڏهن ڪجهہ سوچي هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيائين،”اوندهہ ۾ ڪيئن ڏسي سگهندس.“
”ڪُڪ ۾ چيندڙ سور محسوس ڪري رهيو آهيان. ڏس، پاسري پڇي تہ نہ پئي آهي.“
”منهنجا ٻئي هٿ ٻــڌل آهــن،“ اجنبيءَ ورائيو، ”منهنجا هٿ کول تہ ڏسانءِ.“
”منهنجا هٿ بہ ٻڌل آهن. ڪيئن کوليانءِ.“
”ڏندن سان.“
”منهنجا ٻئي چپ رتوچاڻ آهن.“
”ڏي تہ اول مان تنهنجن ٻانهن تان رسي کوليان.“
جمال اوندهہ ۾ ٽاڦوڙا هڻي، پنهنجا ٻئي هٿ اجنبيءَ جي ڳوڙن تي رکيا. اجنبيءَ ٿوري ڪوشش سان جمال جي ٻانهن تان ڏندن سان رسي کولي ڇڏي.
جمال پنهنجيون ويڙيون ٻهڻيون. اوندهہ ۾ پنهنجي محسن ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڪيس ڏسي نہ سگهيو. آزاديءَ جي احساس ۾ سندس دل احسان جي جذبن سان ڀرجي ويئي. ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دير خيالن ۾ غرق ٿي ويو. پانهون آجيون ٿيس تہ چڻ پوساتيل روح ۾ تازگي موٽي آيس. زخمن جو عذاب ڪانئس وسري ويو. دل چاهيس تہ هڪدم صندل پري ڪري، ٻاهر نڪري خالقوءَ جو مٽڪو پيجي چڏي. ڪيس پيٽ ۾ ايتريون تہ لتون هڻي جو آنڊا پاسرين ڪان ٻاهر نڪري وڃنس.

”مونکي نہ کوليندين؟“ اجنبيءَ سندس خيالن جـو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

”ها ها، ڇو نہ!“ جمال سمت ۾ ايندي وراڻيو ۽ جهٽ پٽ اجنبيءَ جي ٻانهن ۽ ويٺين تان رسي کولي ڇڏيائين.

اجنبيءَ پنهنجن ٻانهن کي هوا ۾ آچل ڏني. ٻانهون ڦيرائي، پٺيءَ جي ڪنڌي وٽ آٿي ڏورن کي سٽ ڏئي ٽڪ لاتائين. سندس ٻانهن تان رسيون کوليندي جمال محسوس ڪري ورتو، تہ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ سندس ساٿي بيحد طاقتور ۽ سگهارو هو. ڪانئس رهيو نہ ٿيو. اجنبيءَ کان پڇيائين، ”توکي سولائيءَ سان تہ سوگهو ڪري نہ سگهيو هوندو.“

اجنبيءَ کيس جواب نـہ ڏنو. سندس هٿ کولي، موڪري ريگمال جهڙي هٿ ۾ جهلي، پنهنجي ڪنڌ ۽ ڪياڙيءَ تي رکيائين. جمال کان ڇرڪ نڪري ويو. جمال جون آڱريون انچ ڪن اجنبيءَ جي ڪنڌ ۾ لهي ويون.

اجنبيءَ چيو، ”مان هن شخص جو خون ڪندس.“

جمال جي دل خوشيءَ سان ٽمٽار ٿي وئي. هڪدم وراڻيائين، ”مان بہ کيس قتل ڪري سندس لاش گهوڙي جي سنبن ۾ چچري ڇڏيندس.“

پنهي هڪ ٻئي کي اول ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏسي نـہ سگهيا تہ هڪ ٻئي جـي وجود کـي هٿ لائي محسوس ڪيائون. سندن هٿ پاڻ ۾ جڪڙجي ويا. جذبي ۽ خيال جي هڪ جهڙائيءَ کين پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو.

جمال اجنبيءَ کان پڇيو، ”تنهنجو نالو ڇاهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجنبي هڪيو. جواب ۾ ترسيو. نيٺ وراڻيائين، ”مان عالمو
ڪوسو آهيان. ۽ تون؟“

”مان ڪمال جکراڻي آهيان.“ جمال هڪدم وراڻيو.

”ڪُڪ ڪيئن تو ڀانئين؟“

”سور آهي.“

”ڏسان!“ اجنبيءَ جمال جي ڪک تي هٿ رکي، هلڪو
زور ڏيندي چيو، ”ڪک ڀڳل ناهي.“

”پر سور ڏاڍو آهي.“

اجنبيءَ پنهنجي اجرڪ جمال جي چيلهہ ۽ ڪُڪ تي
ويڙهيندي چيو، ”تو ڪي ذري گهٽ ماري وجهي ها ظالم.“

جمال وراڻيو، ”مان سولائيءَ سان مرڻ جو نہ آهيان دوست.“

اجنبيءَ کي جمال جو جواب پسند آيو. سندس ڪک
مهٽيندي پڇيائين، ”گهڻا ٻار اٿئي؟“

”اڃا پرڻيو نہ آهيان.“

”پرڻيو نہ آهين!“

”نہ.“

”ڇو؟“

”جنهن سان پرڻجڻ چاهيم تنهن ٻي سان ٿي نہ رهي تہ پرڻجڻ
ڇا جو.“ جمال جو آواز گهورو ٿيندو ويو.

”ڪيئن.“

جمال گيت ڏيئي خشڪ نڙي آلي ڪئي. هڪ اونهو ساهہ
کڻي خاموش ٿي ويو. جيڪي ڇوڙو هوس، چئي نہ سگهيو.

”ڇو، ڇا ٿيو؟“ اجنبيءَ ورائي پڇيو.

تڏهن جمال وراڻيو، ”جنهن سان پرڻجان ها، تنهن کي ساري
ڪوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيائون.“

اجنبيءَ جي وات مان هلڪو آواز نڪتو، ”ڇو؟“

”هوءَ مونتي ساهہ ڏيندي هئي.“ جمال جي آواز مان درد
ٽمي نڪتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مائٽن کان سڌو سنئون سڱ ڇڪائين ها.“

”ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين دوست،“ جمال ڀريل آواز ۾ ڳالهايو، ”ٻنهي خاندانن ۾ صدين کان نفاق هلندو اچي. اسين سنڌي صدين جا وير وٺندا آهيون. هڪ ٻئي کان پلوءُ ڪندا رهندا آهيون.“

”پلوءُ!“

”ها، پلوءُ.“

۽ پوءِ، پهر ڪن ٻئي پٽ سان مٿو لڳائي، اکيون بند ڪري ڪجهہ سوچيندا رهيا. ڪو مشڪل مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. ماحول جي خاموشيءَ ڪي ڪنهن ڪنهن وقت بندر تان لنگهندڙ مال لاريون چيريندڙيون اڳتي وڌيو تي ويون. يا، رکي رکي ڪجهہ سڪل پن هوا ۾ منتشر ٿي، کڙڪا ڪري، خاموش ٿي پئي ويا.

اجنبيءَ اکيون کولي آسمان ڏانهن ڏٺو. ڪڪر منتشر ٿي رهيا هئا. هن هٿ وڌائي سٿر سان ٻڌل روالور کولي ورتو. اونده ۾ روالور تي آڱريون ڦيرائي، پوءِ جمال ڏانهن وڌايائين. ڏاريڪيءَ ۾ روالور جي نالي جمال جي سيني سان وڃي لڳي.

جمال پنهنجي مٺ روالور جي ناليءَ ۾ وجهندي حيرت مان پڇيو، ”هي ڇاهي!“

”روالور.“

”سو تہ مان بہ پيو محسوس ڪيان. پر تو ڪٿان آندو؟“

”منهنجي سٿر سان ٻڌل هو،“ اجنبيءَ وراڻيو، ”جنهن دشمن مونسان دوکو ڪيو آهي، تنهن جي سيني ۾ هن روالور جون اڌ ڊزن گوليون لاهي ڇڏيندس.“

جمال جي بدن مان سيسڙاٽ نڪري ويو. سندس مٺ روالور ۾ قابو ٿي ويئي. سندس ذهن ۾ شڪ جا ڪرڻا روشن ٿي اجهامندا ويا.

هو ويچارن ۾ ويڙهيل هو جو اجنبيءَ چيس، ”تون منهنجي

پٺيءَ تي پير رکي، پٺ ٽپي پڇي وڃ.“
”۽ تون؟“
”مون وٽ رِوالور آهي. مان جيستائين پنهنجي دشمن کي ماري مٿان نہ ڪندس هتان نہ ويندس.“
”مان بہ جيستائين سندس لاش گهوڙي جي سنبن ۾ نہ لتاڙيندس هتان نہ ويندس،“ جمال ڏند ڪرٽيندي ڳالهايو.
ڪجهہ دير تائين ٻنهي ڄڻن نہ ڳالهايو.
جمال چيو، ”صبح جو اسان ٻئي گڏجي کيس قتل ڪري ڇڏينداسين.“
”ها، هو اسان ٻنهي جو دشمن آهي،“ اجنبيءَ وراڻيو.”تون رِوالور سنڀال؛ منهنجي شايد اک لڳي وڃي.“
جمال اجنبيءَ کان رِوالور وٺي پنهنجي هٿ ۾ جهليو. ٻئي ڄڻا پير پٽاري، پٺ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيا. ويٺي ويٺي صبح ٿي وين. پکي ٻرڙا هئي آکيرن مان آڏامي ويا.
۽ پوءِ جڏهن سج جا پهريان ڪرڻا کجين تـي پيا، جمال اجنبيءَ کي ٻانهہ کان وٺي ڏونڌاڙيندي چيو، ”صبح تـي ويو؛ ان کان اڳ جو هو اندر اچي اسان ٻنهي کي ماري وجهي، اسان ٻئي ٻاهر نڪري کيس قتل ڪري ڇڏيون.“
ٻئي ڄڻا اٿي بيٺا. روشنيءَ ۾ پهريون دفعو هڪ ٻئي کي ڏسڻ کان پوءِ ٻنهي جي منهن تـي مرڪ تـري آئي. هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا.
”اوڏهہ اسان کي اندو ڪري ڇڏيو هو،“ جمال چيو.
اجنبي ڪجهہ چوڻ تـي هو جو ٻاهر سڪل پنن پُرڻ جو آواز ٿيو. ٻئي ڄڻا پٺ سان لڳي، ساهہ روڪي بيهي رهيا. جڏهن ڪجهہ وقت تائين ڪوٺيءَ جي در وٽان صندل سرڻ جو آواز نہ آيو، تڏهن ٻئي ڄڻا پير پير ۾ ڪٽيندا صندل وٽ اچي بيٺا.
اجنبيءَ چيو، ”مان صندل کي وٽ ڪندس. تون دشمن تي گوليون هلائيندو سڌو وڃي سنڌوءَ ۾ گت هڻجانءِ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”۽ توُن؟“

”مان باغن مان نڪري شاھہ مقصود جي جبل وٽان ٿيندو اڳتي پڇي ويندس.“

”۽ پوءِ.“ جمال جي سوال تي اجنبيءَ ڏانهس ڏٺو.

”زندگي رهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي ضرور ملنداسين.“

جمال صندل ڏانهن منهن ڪري، رَوالور سڌو ڪري بيهي رهيو. اجنبيءَ صندل سورڻ لاءِ پنهنجا هٿ صندل ۾ وڌا ۽ منهن ورائي جمال ڏانهن ڏٺو. پنهي جي دل ۾ پوئين دفعو هڪ ٻي کي پاڪر پائڻ جي تمنا جاڳي اٿي.

اجنبيءَ صندل کسي وٺ ڪئي. باغن ۾ اچا پکريان ڪرڻا ڪريا هئا. هڪ راڪاس جيڏو ڪاڇو ڪوني جي در پاهران سڪل پنن تي پيو هو. جمال پاڇو ڏسندي چيو، ”انسان آهي يا آفت.“

”اسان ٻئي دنيا جي هر آفت ڪان ڏاڍا آهيون،“ اجنبي ورائيو.

اجنبيءَ وٽ وڪري ڪري چڏي. پنهي جون نگاهون پاڇي تي ڪتل هيون.

جمال آهستي چيو، ”هيءُ پڪ خالقو آهي.“

”توُن خالقوءَ کي ڪيئن سڃاڻين؟“ اجنبيءَ جمال ڏانهن ڏسندي پڇيو.

”تر ۾ خالقوءَ کان سگهارو جوان ڪوبہ ڪونهي.“

”نہ نہ. هيءُ پاڇو خالقوءَ جو ناهي،“ اجنبيءَ ورائيو.”هيءُ جمال آهي.“

”هي جمال جو پاڇو ناهي.“

”ڪيئن تو چوين؟“

جمال اجنبيءَ ڏانهن ڏٺو. صندل کي ٻئي ڏيئي ڏانهس منهن ڪري بيٺو. روالور جو رخ اجنبيءَ ڏانهن هو. ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي رهيا هئا.

جمال چيو، ”مان جمال آهيان.“

اجنبيءَ حيرت ۽ اچرج مان جمال ڏانهن چتائي ڏٺو. پوءِ

اچل ڏيئي، صندل کي لت وهائي ڪيڏيائين. صندل ڦهڪو ڪري سنئون تي پيو. اجنبي اڪ ڇنڀ ۾ صندل تي چڙهي ويٺو. چئني طرف نظرون ڦيرايائين. ڪيس ڪوبہ شخص ڏسڻ ۾ نہ آيو.

جمال بہ ٻل ڏيئي صندل تي چڙهي ويٺو. هن بہ اکيون ڦيرائي هر طرف ڏٺو، پر ڪوبہ ڏسڻ ۾ نہ آيس.

ٻنهي هڪ ٻي ڏانهن ڏسي پاڇي ڏانهن ڏٺو. ٻنهي کان هلڪو ٽهڪ نڪري ويو. ڪوئيءَ جي در وٽ ٻڙ جو وڏو وڻ بيٺو هو، ۽ اُن جو پاڇو ڪوئيءَ آڏو سڪل پنن تي پئجي رهيو هو.

تڏهن، هٿ ۾ روالور نچائيندي جمال چيو، ”نيٺ پڇـي ويو بزدل خالقو.“

”نہ،“ اجنبيءَ جمال ڏانهن ڏسندي چيو، ”مان آهيان خالقو.“

جمال کان ڇرڪ نڪري ويو. آڱريون روالور تـي ڄمي ويس. اکين چنيڻ ڇڏي ڏنس. خالقوءَ کـي وارن کان پيرن تائين ڏسڻ کان پوءِ سندس نگاهون روالور تـي کپي ويون. ڪجهہ ديـر روالور ڏانهن ڏسي خالقوءَ ڏانهن چتائي ڏٺائين. من ئي من ۾ فيصلا ڪندو ۽ فيصلا رد ڪندو رهيو.

خالقو ٻئي هٿ چيلهہ تي رکي ڏانهس ڏسي رهيو هو. اوچتو جمال ٻانهن ورائـي، ڦيرو ڪائي، سموري قـوت سان روالور سنڌوءَ ڏانهن اڇلايو.

روالور پير ۽ املداس جي پنن سان وچڙندو، ٽارين مان پار ٿيندو ۽ ڪجهہ املداس ڪيرائيندو سنڌوءَ جي هنج ۾ غرق ٿي ويو.

خالقوءَ ۽ جمال سڪي ساڏ ٻيلي جي ٻاهرين پٽ ڏانهن ڏٺو، جتي نہ سندن گهوڙا هئا ۽ نہ رائيفلون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياح، گائيڊ ۽ ٽرانزسٽر

غيرملڪي سياح جي اکين ۾ اچرج تري آيو. هن منهن ورائي هر طرف ڏسڻ کان پوءِ مون کان پڇيو، ”گائيڊ.“

”يس سر.“

”توهان جي مُلڪ جو هيءُ ڪهڙو حصو آهي؟“

”هيءُ اسان جي ملڪ جو سرسبز، آباد ۽ تيزيءَ سان ترقي ڪندڙ علائقو آهي.“ ڪيس ٻڌايم، ”هتان جا ماڻهو مهمان نواز ۽ سٻاجها آهن.“

سياح جي مُنهن تي اچرج جا آثار ظاهر ٿيا. هن چيو، ”تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ مهمان نواز ۽ سٻاجهيون قومون هڪ ٻن صدين کان وڌيڪ پنهنجي وجود کي برقرار رکي نه سگهنديون آهن.“

”ڇو؟“ مون کانئس پڇيو.

”ڇو جو سٻاجهين ۽ مهمان نواز قومن وٽ اهڙا شاهينگ مهمان به اچي نازل ٿيندا آهن جيڪي سندن ونين ۽ ٻنين جا مالڪ ٿي ويهندا آهن.“ سياح وراڻيو، ”ڪمال آهي. هتان جا ماڻهو گذريل ست صدين کان هن ڌرتيءَ تي موجود آهن!“

”هتان جا ماڻهو سخت امن پسند به آهن. چورون پالڻ سندن عادت آهي.“ ادب سان وراڻيم، ”هن علائقي ۾ ٻڪري شينهن جي ساهيڙي ۽ شينهن ڏوهيءَ جي گدهه جو دوست هوندو آهي.“

هڪ هنڌ سڙيل ڳريل مريضن جو ميڙ ڏسي سياح بيهي رهيو. اسپتال جي لوهي در وٽ هڪ ڏنڊو مشٽنڊو چوڪيدار ڪاٺ جي اسٽول تي ويٺو هو ۽ نسوار جي دٻليءَ تي لڳل ٽڪ ۾ پنهنجو عڪس ڏسي، مُڇن کي مروٽي رهيو هو. جنهن مريض سندس تريءَ تي چار آنا رکيا ٿي، تنهن کي لوهي در جي وٽ مان اسپتال ۾ اندر وڃڻ تي ڏنائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جو اتحاد، تنظيم ۽ يقين. محڪم ڏسي سياح ڏاڍو خوش ٿيو. ڪيس ٻڌايم، ”هن علائقي جي ماڻهن کي الله سائين صبر جي توفيق عطا ڪئي آهي.“

پڇيائين، ”هي سڀ هتي ڳاهٽ ڇو ٿيا آهن؟“

ورائيم، ”هي ۽ اسان جي علائقي جي مشهور سئنيما سيول سئنيما آهي، جتي سالن کان فلم ’ڊاڪٽر ۽ نرس‘ هلي رهي آهي ۽ جنهن جو هر شو هائوس فل ويندو آهي.“

سياح ڏاڍو متاثر ٿيو. وڏي وچي هڪ هڪ ماڻهوءَ جي منهن ۾ ڏنائين. موتي آيو. چهري تي اچرج جا آثار هئس.

”هتان جي ماڻهن کي اکيون آهن، پر ڏسي نٿا سگهن. زبان اٿن، پر ڳالهائي نٿا سگهن. دماغ اٿن، پر سوچي نٿا سگهن.“ سياح پڇيو، ”توهان جي ملڪ جو هيءُ ڪهڙو علائقو آهي؟ هن علائقي جو نالو ڇا آهي؟“

ورائيم، ”هن علائقي جو نالو مان پنهنجي زبان تي آڻي نٿو سگهان.“

”ڇو؟“

”ڇو جو مان مجبور آهيان.“

سياح پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“

”مان گائيڊ آهيان، ۽ غيرملڪي سياحن کي پنهنجي ملڪ جو سير ڪرائيندو آهيان.“

”سا تہ مون کي خبر آهي تہ تون گائيڊ آهين.“ سياح پڇيو، ”پر تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

ورائيم، ”منهنجو نالو ٽرانزسٽر آهي، ۽ مان ڀڳهار جي بيٽري سيل تي هلندو آهيان.“

پوءِ مون سياح کي ملڪ جي رهيل حصي جو بہ سير ڪرايو. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهون جدا جدا

پريڊي اسٽريٽ ۽ ايلفيءَ جي چوُ واٽي تي ڪنٽل سنگل ايلفيءَ طرف ڳاڙهو ٿي ويو.

ايلفيءَ تي ٻوڙندڙ ٽريفڪ بيهجي ويئي.

شام هئي.

شام جو ڪراچيءَ جي اڌ ٽريفڪ صدر ۾ هوندي آهي. جنهن رخ ڏانهن سنگل ڳاڙهو ٿيندو، ان طرف موٽرن، ٽيڪسين، آٽو رڪشائن ۽ اسڪوٽرن جو نه ڪٽندڙ سلسلو چپ ماري بيهي رهندو آهي. بيهڪ ۾ بيچيني هوندي آهي. سنگل سائو ٿيڻ شرط سمورو سلسلو چرندو، ڪجهه ڪجهه اڳتي وڌندو ۽ پيهر سنگل ڳاڙهو ٿيندي ئي بيهي رهندو آهي.

ايلفيءَ تي ٽريفڪ جو سلسلو ترسي پيو هو.

پانت پانت جي موٽرن ۾ اڇي مرسيڊيز ڪار به هئي، جنهن جي پوئين سيٽ تي هڪ چوويهن - پنجويهن سالن جي سانوري سهڻي عورت ويٺي هئي. ڪنڌ سيٽ جي ٽيڪ سان لڳائي چڏيو هئائين. اکين ئي، وقت ڪاٽڻ لاءِ دڪانن جا سائن بورڊ پڙهڻ لڳي، جيڪي اڳ ئي سندس ڏٺل وائٺل ۽ چاتل سڃاتل هئا. کيس خبر هئي ته ڪهڙي دڪاندار وٽ چالاڪ سيلزمين آهن. ڪهڙي دڪان جا اڳهه مناسب ۽ ڪهڙي جا ڳاتي پڪا آهن. ڪهڙي دڪان تي پاڪستاني ڪپڙي کي ولائتي نيو هٽي گراهڪن کي ٺڳيو ويندو آهي. ڪهڙي دڪان تي سگل ڪيل ڪاسميٽڪ، ڪراڪري ۽ سينگار جو سامان ملندو آهي. کيس صدر جي هڪ هڪ دڪان جي باري ۾ ايترقدر مڪمل ڄاڻ هئي، جيتري ڪنهن قابل سرجن کي جسم جي عضوي عضوي ۽ رڳ رڳ جي خبر هوندي آهي.

سنڌي اک پري کان پڌري. منجهس رڪ کي چيڪ ڪرڻ جي ڪشش هوندي آهي. هوءَ ماڊڪين کي ڦيرائيندي رهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڪانن جا سائن بورڊ ۽ شوڪيس به ڏسندي رهي.

رُبي جيئلرز.

نه. مون وٽ ڪافي زيور آهن. ڪافي ڇا، ضرورت کان به وڌيڪ آهن. اجهو گذريل مهيني ٿي ته رُبي جيئلرز کان پکراج جو سيٽ ورتو اٿم. هڪ ٻن - هنذ پائي ويئي آهيان — هلندو. اڃا ته پورو فيشن ۾ ئي نه آيو آهي! ارادو هوم ته نيلم جو سيٽ وٺان ها، پر هنن منع ڪري ڇڏي. چيائون ته نيلم تنهنجي لاءِ سٺو پٿر ناهي، توکي نه ڦرندو. اجايو پاڻ کي بيمار نه ڪري وجهين، پکراج جو سيٽ وٺ. ڪيترو نه منهنجو خيال ٿا ڪندا آهن! ٻڌندي هيس ته دولتمند سنڌي عيش جا ڪوڏيا، بازاري عورتن جا قدردان ۽ شراب جا شوقين هوندا آهن. غلط. ها، غلط ٻڌو هوم. هو اهڙا نه آهن. مون کي دل جي گهراين مان چاهيندا آهن. بيحد مصروف رهندا آهن. حڪومت جا ٺيڪا کڻندا آهن. دير سان گهر ايندا، ٿڪل هوندا، پر اهڙو پيار ڏيندا، ٻه ٻول ڳالهائيندا جو دل وڃي سندن قدمن ۾ ڪرندي آهي.

ايلفي ۽ طرف سنگل سائو ٿيو. ان وقت شاهراه عراق کان هڪ آڏو رڪشا ڦيرو ڪائي آئي ۽ مرسيڊيز ڪار جي سامهون اچي رستو ورتائين. ڪار ڇُري نه سگهي. سنگل ڳاڙهو ٿي ويو ۽ موڙ هٽ کن به وڌي نه سگهي. هوءَ سوناري رُبي جيئلرز جي شوڪيس ڏانهن نهاريندي رهي.

ربي جيئلرز جي شوڪيس ۾ تاج رکيو آهي.

وٺان؟

نه. مان ڇو رائين سان ريس ڪيان؟ پر هو ته مون کي راڻي سڏيندا آهن. چوندا آهن: ناز تون منهنجي گهر جي راڻي آهين. پل چوَن. راڻي چون يا مهاراڻي، مان تاج مٿي تي رکي پنهنجن وارن جي سيٽنگ خراب نه ڪندس. ڪيڏي محنت ۽ مشڪل سان آيا وار ٺهندا آهن! هڪ دفعي منهنجي وارن کي آيي نموني قابو ٿيل ڏسي هنن، جي ٻن جاهل ماڻهيائين حيرت مان ڇيو هو، اڙي ڪنوار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن ۾ لوٿو لڪائي رکيو ٿئي چا! هونهه. بيعقل، بيوقوف، جاهل گهوناٺيون.

سنگل ساڍو ٽيو.

ڦيٿا ڦرڻ لڳا. ٽريفڪ جو سلسلو ڪجهه اڳتي وڌي، سنگل گهاڙهو ٿيڻ شرط بيهي رهيو.

'چيپ جان' اسٽور پاهران فٽپاٿ تي هڪ ڏهن ٻارهن سالن جو ڪارو، ميرو ۽ گدلو ڇوڪرو ٽانڊن تي پاپڙ پچائي رهيو هو. پاپڙ پچائيندو، سگرٽ جي پرسان ٽوڪريءَ ۾ رکندو پئي ويو.

ڪيپيٽل سينيما واري گهٽيءَ مان ٻه - چار نوجوان جن کي ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جا بليزر پيا هئا ۽ رانديگر پيڏنا، ڪيڪڙاٽيون ڪندا، ٽرڙائي جي حد ٽپندا، پاپڙن واري ڇوڪري وٽ اچي بيٺا. منجهائـن جيڪو وڏيڪ هلڪڙائي ڏيکاري رهيو هـو، تنهن هٿ وڌائي هڪ پـاپڙ کڻي ورتـو ۽ چار ٽڪر ڪري دوستن ۾ وراهي ڇڏيائين. ٻئي نوجوان کيسي مان پنجويهه پئسن جو سڪو ڪڍي پاپڙن واري ڇوڪري جي ٽڪڻ تي رکيو ۽ چار پاپڙ کڻي، کلندو، پنهنجي چالاڪيءَ تي خوش ٿيندو اڳتي هليو ويو. ساٿي ڪِڏ لڳس. پاپڙن وارو ڇوڪرو پاپڙ پچائيندو رهيو.

هوءَ ڪيس موٽر جي دريءَ مان ڏسي رهي هئي.

ڪهڙو نـه ڪنو آهي هي ڇورو. ميرو، ڏامر جهڙو ڪارو. ماڙهو ڪيئن ٿـا هن سـڪل سڙيل ڪان پاپڙ وٺي کائين! مان تـه جيڪر چڪياس به نه. بيماري ٿو وڪڻي. قوم جيءَ صحت جو ستياناس ٿـو ڪري. هن چوري جي پاپڙن جي خبر وزيـرِ صحت کي ملڻ گهرجي. اسان پاڪستان ان لاءِ ته نـه گهريو هو جو هڪ پاپڙن وارو پاڪستانين کي بيمار ڪندو رهي. پر پاپڙن پچڻ جي خوشبو ڪيتري نـه وڻندڙ آهي! ٽانڊن تي ٿوٺ ٿيندڙ پـاپڙن جي سوادي خوشبو! هو مون کي شڪارپور کان پاپڙ گهرائي ڏيندا آهن، چوندا آهن، اسان جي شڪارپور ٽن شين کان دنيا ۾ مشهور آهي: سـُرهين جو آچار، ٺـاڪرداس جي قلفي ۽ ڪورين جا پـاپڙ. چوندا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺڪارپوري ڪنڊ جا ڏهيل هوندا، آهن، مٿائي جهڙا مٺا هوندا آهن. سچ چوندا آهن. پاڻ مون لاءِ مصري آهن.

ٽريفڪ پيهر چُرڻ لڳي. ڪجهه تيزيءَ سان وڌڻ لڳي. ڪيپيٽل سينيما جو ميٽني شو ختم ٿيو هو. هجوم فينٽومس فلم ڏسي نڪتو هو، تنهنڪري هرڪو پُراسرار نظر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. فٽ پاٿ تي پيهه وڌي ويئي ته ماڻهو سڙڪ تي ڪاهي پيا. ڳُتيل موٽرون آڏو ڦيرا ڏيندا، رستو لنگهي بوري بازار ڏانهن ويندا رهيا.

ڊرائيور بريڪ تي زور ڏنو. هوءَ سيٽ جي هنج مان اُڇل کائي، اڳتي وڌي، پيهر سيٽ جي ڪونٽري ڪشن ۾ قابو ٿي ويئي. پنيان ايندڙ موٽرن، ٽيڪسين ۽ آٽو رڪشائن جي راهه روڪجي ويئي.

هن ويٺي ويٺي محسوس ڪيو، ڄڻ ڪو ڪيس لاڳيتو گهوري رهيو هو. هن ڪنڌ ورائي دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. پاسي ۾ هڪ اڇي رنگ جي جيپ بيٺي هئي، جنهن مان ڪجهه نج سنڌي قسم جا مرد ڪيس کائي ڇڏڻ وارين نگاهن سان ڇتي رهيا هئا. سندن شهپر ذري گهٽ ڪنن جي پاپڙين، يا وچونءَ جي پڇ وانگر وٽ کائي پنبڻين سان ٿي لڳا.

هُن سندن نگاهون پنهنجي بدن ۾ چڀنديون محسوس ڪيون. منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيائين پر تڏهن به چڀڪي جو احساس کيس محسوس ٿيندو رهيو. هن سامهون سگنل ڏانهن نهاريو.

سگنل ساڻو ٿيو. ڦيٿا ڦرڻ لڳا. اڇي جيپ سندس گاڏيءَ کان اڳ نڪري ويئي. هن ٽڌو ساهه کڻي جيپ جي نمبر پليٽ ڏانهن ڏٺو. جيپ تي سنڌ جي نمبر پليٽ لڳل هئي. نمبر پليٽ جي پاسي کان هڪ ٻي تختي به لڳل هئي، جنهن تي ايم. اين. اي لکيل هو.

هونهه، اهڙا به ڄڻ ڪا لياقت يا قابليت آهي! ووٽ وٺن عوام کان، ۽ چونڊجڻ کان پوءِ رعب به رکن عوام تي. ۽ هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي نمائينده! ون يونٽ جا پرجهليا، اديبي آمريت جا گماشتا! سچي سچي رات ڪن عيش. صبح جو اجلاس ۾ ڪائن جهوتا! سنڌ جو نصيب ٿي ستل آهي.

ان جيپ مان ڪيئن نه مڇر مون کي گهوري رهيا هئا! ڇڻ سڄي عمر ۾ عورت ٿي نه ڏٺي هئائون. بيشرم. پنهنجين عورتن کي قتو ڪري فصلن جو پئسو ڪٺي ڪراچيءَ اچن ۽ هر عورت کي تاڙيندا رهن. رکو مڇ تي زور. ڏلهي آڪڙ. منهنجون غيرسنڌي ساهڙيون نه مرڪو ٿوليون ڪنديون آهن؛ ڇون، سنڌي مرد عورتن کي ائين گهوريندا. آهن جيئن بکايل ڏاند وڏين وڏين اکين سان ڏاري ڏانهن ڏسندو آهي. پڇنديون آهن، وڏيرا مڇ تي طوطو نه نه ويهاريندا آهن.

ٽريفڪ جڏهن تيزيءَ سان هلڻ لڳي، تڏهن به ڪيس جيپ وارن جي نظرن جو خيال ايندو رهيو. هن پاڻ کي پريشان ٿيندي محسوس ڪيو.

مڇن وارا نيڪ ماڻهو نه هوندا آهن. هنن جو به هڪ سنگتي مڇو آهي. منهنجي شاديءَ کان اڳ جو سنگتي اٿن. سيني کان گهاتسو ۽ ويجهو سنگتي اٿس. هر وقت مدد علي، مدد علي ڪندا رهندا آهن. هو به مدد عليءَ سان اڏن تي ويندا ۽ هوٽلن تان ڪيبري ڊانسر ڇوڪريون کڻي راتيون گذاريندا هوندا! نه. نه. مون کي وهم ڪرڻ نه گهرجي. هو اهڙا ڇڙواڳ نه آهن. پر رات جو اڪثر ٻاهر ڇو رهندا آهن؟ اهو ته ڪم سانگهي ٻاهر رهندا آهن. وڏا نيڪيدار آهن، ڪم گهڻو هوندو اٿن ته ٻاهر رهي پوندا آهن. نيڪي جو ڪم جلدي پورو ڪري، انجنيئرن ۽ اوورسيئرن کي حصو ڏيڻي موڙي ڇڏائڻي هوندي اٿن، اهو ڪم سولو ته ڪونهي! رات ٻاهر نه رهڻي ٿي پوندي اٿن.

پريڊي اسٽريٽ ڏانهن ڪار ڦرندي ڪيس هلڪو لوڏو آيو ۽ سوچ جا سلسلا ٽٽي پيس. دل ۾ وهم جي ڇيت ۽ شڪ جو پگهل شيشو ڇيندو رهيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرائيور احترام سان پڇيو، ”بيبي، گاڏي بيهاريان؟“
”هون! نہ. ايلفيءَ تي موٽي هلُ!“ هن جواب ڏنو ۽ جواب ڏيڻ کان پوءِ پنهنجي جواب تي سوچڻ لڳي.
وڪٽوريا روڊ تي صدر پوسٽ آفيس ڀرسان ڪيس ساڳي جيپ نظر آئي. ڪارين مڇن جا ڪارا عڪس سندس تصور کي ڪارو ڪرڻ لڳا. موٽر جڏهن پيراڊائيز سينيما وٽ پهتي تڏهن هن منهن ورائي پوئين شيشي مان جيپ ڏانهن ڏٺو.
بازاري عورتن جي تاڙ ۾ آهن. وس پڄين تہ جيڪر ملڪ جون سهڻيون عورتون ڪاٺي ڪپائي، ٻاهرين ملڪن جون عورتون درآمد (Import) ڪن. پر سڀئي تہ اهڙا نہ هوندا. مدد علي بہ اهڙو بڇڙو نہ هوندو. جيڪڏهن بداخلاق هجي ها تہ هو هوند ساڻس دوستي نہ رکن ها. مان بہ ڪهڙي نہ بيوقوف آهيان. وهمي آهيان. شڪ تہ عورت جي وجود جو لازمي حصو هوندو آهي. پر منهنجو شڪ تہ بلڪل بي بنياد آهي. ڀلا ائين ڪيئن ٿي ٿو سگهي جو هڪ مرد، جيڪو پنهنجي گهرواريءَ سان خوش هجي، اهڙي خوشيءَ جو هر هر اظهار ڪندو هجي، سو ڪنهن ڏاري عورت وٽ ڪيئن آسودگي محسوس ڪري سگهندو! تہ پوءِ، تہ ڀلا هي جو هر رات عصمتن جا سودا ۽ جسمن جا واپار هلندا آهن؟ ڇا سڀئي مرد پنهنجي پنهنجي گهر واريءَ مان بيزار هوندا! نہ نہ، مون کي اهڙيون اگهاڙيون ڳالهيون سوچڻ نہ گهرجن. مرد آخر بہ مرد آهي. جيئن وڻندس تيئن ڪندو. پر، مون کي اهڙيون ڳالهيون سوچڻ نہ گهرجن. ڇو نہ سوچڻ گهرجن؟ مان پڙهيل آهيان. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم. اي ڪئي اٿم. سنڌ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترين پڙهيل عورتن مان هڪ آهيان. مان هر معاملي تي سوچيندس. اِن جو مون کي حق آهي. مان ٻهراڙيءَ جي قديم، دقيانوسي ۽ جاهل عورت نہ آهيان، جو هر آفت کي الاهي آمر سمجهي شڪر ڪندي رهان. هي مون کي ڇا ٿيندو ٿو وڃي؟ مان ايتريقدر پريشان ڇو ٿي رهي آهيان؟
”بيبي گاڏي روڪيان؟“ ڊرائيور جي آواز تي ڪانئس ڇرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري ويو.

”ها. ها گاڏي روڪ.“ هن جواب سان پنهنجي پريشاني لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪار فٽ پاٿ سان لڳي بيٺي. ڊرائيور پنهنجي سيٽ تان اٿي آيو. موٽر جو پويون در کوليو، ادب سان بيهي رهيو. هوءَ خاموش ويٺي رهي.

مون کي وڏيڪ سوچڻ نه گهرجي. اجايو بلڊ پريشر وڌي ويندو. مون وٽ ڇا نه آهي! دنيا جي هر خوشي مون وٽ موجود آهي. پوءِ ڇو پاڻ کي پريشان ڪري رهي آهيان؟ ڇو سوچي رهي آهيان؟ مان پاڻ ته نه سوچي رهي آهيان، بلڪ سوچ جا سلسلا خود بخود، پنهنجو پاڻ، بيماريءَ وانگر پيدا ٿي رهيا آهن ۽ وڻ ويڙهيءَ وانگر مون سان وچڙي رهيا آهن. مون کي خيال متاثڻ گهرجي.

ڇڻ ڪنهن ڪار جي سيٽ سان چنبڙائي ڇڏيو هوس. هوءَ ست ڏينهن اڳتي کسڪي آئي ۽ پوءِ سانڍهي سنڀاليندي موٽر مان ٻاهر نڪري فٽ پاٿ تي قدم رکيائين.

ڊرائيور آهستي در بند ڪري ڇڏيو.

فٽ پاٿ تان لنگهندڙن جون نگاهون ڦري گهري مٿس ٿي پيون.

هوءَ ماحول کان بي نياز هئي. جيئن سانڍهي سنڀاليندي موٽر مان ٻاهر نڪتي، تيئن سامهون ’ڪتاب محل‘ جا ٻه ڏاڪا چڙهي دڪان ۾ هلي وئي.

جنهن وقت هوءَ دڪان ۾ داخل ٿي تنهن وقت هڪ خوش پوش نوجوان دڪان مان ٻاهر نڪري رهيو هو. هن منهن ورائي ذري گهٽ اچرج سان اجنبيءَ ڏانهن ڏٺو. اجنبي دڪان مان ٻاهر نڪري، ڦري، مٿس هڪ نگاهه وجهي، اڳتي هليو ويو.

ڪيترو نه هٽن سان ملي رهيو هو! قداون، پورو پنو بدن، اڇو ڪڻڪ مائل رنگ، ڪلين شيو، سنهڙو ڊگهو نڪ، وار جائيتا ۽ اکيون وڏيون! بيخياليءَ ۾ اوپري کي پنهنجو سمجهي سڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهان ها ۽ پوءِ پڇتايان ها. مون کي پنهنجن چڙواڳ خيالن تي ضابطو رکڻ گهرجي. ڪٿي ڪا اڻ ٿيڻ گهرجي. ڪٿي ڪا اڙٻنگائي نه ڪري ويهان.

خيالن کي جائيتو ڪرڻ لاءِ هوءَ ريڪ مان ڪتاب ڪيڍندي، ورق اٿلائيندي، ڪائونٽر تي آڇلائيندي ويئي. هوءَ هميشه ائين ئي ڪندي هئي ۽ آخر ۾ پنجاهه يا سؤ جا ڪتاب کڻي ويندي هئي؛ هميشه جڏهن به ڪتاب ريڪ مان ڪيڍي ڪائونٽر تي آڇلائيندي ويندي هئي، تڏهن ڪتاب جي مواد تي دڪاندار سان بحث ضرور ڪندي هئي.

پر اڄ ماڻ خاموش آهيان. مون کي ڳالهائڻ گهرجي. ڇا ڳالهائڻ گهرجي؟ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڳالهائڻ گهرجي. پر ڪهڙي موضوع تي ڳالهايان؟ ڪنهن به موضوع تي. ڪنهن به مسئلي تي.

”توهان وٽ **Sixth Sense** تي ڪو ڪتاب آهي؟“ هن ڪتابن جا ورق ورائيندي دڪاندار کان پڇيو.

”توهين ته هميشه ناول ۽ افسانن جا مجموعا پسند ڪندا آهيو!“

”پلا توهان ٻڌائي سگهندا ته **Sixth Sense** ۽ **Intuition** ۾ ڪهڙو فرق آهي. ٻئي لاشعور جي ساڳي پيداوار جا به مختلف نالا ته نه آهن؟“

”جي!“ دڪاندار جا چپ ڏار ٿي ويا. حيرت اکين مان ليڪا پائڻ لڳس.

”**Telepathy** جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟“ هن ٻيهر پڇيو. نگاهون مٿي ڪري دڪاندار ڏانهن ڏٺائين، جيڪو وائڙن وانگر ڏانهس ڏسي رهيو هو.

هن هڪدم پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ ڳالهه اڌ ۾ ختم ڪري ڇڏيائين. پشيمان ٿيڻ لڳي. پشيماني دور ڪرڻ لاءِ ڪجهه ٻيا ڪتاب ريڪ مان ڪيڍي ڪائونٽر تي ڊهه ڪيائين. پوءِ پرس مان سؤ رپين جو نوٽ ڪيڍي، ڪائونٽر تي آڇلائي دڪان

مان ٻاهر نڪري ويئي.

دڪان جي در ٻاهران ڊرائيور بيٺو هو. اهو دستور هو. هوءَ دڪان مان ڪتاب پسند ڪري ٻاهر ايندي هئي ۽ ڊرائيور ڪتاب کڻي موٽر ۾ آڻي رکندو هو.

دڪان مان ٻاهر ايندي ڊرائيور کي چيائين، ”گاڏي سلڪ پئليس وٽ آڻي بيهار.“

۽ پوءِ پاڻ سلڪ پئليس ڏانهن وڌي ويئي.

مون کي دڪاندار سان اهڙي نموني ڳالهائڻ نہ گهربو هو. ڇا سوچيندو هوندو منهنجي باري ۾. مان ضرور پريشان آهيان. پر پريشان ٿيڻ لاءِ ڪو خاص سبب بہ تہ ڪونهي. تہ پوءِ ڪنهن ڪنهن وقت انسان اوچتوئي اوچتو پريشان ڇو ٿيندو آهي! پريشان ٿيڻ لاءِ فقط سبب جو هئڻ لازمي ناهي. پر مان، مان، ها منهنجي ذهن ۾ ۽ منهنجن خيالن تي مدد عليءَ جي پيانڪ شخصيت جو بد روح ڇانئجي ويو آهي. مدد علي ٻچڙو آهي تہ پنهنجي لاءِ هوندو. هو اهڙا نہ آهن جو مدد علي مڇوءَ جي ڏسيل رستي تي اکيون پوري وڌي وڃن. اُف ڇا منجهان ڇا سوچي رهي آهيان! گهر موٽي وڃان؟ نہ. گهر ۾ اڪيلائي وراڻي ويندي. ڇٽي وڃا آهن دير سان موٽندا، ڪنهن انجنيئر کي ٺيڪو ڏيارڻ جي خوشيءَ ۾ ڪانٽينينٽل ۾ ڊنر ڏني اٿائون. الاءِ ڪڏهن موٽن. اهي مٺا انجنيئر ٺيڪو تہ ڏيندا آهن، پر ٺيڪي جي آمدنيءَ جو پنجهتر سيڪڙو پاڻ ۾ ناني ويڙهي ڪري ڇڏيندا آهن. ٺيڪيدارن کان ڊنرون کائيندا آهن، ڪيبري ڏسندا آهن، شراب ۽ ڪال گرل لاءِ فرمائشون ڪندا آهن ۽ مٿان هر هر احسان بہ جتائيندا آهن. اڄ رات بہ هڪ انجنيئر سان هوندا، جنهن ڪين سڙڪن ٺهرائڻ جو ٺيڪو وٺي ڏنو آهي. مددعلي بہ ساڻ ويو اٿن. مدد علي! مدد علي! مان مٿي مدد علي مڇوءَ جو خيال دل مان ڪيئن ڪڍي ڇو نٿي سگهان! مان شايد ٿڪل آهيان. ها، بيحد ٿڪل آهيان. سلڪ پئليس مان ڪجهہ ساڙيون وٺي گرانڊ ۾ وڃي ڪافي پيئنديس. ٿڪل آهيان، شايد تڏهن اجايا سجايا خيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان ڪري رهيا آهن. هيءَ سموري بيچيني تڏهن ئي تہ ڪو سبب آهي. تڏهن انسان جي عقل جو دشمن هوندو آهي.

سامهون ايندڙ ماڻهن ۾ هن هڪ شڪل کي چڱي سڃاتو. ساڳئي نوجوان کي سامهون ايندي ڏٺائين، جنهن ڪتابن جي دڪان مان نڪرندي منهن ورائي ڏانهس ڏٺو هو ۽ جنهن جي شڪل سندس مڙس سان ملندڙ جلندڙ هئي. هو اڳ اڪيلو هو. هن دفعي هڪ چست ڪپڙن ۾ قاتل ۽ ميڪ اپ سان ٿقيل ڇوڪري ساڻس گڏ هئي.

هيءَ ڇوڪري سندس زال ناهي. ڀيڻ بہ ناهيس. پر مون کي ڪهڙي خبر. مان نجومڻ نہ آهيان. پوءِ چاهي، عورت تہ آهيان. هڪ عورت ٻئي عورت کي هر رنگ روپ ۾ سڃاڻي وٺندي آهي. هيءَ ڇوڪري هن نوجوان جي زال ناهي. بوري بازار جي ڪنهن ڪنڊ تي، يا ڪنهن هوٽل جي فيملي روم ۾ انتظار ڪندڙ ڇوڪري آهي. اک جي اشاري سان ڪڍ ايندڙ ڇوڪري آهي. مان جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هيس تڏهن اسان جي گفتگو جو موضوع اهڙين انتظار ڪيندڙ ڇوڪرين تي اچي پورو ٿيندو هو. هيءَ ڇوڪري بہ ڪال گرل آهي_ سڏ لاءِ منتظر ڇوڪري_ هو بہ ائين ڪندا هوندا. پر هو تہ لچارا آهن. عورتن سان لهہ وچڙ ۾ ڏي نہ ايندا آهن. پر ڪهڙي خبر! مددعلي مڃو ڪنهن هوٽل جي ڪيبري ڊانسر، ڪا ڪال گرل، ڪا انتظار ڪيندڙ ڇوڪري ڪٿان هٿ ڪري آڻيندو هوندو. هو بہ ساڻن گڏ هوندا. آف! اوه! اجايو پاڻ کي پريشان ڪري رهي آهيان. چري آهيان جو مٿن شڪ ڪري رهي آهيان. ۽ مدد علي! ڪوهہ ۾ پئي مئو مڃو. هو مدد عليءَ جي نيڪرن تي ڪنهن بہ ڏاري ۽ اجنبي عورت کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندا. مان سندن اخلاق جي قائل آهيان. مان اکيون پوري سندن شرافت جو قسم کڻي سگهان ٿي.

هوءَ سلڪ پئليس ۾ لنگهي ويئي. ڪائونٽر جي پٺيان ويٺل سيٺ صاحب، جنهن جي منهن تي ڇهہ انچ ڪن ڏاڙهي هئي ۽ مڇون

غائب هيون ۽ جنهن جو وات ۽ چپ پان جي پڪ ۾ ڳاڙها هئا، اٿي بيٺو. ڪاروباري سڙڪ چئن تي تري آيس. واڇون ڪنن جي پاپڙين سان وچي لڳيس. دڪان جا ٻہ ٽي سيلزمين، جن وٽ ڳراهڪ نہ هئا، سي ٻہ اڳتي وڌي آيا. هوءَ ان دڪان جي اهم خريدار هئي.
هڪ سيلزمين پلاسٽڪ سان واڻيل ڪرسي ڏانهس وڌائيندي ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪئي. هن پرس ڪائونٽر تي اُڇلايو ۽ ڪرسي تي ويهي رهي.
سيٺ صاحب پاڻ وٽس وڌي آيو. نيٺ لکنوي انداز ۾ اول ڪانئس طبيعت، سندس مڙس جي طبيعت ۽ موسم جو حال پڇيائين. پوءِ ملڪ جي سياست، سوشلزم ۽ مهانگائي جو رڙو رنائين. آخر ۾ سيلزمين کي خاص قسم جون ساڙهيون آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين.
سيلزمين ڪائونٽر تي ساڙهين جو انبار ڪري ڇڏيو.
”هيءَ هلڪي گلابي ساڙهي، خاص روايتي بنارسي ڪم تي ٺهيل آهي، لاجواب ۽ بيمثال آهي.“ مولانا سيٺ ڳالهائيندو رهيو، ”عام رواجي عورتون تہ هيءَ ساڙهي ڏسي بيهوش ٿي وينديون.“
پوءِ هو اميرن، وزيرن، صنعتڪارن وغيره جي عورتن، جن اها ساڙهي ورتي هئي، تن جا اهڙي نموني حوالا ڏيئي ويو جيئن هوٽل جو بيرو ڪورما، ڪوفتا، مٽن برياني، چڪن برياني، مغز پايا وغيره چئي ويندو آهي.
”هي رنگ مون کي پسند ناهي،“ هن نيٺ ڳالهايو.
سيٺ حيرت مان وراڻيو، ”توهين تہ خاص ڪري هلڪا رنگ پسند ڪنديون آهيو. پلا هيءَ بسڪ ڪلر جي ساڙهي ڏسو.“
”نہ، اهو رنگ بہ ٺيڪ ناهي.“
”تہ پوءِ ڪهڙو رنگ توهين پسند ڪنديون؟“ مولانا سيٺ پڇيو، ”توهين حڪم ڪريو. مون وٽ دنيا جي هر رنگ ۾ اعليٰ قسم جون ساڙهيون آهن.“
هوءَ منجهي پيئي.
چيائين، ”ڪجهہ اهڙو رنگ هجي جيڪو ٽڪو ناسي، ڳاڙهو

يا ڪرمچي يا، يا ڪاري رنگ سان ملندڙ جلندڙ هجي."

سيٺ عجب مان ڏانهس ڏٺو. اهڙي قسم جو رنگ هن پنجاهہ سالن جي دڪانداريءَ ۾ به نہ ڏٺو هو.

مون کي چا تي ويو آهي! ڪرمچي، ڪارو، ڳاڙهو، تڪو ناسي! انهن رنگن جو ميل؟ آف. هي مون کي چا تي ويو آهي. چا سوچيندو هوندو مولانا. اڻين تہ نہ ڏاهي، ڪو لڪل غم جو پاڇو منهنجي پسند تي پڇجي رهيو آهي. رنگن سان شخصيت جي نفسيات جو ڏس ملندو آهي. منهنجي لاشعور جي ڪنهن ڪنڊ ۾ شايد شڪ ۽ انتقام جا جذبا پاڻ ۾ گڏجي رهيا آهن. مان فلسفو چو سوچي رهي آهيان! ڪا خاص ڳالهہ ڪونهي. ڪجهہ خاص ٿيو بہ نہ ٿيو آهي. شاديءَ جي هڪ سال جي عرصي ۾ ڪجهہ بہ غيرمعمولي نہ ٿيو آهي. بس ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير سان يا ڪڏهن ڪڏهن نہ ايندا آهن. پر اهو بہ تڏهن، جڏهن ڪم جو زور هوندو اٿن. پر مدد علي جو ساٿ پاڇي وانگر گڏ لڳو رهندو آهي. عمر ۾ بہ ڪاڻين وڏو آهي. پڙهيل بہ ناهي. فقط زميندار آهي تہ چا ٿيو؟ اها ڪا خوبي تہ ناهي، رڳو قسمت جو چڪر آهي. پر سنڌي زميندارن جي باري ۾ پڙهل ڪهاڻيون ڪوڙيون نہ آهن. شل نہ رن روڳڙي ڏسن! ۽ مدد علي؟ ڪهڙي خبر، هو بہ لڪ چپ ۾ مدد عليءَ جي ڏسيل رستن تي هلندا هجن. ديسي ڇوڪرين مان دل پرجي ويندي هوندن، تہ غيرملڪي ڇوڪرين کي هٿ ڪندا هوندا. شايد ڇوڪرين کي تحفا بہ وٺي ڏيندا هوندا. ولايت ۾ ساڙهيءَ جو مان آهي.

"عابد صاحب جن تہ نہ آيا هئا؟" هن مولانا کان پڇيو.

"نہ." مولانا عجب مان وراڻيو، "هو ڪڏهن ڪڏهن توهان سان گڏ ايندا آهن. اڄ تائين اڪيلا نہ آيا آهن؟"

"ويجهڙائيءَ ۾ ڪا ساڙهي تہ نہ وٺي ويا آهن؟" هن پڇڻ کان پڇي ورتو، پر خود ئي پنهنجي سوال تي پريشان ٿيڻ لڳي.

"معاف ڪجو." مولانا سيٺ چيو، "توهان جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟"

”ها ها، ٺيڪ آهيان،“ هن پريشاني لڪائڻ چاهيَ پر اندر ۾ اٿيل گهمسان ڪيس ورائيندو ويو.

”ڪوڪا ڪولا گهرايان؟“ مولانا سيٺ پڇيو.

”نه.“

”ڪافي؟“

”نه، مهرباني.“ هن پرس مان چيڪ بڪ ڪڍندي چيو، ”ڪيش ميمو ڏيو.“

”پر توهان ته اجا ڪا ساڙهي ئي پسند نه ڪئي آهي.“ مولانا حيرت مان ورائيو. ”ڪيش ميمو ڇا جو ڏيان؟“

هن ڪاوڙ مان چيڪ بڪ ڪائونٽر تي وهائي ڪڍيو. پوء تڙ تڪڙ ۾ جيڪي به چار ساڙهيون هٿ لڳس، ٻهه مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين.

مولانا ڪيس ڏسندو به ويو ۽ ڪيش ميمو تي رقم به لکندو ويو. ان وچ ۾ هن چيڪ تي مولانا جو ٻالوَ ۽ پنهنجي صحيح ڪري ڇڏي. سيٺ ڪيش ميمو ڪتاب مان ڦاڙي اڌو اڌ ڪيس، هن رقم ڏسي چيڪ ۾ داخل ڪئي ۽ چيڪ ڪڍي، ڪائونٽر تي اڇلي، دڪان مان ٻاهر نڪري وئي.

ڊرائيور عادت ۽ حڪم مطابق دڪان ۾ هليو ويو.

هن سامهون بيٺل ڪار جو در ڪوليو، اندر ويهندي زور سان در ڦهڪائي ڇڏيو.

ڊرائيور دڪان مان ساڙهيون کڻي ٻاهر آيو ۽ موٽر جي اڳين سيٽ تي رکي، پاڻ پنهنجي سيٽ تي وڃي ويٺو ۽ گاڏي اسٽارٽ ڪري هلڻ لاء حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڪجهه دير تائين جڏهن کيس هلڻ جو حڪم نه مليو، تڏهن آئيني مان پوئتي نهاريندي پڇيائين، ”بيبي، هلان.“

هوء سيٽ جي ٽيڪ سان مٿو لڳائي ويٺي هئي، اکيون هڪ جاء تي بلور وانگر بيجان ٽڪيون هيس.

ڊرائيور ٻيهر پڇيو، ”ڪيڏانهن هلان بيبي؟“

هن ڇرڪ ڀري، واڻڙي ٿي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گهر هلان، بيبي؟“

”ها ها، گهر هَلُ.“ هن جواب ڏنو ۽ وري سيٽ جي ٽيڪ سان مٿو لڳائي ڇڏيائين.

ڪار ايلفيءَ جي پيهه مان ٻاهر نڪري ويئي.

شڪ جو شيطان کهڙي ڪنڊ مان مَنُ جي مسجد ۾ گهڙي آيو آهي! ڪين جو خبر پوي مان مٿن شڪ ٿي ڪريان، ته ڪيڏو نه ڏک ٿئين جيڪر! نه نه. مون کي وهم دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي: وهم دل مان ڪڍي ڇڏيان؟ ها، وهم دل مان ڪڍي ڇڏيان. پر مدد عليءَ کي ڪيئن ڪانئن ڏار ڪريان؟ مدد علي سنڌي آهي. نج سنڌي زميندار آهي. سنڌين جي برتري ڏارين عورتن تي پيسو خرچ ڪرڻ ۽ ڪين حاصل ڪرڻ ۾ هوندي آهي. بازاري عورتن تان لکين رپيا گهوري ڇڏڻ سنڌ جي تهذيب جو عظيم الشان ثبوت آهي. پر مان ته ڀوراڙيءَ جي اٺپڙهيل اڻوجهه عورت نه آهيان جو مڙس جي ڪُڌن ڪرتوتن جي خبر پئي خوش ٿيان، ۽ ساهڙين کي سندس سرتين جو تعداد ٻڌائي سندس مڙسيءَ جا ڳُڻ ڳايان. مان خود دار پڙهيل لکيل عورت آهيان. عورت لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو عذاب ڪونهي جو سندس مڙس کنهن ڌاري عورت ڏانهن اک کڻي ڏسي. مان ڪين ٻي عورت جي ٻانهن ۾ ڏسڻ کان اڳ خودڪشي ڪنديس. مون کي آپگهات ڪرڻو پوندو جيڪڏهن ڪين ٻي عورت وٽ ڏٺم. مان ڪيئن برداشت ڪري سگهنديس ته منهنجي هوندي سوندي، منهنجو مڙس ڌارين عورت وٽ آسودگي تلاش ڪندو رهي! مونکي مرڻو پوندو.

هارن جي آواز تي سندس آڏمن جي آچل ڊري تي ويئي.

ڪار ملير ناڪي وٽان سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽيءَ جي ٻهرين رستي ڏانهن ڊوڙڻ لڳي: رستي جي آخري وراڪي وٽ سندن بنگلو هو. سامهون کيس پنهنجو بنگلو نظر آيو.

بنگلي ٻاهران مدد عليءَ جي جيپ بيٺي آهي. آف، مان مدد عليءَ جي وجود کان ڪيتري نه نفرت ڪريان ٿي. وس پڄيم

تہ جيڪر ڪراچي اچڻ تي بندش وجهائي ڇڏيانس. پنهنجون زمينون نتو سنڀالي! بس، فصل لٿو، مڙس موڙي ڪٽي پڳو. ڪراچيءَ ۾ پاڻ بازاري عورتن جي ڪيڏ ۾ سندس عورتون هارين نارين جي حوالي. اسان کي ڇڻ خبر ٿي ناهي تہ عياش زميندارن جي غيرموجودگيءَ ۾ سندن ڪوتن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪلور ٿيندا آهن. مٺو مڇو، بيشرم.

هن ڊرائيورکي موٽر پاسي واري بنگلي وٽ بيهارڻ لاءِ چيو. ڊرائيور ڊاڪٽر شيخ جي بنگلي وٽ موٽر بيهاري ڇڏي. هوءَ موٽر مان لهي آئي. ڊرائيورکي پنهنجي پوٺتان اچڻ لاءِ اشارو ڪيائين. ڊرائيور سندس ڪيڏ هلڻ لڳو.

پنهنجي بنگلي جو لوهي در لنگهي هوءَ گلن جي پارن وٽان ٿيندي ڇپر تي پهتي. مالهيءَ ڦوهارو رکي کيس سلام ڪيو. هن جواب نہ ڏنس. ڇپر اڪري ٽيريس تي پهتي. ٽيرس وٽان کيس اوطاق جو در ۽ ٻہ دريون بند نظر آيون. هن جو رت ٽهڪڻ لڳو. مغز جون رڳون ڏنوڻ لڳس. پانيائين تہ پاڻ روڪي نہ سگهندي.

اڄ هن پڪ ڪا رن روڳـڙي آندي آهي. اڄ مان سندن شرافت جو راز کولينديس. کين ٻچڙو ڪنديس. اهڙي تعدي ڪندي مانڊ جو ٻـڙهيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو سڄو مزو ملي ويندون.

وراندي ۾ سندن پراڻو نوڪر گلو بيٺو هو جيڪو سندس مڙس جو سڀ کان وفادار نـوڪر سمجهيو ويندو هو. گلوءَ کيس ٽيريس تان وراندي ڏانهن ايندي ڏٺو. هو ٽتان پٺان ٽيڻ لڳو. اوطاق ڏانهن پيچڻ تي هو جو هن ڊپيل ڊپيل رڙ ڪري کيس بيهاريو.

”بيبي تـوهين ايترو جلد موٽي آيـون آهيو؟“ هن ششدر ٿيندي ڳالهايو.

”پنهنجي گهر ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ بہ وقت مقرر ڪرڻو پوندو ڇا؟“ هن رڪائيءَ سان جواب ڏنو. ”صاحب ڪٿي آهي؟“

”اوطاق ۾ ڪجهہ ضروري نقشا تيار ڪري رهيا آهن.“ هن جواب ڏنو. ”مانِ کين ٻڌايان ٿو تہ توهين موٽي آيون آهيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڀڄائڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.“
”پر ٻيبي.“
”خاموش.“
”منهنجو عرض تہ ٻڌو.“ هن وڏي واڪ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.
”وات بند ڪر گلو.“ هن ڪيس ڇڙٻ ڏني، ”مان ايس. پي دلاور حسين جي ڌيءَ آهيان. ڪلهہ لاهرائي ڇڏيندي ماڻءَ.“
هن ڊرائيور کي چيو، ”تون هن ڏوتي کي ڪنڌ کان جهلي ٻاهر وٺي وڃ.“
ڊرائيور حيرت مان حڪم جي پيروي ڪئي. گلوءَ ٻاهرين در وٽان بہ منهن ورائي ڪيس هٿ ٻڌا. هن ڪيس ڏنو، اڻ ڏٺو ڪري ڇڏيو.
هوءَ وراندي جي پرسان سمهڻ وارن ٻن ڪمرن مان ٿيندي، ڊرائينگ روم ۾ پهتي. ڊرائينگ روم جو هڪ در اوطاق سان لاڳو هو. در اوطاق طرفان بند هو.
هوءَ پڇن تي هلندي در وٽ آئي. هڪ اک بند ڪري هڪ اک سان دز جي طاق ۾ ڪا چِير، ڪا سير، ڪا وٿ تلاش ڪرڻ لڳي. پنهي طاقن جي پيڪڙ وٽ سندس نگاهہ هڪ وار جيتري وٿ تي ڄمي ويٺي.
وٿ مان اوطاق جو جيترو حصو نظر آيس، تنهن ۾ ڪيس ڪوبہ شخص ڏسڻ ۾ نہ آيو. هن چڱي طرح چتائي ڏٺو. ناڪام رهي. سامهون ڀت وٽ نقشن نتاهڻ ۽ لکپڙهہ ڪرڻ لاءِ وڏي ميز رکي هئي.
ميز تي نقشو وڇايل نہ هو. ميز وٽ ڪوبہ نہ هو.
ميز تي پاڻيءَ جي اڌ ڀريل جڳ، ٻہ گلاس، ڪجهہ چينيءَ جون پليٽون ۽ مروڙيل سروڙيل سٽيون اخبارون ڦاڙيون پکڙيون پيون هيون. خالي پليٽن ۾ چوسيل ۽ چباڙيل هڏا پيا هئا.
ميز هيٺان هن پنهنجي مڙس جو بوٽ ڏٺو. بوٽ جي پرسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليپر جو هڪ پادر اونڌو پيو هو. ميز جي ڀرسان ڪرسيءَ تي
بلو ٽيٽران جي پتلون پيئي هئي.

منهنجو مغز پنواتيون کائي رهيو آهي. ڊرائينگ روم جي
هر ڪا شيءِ ڦيريون پائي رهي آهي. دل ڦڙڪندڙ ٻاهه جو ڪوزو ۽
روح ريگستان جي رڃ ۾ آهي. ڪرنگهي مان سور جون سٽون
اُڀري رهيون آهن. اندر اوطاق ۾ ضرور ڪا عورت آهي! پر ڪٿي
آهي؟ هتان ته نظر نٿي اچي. هتان ڪيئن نظر ايندي. پلنگ اوطاق
جي پرئين ڪنڊ ۾ پيو آهي. هِن ورتِ مان نظر نه ايندو. ڏنئه
نه چري، ڀڳو نه تنهنجو ڀرم. ڪتو نه سچو تنهنجو وهم. مرد حيوان سي
جانور آهي. ڪتو آهي. ڪميڻو آهي. مرد هڪ عورت سان ڪيئن
نباهه ڪندو! مرد فريبي آهي، دوکيباز ۽ مڪار آهي. مون کي مردن
لاءِ نفرت آهي، بيپناهه ڌڪار آهي. عابد چوندو هو: نياز خدا ٿو
ڄاڻي ته اُن منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيل پهرين ۽ آخري عورت
آهين. نياز، تو منهنجي ڇڙوڇڙ حياتيءَ کي جائيتو ڪيو آهي، ڀيا
مرد شاديءَ کان پوءِ پنهنجين زالن سان پيار نه ڪندا آهن، فقط
نڪاح جي ظاهري لڄ رکندا آهن- مان نياز، توسان محبت ڪندو
آهيان، تو کي چاهيندو آهيان، تو کي پيار ڪندو آهيان- بس، خاموش،
ماضيءَ جا پڙاڏا کوڙ جي ڏوڙ نه اُڏائين. منهنجن ڪنن تي ٺاڪيون
چڙهنديون ٿيون وڃن. من ۾ مونجهه ۽ اندر ۾ آنڌ مانڌ محسوس
ڪري رهي آهيان. هر طرف ٻوسٽ آهي. اوطاق ۾ ضرور ڪا رَن
آهي، بازاري عورت آهي، ڪال گرل آهي. اڄ مان عابد کي سڀ
سوڌو جهليندس—– رن جي پاسي مان آثاري ڪڙو ڪنديس. ڇا ٿو
سمجهي مون کي! مان پڙهيل ڳڙهيل ۽ حساس آهيان. هن عذاب
ته مان طلاق کي ترجيح ڏينديس. منهنجي دل ڇو دفن ٿي رهي
آهي؟ مون کي همت ڪرڻ گهرجي، اڱهاڙين حقيقتن کي منهن ڏيڻ لاءِ
تيار رهڻ گهرجي. در کڙڪايان؟ نه نه. ڪهڙو فائدو. رن کي
اوطاق جي اڱڻ در مان ڪيئي ڇڏيندو. ڇا ڪريان؟ ڇا ڪريان!
ڇا ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ڪتابن جي ڪٻٽ جو تالو لاهي آئي. اوطاق ۾ ڊرائينگ روم جي وچ واري در جو ڪڙو آهستي آهستي بند ڪري ڪنبندڙ هٿن سان تالو لڳائي ڇڏيائين. پوءِ ٽڪڙيون ٽڪڙيون ٿي پرانگهون ڪٽندي ڊرائينگ روم مان نڪري، سمهڻ وارن ڪمرن مان ٿيندي، ورانڊي ۾ اچي بيٺي.

ورانڊي جي سامهون اوطاق جو ٻاهريون در هو. در ۾ دريون بند هيون. هوءَ ورانڊي ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳي. هٿن جون ترريون مهٽڻ لڳي. چپ چٻاڙڻ لڳي. منيون پيڪوڙڻ لڳي. سندس ڳچيءَ جون رڳون اڀري آيون. اکيون ڏرن ۾ پئجي ويس.

مان ڀي ڏسنديس تہ عابد ڪيئن ٿو پنهنجي دل گهريئي دوست ۽ رن ڪي وٺي اوطاق مان ٻاهر نڪري. سمجهيو هوندائين، شاپنگ تي ويئي آهيان، دير سان موٽنديس، عيش ڪري وٺون. هونهہ! رن سوڙو جڏهن اوطاق مان نڪرندو، تڏهن مون سان اک ملائي سگهندو؟ ڏاڍي اشرافت ڏيکاريندو آهي! ڪوڙو. فريبي. مدد علي مڇوءَ جو مريد.

هوءَ ورانڊي ۾ ورڪون ڪٽندي رهي— ڪڏهن ٽڪڙيون، ڪڏهن ڍريون. ڪنڊ ڪرنگهي جي سنوت ۾ شيڪجي ويو هوس. هلندي هلندي بيهي رهي. نظرون ورانڊي ۾ رکيل ڪونڊيءَ تي ڇمائي ڇڏيائين. پوءِ هٿ وڌائي سورج مکيءَ جو گل ڇني آڱرين ۾ مهٽي ڇڏيائين.

ان وقت اوطاق جو در کليو. مدد علي مڇون وٺيندو ٻاهر آيو. هو وڃي پنهنجي جيپ ۾ ويٺو ۽ ڪيڏانهن هليو ويو. مدد عليءَ جي سليپر جو چيڪاٽ ڪجهہ دير تائين ماحول ۾ گونجندو رهيو.

وس پڄيم تہ جيڪر هن بيحياءَ کي سنگسار ڪرائي ڇڏيان.

ڇا ٿو سمجهي مون کي؟ سمجهي ٿو تہ منهنجي مڙس کي بدراهہ ڪندو رهندو ۽ مان خاموش رهنديس! هرگز نہ. منهنجي اندر ۾ علم آهي، علم نہ فقط روشني آهي پر بغاوت جي باهہ پڻ آهي. مان گهر جون ڪنگريون ڪيرائي ڇڏينديس، پٿيون پوري ڇڏينديس. ڇت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيندي‌س. مان هن گهر کي اٽينس جو آثار ڪري ڇڏيندي‌س.

گهڙي کن کان پوءِ هن پنهنجي مڙس کي اوطاق مان ٻاهر ايندي ڏٺو.

هو اڪيلو هو. گڏ ڪابہ عورت نہ هئس. کيس بلو ٽيٽران جي پتلون ۽ اڇي قميص پهريل هئي. قميص جا سيئي بٽڻ کليل هئا. ٽاءِ ڪلهي تي رکي هئس.

هوءَ حيرت ۽ اچرج وچان اکيون ڦاڙي ڏانهس ڏسڻ لڳي. هو کيس اجنبي ڏسڻ ۾ آيو. هميشه وانگر ڪڙو ٽڙو ۽ ڦڙت بہ نہ هو. ٽڪل ٽڪل تي نظر آيو. سندس وار جيڪي بـرل ڪريم جي اشتهار واري وانگر چمڪندا ۽ جائيتا هوندا هئا، وکريل هئا. چهرو ڪومايل گلن وانگر ڦِلڙو تي ويو هوس.

هن مڙس جي ڪومايل چهري تان نظرون هٽائي، آڳرين ۾ مهتيل سورج مکيءَ ڏانهن ڏٺو. مهتيل گل تان نگاهون ڪڍي اوطاق جي کليل در ڏانهن ڏٺائين. اوطاق جي کليل در مان کيس ڪنڊ ۾ رکيل پلنگ نظر آيو.

پلنگ خالي هو.

پلنگ تي وڇايل چادر مروڙيل سروڙيل هئي.

هوءَ پنهنجي جاءِ تي آزاديءَ جي مجسمي Statue of Liberty وانگر پنڊ پهڻ تي ويئي. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظمت جو ثبوت

هڪڙو ٽلهو شخص، هڪڙي سنهڙي شخص کي پنهنجي عظمت ۽ برتريءَ جا دليل ڏيئي رهيو هو. ٽلهي جو نالو ڏبو هو ۽ سنهڙي جو سيپڪ.

ڏبو جڏهن سنهڙي سيپڪ کي پنهنجي عظمت ۽ برتريءَ جا دليل ڏيندي ٿڪجي پيو، تڏهن رڙ ڪري کانئس پڇيائين، ”ڇا تون اڃا به منهنجي عظمت کان انڪار ٿو ڪرين؟“

”ها.“

”تون باغي آهين،“ ٽلهي ڏبوءَ سنهڙي سيپڪ کي ڪنڌ کان جهلي هوا ۾ لٽڪائي ڇڏيو. پڇيائينس، ”ڇا تون اڃا به منهنجي عظمت کان انڪار ٿو ڪرين؟“

”ها.“

”تون باغي آهين،“ ٽلهي شخص، سنهڙي شخص کي ڌرتيءَ تي دسي مٿس پنهنجو ڇيپ جهڙو پير رکي ڇڏيو. پڇيائينس، ”ڇا تون اڃا به منهنجي عظمت کان انڪار ٿو ڪرين؟“

”ها.“

”تون باغي آهين،“ ڏبوءَ پنهنجو مترڪي جهڙو گوڏو سنهڙي جي سيني تي رکي، ٻنهي هٿن سان ڪيس گهٽو ڏنو. سنهڙي جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون. ڏوڏا نڪرڻ لڳس. جيڀ وات مان ٻاهر ڇڪجي آيس.

جڏهن سنهڙو سيپڪ ڏري گهٽ مرڻ تي هو، تڏهن ٽلهي کانئس پڇيو، ”ڇا تون اڃا به منهنجي عظمت کان انڪار ٿو ڪرين؟“

سنهڙي سيپڪ مرٽينگ آواز ۾ ورائيو، ”نه.“

ڏبوءَ گهٽي جي گرفت ڍري ڪندي سيپڪ کان پڇيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان عظيم آهيان؟“

”ها، تون عظيم آهين.“

”مان برتر به آهيان؟“

”ها. تون برتر به آهين.“

”مان تنهنجو خيرخواهه به آهيان؟“ ٽلهي پنهنجا هٿ سنهڙي جي ڪنڌ مان ڪڍندي پڇيو، ”۽ تنهنجو هڏ ڏوکي به آهيان؟“

”ها، تون منهنجو خيرخواهه آهين، ۽ هڏ ڏوکي به آهين.“ سنهڙو آهستي آهستي اٿي بيٺو.

”شاباس. تون وفادار شهري آهين،“ ڊبو پنهنجي پاڻي جهڙي هٿ سان سيپڪ کي پٺيءَ تي قدر شناسيءَ وچان ٿڦڪي ڏني. ٿڦڪيءَ سبب سنهڙو سيپڪ پنهنجو پوپٽ جيترو بار سنڀالي نه سگهيو ۽ منهن ڀر وڃي ڌرتيءَ سان لڳو.

ٽلهي کيس ڪن کان وٺي اٿاريندي چيو، ”يار تون پيار جي ٿڦڪيءَ سان به وڃيو پٽ پوين. ائين نه ڪندو ڪر. اجايو دنيا سمجهندي ته مان توتي ظلم ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مان تنهنجو هڏ ڏوکي ۽ همدرد آهيان.“

سنهڙو پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي، پير پختا ڪري بيٺو، ۽ پوءِ ٻنهي هٿن جون آڱريون وات ۾ وجهي واڇون ڇڪي ڪنن جي پاپڙين تائين چيري ڇڏيائين.

ٽلهي ڪائنس پڇيو، ”اهو ڇا پيو ڪرين؟“

هن وراڻيو، ”دنيا کي ڏيکاري رهيو آهيان ته مان بيحد خوش آهيان ۽ خوشيءَ وچان منهنجون واڇون وڃي پاپڙين سان لڳيون آهن.“

”شاباس.“ ٽلهي کيس ٿڦڪي ڏني ۽ چيو، ”هميشه پنهنجون واڇون کي ڇڪي ڪنن جي پاپڙين تائين پهچائيندو ڪر. دنيا سمجهندي تون کلي رهيو آهين ۽ مون منجهان خوش آهين.“

● سنهڙي سيپڪ حڪم جي پيروي ڪئي

لهندڙ سج، وڌندڙ پاڇا

ٻه منتظر نگاهون حڪيم جي تجربيڪار نگاهن سان وچڙي پيون. حڪيم غور سان رئيس کي تپاسي ڏنو. جيڪي ڪجهه پراڻيون هٿائين تنهنکي آزمايائين. رئيس جي نبض تان آڱريون هٽائيندي حڪيم مايوسيءَ مان ڪنڌ لوڏيو. رئيس جي منهن جو پنو لهي ويو. ٻڏل آواز ۾ پڇيائين، ”حڪيم تڙ جيتري به اميد ناهي؟“

”نه.“

”ير ائين نه ڪر.“

”ٿورو گهڻو چاڙهو هجيئي ها ته وسان ڪين گهٽايان ها.“

رئيس بيچينيءَ مان هٿن جون تريون مهٽيندي وراڻيو، ”مان سڄي دولت، پنهنجو پارا لٽائڻ لاءِ تيار آهيان.“

”جوڀن ۽ جواني خزان جا سڪل پن آهن، ڏينهون ڏينهن وڃن سڪندا، پرندا، پڃندا.“

”پلا ٻاهر وڃي علاج ڪرائي ڏسان؟ پيرس، لنڊن، في الحال تون .....“

”سڀ اجايو آهي رئيس،“ حڪيم هڪدم جواب ڏنو، ”ٻاهر ۾ پسم تيل وٺ پيهر ڪڏهن به پور نه جهليو آهي.“

”مان وٺ ناهيان، ماڻهو آهيان. وڏو ماڻهو آهيان.“

”خوب مزا ماڻيا اٿئي. عيش ڪيو اٿئي. جوانيءَ کي چوڙيو اٿئي. تنهنجو ڪوهه ڪٽي ويو رئيس.“ حڪيم ڪجهه گهڙين لاءِ ويچار ۾ ٿبي هٽي خاموش ٿي ويو. پوءِ اچتو ڇرڪ ڀري چيائين، ”۽ سچ پڇين ته.....“ حڪيم جملو پورو ڪري نه سگهيو ماٺ ۾ ٻڏي ويو. حڪيم ڪجهه گهڙيون رئيس جي اکين ۾ چتائي ڏٺو. ڪجهه به نه.

”چئه حڪيم، چئه.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪيم ڪوري آواز ۾ چيو، ”تون جلد مري ويندين، رئيس.“
رئيس کي چڻ نانگ سنگهي ويو. وچونءَ جي ڏنگ جهڙيون
مچون ڦوسيءَ جي پيچ وانگر لڙڪي پيون.
”مان مري ويندس،“ رئيس چپن ۾ پڙڪيو.
”ها.“
”ايترو جلد!“
”سال ۾ ٽي سو پنجهٺ ڏينهن هوندا آهن. تون پنهنجي
زندگي جي پنجاهہ سالن جي هڪ هڪ گهڙي ماڻيندو رهيو آهين.“
حڪيم جو جواب ٻڌي رئيس اونهي ماٺ ۾ غرق ٿي ويو.
نگاهون پنهنجي ڪارڻ ٿلهن ٻيدولڻ هٿن تي کپي ويس. آڱريون ۾
ننهن سگريٽ جي دونهي ۾ دونهاتجي هيڊا ٿي ويا هئس. ڪجهہ دير
هٿن جي ترين ۾ تقدير جون ليڪون ڏسندو رهيو ۽ پوءِ آهستي
آهستي ڪنڌ مٿي ڪري نظرون حڪيم جي گنڀير چهري تي چمائي
ڇڏيائين. حڪيم اڪيون پوري ڪنهن گهري سوچ ۾ گم ٿي ويو هو.
رئيس چڻ ڪوهہ مان ڳالهايو، ”مان مرڻ نٿو چاهيان.“
حڪيم اکيون کولي رئيس ڏانهن ڏٺو.
رئيس پنهنجو جملو ورجايو، ”مان مرڻ نٿو چاهيان.“
”هرڪنهن کي مرڻو آهي.“
”پر مان اڃان پنجاهہ سالن جو مس ٿيو آهيان.“
حڪيم جي چپن تي پراسرار مرڪ تري آئي. وراڻيائين،
”تو پنجاهہ سالن ۾ سو سالن جيڏو عيش ڪيو آهي.“
”پر، پر مان تہ اڃان جوان آهيان. اخبارن وارا منهنجي
نالي سان گڏ لفظ ’نوجوان‘ لکندا آهن.“
”تون انب جو ڪاڏل ٽڙ آهين. ٻاهران پڙيل اندران خالي.“
”تون مونکي ڏڪائين ٿو،“ رئيس کي ٿوري ڪاوڙ لڳي.
”مان ڏڪايانءِ نٿو، ايمان جي ڳالهہ ٿو ٻڌايانءِ،“ حڪيم
هڪدم چيو.
”پر تو وٽ تہ شينهن جا ڪشتا، فولاد جا ڪشتا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دوائن ۽ ڪشتن جي بہ هڪ حد هوندي آهي، تنهن کان پوءِ سندن اثر بياثر ٿي پوندو آهي،“ حڪيم جواب ڏيئي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

رئيس ڪجهہ دير خاموش ويٺو رهيو. ڪجهہ سوچيندو رهيو. ڪڏهن حڪيم جي ڇهري کي ڇتائي پئي ڏٺائين تہ ڪڏهن الماڙين ۾ رکيل دوائن، معجونن ۽ ڪشتن جي برنين کي ٿي گهوريائين. اکين ۾ رکي رکي جوت پئي جاڳيس ۽ پئي لمحي اجهامي پئي ويس. اوچتو پنهنجي بدن کي ڏونڌاڙيائين. کنگهي نڙي صفا ڪيائين. کنگهڪار تي حڪيم اکيون کولي ڏانهس ڏٺو.

پئي ڇڻا ڪا گهڙي هڪ ٻئي جي اکين ۾ ڏسندا رهيا. رئيس ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهندي چيو، ”مان تنهنجو مطلب سمجهي ويو آهيان، حڪيم. موت جو پوءُ ڏيئي مونکان ڏوڪڙ ٿو ڇڏائڻ چاهين. اچي وٺ، ڪڻ. پہ هزار، ڏهہ هزار. ڏسين ڇا ٿو؟ ڪڻ.“ رئيس ميز تي نوٽن جو ڍير ڪري ڇڏيو.

حڪيم ٻئي ٻانهون ميز تي رکي نوٽن جي ڍير کي ڏسڻ لڳو. پوءِ هڪ لمحي لاءِ سندس چپن تي مرڪ ڦهلجي، ڪن ۾ پگهرجي ويئي. نوٽن جي هڪ ٿهي هٿ ۾ کڻي، اٿلائي پٿلائي ڏسڻ کان پوءِ وراڻي ميز تي رکي ڇڏيائين.

رئيس کان رهيو نہ ٿيو. حڪيم جو هٿ جهليندي چيائين، ”مونکي مايوس نہ ڪر حڪيم. منهنجي رات اجائي نہ ڪر.“

حڪيم پٿر وانگر خاموش رهيو.

حڪيم پنهنجو هٿ ڇڏائي، نوٽن جون ٿهيون رئيس ڏانهن ڌڪيندي چيو، ”مان تنهنجو دوست آهيان رئيس. مان تنهنجي ڀلائي چاهيان ٿو. منهنجي نيت تي شڪ ڪري تو منهنجي بيعزتي ڪئي آهي.“

”نہ حڪيم نہ. اٿين ناهي،“ رئيس پنهنجا ٻئي هٿ حڪيم جي ساڄي هٿ تي رکندي چيو، ”تون تہ پنهنجو يار آهين، حڪيم. دير ڪاوڙ نہ ڪر، بس مونکي گوري ڏي.“

حڪيم ڪيس جواب نه ڏنو.

”ناراض آهين ڇا، حڪيم.“

”تون سمجهين ڇو نه ٿو رئيس. مان نه فقط حڪيم آهيان، پر تنهنجو سنگتي به آهيان، گهڻگهرو آهيان.“ حڪيم وراڻيو، ”تنهنجي دل ڪمزور ٿي ويئي آهي. طاقت جي هڪ گوري، شراب جي هڪ بوتل ۽ هڪ جوان عورت، چند گهڙين ۾ تنهنجي اجل جو سبب ٿي پوڻ ۾ شڪ ناهي.“

رئيس ڪرسيءَ تان اُٿي پٺ ڏانهن منهن ڪري بيهي رهيو. حڪيم ٽيبل تان نوٽن جون ٿهيون کڻي رئيس جي کيسن ۾ اڇلائي وڌيون. رئيس مايوس نگاهن سان حڪيم ڏانهن ڏٺو. خشڪ چپن تي زبان ڦيريندي چيائين، ”ته مان جلد مري ويندس.“

”ها رئيس، تون جلد مري ويندين.“

رئيس جي دل ٻڏي ويئي. روح ڄڻ پاتار ۾ لهي ويس. جسم ڳورو ۽ نستو محسوس ڪيائين. حڪيم جي دواخاني مان نڪري ٻاهر اچي بيٺو. سامهون سنڌس چلڪندڙ موٽر بيٺي هئي. هن پاڻ ۾ وک وڌائڻ جي سگهه نه ساري. چڱي ته تڪڙ مان سٽ نڪري ويو هوس. اندر ۾ ٻوسٽ محسوس ڪيائين. ساهه منجهندو محسوس ٿيس. هن قميص جا ٻه بٽڻ کولي ڇڏيا. پر اڏين ڪرڻ سان به ڪيس آرام نه آيو. مرڻ جي ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ جو پاڻ کي چست ۽ چالاڪ پيو محسوس ڪيائين، سا گهڙي خواب لڳس. پرڀل منهن جا مٺا پڪل ڪارڪ وانگر گهنججي ويس. اڳ جو ايندڙ ويندڙ عورت کي چوٽيءَ کان پيرن تائين جاچي ڏسندو هو، سا نظر بدلجي ويس. آداسي سنڌس اکين مان ليئا پائڻ لڳي.

دواخاني جي ٻاهران رئيس کي بيٺل ڏسي ڊرائيور موٽر ڦيرائي سنڌس اڏو آڻي بيهاري ۽ ادب سان ٻوڙيون در کولي بيٺو. رئيس پنهنجو نستو جسم موٽر جي ٻوڻين سيٽ تي ڇڏي ڏنو. ڊرائيور اچرج مان پنهنجي مالڪ جو ڪرڙيءَ جي پيٽ جهڙو زرد منهن، لٽيل ڪلها ۽ اُيا ساهه ڏسي پاسي ۾ بيٺل راڪاس جهڙي

شخص ڏانهن نهاريو. هو اڳتي وڌي آيو ۽ موٽر جي دريءَ تي پانهون رکندي پڇيائين، ”رئيس خير تہ آهي.“

”ها، مڙيئي خير آهي.“ رئيس جواب ڏيئي ڊرائيور سان مخاطب ٿيو، ”هل شيدي، اوطاق تي هل.“

راڪاس جيڏو شخص، جنهن کي پٺاپٺي گوڏ ۽ بوسڪيءَ جو پهراڻ پاتل هو، تنهن پنهنجو منهن موٽر جي دريءَ مان اندر ڪندي چيو، ”سائين بلڪل ٺئين آهي.“

”مان گهر ويندس، پهلوان.“

”کهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين سائين!“ پهلوان چڙ پريندي چيو، ”رب جو قسم آ، اسان توهان وڏيرن لاءِ داڻا ڳولي کڻي ايندا آهيون. ڇا ياد ڪندين پهلوان کي وڏيرا سائين.“

”منهنجو وقت نہ وڃائي.“

رئيس ڊرائيور کي موٽر هلائڻ لاءِ چيو. پهلوان جون وايون بتال ٿي ويون. موٽر جي دريءَ مان ڪنڌ ڪڍندي چيائين، ”پرواه ناهي وڏيرا سائين. اڄ پهلوان کي نقصان سهڻو، پر ٻي دفعي حساب چڪتو ڪري وٺبو.“

”ترس شيدي“، رئيس ڊرائيور کي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو. موٽر هڪ سٽ سان بيهي رهي. رئيس ڪوٽ جي کيسي مان نوٽن جي ٿهي ڪڍي، موٽر جي دريءَ مان پهلوان ڏانهن وڌائيندي چيو، ”اچي وٺ، پهلوان.“

پهلوان ڊوڙي آيو ۽ پنهي هٿن ۾ نوٽن جي ٿهي وٺندي چيائين، ”رب جو قسم آ، اڄ حاتم هجي ها تہ جيڪر روئي پوي ها، وڏيرا سائين.“

رئيس چيو، ”هل شيدي، هل.“

شيدي موٽر اڳتي ڪاهي ويو. اسٽيشن روڊ پورو ڪري، گهنٽا گهر وٽان براج روڊ ڏانهن ڦرندي رئيس جي نگاهه معصوم شاهه جي مناري تي پيئي. وراڪي وٽ منارو سندس نگاهن کان اوجهل ٿي ويو. براج روڊ تي ماڻهن، ٽانگن ۽ سائيڪلن جي پيهہ هئي.

شيديءَ موٽر جي رفتار ڍري ڪري ڇڏي. ٽاٽي وٽ جمعدار رئيس کي ڪڙڪيدار سلام ڪيو. جواب ۾ رئيس فقط پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. اڳيان وانگر موٽر بيهاري ڪانئس حال احوال نہ ورتائين. جمعدار حيرت مان موٽر کي ڏسندو رهيو. ڪجهہ اڳتي هلي موٽرشڪارپور روڊ ڏانهن ڦري ويئي. جڏهن متي مهر جي واڙي واري گهٽي آئي تہ رئيس ڳاٽ ڪيرائي اوڏانهن ڏٺو. (عام رواجي ماڻهو ۽ لوفر لفنگا بيراج روڊ کان چڪلي ۾ ويندا آهن. وڏا ماڻهو، ڪامورا ۽ پڙهيل ڳڙهيل متي مهر جي واڙي واري گهٽيءَ مان لڪي لڪي، پاڇن ۾ وڙندا، چڪلي ۾ داخل ٿيندا آهن). رئيس وڏن ماڻهن سان گڏ چڪلي ۾ ويندو هو، پر جڏهن کان چوندن ۾ بيهڻ جو ارادو ڪيو هئائين، تڏهن کان چڪلي ۾ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو هئائين. چڪلي ۾ کيس بشيران پسند هئي. بشيران جڏهن بہ رئيس کي راضي ڪندي هئي، تڏهن رئيس نوٽن جو ڍير سندس قدمن ۾ اڇلائي، کيسا ڇنڊي، ويندي ويندي، در وٽان منهن ورائي چوندو هو، "اسان سان ڪير ڪلهو هڻي سگهندو بشيران. حڪم ڪر تہ سڄي سنڌ تنهنجن قدمن تان قربان ڪري ڇڏيان."

بشيران فقط هڪ دلفريب مرڪ آڻي اٿي ڪڙي ٿيندي هئي.

موٽر جڏهن متي مهر جي واڙي واري گهٽيءَ وٽان لنگهي، تڏهن رئيس کي بشيران ياد آئي. بي اختيار هڪ سرد آهہ سندس ڇپن کي ڦڙڪائيندي هلي ويئي. سنڌن ۾ ٽڙڪاٽ محسوس ٿيس. ڏک، ارمان، بيڪسي ۽ مجبوري سندس سموري وجود مان ليٽا پائڻ لڳي. تصور ۾ قبر جي اونده ڏسي ورتائين. سڄي وات حڪيم جو جملو سندس ڪنن ۾ ڇيندو رهيو. سڪرات جو خوف ۽ قبر جي عذاب جون پڌل ڏند ڪٽائون کيس نيپوڙيندديون رهيون.

رئيس جي خيالن جو سلسلو اوطاق وٽ ٽٽي پيو. موٽر بيهاري شيدي ادب سان در کوليو. رئيس آهستي آهستي وک کڻندو اوطاق ۾ داخل ٿيو. نوڪر چاڪر ادب سان اٿي بيٺا. رئيس سڌو وڃي کٽ تي ويٺو. ڪنهن ڏانهن اک کڻي نہ ڏٺائين. سيني

اچرج مان هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. سيني جي اکين ۾ ساڳيو سوال هو. سڀ کان وڌيڪ حيرت آبپاشيءَ جي اوورسيئر حاڪم کي ٿي. هونءَ رئيس کيس ڏسندي ئي پانهون کولي ڀاڪر پائيندو هو. حاڪم پنهنجي جاءِ تان اٿي رئيس جي پير ۾ کٽ تي اچي ويٺو. رئيس جو لٿل منهن ۽ پريشان نگاهون ڏسندي پڇيائين، ”ڇو رئيس، خير ته آهي؟“

”ها، مڙيئي خير آهي.“

”وساميل ٿو ڏسجين.“

”ائين ئي.“

”چپ ڇو آهين.“

ڳالهه ٽارڻ لاءِ رئيس وراڻيو. ”مٽي ۾ سور آهي.“

”واه سائين واه. ايتري تي ڪٿي دل لاٿي اٿئي.“

”مان پريشان آهيان، حاڪم.“

”اهڙي خوشخبري تو ٻڌايانءِ رئيس جو منهن ۾ سموري پريشاني ختم ٿي ويندءِ.“

”منهنجي پريشاني لهڻ جي ناهي.“

”خوشخبري ٻـڌ ڪا معمولي ڪونهي“، حاڪم چيو، ”ٻڌنديئي جهمر هڻندين.“

رئيس هڪ ٽڪ ـي نظر حاڪم تـي وڌي. حاڪم هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رئيس طرف جهڪي آيو. پوءِ رازداريءَ ۾ چيائين، ”اڄ بند کي ڏکو ڏياري آيو آهيان. صبح تائين سڄو ڳوٺ ٻڏي ويندو. بند ٽٽڻ ۾ لک کن ته ڪمائي وٺنداسين. ڪيئن!“

اوورسيئر ٽهڪ ڏيڻ لڳو. رئيس گهور ڪري ڏانهس نهاريو. نفرت وچان ذري گهٽ رڙ ڪنـدي چيائين، ”سنگدل، ڪمينا. دولت جي حوس ۾ غريبن کي بي گهر ڪري ڇڏيئه.“

”ڪا نئين ڳالهه تـي ڪونهي.“ حاڪم آرام سان وراڻيو، ”پاڻ ته هميشه کان ائين ڪندا آهيون.“

”بيرحم. نڪري وڃ منهنجي اوطاق مـان. مـان تنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪل ڏسڻ نٿو چاهيان.“

حاڪم رئيس کي چتائي ڏنو. سمجهيائين رئيس ضرورت کان وڌيڪ پيتل هو تنهن ڪري اهڙيون واهيات ڳالهيون پئي ڪيائين. هن وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ دل ۾ دولت لاءِ گدگد ٿيندو اوطاق مان نڪري ويو.

حاڪم جي وڃڻ کان پوءِ رئيس ڪٽ تان اٿيو ۽ پٺي هٿ ڪوٽ جي کيسن ۾ وجهي آهستي آهستي قدم کڻڻ لڳو. اونهي ويچار ۾ ڪنڌ جهڪي ويو هوس. پيشانيءَ تي فڪر جون ليڪون ابري آيون هئس. قدم کڻندو اوطاق جي پرئين ڪنڊ ۾ ڪاٺ جي ڪٻٽ وٽ وڃي بيٺو. ڪا گهڙي ڪٻٽ کي تڪ ٻڌي ڏسندو رهيو. ڏسنديئي ڏسندي، هڪ سٽ سان ڪٻٽ جو طاق کولي ڇڏيائين. ڪٻٽ ۾ ولائتي شراب جون ٻوتلون ۽ سگريٽن جا پاڪيٽ پيا هئا. رئيس جو بدن ڪنبڻ لڳو. اوچتو جذبن جي جنون ۾ ٻوتلون کڻندو دريءَ کان ٻاهر اڇلائيندو ويو. نوڪر چاڪر، راهڪ ڪڙمي اچرج مان ڏانهس نهارڻ لڳا. رئيس بنا ترسڻ جي ٻوتلون اڇلائيندو ويو. ڪجهه دير ۾ ساهہ چڙهي آيس. سهڪڻ لڳو.

”منهنجي اوطاق ۾ حرام شي!“ سهڪندي چوڻ لڳو، ”اڙي تماشو تہ ڏسو! بيوقوف، گڏهہ، جاهل. ڪيو حرام شي منهنجي گهر مان. منهنجي قيامت ڪاري ٿا ڪريو.“

نوڪر ڊپ ۽ حيرت ۾ ڪٻٽ وٽ وڃي بيٺا. رئيس جو ساهہ پرجي آيو هو. چيائين، ”سوئر جا ڦرؤ! اڙي اڇلايو هي ٻوتلون ٻاهر.... گهٽيءَ ۾.“

نوڪرن منٽن ۾ شراب جون ٻوتلون ۽ سگريٽن جا پاڪيٽ ٻاهر اڇلائي ڪٻٽ خالي ڪري ڇڏيو.

رئيس جو بدن پگهر جي پٽ ٿي ويو. پاڻ سنڀالي نہ سگهيو ۽ ٿڪو ڪري، موڙهي تي ويهي رهيو.

هڪ ڪارو قدآور جوان، جنهن کي مٿي تي ڪاري ململ جي پڳ ۽ ڪلهي تي اجرڪ هو، رئيس جي سامهون اچي بيٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چوءِ، ڪير نه آهي ريس؟"
رئيس ڏانهس ڌيان نه ڏنو.
هن پيهر ڳالهايو، "آب حيات تي ڪاوڙ آهي ڇا، ريس."
رئيس منهن مٿي ڪري مٿس هڪ ڪرڙي نگاهه وڌي.
نفرت وچان سندس ڀرُوُن پاڻ ۾ ڳتجي ويون.
"ٽري وڃ منهنجين نظرن کان."
"تنهنجا ڳلام آهيون سائين." ڪاري جوان ادب سان چيو،
"ڳلام جي ڪتا هجي، ته ماڪ ڪر پوتار."
"دفعي ٿي. رهزن، خوني."
"تنهنجي اجهي ۾ آهيون سائين."
"قاتل، خوني". رئيس حقارت سان اکر اڪليندو رهيو،
"ڏاڙيل، بيدرد، توهان انسانن جو آرام لٽيندا رهيا آهيو."
"تڏهن به تنهنجا آهيون سائين. تنهنجي ٿڏي تي پيا آهيون.
ڪڏا ٿو ڄاڻي جي تون اجهو نه ڏئين ته جيڪر پوليس اسان جو
جيئڻ حرام ڪري ڇڏي."
"نه، نه. مان توهان کي سڃاڻڻ به نٿو چاهيان."
"تنهنجي هڪ اشاري تي سکر شڪارپور جون سهڻيون
ڇوڪريون کڻي آيا آهيون. تنهنجي چوڻ تي بيٺل فصل ساڙيندا
آهيون. تنهنجي حڪم تي الائي ڪيترن جا سر لاهيندا رهيا آهيون."
ڪارو جوان چوندو رهيو، "اسان تنهنجا آهيون، پوتار، تنهنجا
آهيون."
"خاموش." رئيس ٻئي هٿ ڪنن تي رکي ڇڏيا، "خاموش.
هڪدم هتان هليا وڃو."
ڪارو جوان رئيس کان ٻه چار قدم پري ٿي بيٺو. حيرت ۽
اچرج مان اکر نه ٿي اڪليس. هونءَ رئيس ايندي ويندي سندس
پٺي ٺپيندو رهندو هو. پوءِ تڏهن به همت ڪندي چيائين، "ايندڙ
چونڊن ۾ تنهنجو ڪم به ڪنداسين سائين."
"باهه ڏيو چونڊن کي." رئيس رڙ ڪندي چيو، "مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جهنجهٽن ۾ نه پوندس. دفعي ٿيو، تري وڃو. وڃي ڪڏ ۾ پئو. هتان هليا وڃو. رهزن. خوني. ڌاڙيل."

ڪاري قداور پنهنجن ساٿين ڏانهن ڏٺو. هو اٿي ڪڙا ٿيا. ڪاري جوان جون اکيون ٽانڊا ٿي ويون. رئيس جي منهن ۾ منهن وجهندي چيائين، "تو ۾ پاٽاريدارن جي ڪوٽ ڪونهي ميان. اسان کي ڪٿي نه ڪٿي اجهو ملي ويندو، پر تنهنجو خير ڪونهي."

رئيس ٽپ ڏيئي موڙي تان اٿيو.

ڪارو جوان ڪلهي تي اجرڪ وجهي ساٿين سميت اوطاق مان هليو ويو.

رئيس موٽي اچي موڙي تي ويٺو. منهن مان پگهر ٽمي رهيو هوس. اندر ۾ آنڌ مانڌ هئس. ڪڏهن ڪاڪ ڏهيس، ته ڪڏهن ڊهيس پئي. ڪجهه دير رکي منشيءَ کي وڏي واڪ سڏ ڪيائين. منشي سٽ جا ور ڪنجندو رئيس جي اڳيان اچي بيٺو.

"ويهه رهه ۽ لک،" رئيس چيو.

"پر شائين."

"چاهي؟"

"شائين ڪاڳر قلم نه ڪرين اچان."

"جلد کڻي اچ. دير نه ڪر،" رئيس ٿڌو ساهه کڻندي چيو، "مون وٽ وقت ڪونهي."

"بس، اجهو ٿو اچان."

منشي ڪاغذ قلم کڻي آيو ۽ عينڪ جا شيشا اگهي لکڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو.

"شائين، شا لکان؟"

"وصيعت!"

"وشيت!"

"ها." رئيس ورائيو، "۽ خيال سان لکندو وڃ."

"هاجر شائين."

"مان پنهنجي آمدنيءَ ۽ دولت چگسن ڪمن ۾ لڳائڻ

چاهيان ٿو.“
”شائين لکان؟“
”ها منشي.“ رئيس خشڪ نڙيءَ سان چيو، ”هيئين مسجد جي مرمت لاءِ ڏهہ هزار رپيا.“
منشيءَ جي پيرون کي ڇڪ آئي. عينڪ نڪ تان گهرڪي. ناسن وٽ اچي ڦهڪيس.
”پنجويهہ هزار رپيا شڪارپور روڊ تي مسافرخانو ٺهرائڻ لاءِ.“
منشيءَ گيت ڏيئي رئيس ڏانهن ڏٺو.
”پنجويهہ هزار رپيا يتيمن جي تعليم ۽ اسڪالرن لاءِ.“
”شائين......“ منشي ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪئي.
”تون مات ڪري لک، منشي.“ رئيس سندس ڳالهہ ڪپيندي چيو، ”ويهہ هزار رپيا بيواهہ عورتن جي اجهي لاءِ.“
”شائين بشيران بيگم کي بہ تہ جيورن جو انزام ڪيو اٿو.“
”مـون وٽ حـرام ڪاريءَ لاءِ دولت ڪونهي.“ رئيس ڪاوڙ ڪندي چيو، ”ڪڏ ۾ وڃي پوي بشيران بيگم.“
”ها شائين، پيو.“
رئيس سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجهہ دير اکيون پوري ڪنهن مسئلي تي ويچار ڪندو رهيو. اکيون بند ڪيئي هئس جو چيائين ”مان پڪو مسلمان آهيان.“
”شائين لکان؟“
”ها.“ رئيس اکيون کوليندي چيو، ”۽ منهنجين اکين اڏو وائين جي نشاني هرگز رهي نہ سگهندي.“
”شائين ڪهڙي نشاني؟“
”بندر سان جيڪي چار بنگلا پيون آهن، سنگمرمر جون، سي لالا ڏرمداس جسنگهاڻيءَ جون ٺهرايل آهن. انهن کي پٽي درياهہ ۾ اڇلايو ۽ انهن جاءِ تي هڪ سهڻو ڦوهارو تيار ڪرايو. رقم ليک ڏهہ هزار.“
”۽ شائين اڄ رات جـو اوطاق ۾ رقص سرود جي محفل

ٽيٽي آهي، تنهنجو شا ٿيندو؟“

”رقص سرود بند. اوطاق ۾ واعظ ٿيندو.“

منشيءَ حيرت مان رئيس ڏانهن ڏٺو ۽ قلم هلائيندو رهيو.

رئيس ڪـي ويتي ويتي نئون خيال آيو. موڙي تـان آئندي چيائين، ”وچ، منهنجي لاءِ هوائي جهاز ۾ سيٽ بڪ ڪرائي اچ.“

”شائين پيرش لاءِ.“

”جده لاءِ. مان حج تي ويندس.“

منشيءَ ڪان چرڪ نڪري ويو. چپن ۾ ئي دفعا سبحان الله چئي ويو.

”اڙي پڻ پڻ چاچي لڳائي اٿئي، ٻاتا. وڃ وڃـي ٽڪيٽ بڪ ڪراءِ.“

منشيءَ هٻڪندي هٻڪندي چيو، ”پـر شائين، ٻيلنٽ تـہ نڪري ويا آهن. لشٽن تي نالا بہ لڳي ويا آهن.“

رئيس ڪٿ تـي ويهـي رهيو، چيائين، ”هاڻـي ڪو طريقو ڪونهي؟“

”هڪرو آهي.“

”ڪهڙو؟“

”جيڪڏهن ڪو سخش حج تي نہ وڃي تہ شندش ٽڪيٽ توهان کي ملي شگهندي. شا بہ ڪوهس شان.“

”اٿئي ڪو اهڙو شخص نظر ۾.“

”ها شائين.“ منشيءَ رازداريءَ واري لهجي ۾ چيو، ”پنهنجو ڏنو ڪرمي.“

”ڏنو! اڙي واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي! سڏ ڪر ڏني کي.“

منشيءَ ڏني کي سڏ ڪيو. ڏنو هٿ ٻڌي ادب سان رئيس جي سامهون اچي بيٺو.

رئيس چيو، ”ڏنا، هن دفعي ڏون حج تي نہ ويندين. تنهنجي بدران مان ويندس.“

ڏني کي چڻ مغز ۾ ٻڙڇي لڳي. پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويس. آڙي ڪندي چيائين، ”سائين، پائي پائي ميڙي هن ڏينهن جي

سڌ ڪئي هئم."

"ايندڙ سال ڪٺي وڃجانءِ."

"ايندڙ سال حياتي رهي نہ رهي، ۽ پوءِ بيلٽ ۾ ڪٺي نالو نہ بہ نڪري."

"خير، هن سال حج تي تون نہ ويندين، تنهنجي بدران مان ويندس."

"اهڙو ڦهڙ ته نہ ڪر سائين."

"بڪ بڪ نہ ڪر."

"سائين مان ويندس." ڏنو روڏي پيو، "مان مسڪين آهيان، منهنجي هڪ تمنا تہ پوري ٿيڻ ڏيو."

ڏنو رئيس جي قدمن ۾ ڪري پيو. رئيس پنهنجو پير پري ڪندي چيو، "پري ٿيءُ، نہ تہ لاهيان نہ ڪپاڙيءَ واري لپاٽ."

"لپاٽ هڻ، پر حج تي وڃڻ ڏي."

"اڙي تون هٿ تان نہ لهندين." رئيس ڪاوڙ ۾ باهہ ٿي ويو، "هڻ هن ڪاغذ تي آڱوٺو."

"سائين مان نہ هڻندس."

"نہ هڻندين؟"

"نہ سائين."

"نہ هڻندين؟" رئيس رڙ ڪندي چيو، "اڙي وٺي اچو ڏني جي جوءِ کي تہ سٿڻ ۾ ٻلي وجهانس."

ڏني ڪان دانهن نڪري ويئي. زندگيءَ جي وسارڻيل سچي نفرت اکين ۾ تري آيس. جڏهن جو شهر سندس سيني ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو. آڱوٺي کي مس لڳائي ڪاغذ تي هڻيائين ۽ ڪنڌ جهڪائي اوطاق مان نڪري ويو. ان وقت ڏني جي اکين ۾ لڙڪ نہ هئا.

رئيس جي سيني ۾ ڪاوڙ جا شعلا ڀڙڪڻ لڳا. ڏني سندس حڪم نہ ٽاريو هو، پر تڏهن بہ ڏني جي رويي تي رئيس جي رڳ رڳ ۾ رت ٽهڪڻ لڳو. ڪيئن! ڪيئن هڪ معمولي، ڏکي جي ڪڙميءَ مون سان ڏر ڏر پئي ڪئي؟ رئيس کٽ تان اٿيو ۽ اوطاق جو غاليچو لتاڙيندو رهيو. اوچتو سندس نگاهہ ڀت تي

ٽنگيل ڪيلينڊر تي وڃي پيئي. هلندو اچي پٽ وٽ ڪيلينڊر جي سامهون بيٺو. ڪيلينڊر تي تاج محل جي تصوير هئي.

سندس نگاهون ڪيلينڊر تي کپي ويون. ڪا گهڙي اک ڇنڀ بنا تاج محل جي تصوير ڏسندو رهيو. آهستي آهستي سندس چپ ڦڙڪيا، چيائين، ”منشي.“

”جي شائين.“

”مسجد جي مرمت نہ ٿيندي.“

”هائو!“

”مسافرخانو نہ ٺهندو.“

”هائو!“ منشيءَ کان ذري گهٽ قلم ڇڏائجي ويو.

”يتيم ۽ بيواه وچي کوه ۾ پون.“

منشيءَ پنهنجي عينڪ نڪ تي کپائيندي رئيس ڏانهن ڏٺو. رئيس چوندو رهيو، ”لالا ڏرمداس جون بئنڪون پئل بندر وٽ پيل هجن.“

”ها شائين.“

پوءِ ڪجهہ دير اوطاق ۾ خاموشي طاري رهي. رئيس تاج محل جي تصوير کي جاچيندي چيو، ”حج ڪري مان ڪربلا مولا جي زيارت تي ويندس.“

”انشاء الله.“

”تيستائين تون ڪنهن سٺي ڪاريگر کان هڪ زبردست مقبري جو نقشو تيار ڪرائي ونجاءِ.“

”مقبرو!“

”ها.“ رئيس وراڻيو، ”مان چاهيان ٿو تہ مرڻ کان پوءِ مونکي ياد ڪيو وڃي. منهنجون ورسيون ملهايون وڃن. مان ڪو معمولي ماڻهو تہ نہ آهيان، جو مرڻ کان پوءِ گمنام رهان.“

رئيس هٿ وڌائي پٽ تان ڪيلينڊر لاهي ورتو ۽ آڻي منشيءَ جي گوڏن تي رکيو. ڪيلينڊر جو تاج محل وارو ورق اٿلي ويو ۽ منشيءَ جي نگاهن آڏو سانجهيءَ جو منظر هو — لهندڙ سج ۽ ڪجين جا وڌندڙ پاڇا. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چريٽ ۽ قلفي

سچي گهر ۾ مان سڀني کان ننڍو آهيان. هرڪو سڏيندو چريٽ. ائين به ڪونهي ته مان صفا ڪو ٻوڙ بصر يا چيڙ چريو آهيان. مان پنهنجي ساءِ ته سڀ ڪم نهايت خبرداريءَ سان ڪندو آهيان، پر منهنجي بدقسمتي، چئبي جو ڪٿي نه ڪٿي، ڪا نه ڪا غلطي ڪري ويهندو آهيان ۽ ان جو نتيجو ٻوڪُٽو پوندو اٿم. هڪڙي ڏينهن ائين ٿي ٿيو هو. اسڪول ۾ ماستر صاحب پڙهايو ته ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت هوندو آهي. منهنجي سنگتي قندڻ پنهنجي بينچ تان اٿندي چيو، "پر، سائين مونکي ته ماءُ ئي ڪونهي. مان ننڍڙو هوس جو هوءَ مري ويئي هئي. منهنجو بهشت ڪٿي هوندو؟"

"پڇهين جي پيرن ۾،" سائينءَ کيس ڏاڍا خار لڳا. "چورو ڪمبخت! ماڻس مري ويئي اٿس ته ان ۾ به چڙ منهنجو ڏوهه آهي."

قلندر پنهنجو سنهڙو هڏائون هٿ مٿي ڪيو، "شائين."

"چئه، سائينءَ جا ٻچا."

"شائين، توهان چيو نه، ته بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان هوندو آهي."

"اڙي، هائو، چيم، هڪ لک دفعا چيم ته ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت هوندو آهي."

"پر شائين، منهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان ته ٻاٽا جو چمپل هوندو آهي."

ان ڏينهن اسانجي ماستر منهنجي دوست قلندر کي دل تي مار ڏني. ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيائينس. جڏهن خوب مار ڏيئي رهيس، تڏهن قلندر کان پڇيائين، "ڪيئن. ماڻهن جي پيرن هيٺان ٻاٽا جو چمپل آهي يا بهشت؟"

قلندر ٻانهن سان گوبو اگهندي چيو، "شائين، منهنجي ماءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيرن هيٺان....دو....دو....دوزخ آهي.“

ان جواب تي قلندر کي اهڙي مار ملي، جهڙي ڪُتو ڪُتيءَ پنهنجي ڳڻهہ کي ڏني هئي، جنهن سنڌس ڳوڏ جو اڌ حصو ڇپاڙي ڇپاڙي اڳري ڇڏيو هو. ماستر صاحب قلندر کي ڪُٽي ڪُٽي ٿڪجي پيو. شاهي پٽي وري اڇـي ورايائينس. هڏ گُڏ ڇٽي چـور ڪري ڇڏيائينس. مولا بخش جي وسڪارن سان اسان جـي يار کي بيحال ڪري ڇڏيائين. قلندر نيٺ ساڻو ٿـي ڪري پيو. مـاستر صاحب پنهنجي لٺ (جنهن کي ٻہ مٿا هئا) ميز تـي رکي، ٻانهون ڪنجي، قلندر کي وارن ڪان وٺـي ڏونڌاڙيندي پڇيو، ”چَمر ڙيءِ چمپل جا پٽ، ماڻهين جي پيرن هيٺان بهشت آهي يا ٻانڌا جو چمپل؟“

سڄي ڪلاس جا شاگرد پنهنجا پنهنجا ساهہ روڪي، دل ئي دل ۾ ڪنبي رهيا هئا. ماستر صاحب جو سوال ٻڌي سڀني شاگردن جون نگاهون قلندر ڏانهن اٿيون. هن وراڻيو، ”شائين، برابر، منهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت آهي.“

ماستر صاحب پنهنجي فتح تي ڏاڍو گُدگُد ٿيو. مولا بخش خاني ۾ رکي ڇڏيائين. قلندر جي پٺي ٺپيندي چيائين، ”ٻچا، استاد جي مار سنوار، ۽ ڳالهہ پٿر تي ليڪو هوندي آهي.“

”ها، شائين منهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت آهي.“

قلندر موٽي اچي منهنجي پر ۾ وينو ۽ پوءِ گهڻي دير تائين نڪ ۾ آڱريون ڦيرائي ڪينگا ڪڍي بينچ کـي ٿڦيندو رهيو. ماستر صاحب ڪان اک بچائي ڦندڻ ڪيس سٽر ۾ ڇنهنبڙي وجهندي چيو، ”سيرو تو پڇيين چا؟“

”ها.“ هـن پڳڙي جيڏو ڪينگو ڪيڏندي وراڻيو، ”منهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت آهي.“

ماءُ جو پير ٻري ڪوڙهي - بهشت ۾ منهنجي دلچسپي وڌي ويئي. رهيو نہ ٿيو. اٿي بيٺس. سائينءَ اهڙي رڙ ڪئي، جهڙي ٽارزن مارا ماريءَ سان ڀرپور انگريزي فلمن ۾ ڪندو آهي، ”تو کي وري ڇاهي، بدبخت ڇورا؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ مٿي ڪندي وراڻيم، ”سائين پهرين بهشت ۾ قلفي ملندي.“

سائينءَ جواب نه ڏنو. ميز جو خانو کولي مولا بخش ٻاهر ڪڍيائين. مون به الله جو نالو ورتو ۽ ٻئي هٿ سائينءَ جي سامهون جهلي بيٺس. سائين وڏي آيو ۽ اچي ڏنڊي سان ورايائين. ماستر صاحب جي مار کائيندي فيصلو ڪيم ته ڪجهه به ٿي پوي، پر مان بهشت ۾ نه ويندس. سائين جڏهن ٿڪجي پيو ۽ سهڪڻ لڳو، تڏهن چيائين، ”صوبيدار جو ڀاءُ ٿي پيو آهين، نه ته ماري ماري ٻڙ وڃائي ڇڏيانءِ ها.“

مان هٿ مهٽيندو، پاڻهي سان گوڙ اگهندو، بينچ تي وڃي ويٺس. سائين پڻ پڻ ڪندو بورڊ ڏانهن وڌي ويو، ”پڙهڻ کان ته چوري ڪي پرو ته چڙهي. پٽ هليو آ بهشت ۾ قلفي کائڻ.“

مونکي پڻ احساس ٿيو ته ها پيلي، مان پڙهڻ ۾ جڏو آهيان، ڪچو ڏڏ آهيان. ادا شفارش نه ڪري ها ته هن سال ڇهون درجو ڪڏهن به پاس ڪري نه سگهان ها. سوچيم ته پڙهڻ سان دل لڳائيندس، ڪتابن ۾ دلچسپي وٺندس. سائينءَ ٻوري وٽ پهچندي چيو، ”اڙي لکو چورا .... (جلدي ڪڍ ڪاپي، موڳا) واسڪو ڊيگاما.... پهريون شخص هو.... (اڙي او موچيءَ جا پٽ، ٻاهر ڇا ٿو ڏسين؟) جنهن سامونڊي (لخ لعنت ٿي چورا حجم، ٻاهر پٺهين بيٺو آ؟) سامونڊي سفر ڪري.... (او قلفيءَ جا، ٻاهر قلفيءَ واري کي ٿو ڏسين ڇا؟).... ۽....“

”نه سائين.“

”اڙي وري ڪوڙ.“

”نه سائين.“

”ٻاهر ڇا ٿو ڏسين؟“

”ڪجهه نه.“

”پهرين ڪلاس ۾ ڏيان اٺي؟“

”ها سائين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پڏاءِ تہ مان ڇا لکائي رهيو آهيان؟ پر خبردار جو ڪاپي ڏني اٿئي.“

”توهان گاما پهلوان جي تعريف لکائي رهيا آهيو.“

سائينءَ اتان ئي مونکي چاڪ اڇلائي هنيو ۽ پوءِ جنهن وقت پنهنجي پڙ مٿي لٺ کڻي مون ڏانهن وڌيو، تنهن وقت پٽيوالي رسيس جو گهنڊ وڄايو. موقعي جو فائدي وٺندي، مان تير وانگر دريءَ مان ٽپو ڏيئي پڇڙي ويس. پٺيان سائينءَ جي رڙ پڌم، ”اڙي جهليوس، پڪڙيوس. ڊوڙو، چريٽ کي ٽنگا ٽولي ڪري کڻي اچو تہ ڪل لاهيانس.“

پر مونکان تکو فقط ڪتا ڊوڙي سگهندا آهن. ڇورا ڪيئن ٿي پڇي سگهيا! رڳو رڙيون ڪندا رهيا، ”پڪڙيو چريٽ کي، پڪڙيو چريٽ کي.“

اهڙيئي نموني هڪ غلطي اڳ بہ ڪئي هيم، جنهنجي نتيجي ۾ منهنجي مٿان چريٽ نالو پئجي ويو.

ڳالهہ هن ريت هئي، جو هڪڙي ڏينهن هڪ ماڻٺ اسان جي گهر آيو. پاڻ وڏو ماڻهو آهي، انڪري وڏن ماڻهن وانگر ٿلهو آهي. قداور ۽ ڏسڻ ۾ چسو آهي. مٿو سنڌين وانگر ويٺل اٿس. اکين جا تارا پورا ۽ ڇڏن جيان ٻاهر نڪل اٿس. هو جنهن وقت ڊرائينگ روم ۾ آيو هو، مان تنهن وقت در جي پردي پويان لڪي لڪي قلفي چوسي رهيو هوس. قلفي کائڻ منهنجي عادت آهي. منهنجي اها عادت ماڻٺن کي پسند ناهي، پر پاڙيسرين کي آهي. مان پاڙيسرين جا ڪم ڪار ڪندو رهندو آهيان ۽ هو مونکي لڪي لڪي پنهنجي گهر ۾ قلفيءَ کائڻ ڏيندا آهن. پاڙي وارن وٽ نہ وڃان تہ درن جي پردن پويان لڪي لڪي قلفي چوسيندو آهيان. ان ڏينهن بہ مان قلفي چوسي رهيو هوس، جو اسان جو ماڻٺ ڪمري ۾ داخل ٿيو. ڪو معمولي ماڻهو ڪونهي. لاهور ۾ وڏو آفيسر آهي. منهنجي ماڙسڻ ڪاڻہ پوي. مون کي ان جو افسوس ناهي تہ پاڻ هڪ ڪڇيائيءَ سان ٻي شادي ڪيائين ۽ پهرين کي طلاق ڏيئي ڇڏيائين. افسوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڳالهه جو اثر ته سندس وڏو پٽ ڪريم، جيڪو پهرين زال مان اٿس، سو منهنجو هم ڪلاسي آهي ۽ مان کيس روز هڪ قلفي کارائيندو آهيان. ويچارو ڇا ڪري! پٽس پيسو ڏوڪڙ به متوڪليس ڪونه. ڏينهن جو پڙهندو آهي ۽ شام جو ڇولا وڪڻندو آهي. ماڻس رَوَن تي آر سان پرت ڪندي آهي. پر جڏهن کان نوڙين جهڙا نيلاڻ جا روا آيا آهن، تڏهن کان ويچاريءَ جو روزگار تنگ آهي. غريب کي طلاق مليل آهي. مڙسهنس پنهنجن ڪجهي ساهرن کي قرآن تي لکي ڏنو هو ته نڪاح ڪانءِ اڳ پهرين زال کي طلاق ڏيندو. ماڻٺ پڪو مسلمان آهي. قرآن تي لکيل ڳالهه پوري ڪري ڏيکاريائين. منهنجي دوسبت ڪريم جي ماءُ کي اسلام جي پيروي ڪندي ئهه پهه طلاق ڏيئي ڇڏيائين. هڪ ڏينهن ڪريم کي قلفي کارائيندي، چيو هوم، ”پٽهين به عجيب ڪنجوس، مکي چوس مارواڙي آهي! تو کي قلفي کائڻ لاءِ به آنا به نه موڪليندو آهي؟“

”نه.“

”مکي چوس مارواڙي.“

”اون هون. ڪجهي ڪانياواڙي.“

”پٽهين ايڏا پيسا گڏ ڪري ڇا ڪندو؟“

”لاهور ۾ تاج محل ٺهرائيندو.“

”قلفي جو ڪارخانو نه کوليندو.“

”نه.“

ماڻٺ منهنجي دل تان لهي ويو.

پر ان ڏينهن کيس ڏسنديئي مونکي الاءِ ڇو بيحد کِل آئي. ٺهڪ نڙيءَ ۾ ڪل ڪرڻ لڳا. کل روڪڻ لاءِ قلفي وات ۾ وجهي مان ڪري بيهي رهيس. امان سندس آڏر ڀاءُ ڪرڻ آئي. چيائينس، ”ڪراچيءَ آئي هفتو ٿيو اٿو، ۽ اڄ ملڻ آيا آهيو.“

”تون به ته ڪرڻ آئينءَ، پاڇائي.“

”مان آئي هيس ادا، پر توهان هر دفعي گهمڻ ڦرڻ ويا هئا.“

”سوچيو هيم ته توهان وٽ ضرور ايندس.“

”اسان غريبن کي ته صفا وسَاري ڇڏيو اٿو.“

”ائين ناهي پاڇائي. ٻئي موٽران ڪري پيون، سو اڇان ورِي ڇا ٿي؟“

”ڪٿي ٽانگي تي اچو ها.

مائٽ شڪارپوري آهي. ڇهنگهن کي چوي ڇنگهان، ڪٽن کي ڪتان ۽ موٽرن کي موٽران. ان ڏينهن ڇاڻ پئي هئم ته هيئين ۽ مٿين سنڌ ۾ ”ٽون ٽان“ جو فرق آهي. مائٽ کي ڳالهائڻ ۾ هٻڪ ڪونهي، پر لفظ ٽڙيءَ ۾ اٽڪيس پئي. ”واهه پاڇائي، واهه مان جهڙو ڊائنامڪ ماڻهو- ٻه هزار رپيا- ٻه - ٻه - پگهار ڪٽندڙ. پلا ٽان- ٽان- ٽانگي تي چڙهي اچان ها. يا ڏان- ڏان- ڏاند گاڏيءَ تي اچان ها.“

ڳالهائڻ ۾ واڇ گودو تي هئيس ۽ رڪي رڪي واڇن وٽان گف پي نڪتس. پردي کي وٽ ڪري، ويجهڙائيءَ کان ڏنو مانس ته اسٽار سرڪس جي جاني مشڪري جهڙو نظر آيو. امان سان ڳالهائيندو، اسان پاڻن جي باري ۾ پڇندو، جنهن پردي پويان مان لڪل هوس، تنهنجي اڳيان پردي ڏانهن پٺي ڪري ويهي رهيو. پڇيائين، ”تنهنجي نندي پٽ جو ڇا هي حال؟ اٿس ڪو چاڙهو- ٻاڙهو يا رکو قلفي کائيندو آهي.“

”اڇا ٻار آهي ادا. الله چڱي ڪندس.“

”تو عادتان ئي خراب ڪري ڇڏيون اٿس.“

مونکي سخت ڪاوڙ آئي، هونهه، جاني مشڪرو، پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو! وات مان قلفي ڪيي، هلڻ وڏائي سندس ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. ايتري ۾ منهنجا ٽيئي ڀائر احمد، شفيق ۽ انور ۽ ڀيڻ عذرا مهمان جي آجيان لاءِ اچي پهتا. مائٽ کي ڪونچ تي ويهاريائون. هن هٿ جي ترِيءَ سان ڪنڌ تان پگهر اگهندي چيو، ”اڄوڪي گرميءَ ماڻهن جون ڪلان بلان ئي ساڙي ڇڏيون آهن.“

رومال ڪيڻ لاءِ مائٽ کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ پنهنجو اوچتو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرڪ پري هڪدم اٿـي بيٺو. عذرا، امان ۽ منهنجا ٽيئي ڀائر ٻـه ساڍين ڳڏ آئي بيٺا. مائٽ ڏڪندي ڏڪندي پيهر ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ اڌ ڳريل قلفي ٻاهر ڪڍيائين. قلفي ڏسي منهن تـي مرڪ موٽي آيس. ٿهڪ ڏيندي چيائين، ”هيءَ ڪي پڪ تنهنجي ننڍي پٽ جو آهي، لڪچو.“

”ڏاڍو حرڪتي آهي، ادا.“

”تنهنجو ننڍو پٽ صفا چريٽ اٿئي، ڀاڄائي.“

تنهن ڏينهن کان مونتي چريٽ نالو پئجي ويو آهي.

بدقسمتيءَ سان سڀني ۾ ننڍو آهيان. انڪري منهنجي پيڻ عذرا ۽ ٽيئي ڀائر مونکي چريٽ سڏيندا آهـن. دنيا ۾ ماڻهو چاهي ڪجهه به ٿي پوي، پر ننڍو ڀاءُ نه ٿئي. ننڍي ڀاءُ ٿيڻ کان بهتر آهي ته ماڻهو جوڻ مٿائي ڳڏهه ٿـي پوي. ان ڳالهه جو احساس مونکي ان ڏينهن ٿيو هو، جڏهن منهنجي وڏي ڀاءُ احمد مونکي پنجين رپئي جو نوٽ ڏيئي ڪپڙن آڻڻ لاءِ واشنگ واري ڏانهن روانو ڪيو هو. مان يڪ ساهي ڊوڙندو ويس ۽ ڪپڙا وٺـي يڪ ساهيءَ واپس پئي آيس جو رستي ۾ قلفيءَ وارو ملي ويو.

”چو سائين، اڄ قلفي نه کائيندين ڇا؟“

”نه، يار، تڪڙو آهيان.“

”پر اڄ قلفي به هاءِ ڪلاس اٿئي.“

”الا؟“

”مولا تو چاڻي. ربڙي ملائيءَ سان ڀريل آهي.“

ڪجهه سوچيم. قلفيءَ واري ڪي ڏٺم. سندس ڪاٺ جـي پيٽيءَ ڏانهن نهاريم جنهـن ۾ قلفيون ٽنبيون پيون هيون. سـونکي بيٺل ڏسي، قلفيءَ واري جهٽ پٽ قلفي ڪڍي مون ڏانهن وڌائي. اڇي اڇي قلفيءَ ۾ ساوا ساوا پستا ڏسي منهنجو وات پاڻي ٽيڻ لڳو. ٻارهن پيسا سندس ڳاڏي ۾ اڇلائي، کانئس قلفي وٺـي وات ۾ وڌم. آهه، واهه! سوچيم، ڊوڙندو وڃان. پـر قلفي تمام لذيذ هئي ۽ قلفي ختم ڪرڻ کان اڳ ڳهر پهچڻ معنيٰ مولا بخش سان ملاقات ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال آيم تہ جي اڄ ادا دير سان ٿاڻي پهتو تہ چور پڪڙي ڪونہ ويندا. اڄ جي قلفي واه! خوش رهہ، قلفيءَ وارا! تنهنجو ڳاڏو شل چالان کان بچندو رهي. هڪ دفعي ويچاري جو ڳاڏو چالان ٿيو هو تڏهن ڏهہ رپيا ڏيئي ڳاڏو ڇڏايو هئائين. ان منحوس ڏينهن مونکي قلفي نصيب نہ ٿيي هئي ۽ مون پاڻ کي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ بد نصيب بار محسوس ڪيو هو. ان ڏينهن کان وٺي قلفيءَ وارو حد جي سپاهيءَ کي چار آنا روز ڏيندو آهي ۽ سندس ڇهن ڏيئرن ۽ چئن پٽن کي هڪ هڪ قلفي مفت کارائيندو آهي. پر قلفيءَ وارو بہ استاد آهي. مفت جي قلفين ۾ پستا باداميون نہ وجهندو آهي.

مان پڙهڻ ۾ جيترو جڏو آهيان، اوتروئي قلفي کائڻ ۾ پيرَ آهيان. هلڻ ۽ قلفي کائڻ جي اهڙي تہ رفتار رکيم جو جڏهن گهر جي در وٽ پهتس، تڏهن قلفيءَ جو ذرڙو ڪانڙيءَ کي لڳل هو. آخري چڪ هڻي، ڪانڙي اڇلائي گهر ۾ داخل ٿيس. ادا احمد منهنجي انتظار ۾ پريڊ ڪري رهيو هو. مونکي ڏسنديئي ڳجيو، ”اڙي ايڏي دير؟ بلا تہ نہ ڪائي وٺي هئيئہ.“

”نہ ادا. رستي تي پولڙيءَ جو تماشو پئي هليو ۽ –“

”صفا چريٽ آهين. اسان جو پاءُ اصل نٿو لڳين.“

ادا سٽ ڏيئي منهنجي ڪڇ مان ڪپڙن جو بنڊل ڪڍي اندرين ڪمري ڏانهن هليو ويو. مان رنڌڻي تائين مس پهتو هوندس جو ادا جي خوفناڪ رڙ ٻڌم، ”اڙي چريٽ، تنهنجو ستياناس ٿئي.“

اهڙي خوفناڪ رڙ اڳ فقط ٿارزن ڪِان ٻڌي هئم. ادا جي يادگار رڙ گهر جي سيني پاتين ٻڌي.

اسان پڇيو، ”خير تہ آهي؟ ڇا ٿيائين؟“

”ڏوڙ پاتائين. اڙي هن چري چريٽ کي گهر مان ڪڍي ڇو نٿا ڇڏيو.“

”آخر ڪيائين ڇا؟“

”اچو، ڏسو.“

ادا ڪپڙن جي بنڊل مان پنهنجي يونيفارم جي قميص ڪڍي سيني

ڪي ڏيکاري. قميص تي قلفيءَ مان ڳڙيل ڪير جي ٽيپن جا داغ هئا، پيو ڪجهہ بہ نہ هو. مون ڏانهن ڦهري نظرن سان ڏسندي چيائين، ”منهنجو وس پڇي تہ جيڪر ڪل لاهي ڇڏيانءِ.“

ادا جڏهن کان صوبيدار ٿيو آهي، تڏهن کان بيحد خوفناڪ ٿي پيو آهي. ماڻهو تہ لڳيئي ڪونہ. جهڙو ڳينڊو. پاڙي ۾ ٽرٽلو، مائٽن ۾ ٽرٽلو، هيت ٽرٽلو، هُت ٽرٽلو، ادا صوبيدار آهي، خبردار، ڪو بہ ڳڙٻڙ نہ ڪري! هڪ ڏينهن قلفيءَ واري کان ٻڌو هئم تہ علاءُالدين کي ڪيئن نہ جادوءَ جو چراغ لڀي ويو هو ۽ پوءِ وٽس دولت جا انبار لڳي ويا هئا. صوبيداريءَ ۾ ادا کي بہ اهڙوئي چراغ هٿ لڳي ويو آهي. هر مهيني ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور آڻيندو آهي- ڪڏهن ريفريجريٽر، ڪڏهن ريڊيو گرام، ڪڏهن پيانو، ڪڏهن فرنيچر ۽ ڪڏهن چينيءَ جو سامان ۽ ڪپڙا. ادا ۾ هڪ پيو ڦيرو بہ آيو آهي. سندس رويو ۽ ڳالهائڻ جو لهجو هوبهو اسڪول جي ماسترن جهڙو سخت ٿي ويو آهي. قميص تي قلفيءَ جا بہ چار داغ ڇا لڳس، مٿس ڪپڙن مان نڪري ويو. گهوريندي چيائين، ”منهنجو وس پڇي تہ جيڪر ڪچو چٻاڙي ڇڏيانءِ.“

مون پر ۾ بيٺل پيءُ کان پڇيو، ”ادا آدمخور بہ ٿي پيو آهي ڇا؟“

”بڪواس بند ڪر.“ اديءَ ڇڙٻ ڏني. ”بيوقوف، پوڪ، چريٽ.“

اسان جي هڪ ڌي پيءُ آهي- عذرا. ٽن ڀائرن کان ننڍي ۽ مونکان وڏي آهي. امان جي لاڏلي آهي. امان سندس نالي ۾ پيسا گڏ ڪندي آهي. بابا پوليس ۾ انسپيڪٽر هو ۽ فرض پوڙائيءَ ۾ چورن هٿان مارجي ويو هو. امان سرڪاري انعام جي سڄي رقم عذرا جي نالي رکي ڇڏي. ادا احمد بہ جيڪي ڪجهہ آڻيندو آهي، تنهن مان بہ قيمتي مال عذرا لاءِ رکندي ويندي آهي. مون امان کان هڪ ڏينهن پڇيو هو تہ عذرا جي شاديءَ لاءِ ايڏا پيسا ۽ سامان سڙو ڇو ڪٺو ڪيو اٿئي؟ تڏهن امان ورائيو هو، ”تون چريٽ

آهين، تو کي خبر ناهي. ڇوڪري جڏهن شاديءَ لائق ٿيندي آهي، تڏهن اهڙو وقت ايندو آهي، جنهن ۾ ڇوڪريءَ جا گڻ اوگڻ دولت جي ڪسوٽيءَ تي پرکيا ويندا آهن.“

گڻ اوگڻ! امان نيڪ چيو هو. عذرا ڏانهن ڏٺم، جنهن جو نڪ قتل انگور جهڙو، اکيون متيري جهڙيون، ڪن تڪائي جا ڏيئا ۽ ڏند مترڪي جهڙا آهن. سچو ڏينهن ڊريسنگ ٽيبل سامهون سرخي پائوڊر ختم ڪندي رهندي آهي. هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڪنهن ساهيڙيءَ سان راز جون ڳالهيون پئي ڪيائين. مان در جي پردي پويان لڪي قلفي چوسي رهيو هوس. عذرا چيو، ”سڌير هينڊسم آهي.“

”ڪهڙو سڌير؟“ مان پردي مان نڪري پنهي جي سامهون اچي بيٺس.

”وڃ، تنهنجو ڪم ناهي،“ عذرا چيو.

”نہ نہ، ٻڌاءِ تہ ڪهڙو سڌير؟“

سندس ساهيڙيءَ ورائيو، ”پاڪستاني هيرو سڌير.“

”هون. سڌير تہ خچر آهي، خچر.“ ورائيم، ”سڌير کان وڌيڪ هينڊسم قلفيءَ وارو آهي يا ٽارزن.“

پنهي خوب ٺهڪ ڏيئي سونگي ڦڪو ڪيو. عذرا جي ساهيڙيءَ، عذرا کي چيو، ”تنهنجو ڀاءُ انور بہ هينڊسم آهي.“

اها ڳالهہ ٻڌي دل ۾ ڪتڪائي محسوس ڪئي هئم. انور کي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ ويس، پر هو پنهنجي ڪمري ۾ موجود نہ هو. ضرور فلم ڏسڻ ويو هوندو! انور کي فلمن ڏسڻ جو بيحد شوق آهي. صبح جو ڪاليج ويندو آهي ۽ ڪاليج ۾ شاگردن جي مسئلن تي زوردار تقريرون ڪندو آهي. دوست کيس اسٽوڊنٽ ليڊر سڏيندا آهن. روز شام جو فلم ڏسندو آهي ۽ رات جو گهر ۾ ان فلم جا زور زور سان گانا ڳائيندو آهي. هن کي ٻي ڪنهن بہ ڪم سان دلچسپي ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن اخباري نمائيندن جي موجودگيءَ ۾ شاگردن جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ بک هڙتال

جو اعلان ڪندو آهي. اهڙي اعلان کان پوءِ اخبارن ۾ سندس فوٽا شايع ٿيندا آهن. تنهن رات هو نڙي ڦاڙي ڳانا ڳائيندو آهي. هڪ دفعي سچ پچ بک هڙتال ڪيائين. ڪاليج جي وراندي ۾ تـڏو وڇائي پلٿي ماري ويهي رهيو. ڏينهن جو اخباري نمائيندن کي بيان ڏيندو هو ۽ بک هڙتال جاري رکڻ جا اعلان ڪندو هو. روز منهنجا ڀائر، امان ۽ عذرا کيس ڏسڻ ۽ ملڻ ويندا هئا. مان شام جو ايٿي ڏڪر کيڏڻ کان پوءِ کيس ملڻ ويندو هوس. سندس صحت روزانو سڌرندي ويندي هئي. مون هڪ دفعي هڪ عدد روزو رکيو هو تہ ذري گهٽ مرندي مرندي بچيو هوس. انور بک هڙتال ۾ ڏنڊو ٿيندو ويو هو. اڪيلائي ڏسي نهايت رازداريءَ سان ڳالهائيندو هو، ”يار چريٽ، اڄ ڪلهہ قلفي کائڻ ڇڏي ڏني اٿئي ڇا؟“

”نہ، اڃهو هينئر تہ کائي آيو آهيان. ڏاڍي مزيدار هئي.“

”پڪ.“ مونکي ڪن ۾ چوندو هو، ”جڏهن سڀ هليا وڃن، تڏهن منهنجي لاءِ هڪ قلفي ۽ ڇئين آني جا پڪوڙا آڻجانءِ.“

”پر تو، تہ بک هڙتال ڪئي آهي.“

”تون نٿو سمجهين، تون چريٽ آهين. اها سڀ ليڊر ٿيڻ جي سياست آهي. ڏسجانءِ هڪ نہ هڪ ڏينهن مان ضرور وزير ٿيندس.“

مونکي يقين آهي تہ اسان جو ڀاءُ انور هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور وزير ٿيندو.

پر سڀني کان مختلف عادتن ۽ طبيعت جو منهنجو ڀاءُ شفيق آهي. احمد کان ننڍو ۽ اسان سڀني کان وڏو آهي. گهر ۾ سڀني تي، احمد کان سواءِ، هيڏ ماٻتر جهڙو رعب رکندو آهي. قد جو ڪمند ۽ جسم جو ڪانو آهي. منهن انب جي چوسيل کڪڙيءَ جهڙو اٿس. مون کي اصل نہ وڻي. هر آچر تـي مونکي مار ڏيندو آهي. پنجين سال هٿي ماري بي.اي. ڪيائين. انجنير صاحب جـي سفارش سان رينجر جي نوڪري ملي اٿس.

ڀهرين ڏينهن نوڪريءَ تـان موٽيو هـو تـہ مونکي ڇڙٻ

ڏيندي چيو هئائين، ”چريٽ، خبردار جو قلفي ڪاڏي اٿئي. قلفي کائيندين تہ گولي هڻندومانءِ.“

شفيق جي حالت ڏسڻ وٽان هوندي آهي، جڏهن انجنير صاحب لاهور مان ٻارن جي پلٽڻ سميت ڪراچي گهمڻ ايندو آهي. انجنير صاحب جا ڪجهہ ٻار ڊٻي جو کير پيئندا آهن، ڪجهہ مون وانگر قلفي کائيندا آهن ۽ هڪ ڏيءَ ڪوڪاڪولا پيئندي اٿس. انجنير صاحب جي ڪوڪاڪولا ڏيءَ ڏسي اسان جو ڀاءُ شفيق دليپ ڪمار تي پوندو آهي. کيس کلائڻ لاءِ چرچا گهڻا ڪندو آهي. ٻارن جي رسالي مان لطيفا ياد ڪري کيس ٻڌائيندو آهي. جڏهن بہ انجنير صاحب جا ٻار اسان وٽ ايندا آهن، شفيق آفيس مان مٿي جي سور جو بهانو ڪري موڪل وٺي ايندو آهي ۽ گهر جي ڀاتين کي مٿي ۾ سور وجهندو آهي.

هڪ دفعي انور ۽ شفيق جي وچ ۾ ڪوڪاڪولا تان تورڙي چڪتاڻ بہ ٿي هئي، پر اسان ٻنهي کي پنهنجو فيصلو ٻڌايو هو تہ، ”اول احمد پوءِ تون. هن دفعي انجنير صاحب ايندو تہ مان ڪانئس احمد لاءِ سندس وڏي نينگر جو سڱ گهرنديس.“

ان رات شفيق دليپ ڪمار وانگر وار مُنهن ۾ وجهي، چپ لٽڪائي زبردست ڏک جو اظهار ڪيو هو ۽ انور نهايت غمگين فلمي گانا ڳايا هئا ۽ ٻنهي ڏينهن اخباري نمائيندن سامهون بک هڙتال جو اعلان ڪيو هئائين. ساڳي ڏينهن هڪ سپاهيءَ کان پڇم تہ احمد ٿائي تي خوشيءَ وچان هڪ چورکي ايڏي تہ مار ڏني، جو چور جا بہ ڏند ڀڃي ڇڏيائين.

انور غمگين گانا ڳائڻ نہ ڇڏيا هئا؛ شفيق جو لڙڪيل چپ پنهنجي جاءِ تي واپس نہ آيو هو؛ احمد خوشيءَ وچان چورن کي مارڻ نہ ڇڏيو هو جو اوچتو ٿي اوچتو، بنا اطلاع ڏيڻ جي انجنير صاحب پنهنجي ڌڻ سميت اچي حاضر ٿيو. ڪوڪاڪولا ساڻن گڏ نہ هئي. انجنير صاحب اچڻ شرط اسان کي چيو، ”ياچائي، جلد ڪر، تيار ٿيءُ. بازار هلڻو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چو، خير ته آهي نه؟“
”ها ها، مڙيئي خير آ، بس شام واري گاڏيءَ ۾ موٽي ويندا سين.“
”ايترو جلد؟“
”ها، پاڇائي، ڳالهه ٿي ڪجهه اهڙي آهي.“
”آخر مان به ته ٻڌان؟“
”ڪڪيءَ جي سڳ جي ڳالهه چيف انجنير جي پٽ سان پڪي ڪري آيو آهيان. ايندڙ آچر تي شادي آهي ۽ توهان سڀني کي اسان سان هلڻو پوندو.“
امان پاڻ کي ڪونچ تي ڇڏي ڏنو، اکيون پوري ليٽي پئي. انجنير صاحب ڏاڍيون رڙيون ڪيون، پر امان اک نه کولي. مان سڄو نظارو ڏر جي پردي پويان لڪي ڏسي رهيو هوس. امان کي اهڙي حال ۾ ڏسي، قلفيءَ کي پويون ڇڪ پائي، ڪاٺ اڇلائي، پردي سان وات اگهي ٻاهر آيس. مون کي ڏسنديئي انجنير صاحب چيو، ”چريٽ وارو ڪر، ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي اچ. ماڻهين کي گرمي لڳي آهي.“
مان ڊوڙندو، پر ٻه ڏاڪا لهندو رستي تي وڃي پهتس. سامهون قلفيءَ وارو بيٺو هو. ڪاٺس به قلفيون ورتم ۽ ڊوڙندو گهر موٽي آيس. هڪ قلفي آڻي امان جي وات تي رکيم. هن اکيون کوليون، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ آهستي آهستي قلفي چوسڻ لڳي.
”اڙي، هي ڇا!“ انجنير صاحب چيو، ”تون ته صفا چريٽ آهين. توکي ته اجايو موڪليم.“
پڇيومانس، ”مائٽ قلفي کائيندين؟“
هو آلر ڪري آيو. مون ٺينگ ڏنو ۽ قلفي چوسيندو ٻاهر هليو ويس. ●

جلاوطن

ٽوهر جي ٽڙيل پکڙيل ڀاڱن ۾ هڪ ڏتڙيل حال شخص مٽي هيٺان پيتر ڏيئي سمهيو پيو هو. ڪپڙا ليڙون ٿي وار وکريل هئس. منهن تي صدين جي ستم ظريقيءَ جا گهنج هئس.

ٿوري دير کان پوءِ کيس پنهنجي سيني تي ڪجهه چڀندو محسوس ٿيو.

هن اک کولي نهاريو.

خاڪي ڪپڙن سان هڪ ڪاموري قسم جو ڏنڊو مشٽنڊو مرد کيس بيد جي لڪڻ سان جاڳائي رهيو هو.

خاڪيڪپڙن واري مرد چيو، ”اٿو جي. ايڏي ننڊ نا ڪر.“

ڏتڙيل شخص پڇيو، ”سمهڻ تي به بندش پئجي ويئي آهي ڇا؟“

”اٿو جي، اٿو.“ خاڪي ڪپڙن واري وڏيل سٽيل مرد گهالهايو، ”ٽوهر جي ڇان ۾ به ڪو سمدو آهي!“

هو اٿي ويٺو. ليڙن سان انگ ڍڪيندي وراڻيائين، ”هتان جا وڻ وڍجي ويا آهن. هيءَ سمڌ آهي.“

”او ڇڏيو جي.“ مرد رعبدار آواز ۾ چيو، ”اچو، جيپ کي ڌڪو ڏيو.“

هو اٿي بيٺو. ليڙون لٽا ڇنڊيندي خاڪيڪپڙن واري شخص جي ڪڍ هلندو، ڪچو ڇڏي ڏامر جي پڪي رستي تي اچي پهتو. سڙڪ تي جيپ بيٺي هئي.

جيپ ۾ رنگارنگي ڪپڙن ۽ خوشبوءِ سان ٻهڪندڙ عورتون ويٺيون هيون. خاڪي ڪپڙن واري مرد جيپ ۾ ويهندي ڏتڙيل شخص کي چيو، ”ها سائين، لڳايو جي ڌڪو.“

هن جيپ کي ڌڪو ڏنو. جيپ جي بند مشين اٿ جمي اوڳر جهڙا آواز ڪري، گهرڙاٽ ڪري هلڻ شروع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪي ڪپڙن واري مرد بـريڪ تي پير رکـي، جيپ بيهاريندي چيو، ”اسين پٽ شاهہ ونجي رهيا آهيون. تون شاهہ لطيف جو ميلو ڏسندين؟“

”مان پٽ شاهہ کان جلاوطن ٿيل آهيان.“ هن نرڙ تان پگهر اگهندي ورائيو، ”مون کي پٽ شاهہ تي پير پائڻ جي بہ اجازت نـاهـي.“

خاڪـي ڪپڙن واري مرد ڪيس حيرت وچـان وارن کان پيرن تائين جاچي ڏٺو. پڇيائينس، ”تون ڪير آهين؟“

”مان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهيان.“ هن جواب ڏنـو، ۽ پوءِ ٿوهر جي ٽڙيل پکڙيل ٻاچن ڏانهن هليو ويو. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪست

صبح جا يارهن ٿيا هئا.

بسنت هال ۾ تر رکڻ جي جاءِ نه هئي. سمورو هال عورتن، مردن ۽ ٻارن سان سٿيو پيو هو. جن کي اندر جاءِ نه ملي هئي، سي هال جي ٻاهران ورانڊي، ڏاڪڻ، اڱڻ ۽ اڱڻ جي پٽين تي ويٺا ۽ بيٺا هئا. ڪجهه ماڻهو وڻن جي ڏارين تي چڙهي ويا هئا.

گذريل هڪ ڪلاڪ کان جيڪو جتي هو، اتي پنڊ پهڻ ٿي ويو هو. ڪن جون اکيون اچرج ۾ ڇنڀڻ وساري ويٺيون هيون، ۽ ڪن جون ڇاڙيون حيرت کان لڙڪي پيون هيون. ڪي وات ڦاڙي، ۽ ڪي ڪاڏين هيٺان هٿ ڏيئي پروفيسر ڪريم جو اندر مان اڀرندڙ آواز، ۽ آواز ۾ سندس بين الاقوامي اپياس ٻڌي رهيا هئا. سندس آواز اونهو، لفظ چٽا، ۽ لهجو گنڀير هو. هو جملن جوڙڻ جو جادوگر هو.

پروفيسر ڪريم وچولي قد جو هو. سندس عمر چاليهه کن سال هئي. مٿي جا وار لوندڙين وٽان اڇا ٿي ويا هئس. سندس نڪ سنهو هو. نڪ جي مٿان نرڙ تي لاڳيتو سوچڻ سبب گُنڍ پئجي ويو هوس. سندس اکيون وڏيون، ذهين، ۽ مقناطيسي ڪشش رکندڙ هيون. سندس منهن تي ميڪسم گورڪيءَ وانگر گهاٽيون ۽ واڇن وٽان وريل مُڇون هيون. رنگ سانورو هوس. بدن پورو پنو ۽ هاني ويڪري هئس. لاڳيتو هڪ ڪلاڪ تائين ڳالهائڻ ڪري ٽڪل ٽڪل ٿي ڏٺو.

پروفيسر ڪريم هڪ هٿ مائيڪرو فون ۾ وجهندي ڪجهه اڳتي سُري آيو. ٿورڙو جهڪي، نيوڙي، ڳوڙهي آواز ۾ چيائين، "دوستو، انساني وهنوار جا قدر وقت جي ڪوري ۾ ڪاسندي، پچرندي ۽ سڙندي بدلجندا رهيا آهن. پر صدين گذرڻ ڪانپوءِ به، انسان ذات

جي هڪبئي ڏانهن نفرت ۽ حقارت، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جا بنيادي سبب سا ڳيا رهيا آهن.“

هُن آواز روڪي، جملو اڌورو ڇڏي، هڪ گهڙيءَ لاءِ ٻڌندڙن تي اڏامندڙ نگاهہ وجهي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

آهستي آهستي اکيون کوليندي، هن چيو، ”ٿئين منزل جا همسفر رفيقو، ساٿيو، ازل کان اڄ تائين نفرت جي واڳهہ نک مان ٽمي، ڌرتيءَ جي دامن کي داغدار ڪندڙ انساني رت، انصاف جي عدالت ۾ مذهبي جنون، نسلي برتري، ۽ نظرياتي ڪشمڪش تي شاهدي ڏيڻ لاءِ آلو آهي، ۽ قيامت تائين آلو رهندو.“

هڪ نگاهہ بسنت هال جي گرد ۽ ڀرن تي وجهندي چيائين، ”ظلم هر دور ۾، هر حال ۾ سا ڳيو رهيو آهي، فقط مظلوم بدلجندو رهيو آهي. زهر جو پيالو سا ڳيو آهي، فقط سقراط بدلجي ويو آهي. صليب سا ڳيو آهي، پر عيسيٰ بدلجي ويو آهي، ڪربلا جو ميدان سا ڳيو آهي، پر حسين ابن علي بدلجي ويو آهي.“

ٻئي ٻانهون بلند ڪندي، جذباتي لهجي ۾ چيائين، ”انسانيت جا محافظو! اچو تہ اڄ هٿ هٿ ۾ ملائي عالمي امن ۽ پيار کي پنهنجي دائري ۾ پناهہ ڏيون. اچو تہ اڄ اسين مظلوم ۽ ڏتڙيل حال انسان عهد ڪريون، تہ اسين هن ڌرتيءَ لاءِ نئون آدرش ٺهينداسين — اسين مذهبي جنون، نسلي برتري جي احساس ۽ نظرياتي ڪشمڪش جي آدمخور آڏو هماليہ وانگر اٽل ٿي بيهنداسين ۽ ڏتڙيل انسانيت جي حفاظت ڪنداسين.“

پروفيسر ڪريم ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

سڄو هال تاڙين جي ڦهڪي سان ڦاٽڻ لڳو. جيڪي ڪرسين تي ويٺا هئا، سي اٿي بيٺا. جيڪي ماڻهو ورانڊي ۽ ڏاڪڻ وٽ بيٺا هئا، سي هال ۾ ڌوڪڻ لڳا. وٺن ۽ پٿين تان هرڪو هيٺ لهڻ لڳو. ائين پئي ڏٺو، ڄڻ ماڻهن جو سيلاب هو ۽ بند ٽٽي اندر هال ۾ ڪاهيندو پئي آيو.

پروفيسر ڪريم ٽيبل تان پاڻيءَ جو گلاس کڻي ٻہ ڍڪ مس

پريا هوندا جو عقيدتمندن جو بي پناهہ هجوم ڪيس وڪوڙي ويو. هن گلاس ٽيبل تي رکي ڇڏيو. ايڏي گوڙ گهمسان ۾ ڪوبہ لفظ، ڪوبہ جملو چٽو نہ هو. آوازن جو سمنڊ هو.

منتظمين جون وايون بتال ٿي ويون. هو هجوم کي پروفيسر ڪريم ڏانهن وڌڻ کان روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳا.

جلسي جو سيڪريٽري، پروفيسر ڪريم وٽ آيو. چيائين، ”سائين، پوئين در کان نڪري هلو.“

پروفيسر ڪريم اتي ويٺو. اڃا اتيئي ويٺو هو، جو ڪجهہ شاگرد پيهہ کي چيريندا، واٽ ڪندا وٽس اچي نڪتا. ڪن هٿن ۾ آٽوگراف بڪ هئا. هرهڪ پنهنجو پنهنجو آٽوگراف بڪ اڳتي وڌائڻ لڳو. پروفيسر ڪائن آٽوگراف بڪ وٺي پنهنجي صحيحي سان گڏ ڪنهن عالم جو قول، ڪو بيت، يا ڪا نصيحت لکي بڪ موٽائيندو ويو. ائين ڪندي، ڪي چاليهہ آٽوگراف بڪ صحيحي ڪري ويو. انتظاميہ جو سيڪريٽري فڪرمند ٿيڻ لڳو. سوين ماڻهو ڪاغذ، نوٽ، نوٽبڪ، آٽوگراف بڪ، يا جيڪا بہ لکڻ لائق ڪا شئي هٿ لڳن، کڻي، پروفيسر ڪريم کي وڪوڙي ويا.

سيڪريٽريءَ پروفيسر ڪريم کي پاسهن ۾ هٿ وجهندي چيو، ”سائين، نڪري هلو، نہ تہ ڇيهاڻجي ويندا سين.“

پروفيسر ڪريم سيڪريٽريءَ ڏانهن ڏٺو، يا ڪلها لوڏي ڪنڌ سان ماڻهن ڏانهن اشارو ڪيائين.

سيڪريٽري نوجوان هو، يا هڪ مقامي ڪاليج ۾ ليڪچرار هو. جلسي جو انتظام ’ٿنڪرس فورم‘ طرفان هن ئي ڪرايو هو. ڪيس خواب يا خيال ۾ بہ نہ هو تہ پروفيسر ڪريم ڪو ايترو قدر مقبول هوندو جو سندس تقرير ٻڌڻ، يا کيس ڏسڻ جي شوق ۾ حيدرآباد جو سارو شهر اٿلي پوندو. هن سا گڏئي بسنت هال ۾ ملڪ جي مشهور مفڪرن کي خالي ڪرسيون ڏسي فڪرمند ٿيندي ڏٺو هو. هن هال ۾ وڏن وڏن عالمن جون تقريرون هلندي ٻڌندڙن کي اوٻاسيون ڏيندي، يا هال مان کسڪندي ڏٺو هو. پنهنجي ان تجربي جي آڌار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هن اڏو ڳاٻروَ انتظام ڪيو هو. ٿنڪرس فورم جي ڪن ميمبرن ڪيس خبردار بہ ڪيو هو، پر هن سندن ڳالهہ رد ڪندي ڪين چيو هو، 'ميان، پروفيسر ڪريم پل يورپ، مشرق بعيد ۽ وچ مشرق ۾ مشهور هجي، پر هتي خير ڪو سڃاڻيس. ۽ وڏي ڳالهہ تہ اڄ ڏهن سالن کان پوءِ پنهنجي وطن وريو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو اچن تہ شڪر ڪجو.'

پر اُن ڏينهن صبح جو جڏهن پروفيسر ڪريم ڪي عالمي امن تي ڳالهائڻ لاءِ حيدرآباد گهرايو ويو، تڏهن سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ سوين نہ، پر هزارين شهري اڳواٽ بسنت هال ۾ پهچي ويا. سيڪريٽريءَ جي اک بہ تڏهن کُلي، جڏهن يونيورسٽيءَ ۽ ڪاليجن جي پروفيسرن، ليڪچرارن، عالمن، اديبن ۽ صحافين کي هال ۾ داخل ٿيندي ڏٺو. خلق ۾ وڏو تعداد شاگردن جو هو. سيڪريٽريءَ ڦڪائي لاهڻ لاءِ ٿنڪرس فورم جي ميمبرن کي چيو هو، 'يار، مون کي خبر نہ هئي تہ اڄوڪو نسل امن لاءِ ايترو اُتو آهي!'

اڄوڪو نسل امن لاءِ ڪيتري قدر اُتو آهي! اها خبر سيڪريٽريءَ کي تڏهن پيئي جڏهن پروفيسر ڪريم پنهنجي تقرير پوري ڪئي.

هڪڙي غيرملڪي اخباري نمائيندي پنهنجي ڊڪٽافون جو مائيڪ پروفيسر ڪريم ڏانهن وڌائيندي سوال ڪيو، ”عالمي امن نظرياتي ڇڪتاڻ ۾ ڇيهون ڇيهون ٿي ويو آهي. پر اوهان نظرياتي ڪشمڪش سان گڏ مذهبي جنون ۽ نسلي امتياز جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيڪي امن لاءِ هاڃيڪار آهن. مهرباني ڪري وضاحت ڪندا.“

پروفيسر ڪريم بدران، سيڪريٽريءَ اخباري نمائنديءَ کي جواب ڏنو، ”پروفيسر ڪريم شام جو پريس ڪانفرنس سڏائي آهي. هن وقت ڪانئن ڪجهہ پڇڻ مناسب ناهي.“

”مان پروفيسر ڪريم کي يورپ کان وٺي رڪارڊ ڪري رهيو آهيان.“ اخباري نمائيندي چيو، ”هن وقت دنيا ۾ فقط ٻہ ٽي مفڪر آهن جيڪي هزارن جي هجوم ۾ بہ حواس قائم رکي اخباري

نمائيندن جي سوالن جا جواب ڏيندا آهن، ۽ انهن مان هڪ پروفيسر ڪريم آهي.“

”جڏهن.“ پروفيسر ڪريم غير ملڪي نمائينديءَ کي چيو،
”تو مذهبي جنون ۽ نسلي امتياز جي باري ۾ پڇيو آهي نہ؟“
”ها سائين.“

پروفيسر ڪريم جي چوگرد بيٺل ماڻهو خاموش ٿي ويا.
هن چيو، ”جڏهن، ابراهام لنڪن ۽ مهاتما گانڌي جيئرا آهن.“
”جيئرا آهن!“ اخباري نمائينديءَ جڏهن ڪان ڇرڪ نڪري ويو.
”ها، جيئرا آهن.“ پروفيسر ڪريم ورائيو، ”جڏهن ڪان ڪين شهيد ڪيو ويو آهي، تڏهن ڪان ٻئي ڄڻا انسانيت جي عدالت ۾ نسلي امتياز ۽ مذهبي وحشيپڻي تي شاهد ٿيا بيٺا آهن.“
”مارٽن لوٿر ڪنگ جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟“
”هو دنيا جي عظيم انسانن منجهان هڪ آهي.“
”ڇا هو آمريڪا جي شيدين کي اڇي آدمشماريءَ خلاف نہ پيو ڀڙڪائي؟“
”هرگز نہ،“ پروفيسر ڪريم جي نرڙ تي گنڊ ظاهر ٿي پيو. چيائين ”مارٽر لوٿر ڪنگ جي چوڻ موجب آمريڪا ۾ ڪارن ماڻهن جي اڇن ماڻهن خلاف جدوجهد نہ آهي، بلڪ مظلوم جي ظالم خلاف، ڏتڙيل جي بي انصافيءَ خلاف، ۽ روشنيءَ جي اونده خلاف جدوجهد آهي. پر توهان ڏسندين جڏهن، تہ مارٽن لوٿر ڪنگ کي حق جي راهہ ۾ پنهنجي سِر جو نذرانو ڏيڻو پوندو.“

هڪڙي اردو روزاني اخبار جي نمائنديءَ وچ مان پڇيو،
”ان لحاظ کان توهين، سمجهو ٿا تہ پاڪستان ڇٽو پيو آهي.“
”نہ.“
”ڪيئن.“

”١٩٤٧ کان ١٩٥٨ تائين، پاڪستان جا پهريان يارهن سال افراتفريءَ ۾ گذري ويا. ١٩٥٨ کان پوءِ هتان جي عوام تي، جيڪا فتوجي ۽ ڪاموري آمريت مڙهي ويئي آهي، تنهن سندن

حواس خطا ڪري ڇڏيا آهن. پاڪستان سنڌي، پنجابي، بنگالي، پٺاڻ ۽ مهاجر جي ڇڪتاڻ ۾ ولوڙجي ويندو.“

سيڪريٽريءَ چيو، ”سائين پيهہ سوڙهي ٿيندي پيئي وڃي، خدارا نڪري هلو.“

”جٺڪ.“ پروفيسر ڪريم چيو، ”پاڻ وڏيڪ شام جو ڳالهائينداسين.“

”شام جو مان نہ اچي سگهندس.“ جٺڪ چيو، ”اڄ شام جو مون کي ڪراچيءَ ۾ پريزيڊنٽ ايوب خانؒ جي پريس ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. توهين مهرباني ڪري منهنجي سوال جي پوئين حصي تي پنهنجو راءِ ڏيو.“

”تنهنجي سوال جي پوئين حصي جي جواب ۾ دنيا جون اهي جنگيون آهن، جيڪي مذهب جي نالي ۾ وڙهيون ويون آهن. يا اهي ملڪ جيڪي مذهب جي نالي ۾ ناهيا ويا آهن، يا ورتا ويا آهن.“

”مثال طور؟“

”اسرائيل ۽ ـــ“ پروفيسر ڪريم هڪدم جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. نوجوان سيڪريٽريءَ ٽيڏي اک سان سي- آءِ- ڊي وارن ڏانهن ڏٺو ۽ سنڌس ساهہ وڃي پيرن ۾ پيو.

پروفيسر ڪريم ڊائس تان هيٺ لٿو. هال جي پوئين در وٽ ٻه ماڻهو کيس ورائي ويا. ٿنڪرس فورم جي ميمبرن کيس پنهنجي گهيري ۾ آڻي، ماڻهن کان بچائي ٻاهر آندو.

ڪار تائين پهچڻ کان اڳ هڪ نوجوان سندس سامهون اچي بيٺو. عقيدت جي شدت کان کيس ڳالهائڻ لاءِ لفظ نٿي مليا. هن هٻڪندي چيو، ”سائين مان فرينچ لٽريچر جو شاگرد آهيان.“

پروفيسر خوش ٿي ساڻس هٿ ملايو.

نوجوان چيو، ”سائين، اخبارن ۾ پڙهيو هيم تہ البرڪامو جي ايڪسيڊنٽ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين توهين وٽس هئا.“

پروفيسر ڪريم جي منهن تيّ ڏک جو ڇانوَلو تري آيو، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽي ويو.

”سائين.“ نوجوان چيو، ”ماڻ البرڪامو جو مداح آهيان، يا ڪٿي ائين سمجهو ته ماڻ ڪامو جو عاشق آهيان.“

سيڪريٽريءَ نوجوان کي چيو، ”پروفيسر ڪريم صاحب کي آرام جي سخت ضرورت آهي. کين شام جو پريس رپورٽرن سان ملڻو آهي ۽ ان ڪان پوءِ پڪي قلعي ۾ عام جلسي کي خطاب ڪرڻو اٿن.“

”مون کي بس هڪڙي ڳالهه پڇڻ ڏيو.“ نوجوان عرض ڪيو، ”سائين، البرڪامو مرڻ ڪان اڳ ڪجهه چيو هو.“

”ها.“ پروفيسر ڪريم ماڻهن جي وچ ۾ هوندي به پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ويو. چيائين، ”البرڪامو مرڻ ڪان اڳ چيو هو، ته اچوڪي انسان کي ٻيٽي جنگ لڙڻي آهي—هڪ ظلم جي ظاهري قوتن سان، ۽ ٻي پنهنجي اندر ۾ لڪل وحشي جذبن سان.“

”بس سائين، مهرباني،“ نوجوان، پروفيسر ڪريم جو هٿ پنهنجي پنهي هٿن ۾ جهليو، ۽ سندس اکيون پرجي آيون.

سيڪريٽري ۽ ٽنڪرس فورم جي ميمبرن دائرو ناهي پروفيسر ڪريم کي پيهه ڪان جدا ڪري ڇڏيو. هو آهستي آهستي موٽر ڏانهن وڌڻ لڳا. موٽر جي در وٽ ڪجهه ماڻهن ڪيس آٽوگراف بڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انتظاميه جي ميمبرن کين روڪي ڇڏيو. هڪ ميمبر موٽر جو در کولي بيٺو. پروفيسر ڪريم موٽر ۾ وڃي ويٺو. ميمبر در بند ڪري ڇڏيو.

هڪ اٺن - ڏهن سالن جو ٻار گلدستو کڻي موٽر ڏانهن وڌندو پي آيو. ماڻهن کي ڌڪيندو، پيهه مان واٽون ڪندو، ڌڪا ڏيندو ۽ ڌڪا کائيندو هو موٽر وٽ اچي پهتو. اُن وقت موٽر آهستي آهستي چرڻ شروع ڪيو. ٻار ٻڪ ڀاتي. پير وچڙيس. ٿاپو کائي سڙڪ تي ڪري پيو. گلدستو هٿن مان ڪري ويس. هن نماڻا نيڻ کڻي موٽر ڏانهن ڏٺو.

پروفيسر ڪريم منهن ورائي ٻارڙي ڏانهن ڏٺو، ۽ ڊرائيور

جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڊرائيور موٽر ٻيهاري چڏي.

هو موٽر مان لهي آيو. هن ٻار کي ٻانهن کان وٺي سڙڪ تان ڪٽي ورتو. ڪپڙا ڇنڊبينڊي، سندس نگاهہ ٻار جي رهڙيل ڏونٺ تي پيئي جنهن مان رت ٽمي رهيو هو. هن هڪدم رومال ڪڍي ٻار جي زخم تي رکيو.

اهو سڀ اک ڇنڀ ۾ٿي ويو. ٿنڪرس فورم جو سيڪريٽري ۽ ميمبر واڌـڙن وانگر ٻـروفيسر ڪريم ڏانهن ڏسڻ لڳا. ايتري ۾ ڪجهہ پيا ماڻهو بہ ميڙ ڪري بيٺا.

ٻـروفيسر ڪريم ٻار جي نرڙ تان وار پـري ڪري سندس منهن ۾ نهاريو. ڪجهہ دير هو ٻار جي منهن ۾ ڏسندو رهيو. سندس گنڀير منهن مان ڪن پل لاءِ حيرت ليئو پائي ورتو. ٻار سڙڪ تان گلدستو کڻي ڏانهس وڌايـو. هن گلدستو وٺندي ٻـار کي وارن تي ميٺي ڏني، ۽ موٽي وڃي موٽر ۾ ويٺو.

موٽـر بسنت هال وٽان هلي جيستائين جنرل پوسٽ آفيس تائين پهتي، تيستائين هو ٻار ڏانهن ڏسندو رهيو.

سيڪريٽريءَ اهڙي نـوع ۾ ڳالهايو، ڄڻ پروفيسر ڪريم جي معلومات ۾ واڌارو ڪرڻ ٻـي چاهيو. چيائين، ”اهو ڇوڪرو پکراج جو پٽ آهي. حرامي ٻار آهي.“

پروفيسر ڪريم ڪيس جواب نہ ڏنو.

موٽر جي پوئين سيٽ تي پروفيسر ڪريم ۽ ٿنڪرس فورم جو سيڪريٽري ويٺا هئا، ۽ اڳينءَ تي ڊرائيور جي ڀرسان فورم جا ٻہ ميمبر ويٺا هئا.

سيڪريٽريءَ چيو، ”پکراج حيدرآباد جي مشهور **Prostitute** آهـي.“

هن رنڊيءَ بدران لفظ پراسٽيٽيوٽ استعمال ڪندي پنهنجي پـرـ ۾ لفظ جي زهر کي ڪيپسول ۾ وجهي ڇڏيو.

موٽر جي اڳين سيٽ تي ويٺل هڪ ميمبر منهن ورائيندي چيو، ”سائين، وڏا وڏا واپاري، زميندار ۽ سرڪاري آفيسر قدردان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس. سندس هڪ اشاري تي سرڪاري نظام جي ڪايا پلٽجي سگهي ٿي.“

پروفيسر ڪريم جي نڪ مٿان نرڙ تي گنڍ جو نشان ظاهر ٿي پيو.

سيڪريٽريءَ ڳالهہ بدلائڻ لاءِ چيو، ”ارنيسٽ هيمنگوي جي مرڻ تي توهان جيڪو تبصرو ڪيو هو، سو پاڪستان جي گهڻن ئي عالمن کي پسند نہ آيو.“

”۽ توهان کي؟“ پروفيسر ڪريم سيڪريٽريءَ ڏانهن ڏسڻ بنا پڇيو.

سيڪريٽريءَ جا حواس خطا ٿي ويا. سندس ٻنهي ساٿين اڳينءَ سيٽ تان منهن ورائي ڏانهس ڏٺو، ۽ سندس بيڪسي ڏسي منهن ڦيرائي ويهي رهيا.

”هيمنگوي دنيا کي گهڻو ڪجهہ ڏنو، ۽ دنيا کان گهڻو ڪجهہ ورتو.“ پروفيسر ڪريم چيو، ”هن ڀرپور زندگي گذاري. جڏهن پاڻ کي ڪارائتو نہ پاتائين، تڏهن خودڪشي ڪيائين. سندس اهو عمل عظيم هو. ماڻ پاڪستاني عالمن ۽ ملن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجو رايو نہ مٽائيندس.“

موٽر يونيورسٽيءَ وٽان ٿڌي سڙڪ ڏانهن ڦري ويئي. ٽنڪرس فورم جو سيڪريٽري سُسي ويو.

اڳينءَ سيٽ تان هڪڙي ميمبر منهن ورائيندي آهستي چيو، ”سائين، اجازت هجي تہ ڪجهہ پڇان؟“

پروفيسر ڪريم هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

ميمبر چيو، ”اوهان جي تقرير ماڻ ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻ اوهين مذهب جي خلاف آهيو؟“

”ماڻ ڪير ٿيندو آهيان مذهب جي خلاف ٿيڻ وارو.“ پروفيسر ڪريم چيو، ”مذهب ماڻ منهنجو مطلب فقط اسلام نہ آهي. مذهب جي لفظي اصطلاح ۾ اسلام، هندو ڌرم، عيسائي، جين ۽ ٻيا مذهب اچي وڃن ٿا. جهڙيون حالتون رونما ٿي رهيون آهن، تنهن ماڻ ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ٿئي ٿو تہ مذهب هن صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين، يا ايندڙ صديءَ جي شروعات ۾ پنهنجو موت پاڻ مري ويندو. مذهب جي جاءِ معاشي ۽ اقتصادي برابريءَ جون قوتون والارينديون."

هوٽل انڊس تائين ڪنهن نہ ڳالهايو.

موٽر هوٽل انڊس جي حد ۾ داخل ٿي، ۽ در جي سامهون وڃي بيٺي.

پروفيسر ڪريم در کولي ٻاهر نڪري آيو. سيڪريٽري ۽ فورم جا ٻہ ميمبر بہ موٽر مان لهي آيا. پروفيسر ڪريم ڪنڌ جهڪائي هوٽل جي ورانڊي ڏانهن هليو ويو. هو ٽيئي سندس پٺيان هلڻ لڳا.

پروفيسر ڪريم لاءِ ٻہ ڪمرا مخصوص ڪرايا ويا هئا. هڪ سندس ذاتي استعمال لاءِ، ۽ ٻيو ملاقاتين سان ملڻ لاءِ.

ٻيرو اڳواٽ ئي سندس ڪمري جو در کولي ادب سان بيٺو هو. هو چارئي ڪمري ۾ داخل ٿيا. سيڪريٽريءَ پروفيسر ڪريم کي هڪ ڪارڊ ڏيندي چيو، "هن تي شهر جا اهم ٽيليفون نمبر لکيل آهن. اسين بہ هر وقت حاضر آهيون."

پروفيسر ڪريم آرام ڪرسيءَ تي ويهندي چيو، "مان ڪجهہ دير لاءِ بلڪل اڪيلو رهڻ چاهيان ٿو."

سيڪريٽريءَ چيو، "اسين هوٽل جي انتظاميہ کي هدايت ڪري ڇڏيون ٿا تہ اخباري نمائيندن جي ڪانفرنس کان اڳ توهان کي تڪليف نہ ڏين."

"مهرباني." هن اکيون بند ڪري، مٿو ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان لڳائي ڇڏيو.

هو ٽيئي ڪمري مان نڪري ويا. ٻيري آهستگيءَ سان در بيڪڙي ڇڏيو.

ٽنهي فورم جو سيڪريٽري ۽ ٻہ ميمبر رات جي جلسي لاءِ بندوبست ڪرائڻ ۽ جلسي ۾ انتظام رکائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ڏانهن هليا ويا. ويندي ويندي هوٽل جي رسيپشنسٽ کي تاڪيد ڪري ويا تہ شام واري پريس ڪانفرنس کان اڳ ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي بہ پروفيسر ڪريم سان ملڻ نہ ڏي.

رسيپشنسٽ ٽيليفون تي پروفيسر ڪريم کان پڇيو، ”سر، لنچ تيار آهي.“

ان هڪ جملي کان وڌيڪ هُن ڪجهہ نہ ڳالهايو. رسيور ٽيليفون تي رکندي بيري کي پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيائين. بيرو ڊوڙندو آيو.

بيري کي چيائين، ”پروفيسر ڪريم لنچ نہ کائيندا، فقط ڪافيءَ جو ڪوپ پيئندا.“

”يس سر،“ بيرو هليو ويو.

پروفيسر ڪريم ڪافيءَ جا ٻہ ڍُڪ پيري، ڪوپ ٽيبل تي رکي، آرام ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان مٿو لڳائي، چڏيو. سندس منهن مان ٿڪ ظاهر ٿي رهيو هو. هن اکيون کوليون، هٿ وڌائي ٽيبل تان ڪافيءَ جو ڪوپ کڻي ورتو ۽ سپ سپ ڪري ڪافي پيئڻ لڳو. ڪافي پيئندي، ٽيبل تي رکيل اخبارن جون اهم خبرون نظرن مان ڪيڏندو ويو. ملڪ جون ذري گهٽ سموريون اخبارون سامهون رکيل هيون. سڀني اخبارن جون اهم خبرون پريزيڊنٽ فيلڊ مارشل ايوب خان جي باري ۾ هيون— پريزيڊنٽ ايوب خان وڻ پوکيو— پريزيڊنٽ ايوب خان هڪ هوٽل جو افتتاح ڪيو— پريزيڊنٽ فيلڊ مارشل ايوب خان بنيادي جمهوريت جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي— پريزيڊنٽ ايوب جيڪي ڪينيڊيءَ کي هڪ گهوڙو تحفي طور ڏنو— پريزيڊنٽ ايوب— پريزيڊنٽ ايوب— پريزيڊنٽ ايوب ۽ پريزيڊنٽ ايوب.

هن خالي ڪوپ ٽيبل تي رکي، ڪال بيل وڄائي.

بيرو ادب سان ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ ٽيبل تان خالي ڪوپ کڻڻ لڳو.

پروفيسر ڪريم جهيڻي آواز ۾ ڳالهايو، ”هي اخبارون کڻي وڃ.“

بيري ٽيبل تان اخبارون کڻي ورتيون ۽ ڪمري مان نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيري جي وچ ڪان پوءِ هو آرام ڪرسيءَ تان اٿيو. ڪوٽ لاهي ڪليءَ تي ٽنگيائين. ڀاسي ۾ رکيل ڊريسنگ ٽيبل ڏانهن ڦٽي ڪٽي وارن کي جاڳيتو ڪيائين. ڦٽي رکندي، آئيني جي عڪس ۾ سندس اکيون اٽڪي پيون. پنهنجين اکين ۾ اکيون وڌائين ته ڪجهه دير تائين پنڊ پهڻ ٿي ويو. سندس دل تي ان پارٽي جي ياد تري آئي، جيڪو بسنت هال وٽ موٽر جي ٻاهران گلدستي سميت سڙڪ تي ڪري پيو هو. پارٽي جي منهاندن ۾ ڪيس پنهنجا منهاندا نظر آيا هئا. آئيني جي آڏو ڪيس پنهنجي نئڊيڻ جو خيال آيو. سوچيائين، جڏهن ڀاڻ اٺن - ڏهن سالن جو هوندو، تڏهن ضرور ان پار جهڙو هوندو.

آئيني وٽان هٽي ويو. پلنگ تي وڃي ليٽيو. ويهاڻي تي مٿو رکي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. اکيون بند ڪيائين ته اکين آڏو بسنت هال جو نظارو تري آيس. ڪنن ۾ تاڙين جا آواز پڙاڏا ڪرڻ لڳس. تڏهن ازخود سندس آگريون بند اکين جي پنبڻين سان وڃي لڳيون.

اکيون آليون هئس. بند اکين جي ڪُنڊن مان لڙڪ لڙي، ويهاڻي تي ڳڙي آيس. ايتري عزت ۽ ايتري ناموس هوندي به سندس اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. هڪ غم هو، غم جو احساس هو، جيڪو ڪوري وانگر سندس وجود ۾ ڪامي رهيو هو. جبل جيڏو بار ضمير جي مٿان اچي ڪريو هوس، جنهن جي ضرب ۾ هو روح تائين گهائل ٿي ويو هو. پنهنجي وجود ۾ ڪامنڊڙ ڪوزي کي ٽارڻ لاءِ هن ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ ڏڪا ڪاڏا هئا. ڇتيل ڇچريل ضمير تان ندامت جو بار لاهڻ لاءِ هزارين ڪتابن جي مطالعي جو ٻار ڪٽي ورتو هئائين. اندر واري انسان کي، جنهن کي پنهنجن هٿن سان سوريءَ تي لٽڪايو هئائين، تنهن کي سوريءَ تان لاهي ورتائين. ڪيس بچائي ورتائين، پر سندس خشڪ ۽ ڪومايل چپن کي سُرڪ موڙائي نہ سگهيو. وطن وريو ته پاڻ سان عالمي شهرت کڻي آيو. نالو کٽي آيو، ناموس کٽي آيو؛ پر جنهن قلبي سڪون جي ڳولا ۾ نڪتو

هو، سو نه آئي سگهيو!

ٽڪل ڏهن، سنڌ سنڌ ساڍو۔ اک لڳي ويس.

اک کليس. واچ ۾ وقت ڏٺائين. شام جا پنج ٿيا هئا. ساڍي پنجين لڳي ڪيس اخباري نمائيندن سان ملاقات ڪرڻي هئي. پلنگ تان اٿي، ڪال بيل جي بٽڻ تي آڱر رکيائين. بيرو ڪمري ۾ داخل ٿيو. بيري کي چانهه آڻڻ جو چئي، غسلخاني ۾ هليو ويو.

غسلخاني مان نڪتو ته بيري اڳواٽ ئي چانهه جي ٽري ٽيبل تي آڻي رکي هئي. بيرو ٻـرپيرو بيٺو هو. هٿ ۾ وزٽنگ ڪارڊ هئس.

”رک،“ هن ڏانهس ڏسڻ کان سواءِ چيو.

بيرو وزٽنگ ڪارڊ ميز تي رکي هليو ويو.

ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. چانهه جو ڪوپ ٺاهيندي وزٽنگ ڪارڊ ڏٺائين. ملڪي ۽ غيرملڪي اخبارن ۽ رسالن جي نمائيندن جا ڪارڊ هئا.

واچ ۾ وقت ڏٺائين. سوا پنج ٿيا هئا. هن سپ سپ ڪري چانهه پي، خالي ڪوپ ٽيبل تي رکي ڇڏيو. ڪپڙا مٽائي ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو.

بيرو اندر آيو. ادب سان چيائين، ”سائين، پڪراج اوهان سان ملڻ آئي آهي.“

پروفيسر بيري ڏانهن نهاريو.

بيري ادب سان چيو، ”شهر جي مشهور طوائف آهي، مون ته ــــ“

بيري پنهنجو جملو پورو نه ڪيو، پروفيسر ڪريم جي منهن تي گهنڊ ڏسي خاموش ٿي ويو.

پروفيسر واچ ۾ وقت ڏسندي چيو، ”چئينس، مون وٽ ملڻ لاءِ وقت ڪونهي.“

”مون ته اڳواٽ ئي چئي ڇڏيس.“ بيري وراڻيو، ”پر چوي ٿي فقط پنجن منٽن لاءِ ملندي.“

هن واچ ڏسندي پڇيو، ”ڪٿي آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ملاقاتي ڪمري ۾.“
”۽ اخباري نمائيندا؟“
”اُهي هوٽل جي لائونج ۾ ويٺا آهن.“
”ٺيڪ آهي،“ پروفيسر ڪريم چيو، ”هينئر پنج لڳي ويهه منٽ ٿيا آهن. مان پوري ساڍي پنجين لڳي لائونج ۾ ايندس.“
بيرو ڪمري جو در کولي بيٺو. پروفيسر ڪريم ڪمري مان نڪتو، ۽ هن ڪانئس اڳ وڌي ملاقاتي ڪمري جو در کوليو. پروفيسر جڏهن اندر هليو ويو، تڏهن در بند ڪري ڇڏيائين.
ڪمري ۾ صوفا سيٽ جي ڪنڊ تي هڪ عورت پٺيري ويٺي هئي. سندس ڪلها گول ۽ ڀريل هئا. ڪيس گلابي رنگ جي ساڙهي پاتل هئي.
”ڏي؟“ پروفيسر ڪريم چيو، ”مون وٽ فقط ڏهه منٽ آهن.“
هوءَ پنهنجي جاءِ تان اٿي بيٺي، پر منهن نه ورايائين.
پروفيسر ڪريم پنهنجو جملو ورجايو، ”مون وٽ فقط ڏهه منٽ آهن، ڏي؟“
”سر،“ هن ڪنبندڙ آواز ۾ هڪ لفظ چيو. ڦيرو ڪيائين، گهونڊ ڪري نمائين نگاهن سان پروفيسر ڪريم ڏانهن ڏسڻ لڳي.
پروفيسر ڪريم جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي. ماڪيون پٽر تي ويس. پيرون پاڻ ۾ ڳنڊجي ويس. ٽنگن مان سٽ نڪري ويس. ڪِرڻ تي هو، جو پاڻ سنڀالي صوفا تي ويهي رهيو. ٻنهي هٿن سان منهن لڪائي ڇڏيائين.
پڪراج ميز تي رکيل جڳ مان گلاس ۾ پاڻي پيئي آئي.
”پيئو،“ هن آهستي چيو.
هن هٿن مان منهن ڪڍي پڪراج ڏانهن ڏٺو. پڪراج هر حسين طوائف ڪانءُ وڌيڪ حسين هئي. پروفيسر ڪريم سندس هٿن مان گلاس ورتي، يڪ ساهي سمورو پاڻي پي ويو. ڪجهه سامت ۾ آيو. ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريائين، ته فقط ايترو چئي سگهيو، ”تون،

نسيم!“

”ها، سر.“ هن ادب سان ورائيو. ”مان پکراج تي پيئي آهيان، سر.“

هو خاموش رهيو. ڳالهائڻ لاءِ لفظ ڳوليندو رهيو.

پکراج چيو، ”اوهان هڪڙي دفعي هيمليٽ ۾ روح جي تشريح ڪندي، جوڻ متاثڻ جو ذڪر ڪيو هو نہ.“

پروفيسر ڪريم ڏانهس ڏٺو.

هن چيو، ”انسان فقط مرڻ کان پوءِ جوڻ نہ متاثبندو آهي، سر. ڪجهہ انسان پنهنجي حياتيءَ ۾ جوڻ متاثيندا آهن. جيئن مون.“

هو حيرت ۽ پشيمانيءَ مان ڏانهس نهاريندو رهيو.

”مان نسيم مان پکراج تي پيئي آهيان،“ هن چيو.

پروفيسر ڪريم ڳوري آواز ۾ ڳالهايو، ”مان پاڻ کي معاف ڪري نہ سگهيو آهيان، نسيم.“

هن هڪدم ورائيو، ”مان ماضيءَ جو داستان دهرائڻ نہ آئي آهيان، سر.“

”مون تو کي دو کو ڏنو آهي،“ پروفيسر ڪريم سندس ڳالهہ ٻڌي اٿبڌي ڪندي چيو، ”تنهنجو پرم پوريو اٿم.“

پروفيسر ڪريم تعليم ۽ تحقيق جا تجربا حاصل ڪيا هئا، پر جيڪا سمجهہ پکراج زماني جا ستم سهي حاصل ڪئي هئي، تنهن کيس ششدر ڪري ڇڏيو. هن مانيٺي آواز ۾ چيو، ”توهان کي بدنام نہ ڪنديس، سر.“

پروفيسر ڪريم جو ڪنڌ جهڪي ويو. پنهنجي ساهہ، چڻ پاڻ سان ڳالهايائين، ”ضمير جو هڪ زخم پرڻ لاءِ مان ڌرتيءَ جي خاڪ آڏائيندو رهيو آهيان — علم ۽ عالمن جي موجودگيءَ ۾ اندر جو چيڪو وسارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. دل جي ميدان ۾ ملامت ۽ ندامت جهڙي متضاد قوتن جي جنگ کان منهن موڙي عالمي امن لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهيان. پر مان بہ ڪيترو نہ پورڙو آهيان. ضمير جو زخم بہ ڪڏهن پريو آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر مونکي توهان سان ڪابہ شڪايت نہ آهي.“ پڪراج چٽي آواز ۾ آهستي چيو، ”فخر اٿم تہ توهان جي شاگردياڻي رهي چڪي آهيان.“

عذاب ۽ پشيمانيءَ جو احساس پروفيسر ڪريم جي وجود مان ڪوڙهہ وانگر ڦاٽي نڪتو. لفظ لفظ ڪوريندو، ڪيس چيريندو رهيو. چيائين، ”ڏهن سالن جو عرصو تمام طويل هوندو آهي، نسيم. پر اڄ جڏهن تو کي ڏٺو اٿم، تڏهن ڏهن سالن جو عرصو ڏهن سيڪنڊن جي وڇوٽيءَ تي بيٺل ٿو ڀانئجي. انسان سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي زور تي خدا کي وڃي ڪلهو هڻندو، پر ويل وقت جي واڳ ورائي نہ سگهندو. نسيم، الا تہ آهو وقت ڀيهر موٽي اچي جڏهن مان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرار هوس ۽ تون آنرس فرسٽ ايئر جي شاگردياڻي هئينءَ. اها گهڙي موٽي اچي جڏهن جنسي حوس جي راڪاس مون کي ماري مات ڪيو هو ۽ مون تنهنجو پرم پوري چڏيو هو. الا! اهو وقت موٽي اچي. اهو راڪاس موٽي اچي تہ مان ڪائنس ڀرين شڪست جو بدلو وٺان — ڪيس نهوڙي ناس ڪيان.“

پروفيسر ڪريم جذبن جي واچوڙن ۾ وڪوڙجي ويو. ڪو واڏو هو، جو وڍيندو پي ويس. ڪو رازو هو، جو مٿان غمن جو ڪوٽ اڏيندو پي ويس. هن اهڙي لهجي ۾ ڳالهايو جنهن مان صدين جي پڇتاءَ جو پڙاڏو پي آيو. چيائين، ”مان آن ڏينهن کي ملامت ڪندو آهيان نسيم، جڏهن تنهنجي اعتبار جو آئينو چور چور ڪيو هوم — جڏهن تنهنجو اعتماد حوس جي باهہ ۾ ڀسم ڪيو هوم.“

هو صوفا تان اٿي ويو. پٺ ڏانهن منهن ڪري بيٺو. آٿان چيائين، ”مونکي تنهنجون آهي وحشت ڀريل اکيون اڃا تائين ياد آهن نسيم، جن سان تو گهائل ٿيڻ کان پوءِ مون ڏانهن ڏٺو هو.“

پٺ کي پٺي ڏيئي، پڪراج ڏانهن منهن ڪندي چيائين، ”جڏهن اندر ۾ امن نہ آهي، تڏهن مان ڪهڙي عالمي امن جي تلاش ۾ سرگردان رهيو آهيان! منهنجي پنهنجي وجود ۾ گهمسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي .“

پڪراج شروع ڪان جيئن پلنگ وٽ بيٺي هئي، تيئن بيٺي رهي. پنهنجي واچ ۾ وقت ڏسندي چيائين، ”ڇهه ٿي رهيا آهن. مونکي مطلب جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. اخباري نمائيندا اوهان جو انتظار ڪندا هوندا.“

پڪراج جو آواز پروفيسر ڪريم جي ڪنن تائين چڻ پهچي نه سگهيو. هو پڪراج جي سامهون اچي بيٺو. پنهنجين اداس ۽ اونهين اکين سان ڏانهنس نهاريندي چيائين، ”مان توسان شادي ڪندس، نسيم .“

هو ڪانئس وڪ ڪن پري ٿي ويئي. وڏي اعتماد سان ورائيائين، ”اڄ توهين جنهن علم، عزت ۽ ناموس جا مالڪ آهيو، تنهن ڪي پنهنجي بڇڙي وجود سان داغدار نه ڪنديس.“

پڪراج جو جملو ڀالو بڻجي روح مان پار ٿي ويس. ڦٿڪي پيو. چيائين، ”مون اُن وقت به پڇتائيندي چرين وانگر توکي ڳوليو هو، پر تون ٽٽل تاري وانگر الاءِ ڪهڙين اونداهين ۾ گم ٿي ويئي هئينءَ .“

”مونکي گم ٿيڻو پيو هو، سر.“ پڪراج ٿڌو ساهه ڀريندي چيو، ”مون ڪي پنهنجي داغدار دامن کان وڌيڪ پنهنجي پيءُ ۽ خاندان جي عزت جو اونو هو.“ پيريل آواز ۾ چيائين، ”اڄ مان هنن لاءِ مئل آهيان.“

”نسيم .“ پروفيسر ڪريم چيو، ”تون جيئن آهين، جهڙي آهين، مان توسان شادي ڪندس.“

”وساري ڇو نه ٿا ڇڏيو ان گناهه کي جنهن جو ڪو به شاهد نه آهي — نه نسيم، نه نسيم جي اندر واري عورت.“ ڏک وچان چيائين، ”مان پڪراج آهيان .“

هو ٻئي واڪا ڪندڙ خاموشيءَ جي خلائن ۾ ٻن بيچين روحن وانگر هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي رهيا هئا.

خاموشي ٽوڙيندي پڪراج چيو ”هڪ عرض ڪئي آئي آهيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبن جو طوفان آيو، لنگهي ويو. دل جي ڌرتي احساسن جي زلزلي ۾ ڪنبي، وري ڄمي ويٺي. اُميدن جو ٻتڪدو گهڙي ڪن لاءِ آباد ٿي، برباد ٿي ويو.

پروفيسر ڪريم چيو، ”ڇٺ.“

”اسد هينئر ڏهن سالن جو ٿيو آهي.“

”اسد؟“

”اسانجو اسد،“ پکراج ڇت ڏانهن نهاريندي ورائيو.

پروفيسر ڪريم حيرت ۽ شرمسار نگاهن سان ان عورت ڏانهن نهارڻ لڳو، جنهن سندس گناهه جي نشانيءَ کي ڀرين پيار جو تحفو سمجهي سيني سان سانديو رکيو هو.

”اسد کي پنهنجي ماحول کان ڌار ڪرڻ چاهيان ٿي.“ هن دردناڪ آواز ۾ چيو، ”ڪيس اسڪول ۾ داخلا به نٿي ملي.“

”ڇو؟“

”ڇو جو هو هڪ وئشيا جو پٽ آهي.“

”منهنجو به تہ آهي،“ پروفيسر ڪريم چيو.

”هرگز نہ.“ هن اعتراض ڪيو، ”اهو داغ اوهانجي ناموس تي لڳڻ نہ ڏيندس.“

هو ٻئي هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

پکراج چيو، ”توهين ڪيس يتيم سمجهي پاڻ سان وٺي وڃو.“

پروفيسر ڪريم جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. هن منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

”ڪيس پڙهڻ ۽ اسڪول وڃڻ جو ڏاڍو شوق آهي.“ پکراج چيو، ”ان واعدي تي توهان سان رهڻ تي راضي ڪيو ٿي مانس، تہ توهين ڪيس پڙهائيندا.“

پروفيسر ڪريم آلين اکين سان پکراج ڏانهن ڏسڻ لڳو. پڇيائين، ”اسد ڪٿي آهي؟“

”ٻاهر گاڏيءَ ۾ ويٺو آهي.“ پکراج ورائيو، ”پر واعدو ڪريو تہ زندگيءَ جي ڪنهن بہ دور ۾ ڪيس اصل حقيقت کان

ڪڏهن بہ واقف نہ ڪندا."

"ڇو؟"

"ڇو جو ڪيس پيءُ جي ناليءَ کان نفرت آهي." چيائين، "پرائمري اسڪولن ۾ پارڪيس چيڙائيندا رهيا آهن."

پروفيسرڪريم بيل وڄايو. بيرو ڪمري ۾ آيو. بيري کي چيائين، "پاهر گاڏيءَ ۾ هڪ پار ويٺو آهي. هن کي وٺي اچ."

بيرو هليو ويو. جيستائين اسد نہ آيو، هو ٻئي خاموش رهيا، ۽ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا.

بيرو اسد کي در وٽ ڇڏي ويو.

پروفيسرڪريم اسد ڏانهن نهاريو. گهڙي ڪن لاءِ سندس نگاهن آڏو بسنت هال جي پاهران اسد جو ڪرڻ ۽ ڪري اٿڻ وارو منظر اڀري آيو. زماني جي نفرت سندس منهن مان معصوميت ڦري ورتي هئي. هو هوبهو پروفيسرڪريم جهڙو هو، فقط اکيون ۽ وار ماءُ وانگر ڪکا هئس. پروفيسرڪريم جي دل ۾ پيار جو قدرتي جذبو جاڳي اٿيو. ڪيس سيني سان لڳائي، پنهنجي پرسان ويهاري ڇڏيائين. ڏٺائين، تہ اکين مان اداسي پئي بکيس. ٻانهن ورائي ڪيس پاڻ سان ڇهتائيندي چيائين، "اڄان پيار جو سج نہ اڀريو آهي، پٽ. پر، يقين ڄاڻ تہ صبح جو سوجهرو پري ناهي."

پروفيسرڪريم جو جملو اسد لاءِ بيمعنيٰ هو. هن ڏانهس نهاريو. ڪيس ٻانهہ تي رهڙ مٿان رومال ٻڌل هو.

پڪراج وڏي اچي صوفہ وٽ بيٺي. اسد کي مٿي تي مٺي ڏيئي، ٻانهن ۾ پيڪوڙي ڇڏيائين. ڪجهہ دير تائين ڪيس پاڻ کان ڌار نہ ڪيائين. جڏهن لڙڪ لڪائي ڇڏيائين، تڏهن ڪيس ٻانهن مان ڪڍيائين. پريل آواز ۾ چيائين، "اسد کي پنهنجو ڪري توهان انسانيت جو ثبوت ڏنو آهي. مون کي اجازت ڏيو. خدا حافظ."

اکين وسڻ جا ويس ڪيئس. ممتا جا موتي ڪارن ڪڪرن وانگر ڇپرن ۾ چُلي آيس. چپ پيڪوڙي ڪمري جي در تائين هلي وئي. جڏهن در جي هٿيئي ۾ مٺ وڌائين، تڏهن اسد صوفہ تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿي، ڊوڙ ڊاڪي ماءُ جي سيني ۾ وڃي منهن لڪايو، ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو، ”امان، مان جڏهن پڙهي رهندس تڏهن تو وٽ موٽي ايندس.“

پروفيسرڪريم صوفه تان اٿي ماءُ ۽ پٽ وٽ وڃي بيٺو. اسد کي وارن تي هٿ ڦيرائيندي چيائين، ”اسين ٻئي موٽي ينداسين، اسد، منهنجا پٽ — ان ڏينهن هيءَ دنيا نئين نور سان منور هوندي.“

پکراج در کولي ٻاهر هلي ويئي.

پروفيسرڪريم اسد کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آيو. کيس پلنگ تي ويهاري، پاڻ منهن ڌوئڻ لاءِ غسلخاني ڏانهن هليو ويو. ٻاهر نڪتو ته بيرو ڪمري ۾ بيٺو هو.

”ڇو،“ هن ڏوال سان منهن اگهندي ڪانئس پڇيو.

”سائين،“ بيري ادب سان جواب ڏنو، ”سائين، اخباري نمائيندا اعتراض ڪري هليا ويا آهن.“

پروفيسرڪريم ٽيليفون تي رسيپشنسٽ سان ڳالهايو ۽ کيس ملاقاتي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ چيو.

اسد کي پنهنجي ڪمري ۾ ڇڏي هو ملاقاتي ڪمري ۾ آيو. رسيپشنسٽ اڳوات موجود هو.

”ڇا ٿيو؟“ پروفيسرڪريم ڪانئس پڇيو، ”هو ڇو هليا ويا؟“

”چيائون ته توهان هڪ طوائف کي مٿن ترجيح ڏني آهي.“

پروفيسرڪريم کيس ڪو جواب نه ڏنو.

”هڪ ڪلاڪ ڏهه منٽ انتظار ڪرڻ کان پوءِ هو احتجاج طور هليا ويا.“

پروفيسرڪريم سوچ ۾ پئجي ويو. چيائين، ”چڱو ٿيو جو هليا ويا. مان ڪجهه به ڳالهائڻ لاءِ ذهني طرح تيار نه آهيان.“

رسيپشنسٽ ادب سان بيٺو رهيو.

پروفيسرڪريم پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي کيس چيو، ”مان جلسي کان اڳ ڪنهن سان به نه ملندس. تون ٿنڪرس فورم جي سيڪريٽريءَ کي فون ڪري ٻڌائي وٺ. مون کي سائنس

ڳالهائڻو آهي."

پروفيسرڪريم ڪمري ۾ موٽي آيو. اسد پلنگ تي ننڊ پيو هو، پيرن ۾ بوٽ هوس، ۽ سندس پير لٽڪي رهيا هئا. هن بوٽ لاهي، سندس ٽنگون مٿي ڪري، مٿانئس بلانڪيٽ وجهي ڇڏيو. پاڻ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. آرام نہ آيس تہ اٿيو. خطن لکڻ جو پيڊ ڪڍي، اڌ ڪلاڪ ۾ ٽي-چار مختصر خط لکي لفافن ۾ وجهي ڇڏيائين.

ان وقت رات جا اٺ ٿيا هئا. ڪيس ساڍي اٺين لڳي قلعي ۾ عام جلسي کي خطاب ڪرڻو هو، ۽ ڪيس مٿي ۾ هلڪو هلڪو سور محسوس ٿي رهيو هو.

اوچتو سندس ڪمري جو در کليو ۽ ٿنڪرس فورم جو سيڪريٽري سهڪندو اندر آيو. ويڙهيل سيڙهيل ڪاغذ کوليندي چيائين، "سائين، غضب ٿي ويو."

پروفيسرڪريم جواب ڏيڻ بدران هٿ-لکيل پوسٽر پڙهڻ لڳو، جنهن ۾ مٿس هڪ طوائف سان هڪ ڪلاڪ ٽائين هوٽل جي ڪمري ۾ عيش ڪرڻ جو الزام لڳايل هو.

"اهڙا ڳالهہ ٻاهہ وانگر ماڻهن ۾ پکڙجي ويئي آهي،" سيڪريٽريءَ چيو، "ماڻهن جلسي جي پنڊال کي ٻاهہ ڏيئي مٿس گند جا ڍهہ اڇلائي ڇڏيا آهن."

پروفيسرڪريم فڪرمند ٿي اسد ڏانهن نهاريو.

سيڪريٽريءَ اسد ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "هجوم هيڏانهن اچي رهيو آهي. هِن کي هتي ڏسي توهان ٻنهي کي ماري وجهندا."

"چو، هن کي ڇاهي." هن اسد جي وارن تي هٿ ڦيرائيندي پڇيو، "ڇا هيءُ دنيا جي ٻين ٻارن جهڙو ناهي؟"

"هيءُ حرامي ٻار آهي. هن جي پيءُ جو ڪو پتو ڪونهي."

سيڪريٽريءَ چيو، "توهين دير نہ ڪريو، هجوم جي اچڻ کان اڳ هتان هليا وڃو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر ڪريم سيڪريٽريءَ جي منهن ۾ نهاريندي چيو،
”دنيا جي ڪيترن انسانن کي پڪ آهي ته جنهن کي هو پنهنجو پيءُ سمجهن ٿا، سو حقيقت ۾ سندن پيءُ آهي به، يا نه.“
”اهي ڳالهيون اجايون آهن. حرامي ٻار بهرحال حرامي آهي.“
سيڪريٽريءَ واچ ڏسندي چيو، ”وقت نه وڃايو. مون توهان لاءِ ٽيڪسي آندي آهي. هجوم جي پهچڻ کان اڳ هتان هليا وڃو. ڪوٺڙيءَ تان ڪانه ڪا ريل ملي ويندي.“
پروفيسر ڪريم اسد کي ننڊ مان جاڳايو. هو اکيون مهٽيندو پلنگ تي ويهي رهيو. ڪيس پنهنجي آڱر هٺ ۾ ڏيندي چيائين، ”هل پٽ.“
”ڪيڏانهن؟“ اسد حيرت مان پڇيو.
”جتي انصاف روايتن جو غلام نه هوندو“ پروفيسر ڪيس پلنگ تان آٿاريندي چيو.
۽ پوءِ جڏهن ريل جي ٽرڊ ڪلاس گاڏي جي ڪنڊ ۾ ويهي پروفيسر ڪريم ۽ ننڍڙو اسد ڪنهن نامعلوم منزل ڏانهن وڃي رهيا هئا، تڏهن هر طرف هيبتناڪ اونده ڇانئجي ويئي هئي.
پروفيسر ڪريم جي پريشان ذهن ۾ پڪراج جو جملو ڪات هڻندو رهيو ته ’اسد کي پيءُ جي نالي کان به نفرت آهي— اسد کي پيءُ جي نالي کان به نفرت آهي‘. هن پانهن ورائي اسد کي اهڙي نموني ٻاڪ سان ڇهڻائي ويهاريو ڄڻ ته اسد کي ڪو ڪانئس ڇني ڏار ڪري رهيو هو. اسد منهن مٿي ڪري ڏانهس ڏٺو.
هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي ٻنهي دريءَ کان ٻاهر اونده جي پولار ۾ نهاريو.
ريل رڙيون ڪندي، گجندي ۽ گوڙ ڪندي اونده جو درياهه جهاڳيندي پئي ويئي. ●

پل صراط

منهنجي زال يعني گهر واري، گذريل آچر ڏينهن صبح جو عادت جي خلاف سوير ننڊ مان اٿي ويئي. هوءَ هر آچر تي هوءَ دير سان ننڊ مان اٿندي آهي. ننڊ نہ هوندي اٿس، پر تڏهن بہ دت هنيو سڀهي پئي هوندي آهي. آچر ڏينهن ٻارن جا اسڪول بند هوندا آهن. مونکي بہ پوسٽ آفيس وچي لفافن ۽ ڪاردن تي ٺپا هڻڻا نہ پوندا آهن. تنهنڪري آچر ڏينهن صبح جو منهنجي گهرواريءَ کي آسُر ويل اٿي ڪڙڪ چانهہ ۽ سڪل ماني واري صحت بخش نيرن تيار ڪرڻي نہ پوندي آهي. آچر ڏينهن اسانجا ٻار دير تي ننڊ ڪندا آهن. ٻار ماءُ سميت قطار ۾ قديم ۽ تڪيل گلم تي، تيل لڳل ميرن ويهاڻن تي ٽڪل متا رکي ننڊ ۾ الوٽ پيا هوندا آهن. گهر ۾ ماٺ هوندي آهي. مان جاڳندو رهندو آهيان. جاڳندو انلاءِ آهيان، تہ جيئن منهنجا ٻار ننڊ ڪري سگهن.

گذريل آچر ڏينهن صبح جو جنهن وقت منهنجي گهرواري عادت خلاف جلدي ننڊ مان اٿي کڙي ٿي، تنهن وقت مان هڪ روزاني اخبار ۾ 'مغز ڦاڙ' معمو حل ڪرڻ ۽ هڪ لک رپيا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس، ۽ خيالن ئي خيالن ۾ هوائي قلعا نہ، پر هڪ هوائي ڪچو گهر، تن ڏيڪڻ جيترو ڪپڙو ۽ ٻہ ويلا ماني حاصل ڪرڻ جا هوائي خواب ڏسي رهيو هوس.

'مغز ڦاڙ' معمي ۾ ڪل اٺ خال وارا اڻپورا جملا ڏنل هئا. هرهڪ اڻپوري جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ٽي لفظ لکيل هئا، جن مان هڪ لفظ خال ۾ وجهي جملو پورو ڪرڻو هو. جنهن وقت منهنجي گهرواري ننڊ مان سجاڳ ٿي، تنهن وقت مان 'مغز ڦاڙ' معمي جو جملو نمبر ٽيون پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. ٽيون اڻپورو جملو هن ريت هو ـــ

عورت ...... آهي. (رحمت، زحمت، رغبت).
لفظ رغبت جي معنيٰ منهنجي لاءِ آلجبرا هئي. جنهن وقت رحمت ۽ زحمت جي باطني ۽ ظاهري معنيٰ تي ويچار ڪري رهيو هوس، تنهن وقت منهنجي گهر واريءَ ننڍ مان سجاڳ ٿي. ويچار ويچارو دماغ مان نڪري ويو.
مون اخبار جي 'مغز قاڙ' معمي تان نظرون هٽائي گهر واريءَ ڏانهن ڏٺو. هوءَ آداس نگاهن سان ٽڪيل گلم تي ستل ستن ٻارن ڏانهن ڏسي رهي هئي. (مونکي الله جي ڏني مان چار پٽ ۽ ٽي ڌيئر آهن. هڪ ٻار پنڌ ۾ آهي— ماشاءَ الله).
منهنجي گهر واريءَ ڳرا ڇپر مٿي ڪري مونڏانهن نهاريو. مونڏانهن ڏسي، وري ٻارن ۾ اکيون ڪپائي چڏيائين. سوچيم، ٻارن جي پلڻ پريشان ڪيو اٿس، تنهنڪري سندس پريشاني دور ڪرڻ لاءِ چيم، "اِن ۾ منهنجو ڏوهہ نہ آهي مولائڻ!" آپ ڏانهن آڱر آڻي ڪندي چيم، "اهو سڄو ڪم آسمان واري جو اٿئي. منهنجي ڪهڙي مجال آهي جو انسان پيدا ڪري سگهان. مان تہ هڪ عاجز بندو گندو آهيان، الله سائينءَ جو موسٽ اوبيڊئنٽ سرونٽ آهيان."
هن جواب نہ ڏنو. تيل ۾ پيٽ، تيل ويهاڻو پيٽ سان ڪپائي، ويهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي، ويٺي. سندس غمگين چهرو وڏيڪ آداس ٿي ويو. ٻارن مان اک ئي نہ پئي ڪڍيائين. ڪيس دلداري ڏيڻ لاءِ چيم، "فڪر نہ ڪر مولائڻ! هر انسان پنهنجي نصيب جو داڻو پاڻي ڪائيندو آهي. هنن لاءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن راشن شاپ تي اَن جو داڻو ضرور موجود هوندو، جنهن تي سندن نالي جو ٺپو لڳل هوندو."
هن ڪن لاءِ ڇپر کڻي مونڏانهن ڏٺو ۽ پيهر اکيون ٻارن ۾ اٽڪائي ڇڏيائين. ڪيس قائل ڪرڻ لاءِ، تہ اسانجي ستن ٻارن مان هرهڪ ڪنهن خاص مقصد لاءِ دنيا ۾ آيو آهي، چيم، "مولائڻ، هيءَ دورنگي دنيا اکين وارن لاءِ عبرتڪدو آهي. هر انسان هتي قدرت جا ڪرشما ڏسڻ آيو آهي. اسانجا ٻار بہ قادر جي قدرت جا

ڪرشما ڏسڻ آيا آهن، جهڙوڪ: ڌرتيءَ مان سلو ڦٽڻ، مينهن وسڻ، چنڊ تارن جو چمڪڻ وغيره. ڏس نه، ڪهڙي نه حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي ته درياهه وهي ٿو، آهي نه ڪمال جهڙي ڳالهه! مار، درياهه وهي ٿو، اُف!“ ڳالهه ڪي اڌ ۾ روڪي، اک ٽيٽ ڪري گهر واريءَ ڏانهن ڏٺم. هوءَ ڪنهن بيڪار ٽپي وانگر خاموش ويٺي هئي. سندس دل وڏي ڪرڻ لاءِ چيم، ”هي اسانجا ٻار، يعني ڪنبو، پتاشو، انب وغيره هڪ نه هڪ ڏينهن وڏا ٿيندا. ڪڻڪ جو فصل ڏسي حيران ٿيندا. درياهه کي وهندو ڏسي ڪين ڏندين آڱريون پئجي وينديون. هڪدم سجدي ۾ ڪري پوندا. اهوئي سندن پيدا ٿيڻ ۽ دنيا دورنگيءَ ۾ اچڻ جو مقصد آهي.“

ڏٺم، ان سموري ڪٿا جو مٿس ڪوبه اثر نه ٿيو. هوءَ ٻارن کي ڏسندي رهي. سندس ساهه جي هلڻ جي رفتار تيز ٿي ويئي. تڏهن هڪ خيال بيرنگ خط وانگر اڳيان اچي بيٺو. پڇيومانس، ”سچ ٻڌاءِ مولائڻ، پيڪا ته نه ياد آيا اٿئي؟“

هن جواب نه ڏنو.

”اُتو ته نه ڪُٺو آهي؟“

”تون ته اصل ڪان موکو مٿر آهين،“ هوءَ هڪدم اُٿلي پيئي. روئڻهارڪي ٿي ويئي.

مون کي موکو مٿر سڏيائين، پر مون کي حيرت نه ٿي. اهو جملو گهٽو اڳ جڏهن پهريون دفعو سندس واتان ٻڌو هوم، تڏهن مون کان چرڪ نڪري ويو هو. انهن ڏينهن ۾ اسان ڳوٺ ڇڏي حيدرآباد ۾ اچي رهيا هئاسين. جيستائين رئيس رٻڏني ميتڙي (اهو ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو ناهي، اسان جي اباڻي ڳوٺ جو نالو آهي) ۾ رهندا هئاسين، منهنجي گهر واري مون کي ’انب جا پيءُ‘ ڪري ڪوٺيندي هئي. مون سان اڪ ٻلائي نه سگهندي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ مون ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوءِ جڏهن حيدرآباد جي هڪ پوسٽ آفيس ۾ لفافن ۽ ڪارڊن تي ٺپا هڻڻ جهڙي اهم ۽ عاليشان نوڪري ملي ويئي، تڏهن اسان ڳوٺ رئيس رٻڏني ميتڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٽپڙ سهيڙي، اچي حيدرآباد جا وڻ وسايا. (اهو فقط محاورو آهي، شهر جا وڻ وسائڻ ميونسپالٽي جو ڪم آهي). ٽيا هٿئندي ڪجهه عرصو گذريو هوندو، جو هڪڙي ڏينهن منهنجي گهر واريءَ چيو هو، ”آئون توکي هينئر ابن جا پيءُ ڪري نه ڪوٺينديس.“ سبب پڇڻ تي ٻڌايائين، ”ابن به ڪو نالو آهي! ٻاڙي جا ٻار ابن کي چيڙائن ٿا. تنهنڪري مون ابن جو نالو دڙين ڪمار رکيو آهي.“ منهنجي لاءِ چڙڻ ڪجهي گهر جي ڇت اڏامي ويئي. چيو هوم، ”ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين مولائڻ. ابن ۾ ڪهڙو عيب آهي. منهنجو پنهنجو نالو واڳڻ آهي. بابا جو نالو ليمون آهي.“ گهر واريءَ مون کي سمجهايو هو، ”هينئر اسين شهر ۾ ٿا رهون. شهري ٿي رهڻو پوندو يا شهر نيڪالي ملندي. مون به پنهنجو نالو مٽائي ڇڏيو آهي.“ مون کي روئڻ آيو. هن ٻڌايو، ”مون پنهنجا به نالا رکيا آهن. هڪ افشان، ٻيو صبيحه خانم. تون مون کي آفشي سڏيندو ڪر.“ مان ان انڪشاف تي بيهوش ٿي ڪرڻ تي هوس، جو هن ٻڌايو هو، ”تنهنجو نالو به هينئر واڳڻ ناهي. مون هڪ اڙدو ناول ۾ هيري جو نالو ارسلان پڙهيو آهي. مون کي ڏاڍو وڻيو آهي اڄ کان تون ارسلان آهين.“ ڪانئس پڇيو هيم ته، ”ارسلان صاحب غازي صلاح الدين ايوبيءَ جو بورچي ته نه هو؟“ تڏهن هن ٻهريون دفعو مون کي چيو هو، ”تون ته صفا ڪو موڳو مڙس آهين.“

ان ڳالهه کي چار-پنج سال گذري ويا آهن. ان عرصي ۾ مان ٽيا هٽندو رهيو آهيان ۽ منهنجي زال عرف افشي ٻار ڄڻيندي رهي آهي. ان دوران هن ٽي سو پنجونجاهه اڙدو-پنجابي فلمون ڏٺيون آهن ۽ پيسو روز تي ملندڙ ٻارهن سو پنجيهه مسواڙي ناول ۽ افسانن جا مجموعا پڙهيا آهن. سندس خرچ پکو پورو ڪرڻ لاءِ مان ٽپال مان رسالا ۽ ڪتاب پارڪندو آهيان ۽ چوڪي گهٽيءَ جي ڪباڙين کي ٻڌي ليکي وڪڻي ايندو آهيان. هوءَ روزانو به رومانٽڪ ناول پڙهندي آهي ۽ رومانٽڪ خواب ڏسندي آهي.

گذريل آچر تي جڏهن منهنجي گهر واريءَ ڪاوڙ مان چيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ته صفا ڪو موڳو مٽر آهين“، تڏهن هڪدم مون کي ياد آيو ته مولائڻ ضرور ڪو غريب خواب (عجيب نه، ڇو جو امير ماڻهو عجيب خواب ڏسندا آهن. غريب ماڻهو فقط غريب خواب ڏسندا آهن) ڏٺو آهي. پڪ ڪرڻ خاطر کانئس پڇيم، ”مولائڻ خواب ته نه ڏٺو اٿئي.“

هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي، ۽ پوءِ اڌ رڳو ويڙهي سيڙهي وات ني رکي روئي پيئي. هڪدم سمجهي ورتم ته افشي، عرف صبيحه خانم، يعني منهنجي زال اڄ ضرور ڪو الف ليلي يا سيف الملوڪ ڇاپ خواب ڏٺو آهي.

سندس پاسي ۾ وڃي ويٺس. پرچائيندي پڇيومانس، ”ڪهڙي قسم جو خواب ڏٺو اٿئي؟ خوفناڪ، پراسرار يا پوائنٽو.“

جواب جي بدران سندس اوڇنگارن جو آواز پڌم.

پڇيومانس، ”ڪوه ڪاف جو جن ته نه ڏٺو اٿئي؟“

وراڻيائين، ”نه.“

”راڪاس؟“

”نه.“

”سامري جادوگر؟“

”نه.“

”راوڻ؟“

”اون - هون.“

”راڪيٽ؟“

جواب نه مليو.

”نيپام بم؟“

جواب نه مليو.

”ايٽم بم - هيڊروجن بم؟“

جواب نه مليو.

”موشي دايان؟“

جواب مليو. چيائين، ”مان نه اصل کان چوندي آهيان ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون صفا موکي مٺڙو آهين.“
”ته پوءِ ڪٿي پڏاءَ ته خواب ۾ ڇا ڏٺو اٿئي.“
ٻه ـ چار سڏڪا ڀري، سنگهه ڪڍي، وڏو ساهه کڻي چيائين،
”اج آئون.... آئون....“
”آئون آئون نه ڪر. ڳالهه ڪر.“
”اج خواب ۾ ساڳيو بزرگ ڏٺو اٿم، جيڪو گذريل سال به هڪ دفعو خواب ۾ آيو هو.“
”بزرگ! ڪهڙو بزرگ؟“
”جنهن جي مٿي ۽ مڇن جا وار اڇا پشم جهڙا، ۽ ڀرون به اڇيون هوندڙيون آهن.“
”اوهه! تون ته اجائي پريشان ٿي آهين.“
”اجائي پريشان ٿي آهيان؟“
”ها.“ ڪيس سمجهايم، ”اهو اڇين ڀرون، ڀنبڻن ۽ پشم جهڙن وارن وارو پيرو وڏو ٺڳباز اٿئي. تون ڪيئن نٿي سڃاڻين.“
”تون ته ڄڻ سڃاڻينس ٿو.“
”ڇو نه. اهو پيرو بزرگ وغيره ناهي: اهو مشڪرو ڪرستان جو سانتاڪلاز اٿئي.“
منهنجي گهر واري ڪاوڙجي ويئي. چيائين، ”خبر اٿئي، موکا مٺڙا. اج هن ڳالهايو به هو.“
” ڳالهايو هو!“
”ها.“
”ڇا ڳالهايائين؟ منهنجو مطلب آهي، ڇا چيائين؟“
افشان عرف صبيحه خانم، يعني منهنجي گهر واري جواب ڏيڻ بدران اڌ رئي جو ويڙهوٽو وات ۾ وجهي سڏڪن ۽ اوڇنگارن ۾ اچي ڇٽڪي. مون ڪيس ڪجهه دير تائين روئڻ ڏنو. پنج منٽ کن روئڻ کان پوءِ، تڏو ساهه کڻي روئڻ بند ڪري چڱياڻين.
”ها، شاباش.“ ڪيس آٿت ڏنم، ”پڏاءِ . ڪرڙي ڇا چيو؟“
”چيائين.“ هن ڳالهايو، ”چيائين، اي خدا جي نيڪ بندي،

الله جي راهه ۾ پنهنجي سڀ کان پياري شيءِ قربان ڪر."
'ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي."

هن ٻيهر روئڻ شروع ڪيو. سندس روئڻ ۽ هنجون هارڻ جو سلسلو جاري هيو، جو اسان جو ننڍو پٽ پتاشو ۽ پياري ڏيءَ گدامڙي جاڳي پيا. ٻئي ٻار ماءُ کي روئيندي ڏسي روئڻ لڳا. مون کين سرچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٻئي ٻار سخت ڪاوڙجي ويا. پتاشي پنهنجي ننڍڙي مُٺ اولاريندي چيو، "تو امان کي ماريو آهي."

کين عرض ڪيم، "اڙي بابا، مون نه ماريو اٿس. توهين خدا جي واسطي سمهي پئو. اڄ آچر آهي."

"نه نه. تو امان کي ماريو آهي."

منهنجي گهر واريءَ پتاشي کي ساڄي ۽ گدامڙيءَ کي کاٻي گوڏي تي ويهاري ڇڏيو. ٻئي ٻار ماءُ سان چنبڙي، خونخوار نظرن سان مونڏانهن ڏسڻ لڳا. مون هٿ جوڙي ٻنهي کان معافي ورتي. هنن معاف نه ڪيو. پتاشي چپ ڏيکاري منهنجا چهرا ڪڍيا.

"پڌاءِ نه موڳا مٺر." افشيءَ چيو، "پڌاءِ ته، مان پنهنجي ڪهڙي شيءِ قربان ڪيان؟"

"لنواءِ مولائڻ."

"لنوايان؟" هن ڏوڏا ڦوٽاري چيو. "لنوايان؟ هان! الله جي راهه ۾ پنهنجي پياري شيءِ قربان نه ڪيان! تون ڪافر آهين، انشاءَ الله دوزخ ۾ ويندين."

"دوزخ ۾ ويندس جو آسمان تي به چڙهي اندين آهي". وراڻيم.

"هڪ دفعو رڳو 'مغز ڦاڙ' معمي جو صحيح حل نڪرڻ ڏي. پوءِ ويٺي تماشا ڏسجانءِ. هڪ مسيت ناهرائيندس، ٻه حج ڪندس، ۽ پنجن فقيرن کي هڪ ويلو ماني کارائيندس. پوءِ ڪيئن ٿو چئو دوزخ ۾ ويندس."

"تون نه فقط موڳو مٺر آهين، پر شيخ چلي به آهين." هن چيو، "تون مونکي پڌاءِ ته مان پنهنجي ڪهڙي پياري شيءِ قربان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيان؟“
اسان ٻئي سوچڻ لڳاسين.“
مونکي پنهنجي زال جون ٻہ-چار شيون سجهي آيون، جيڪي ڪيس جان کان پياريون هيون. اُڪيس صلاح ڏنم، ”هو جيڪو شيفون جو ڪرمچي رڱو اٿئي نہ، اڙي پاڻ ڪو وارو، اهو تو کي ڏاڍو پيارو آهي. الله جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏ.“
افشان، عرف صبيحہ خانم، يعني منهنجي گهر واريءَ ڏاڍيءَ ڪاوڙ مان مونڏانهن نهاريو. سمجهيم، ڪيس ٻي ڪا شي رئي کان ٻہ وڌيڪ پياري آهي. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ مونکي ڪپڙن سبڻ جي مشين جو خيال آيو، جيڪا اسان قسطن تي ورتي هئي. ان مشين جو نالو ’سنگيت‘ هو، ۽ منجهانئس اُتي پيهڻ جي مشين جهڙو آواز ايندو هو (هينئر آن مشين مان ريل گاڏيءَ جي انجڻ جهڙو آواز ايندو آهي). اها مشين منهنجي گهر واريءَ کي ساهہ کان پياري هئي.
هڪدم خوش ٿيندي چيم، ”مولائڻ، ڪپڙن سبڻ جي مشين ’سنگيت‘ الله جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏ. ان مان ٻہ فائدا ٿيندا.“
هن پرووڻ ڳتي مون ڏانهن ڏٺو. مان ڳالهائيندو رهيس، ”ٻہ فائدا هن ريت ٿيندا. اول تہ تون پنهنجي سڀ کان پياري شي الله جي راهہ ۾ قربان ڪندينءَ. ٻيو تہ مشين جي قربانيءَ کان پوءِ اوڙي پاڙي جا ڪن نري پوندا.“
منهنجي گهر واريءَ ساڙ کائيندي چيو، ”مان تہ اصل کان چوندي آهيان، تون صفا موکي متر آهين.“
پتاشو ۽ گدامڙي تاڙيون وڄائي کلڻ لڳا.
منهنجي گهر واريءَ چيو، ”ڪڏهن ڪنهن رَوَن ۽ مشينن جي بہ قرباني ڏني آهي؟“
”مولائڻ!“ منهنجي نڙي خشڪ ٿي ويئي، پڇيم، ”ڪنهن ٻُڌي جي ڳالهہ آهي ڇا؟“
”ٻيو نہ تہ مغز قاڙ معمو حل ڪرڻ جي ڳالهہ آهي،“ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات ڇپو ڪندي چيو.

هوءَ ۽ مان سوچڻ لڳاسين.

گدامڙيءَ پتاشي کي پير ۾ ڇهنبڙي وڌي. پتاشو وات ڦاڙي روئڻ لڳو. منهنجي گهر واريءَ جون ڳتيل ڀروون هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويون. سوچ ۾ چنجهيون ٿيل اکيون ويڪريون ٿي ويس. هلندڙ ساهه جو سلسلو ڪجهه تيز ٿــي ويس. پنهنجون اکيون گدامڙيءَ ٿي کپائي ڇڏيائين. پوءِ ڏسندي ڏسندي گدامڙيءَ کــي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي. پتاشي پنهنجو روئــڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ حيرت وچان ماءُ جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو.

گهر واريءَ کان پڇيم، ”ڇو، ڇا ٿيو مولائڻ.“

هن جواب نہ ڏنو، گدامڙيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀيڪوڙي ڇڏيائين.

”روئين ڇو پئي؟“

هن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو، ”موٽکي گدامڙي سيني کـــان وڌيڪ پيازي آهي.“

”ڇا!“

”ها.“

”تہ تون گدامڙيءَ کي ڪڏهن ڇڏيندينءَ؟“

”ها.“

”ائين وري ڪيئن ٿيندو؟“

”ڇو نہ ٿيندو.“ هن ورائيو، ”حضرت ابراهيم بہ تہ حضرت اسماعيل کي الله جي راهہ ۾ قربان ڪرڻ نڪتو هو.“

”پر حضرت ابراهيم تہ دنبو ڪٺو هو.“

”ها، پر ڪڏهن تہ اسماعيل کي ويو هو نہ.“

کيس سمجهائڻ لاءِ چيم ”حضرت ابراهيم ۽ اسماعيل جــي قصي جي ياد تازي رکڻ لاءِ اسان جانورن جي قرباني ڏيندا آهيون. تون وري گدامڙيءَ جي قرباني ڪيئن ڏيندينءَ؟“

”منهنجو ايمان خراب نہ ڪر.“ هن دڙڪو ڏيندي چيو، ”مونکي بزرگ فرشتي حڪم ڏنو آهي، تـہ الله جي راهہ ۾ سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پياري شيءِ قربان ڪيان."

ٽن سالن جو پتاشو ۽ چئن سالن جي گدامڙي اسان جي بحث ڪان بي‌نياز، هڪ ٻئي کي چيڙائي رهيا هئا. مون کي ستن ئي ٻارن مان گدامڙي وڌيڪ وڻندي آهي. گهر واري کي پتاشو وڻندو آهي.

کيس چيم، "منهنجي ڳالهه ته ٻڌ مولائڻ."

"نه، نه." هن هڪدم چيو،"منهنجو ايمان خراب نه ڪر."

"پر........"

"بس." هن چٽ ڏانهن ڏسندي، فيصلو ڪندي چيو،"مان گدامڙيءَ کي الله جي راهه ۾ قربان ڪنديس." پوءِ ڪنيپر لهجي ۾ چيائين، "آسمان مان ٻڪري لهي آئي، ته پوءِ گدامڙيءَ کي ڇڏي ٻڪري ڪهنديس."

مون وڏي واڪ چيو، "پر تو کي گدامڙي پياري ناهي."

"آهي."

"ناهي."

"آهي."

"ناهي، ناهي، ناهي". مون گدامڙي سندس هنج مان ڪڍي پنهنجي گوڏي تي ويهاري ڇڏي. گدامڙي منهنجي گوڏي تي چڙهي ويٺي، ۽ مون کي ڪن ۾ چڪ پاتائين. ڪن ڇڏائي گهر واريءَ کي چيم، "گدامڙي ويچاري ته تو کي ڇائي جي ڪان نه وڻندي آهي."

هن اکيون ڦوڙاريندي ورايو، "پيو نه ته تون وڻندو آهين."

"شڪر ٿو ڪيان جو نه ٿو وڻان، نه ته جيڪر مونکي ته راتو واهه ننڊ ۾ ئي ڪهي ڇڏين ها." چيم، "تو کي ته سڀني ٻارن ۾ پتاشو وڻندو آهي. ويچاري گدامڙيءَ جي ڪڏ ڇو پيئي آهين."

منهنجي گهر واريءَ جو وات حيرت وچان ڦاٽي ويو. اکيون پتاشي تي کپائي ڇڏيائين. پتاشو ٽپ ڏيئي ماءُ جي هنج سان لهي منهنجي سامهون اچي بيٺو. ٽنگ ٻڌ کڻي ڪري پير جي آڱوٺي سان گدامڙيءَ کي ٻيڏيءَ ۾ ڇهنڊڙي وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو. ٻيا پار ننڊ ۾ هئا. وچ ۾ اسانجو ڪاٺو پٽ راڻو سمهيو پيو هو، ۽ ننڊ ۾ مُرڪي رهيو هو؛ شايد ڪو خواب ڏسي رهيو هو.

افشان، عرف صبيحه خانم يعني منهنجي گهر واريءَ جي منهن تي انيڪ ليڪا اُڀري آيا. ليڪا گهنجن ۾ بدلجندا ويا. ان وقت سندس منهن بند گوبيءَ جهڙو ٿي ويو. اکيون مٿل ڏنيري جي اکين وانگر گول ۽ بينور ٿي ويس. مان سندس حالت ڏسي ڏڪي ويس.

ڪيس دلداري ڏيندي چيم، ”سونکي مٽي ۾ هڪ اٽڪل آئي آهي.“

هن مٿل اکين سان مونڏانهن ڏٺو. ڪيس صلاح ڏنم، ”اهو ضروري ناهي ته تون ڪنڪ فرشتي جي چوڻ تي پنهنجو جاني پٽ پٽاشو قربان ڪري ڇڏين.“

هوءَ خاموش ويٺي رهي. نڪ جون ناسون ڦنڊي ويون هئس. ڪيس ٻڌايم، ”جيئن اڄ ڪلهه جو دستور آهي، اسان کي به ائين ڪرڻ گهرجي.“

آهه ڀريندي پڇيائين، ”ڪهڙو دستور؟“

”غور سان ٻڌ.“ ڪيس سمجهايم، ”اڄ ڪلهه جو انسان الله جي راهه ۾ ڦاٽل ڪپڙو، کوٽو پيسو ۽ ٻاروٽي ماني خيرات ڪندو آهي. تون به ....“ جملو پورو ڪري نه سگهيم. منهنجيون اکيون ڪاٺي پٽ راڻي تي کپي ويون، جيڪو ٻارن جي وچ ۾ سمهيو پيو هو ۽ ننڊ ۾ کلي رهيو هو.

”چئو، مان ٿي ويئن.“ منهنجي گهر واريءَ پٽاشي کي پيار ڪندي چيو، ”ڳالهه نه.“

آهستي، رازداريءَ سان چيم، ”تون به الله جي راهه ۾ ڪاٺو پٽ راڻو قربان ڪري ڇڏ.“

اها ڳالهه ڪرڻ کان پوءِ مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. دل ڀرجي آئي. ’مغز ڦاڙ‘ معمي جو خيال ميچالي مان نڪري ويو. پوءِ جڏهن گهر واريءَ ڏانهن ڏٺم، تڏهن هوءَ بند گوبيءَ جهڙي نه، پر ڳاڙهي ٽماٽي جهڙي نظر آئي. پٽاشي کي مٿيون ڏيئي ڏيئي روئاري ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتاشي جي ٻاگهن تي راڻو جاڳي پيو. جاڳڻ شرط خواب ڏٺي پيس ۽ چپن تان مرڪ غائب ٿي ويس. هڪ اڪيلي ٿمڪائي مون ڏانهن ڏٺائين، ۽ پوءِ ٽپ ڏيئي مونکي اچي چنبڙيو. راڻي جي عمر ڇهہ سال کن هئي. ڪيس اڪ ۾ اينٺي لڳي هئي، ۽ ڪابي اک وڃائي ويٺو هو. مون راڻي کي ٻانهن ۾ ڀيڪوڙي پيار ڪيو. دل چاهيو تہ ڪيس سيني ۾ لڪائي ڇڏيان.

مونکي رکي رکي پنهنجي بيوقوفيءَ تي جڪ پئي آيا تہ آخر ڇو مولائڻ کي اهڙي اونڌي صلاح ڏنم، جنهن جي عذاب ۾ خود مونکي پڇتائڻو پوندو.

مون ڪاوڙ منجهان پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن نهاريو. منهنجين اکين ۾ نفرت تري آئي. اُن وقت مونکي آهي سموريون ڇوٽيون ياد آيون جيڪي عورتن جي خلاف هيون، جهڙوڪ: عورت تون گوگائي مرچ آهين— عورت! تون ڪوئنين جي گوري آهين— ٽري نات جي گولي آهين— عورت تون ون- يونٽ آهين — تون هيءَ آهين، هوءَ آهين، وغيره.

مون کان برداشت ٿي نہ سگهيو. ذري گهٽ رڙ ڪيم، ”هرگز نہ . مان راڻي کي قربان ٿيڻ نہ ڏيندس.“

”ڇا ٿو چوين، واڳڻ.“ گهر واريءَ ڦهري نگاهن سان مونڏانهن ڏسندي چيو، ”مٿو تہ نہ ڦري ويو اٿئي.“

”مٿو جائيتو آهي.“ وڏي واڪ چيم، ”پر ڪن کولي ٻڌي ڇڏ . مان تنهنجي ماليخوليا تي پنهنجو راڻو پٽ قربان ٿيڻ نہ ڏيندس.“

”تون فرشتي جي خواب کي ماليخوليا ٿو سڏين!“ هن ٻانهون لوڏيندي چيو، ”تون ڪافر ٿي ويو آهين. ٽپال مان ترقي- پسندن جا رسالا چورائي پڙهندو آهين، ملحد ٿي ويو آهين.“

”جيڪي سمجهين.“ وراڻيم، ”پر پنهنجو راڻو قربان نہ ڪندس.“

”تون الله جي حڪم جي انحرافي ڪرڻ ٿو چاهين!“ هن اورتي. ايندي پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”الله جو عورتن ۾ اعتبار ڪونهي.“ مون مولائڻ کي چيو، ”اهو ناممڪن آهي جو آسماني فرشتو ڪنهن عورت ڏانهن الله جو حڪم کڻي اچي.“

”ته ماڻ ڪوڙ ٿي ڳالهايان؟“

”توهان ڪوڙ ٿي ڳالهائين يا سچ، ان سان منهنجو واسطو ڪونهي“. ڪيس هيسائڻ لاءِ چيم، ”هڪ لک چوويهه هزار نبين ماڻ هڪ نبي به مؤنث نه هو. سيئي مذڪر هئا. سمجهئين.“

هوءَ سچ پچ هيسجي ويئي. مون ڳنڍ پختي ڪندي چيو، ”اسانجي ڪنهن ٻار جي قرباني جو جيڪڏهن آسماني حڪم اچي ها، ته آهو سڌو سنئون مون وٽ اچي ها.“

”ڪهڙي خبر فرشتو پلجي پيو هجي؟“

”فرشتا سرڪاري شاهد ناهن جو پلجي پون.“

ڪجهه دير تائين افشان، عرف صبيحه خانم، يعني منهنجي گهر واريءَ نه ڳالهايو. چپ چپاڙيندي رهي. نڪن سان ويٺيون ۽ ٻانهون ڪنهندي رهي.

نيٺ ڳالهايائين، ”منهنجي دل چئي ۾ ناهي. آخر ڪجهه نه ڪجهه ته ڪٺي قربان ڪيون.“

”ٺيڪ آهي.“ وراڻيم، ”ڪو جانور کٺي ٿا الله جي راهه ۾ قربان ڪيون.“

”ٻوءِ سوچين ڇا ٿو!“ هن خوش ٿيندي چيو، ”اڄ آچر آهي. واندو آهين. ڏسي وائسي ڪو جانور وٺي اچ.“

”حاضر.“

بچيل سچيل پونجي ميڙي سيڙي مٺ ۾ ڪيم. ڳٺيم ته مون ڪان دانهن نڪري ويئي، ”اڙي هنن پئسن مان ته سهيڙ به نه ملندو.“

منهنجي گهر واري سخت ايماني جوش ۾ هئي. ٻارن جا پاندارا پچي، روڪڙ کٺي آئي. تنهن جي پيٽيءَ مان به بچت ڪڍي آئي. سمورا پئسا ڳڻي، مايوسيءَ مان ڪنڌ لوڏيندي چيم، ”مولائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن پئسن مان ٻڪر تہ نہ ملندو، پر ٻڪر جو پٽ ڇيلو ضرور ملي ويندو.“

هوءَ پيسن جي ڳوٿلا ۾ آثار قديم جي ماهر وانگر جنبجي ويئي. پراڻن وهاڻن جون ڇوون پٽي، ڇڪي لاهي ورتائين. سوڙن جي تهن مان نوٽ ڪڍي آئي. فرش جي هڪ لڏندڙ سِر ٻاهر ڪڍي، ڏوڪڙ ڪڍي آئي. مونکي سخت حيرت ٿي.

پيسا ڳڻي، خوش ٿي ڪيس ٻڌايم، ”هنن پئسن مان هڪ ٻڪر ملي ويندو.“

جڏهن ٻاهر وڃڻ لڳس، تڏهن چيائين، ”ٻڪر ڪو ڇنگيرڙو آڻجانءِ؛ متان پاڻ جهڙو آڻين.“

ان وقت تائين سيئي ٻار جاڳي پيا هئا. منهنجي ڪنڌي پٽ ڪنڌي پنهنجي وات ۾ آڱر وجهندي پڇيو، ”بابا، الله جي راهہ ۾ جانور ڇو قربان ڪبا آهن؟“

”ماٺ ڪري ويهہ،“ ماڻس مٿي تي چماٽ وهائي ڪڍيس.

”ڇو ماٺ ڪري ويهان،“ ڪنڌو ڪاوڙجي ويو. ”ها بابا، ٻڌاءِ نہ . الله جي راهہ ۾ جانور ڇو قربان ڪبا آهن.“

سندس معلومات ۾ واڌارو ڪرڻ لاءِ ڪيس ٻڌايم، ”ان لاءِ، تہ جيئن جانور تي سوار ٿي قيامت ڏينهن پل صراط پار ڪجي.“

”پل صراط ڇا هوندي آهي، بابا؟“

”پل صراط وار کان سنهڙي ۽ ترار کان تيز هوندي، ۽ قيامت جي ڏينهن ظاهر ٿيندي.“ مون ٻارن کي ٻڌايو، ”ان ڏينهن سج جو ٻرندڙ گولو ڌرتيءَ کان هڪ ڪاني جيترو پري هوندو. پل صراط جي هيٺان سمنڊ ٺهڪندو.“

ٻارن جو ساهہ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. ڪنڌو پنهنجو ڪنڌو وات ڪولي روئڻ لڳو. ”بابا، مونکي پڙ تو ٿئي.“

”گهبراءِ نہ، منهنجا ڪنڌا پٽ. مان تو کي پاڻ سان پل صراط پار ڪرائيندس.“

”پر پاڻ ٻئي هڪ ٻڪر تي ڪيئن ويهي سگهنداسين بابا.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس.
پتاشي چيو، ”مان امان شان لنگهندش. بابا ڪينو آهي.“
هو ماءُ سان چنبڙي پيو.
منهنجو وڏو پٽ انب، جنهن جو متو هندائي جيڏو آهي، تنهن متي تي هٿ ڦيرائيندي چيو، ”ڳالهہ مڙيئي پوائتي آهي، بابا. مون کي بہ پاڻ سان پل صراط پار ڪرائجانءِ.“
مون سوچيو، هيءَ دور بہ پل صراط جي سفر کان گهٽ خطرناڪ ناهي. قيامت ۾ هڪ خدا کي منهن ڏيڻو پوندو، پر اڄ، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ خدا آهي. جيئن هن دور ۾ اسين سڀ پاتي هر گهڙي گڏ آهيون؛ هر گهڙي موت جي منهن ۾ آهيون، تيئن قيامت جي ڏينهن بہ گڏ رهنداسين. پل صراط جي سفر ۾ بہ ساڻ هونداسين.
مون گهر واريءَ کي چيو، ”اسان کي کو وڏو جانور قربان ڪرڻ گهرجي، جيئن تون، مان ۽ ٻارن جي پلتڻ گڏجي ۽ متس ويهي، سولائيءَ سان پل صراط پار ڪري سگهون.“
ڪنڊي چيو، ”بابا، هاٿي قربان ڪر.“
”بس ڪر، مونا پوڪ،“ ماءُ جي چڙٻ ڪائي ڪنڊو خاموش تي ويو.
افشي، يعني منهنجي گهر واري ۽ مان جانورن جي باري ۾ سوچڻ لڳاسين. سيهڙ ڪان ونيءَ آٽ تائين، هرڪو حلال جانور اسان جي خيال ۾ آيو ۽ قيمت آڏو گم ٿي ويو.
آخر مولائڻ چيو، ”ڪيتون ٿي ڪٿي وني اچ.“
”ڪيتون ونڻ جيترا پئسا مون عمر ۾ نہ ڏٺا آهن.“
”مون وٽ ڪجهہ زيور آهن.“
”آهستي چئہ. چورن کي غلط فهميءَ ۾ نہ وجهي ڇڏين.“
سڙپاتن ۾ چيم، ”تو وٽ آهيئي؟ چپا! هڪ ڦلي، هڪ ڪنگٽي ۽ هڪ منڊي.“
”تون ڪٿي تہ وڃ.“ هوءَ لامارا ڏيندي اندرين ڪوٺيءَ ڏانهن ويئي، ۽ آڏامندي موٽي آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اچـي وٺ.“ هـن رومال ۾ ويڙهيل زيـور ڏيندي چيو،
”هاڻي وڃ.“

رومال ۾ ويڙهيل زيور چوڙ کيسي ۾ لڪائي ڇڏيم.

ٻار ڏاڍي حيرت ۽ دلچسپيءَ سان اسانجي گفتگو ٻڌي رهيا هئا. ماڻ جڏهن گهرکان ٻاهر نڪري رهيو هوس، تڏهن انب چيو، ”بابا موٽر وٺـي اچجانءِ. اسان سڀئي اُن ۾ چڙهي پلصراط تـان لنگهنداسين ۽ چام شورو ۾ گهمنداسين.“

زيور سنڀاليندو، مـاڻ صراف بازار آيس. ٻـن - چئن سونارن مونکي شڪي نگاهن سان ڏٺو ۽ پوليس وارن جهڙا سوال پڇيائون، جهڙوڪ: ڪير آهين، ڪٿان آيـو آهين، ڇا ڪندو آهين، ۽ هـي زيور ڪنهن جا آهن، وغيره.

کين ٻڌايم، ”ماڻ واڳڻ ٽپالي، وڏ ليمون خاصخيلي آهيان، ۽ پوسٽ آفيس ۾ لفافن تـي ٺپا هڻندو آهيان. منهنجي زال مونکي ارسلان سڏيندي آهي. ماڻ ٽنڊي ٺوڙهي ماڻ آيو آهيان، جتي ڪوبہ ٺوڙهو نظر نہ ايندو آهي. ۽ هي زيور منهنجي زال جا آهن.“

”چوريءَ جا تہ ناهن؟“

”چوريءَ جا هجن ها تہ توهان وانگر جيڪر ڪو دڪان دڙو نہ کولي ويهان ها.“

هڪڙي ٿلهي سوناري جنهن کي ٻنهي هٿن ۾ آٺ منڊيون، وڳيءَ ۾ سوني زنجيري هئي ۽ جنهن جا اڳيان ڇهہ ڏند بہ سونا هئا، مونکان پڇيو، ”تون مولانا پاشانيءَ جو چاڙتو تہ ناهين.“

”ماڻ آڪاش وانيءَ تـان سنڌي پروگرام ٻڌندو آهيان،“ يڪدم ورائيم.

”تون ڪريڪ مالوم ٿئين ٿو.“ سوناري هٿ وڌائيندي چيو، ”هي وٺ هڪ سؤ ني پنتري روپيا. جيور ڇڏي ني تون رفوچڪر ٿي وڃ. پوليس کي پاڻ کوش ڪري ڇڏينداسين.“

”پوليس! ڇا جي پوليس؟“

”سياڻو نہ ٿي ماڻي باپ.“ هن کلندي چيو، ”پاڻ چوريءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مال هڪ نجر ۾ پايي وٺندا آهيون. پيسا وٺي گم ٿي وڃ."
پيسا وٺي کيسي ۾ وڌم، ۽ پوءِ پوليس کان لڪندو ڇپندو 'ٻڪرا پڙي' جو رخ ڪيم. رستي تان هلندي ائين پئي محسوس ڪيم، ڄڻ پل صراط تان پي لنگهيم. پٺين جا پاسا وٺندو ۽ وڻن هيٺان لنگهندو پڙيءَ تي پهتس، جتي جانور اسان وانگر خاموش بيٺا هئا ۽ سيني جا ڪنڌ جهڪيل هئا.
منهنجي کيسي ۾ ڪل رقم هڪ سو پنجاسي رپيا هئي. انهن پئسن مان مونکي هڪ مضبوط جانور خريد ڪرڻو هو، جيڪو اسان جي ڪٽنب جو بار سهي سگهي ۽ سلامتيءَ سان پل صراط پار ڪرائي سگهي. ٻڪرن تي منهنجي اک نه ٻڌي. هڪ ڏاند جهڙي سنڌي ڳنوار کان هڪ ڳئونءَ جي قيمت پڇيم. هن مون کي وارن کان پيرن تائين جاچي ڏٺو. پوءِ نفرت وچان چيائين، "اي هل هل. پٺيين ٻه ڪڏهن ڳئون ڏٺي آهي."
عرض ڪيومانس، "ناراض نه ٿيءُ، سنڌڙيءَ جا سرتاج. مون کي رڳو هن ڳئونءَ جي قيمت ٻڌاءِ."
هن لاپرواهيءَ سان ٻن - ٽن ڏينهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "هيءَ پنج سوَ، هوءَ ست سوَ، هوءَ سوا ست سوَ، هوءَ آٺ سوَ ۽ هوءَ ٻارهن سوَ---"
مون سندس وات تي هٿ رکي ڇڏيو، "بس بس. مون توبهه ڪئي."
هن مون کي ڌڪو ڏيندي چيو، "ٿر ُ ڙي پيٽيان پونتري. تون چا ڳئون وٺندين! تون وڃي پولو وٺ."
ڏاند جهڙي شخص اول مونکي ذهني ۽ پوءِ جسماني ڌڪو ڏنو. حواس ۽ اندرين کي جائيتو ڪرڻ لاءِ هڪ پٺاڻ جي ٻاڪڙا هوٽل تي وڃي ويٺس.
مون پٺاڻ کان چئنڪ ورتي ۽ ڏُڪ ڏُڪ ڪري پيئڻ لڳس ۽ پنهنجي حال ۽ مستقبل جي باري ۾ سوچڻ لڳس. سوچيم، جيڪڏهن حالتون اهي آهن، ته پوءِ قيامت جي ڏينهن ٻه موتئن

وارا پل صراط تي اسان کان اڳ نڪري ويندا. مرضي پوندن تہ پل صراط تان لنگهڻ بدران، پل صراط جي مٿان هوائي جهازن ۾ اڏامي ويندا. ڀڪنڊڙ سمنڊ ۾ بيدا اوپاريندا ۽ ترار جهڙي تيز پل صراط سان ڍبل روٽين جا سلائيس ڪپيندا. مان ڳڪر ۾ پئجي ويس تہ مان، منهنجي مولائڻ گهرواري ۽ اسان جا ٻار پلصراط ڪيئن پار ڪنداسين!

”چو آستاد، فڪرن ۾ پئجي ويو آهين.“ پنان هوٽل واري جي ڏٻري ڇوڪري منهنجي هٿ مان خالي ڪوپ وٺندي پڇيو، ”پيسن ڏيڻ بنا پڄي ويندين ڇا؟“

مون هن کي همدرد ڄاتو ۽ پوءِ کيس سڄي ماجرا ٻڌايم، ۽ آخر ۾ کيس اهو بہ ٻڌايم تہ مان جيڪڏهن ماڻهو نہ، پر ٻڪر هجان ها تہ والله دنيا ۾ وڏيڪ قدر ٿئيم ها. هن افسوس جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي واقفيت بہ ڪرائي. هن جو نالو مسڪين هو ۽ ٻڪرا پڙيءَ جي ٻڪارن جو واقف هو. هن مڇ تي هٿ ڦيرائيندي چيو، ”توکي اهڙو پهلوان ٻڪر تہ وٺي ڏيان، جيڪو ريس جي گهوڙي وانگر ڊوڙندو پل صراط پار ڪري ويندو.“

مسڪين مون کي پڙيءَ جي وچ ۾ وڃي بيهاريو. هڪ ٻڪر ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”ڪيئن ٿو ڀانئين. سستو ملي ويندو.“

مون ٻڪر ڏانهن ڏٺو، جيڪو ڪنهن ناڪام عاشق وانگر آداس بيٺو هو. ڀوت وڃي ڏرتيءَ سان لڳو هوس. مسڪين کي چيم، ”يار هي ٻڪر رومانٽڪ آهي، تنهنڪري منهنجي ننڍڙي پٽ پتاشي جو بہ بار سهي نہ سگهندو.“

مسڪين ڪم جو ماڻهو هو. هن چيو، ”هينئن ڪر يار. توهان گهڻا پاتي آهيو؟“

”نہ.“

”نہ ڇيلا وٺي وڃ.“

”ڇيلو پل صراط تان ڪيرائي ماريندو.“

”يار تون بہ بلڪل نپو آهين.“ مسڪين چيو، ”تون نہ

چيلا وٺــي وڃ. ڪين خوب ڪارائي پيئاري متارو ڪريــن . جڏهن هوبهوُ ٻڪر جهڙا نظر اچن، تڏهن الله جو نالو وٺي ڪاتيءَ سان ڪم لاهي ڇڏجان.“

”فائدو.“

”واه يار واه. اڙي ميان، هڪ هڪ ٻاتي پنهنجي پنهنجي ٻڪر تي ويهي پل صراط پار ڪندو.“

”تہ تنهنجي صلاح آهي تہ اسين قافلو ڪري پـل صراط پار ڪيون؟“

”ها.“ مسڪين چيو، ”اچ تـہ توکي چيلن جي سڀ کان وڏي واپاريءَ پي - پي دهلي والا وٽ تو وٺي هلان.“

”تنهنجو مالڪ توکي ڌانگهيندو هوندو.“

”آن جي پرواه نـہ ڪر. پاڻيهي منهن ڏيندو مانس. پنهنجو سنڌي ڀاءُ آهين. اول تنهنجي مدد ڪندس.“ مسڪين چيو، ”اچ تہ پي - پي دهلي والا ڏانهن هلون. پري ناهي. اچ.“

پي- پي دهلي والا جو وات ٻان جي ٻڪن سان ڀريل هو. چپ واچن تائين ڳاڙها هئس. قميص جو اڳو ٽڪن ۾ چنبيل هوس. هو اڌڙ عمر جو هو ۽ مڇن ڏاڙهيءَ کان آجو هو. هن پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو، ”مان دهلي ۾ هـاتي وڪڻندو هوس، هتي، يعني پاڪستان ۾ چيلا وڪڻندو آهيان.“

هن جو قـد خطن سان ڀريل هڪ ڳـوڻ جيترو مس هو. اکيون شيريون ۽ چنجهيون هئس. هن پاڪستان تي افسوس ڪندي چيو، ”هاءِ هاءِ. قسمت اهڙو ڦيرو کاڌو آهي جو تاج محل جو مالڪ تلڪ چاڙهيءَ جي فٽ پاٿ تي سمهندو آهي.“

”تاج محل جو مالڪ!“

”ها ها تاج محل جو مالڪ تلڪ چاڙهيءَ جي فٽ پاٿ تي سمهندو آهي.“ هن پنهنجي ڳالهہ تـي زور ڏيندي چيو ، ”هن جو نالو شاهجهان آهي.“

مون ساڻس همدرديءَ جو اظهار ڪيو. هو خوش ٿيو. چيائين،

”پنهنجي مرضيءَ سان چيلا پسند ڪر. مسڪين جو دوست آهين، تنهنڪري توسان رعايت ڪندس.“

مون ڪارا، ڪبرا، اڇا ۽ ميرانجهڙي رنگ جا نَوَ ننڍڙا چيلا چڪي پٽ پٽرو ڪري بيهاريا.

پي- پي دهلي والا مسڪين ڏانهن ڏٺو. پوءِ چيلن ڏانهن ڏسندي چيائين، ”ڪٿي وڃ. ويهين ويهين رپئي.“

”يعني!“ مون کي رڙ نڪري ويئي.

”يعني نَوَ چيلا هڪ سو اسي رپين ۾ ڪٿي وڃ.“

”يار پي- پي دهلي والا ائين نہ ڪر. منهنجي حال تي رحم ڪر،“ مون کيس عرض ڪيو، ”پائي، مان واپار نہ ڪندس. هي چيلا جڏهن ٻڪر ٿيندا تڏهن انهن کي الله جي راهہ ۾ قربان ڪندس ۽ اهڙيءَ طرح ٻارن سميت پل صراط پار ڪندس.“

”مان دهليءَ ۾ هاٿي وڪڻندو هوس،“ هن نرڙ ۾ گهنج وجهندي چيو، ”مان چيلن جي هڪ قيمت ٻڌائيندو آهيان، ۽ ان ۾ وڪڻندو آهيان.“

منهنجي کيسي ۾ هڪ سو پنجاسي رپيا هئا. سوچيم تہ جيڪڏهن چيلا نہ ورتم، تہ سڄي عمر ۾ هڪ گهوٽ بہ وٺي نہ سگهندس. جيئن تہ پل صراط ضرور پار ڪرڻي آهي، تنهنڪري چيلا بہ ضرور وٺڻ گهرجن. مون پي- پي دهلي والا کي چيو، ”مان چيلا وٺندس.“

هن رڙ ڪري هڪ گڏهہ گاڏيءَ واري کي سڏ ڪيو. گڏهہ گاڏيءَ واري چيلن کي ڪنن کان وٺي گاڏيءَ ۾ ويهاريو. مون هڪ سو اسي رپيا پي- پي دهلي والا کي ڏنا. هن پيسا کيسي ۾ وجهندي چيو، ”هاءِ ڙي قسمت. دهليءَ ۾ هاٿي وڪڻندو هوس، هتي چيلا ٿو وڪڻان.“

پوءِ جڏهن گڏهہ گاڏي هلڻ لڳي، تڏهن مسڪين چيو، ”گڏهہ گاڏيءَ واري کي پنجن رپين کان مٿي هڪ پائي بہ نہ ڏجانءِ . سمجهيئہ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پنج رپيا!“

”ها ها، فقط پنج رپيا.“

گڏهه گاڏي سڙڪن تي ڊوڙڻ لڳي. مون کي اوچتو خيال آيو ته گڏهه گاڏيءَ واري کي پنج رپيا ڏيڻ کان پوءِ اسان وٽ ٽڪو به نه بچندو، ۽ پهرين تاريخ ۾ اڃا ٻارهن ڏينهن پيا آهن. گهر ۾ اٽو به نه آهي. ڪينڊي کي چمپل گهرجي. پتاشي کي وڏي ڪنگهه آهي. ڪيس دوا گهرجي. مون کي ’مغز ڦاڙ‘ معمي جا ٻن روپين ۾ ٿي حل موڪلڻا آهن، پر نه موڪلي سگهندس.

”پاڻو.“ گڏهه گاڏيءَ واري ڳالهايو، ”چيلن لاءِ لوسڻ نه وٺندين.“

”لوسڻ؟“

”ها، پيو نه ته چيلا ماني ڪائيندا.“ هن کلندي وراڻيو.

”يار گڏهه گاڏيءَ وارا، اهو بدبخت لوسڻ ڪيتري جو وٺڻو پوندو.“

”بس اهو ٿي ڪو رپئي-ڏيڍ. ڪن جو روز ڪائيندا . اڃا ننڍڙا آهن نه.“

”۽ جڏهن وڏا ٿيندا؟“ ڏڪندي ڏڪندي پڇيم.

”تڏهن پين - اڍائي رپين جو لوسڻ روز ڪائيندا.“

”يار گڏهه گاڏيءَ وارا.“ مون آهستي چيو، ”منهنجي پگهار ذري گهٽ اڍائي رپيا روز آهي. چيلا پين - اڍائي رپين جو لوسڻ ڪائيندا ته پوءِ منهنجا ٻار ڇا ڪائيندا.“

”تنهنجا ٻار به لوسڻ ڪائيندا.“ گڏهه گاڏيءَ واري وراڻيو، ۽ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

مون محسوس ڪيو، ڄڻ مان پل صراط تان پنڌ ڪري رهيو هوس، جنهن جي هيٺان ٺهڪندڙ سمنڊ هو ۽ مٿان ٻاهه ڇڏيندڙ سج ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجن منهنجو دوست

ساجن سينٽر جيل ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي.

پڙهيل ڪڙهيل ڪونهي. سياسي قيدي به ناهي. تنهنڪري ڪيس سخت پورهئي سان سزا مليل آهي.

روز صبح جو سليمانيءَ چانهه ۽ ڊبل روٽيءَ جو شڪل ڏوسٽ ڪارائي، ڪيس ٻين قيديــن سميت جيل ڀــريان نيشنل روڊ جا پٿر ٽُڪڻ لاءِ وٺي ويندا آهن.

سڀيئي قيدي رستي تي وڇايل پٿر ڪُٽيندا آهن. لوهي مارتولن سان وڏا وڏا پهڻ ڪُٽي ننڍيون ننڍيون پٿريون ڪري ڇڏيندا آهن. نـــه ڳالهائن، نـــه ٻولهائن. ڪين فقط پنهنجي ڪم سان ڪم هوندو آهي. هـــر طرف ڪان سپاهين جون تيز ۽ ڪرڙيون نگاهـــون ڪين گهوريندڀون رهنديون آهن. صبح جو سندن هٿ ۽ هٿوڙا هوريـــان هوريان هلندا آهن. پر پوءِ، جڏهن منجهند جو جلائيندڙ سج چوٽ چڙهندو آهي ۽ ڌرتي تپي تندور ٿيندي آهي، تڏهن سندن چوٽن جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي؛ ۽ آهي سخت ۽ ڪٺور پٿر جيڪي صبح جي ٿاڌل ۾ آسانيءَ سان ٽوڙي نه سگهندا آهن، پل ۾ پــرزا ڪري ڇڏيندا آهن.

انسان مشينون آهن؛ پگهر سندن ڪلن جو تيل آهي. جڏهن به پگهر سندن عضوي عضوي مان ريلا ڪري وهندو آهي، ۽ جڏهن سندن جسم تپي لوهه ٿي ويندا آهن، تڏهن ڪارا ڪارا ٺاڪرو پٿر به قيدين جي چوٽن ۾ چٽجي چوُر ٿي ويندا آهن. لاڳيتي پهڻ ـ ڪشي ڪندي ڪڏهن ڪو قيدي پنهنجي زبون زندگيءَ ڪي گار به ڏيئي وٺندو آهي.

پر ساجن خاموش رهندو آهي. مارتول هن لاءِ اجنبي ناهي. هت اڇڻ ڪان اڳ به هن جي هٿ ۾ هٿوڙو هوندو هو ۽ هو اڪثر

هڪ ٿي ڏڪ سان موٽرن، لارين ۽ ٽرڪن جا ڪٽ ڪاڏل بمپر سڌا ڪري ڇڏيندو هو.

ساجن چاڪيواري جي پرويان هڪ گيراج ۾ ڪلينر هو. سندس وجود سڙيل موبل آئل، گندي پيٽرول ۽ چڙهم ملبل گريس ۾ گم ٿي ويو هو. هن پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ نہ ڪڏهن سوچيو، ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪيس پنهنجي مستقبل جي چنتا ٿي هئي. هوش سنڀاليندي هن پاڻکي پراڻين لارين، موٽرن ۽ بسن جي هيٺان ليٽيل لڌو هو. پنهنجي زندگيءَ جو راند ڪرڻ وارو زمانو موٽرن جا مڊگارڊ چمڪائيندي گذاريو هئائين. صبح کان سانجهيءَ تائين موٽرن جي مٽر لاهڻ جي عيوض ڪيس سٺ رپيا ماهوار ملندا هئا.

سٺ روپين مان ٽيهہ روپيا پاڪڙي واري ملباريءَ کي ڏيندو هو، ۽ باقي پئسن مان عيش ڪندو هو. سندس عيش جي 'مينو' ۾ پان، جون بيڙيون، چرس ۽ ڪڏهن ڪڏهن 'ڪنٽري' شامل هوندا هئا. ڪو روڪ ٽوڪ ڪندو هوس، تہ بئي پانهون هوا ۾ ڦهلائي چوندو هو، "اڙي يار، پاڻ موالي تہ عيش ڪندا آهيون عيش. نہ ڪنهن جي چوري، نہ سينہ زوري، آڏايون ٿا پنهنجي مزوري. لڳي دم - مِٽي غم."

۽ جنهن ڏينهن ٽري جي هڪ بوتل ڳڙڪائي ويندو هو، تنهن ڏينهن سندس سوچ سمجهہ جي ڪلن تان ڪٽ لهڻ لڳندي هئي. ان رات اڪيلي رستن تان ڳائيندو ايندو هو، "لڳي دم، مٽي غم — لڳي دم، مٽي غم." چرس پريل سگريٽ جا ڪش سندس ذهن کي هلڪو ڪندا رهندا هئا، ۽ پوءِ گيراج جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪنهن بس جي پراڻي سيٽ تي ڪيس ننڊ ڪٽي ويندي هئي.

جيستائين ڪائي پي موج ۾ نہ ايندو هو، تيستائين خاموش رهندو هو. ڪيس نہ پين سان، ۽ نہ ئي ڪا پاڻ سان دلچسپي هئي. مهيني ۾ هڪ دفعو غليظ ڪپڙا مٽيندو هو ۽ ٻہ دفعا ميونسپل نل تي وهنجندو هو. هڪ دفعي ڪنهن سماجي ڪارڪن معاشري جي گندي تصوير ڇڪڻ لاءِ گني ۾ پنهنجي ڪئميرا استعمال ڪئي

هئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ تصوير ڪنهن اخبار ۾ نڪتي. تصوير ۾ ڏيکاريل هو تہ ملڪ جا نوجوان ڪيئن نہ پنهنجي زندگيءَ سان خطرناڪ راند ڪن ٿا. (ليڪہ ۾ اهو لکيل نہ هو تہ سياستدان بہ ملڪ جي نوجوانن سان خطرناڪ راند کيڏندا آهن.) مراد ڪاسائيءَ ساجن کي اها تصوير ڏيکاريندي پڇيو هو، ”هن کي سڃاڻين!“

”ڪو مردود آهي، يار هٽيس گولي،“ ساجن لاپرواهيءَ سان وراڻيو هو.

”اڙي پاڙيسا تون آهين.“ مراد ڪاسائيءَ کيس ٻڌايو هو. ساجن کي پنهنجي شڪل بہ چڱيءَ طرح ياد نہ هئي. ڪڏهن ڪڏهن لاپرواهيءَ سان پاڻ کي لال خان پان واري جي آئيني ۾ ڏسي وٺندو هو.

لاپرواهي ساجن جي زندگيءَ ۾ شامل هئي. ايتريقدر جي ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن گيراج ۾ مستري رمضان جي ڪوٺيءَ مان سازن جو آواز ۽ ڇير جو ڇمڪو ايندو هو، تڏهن بہ هو ڪا دلچسپي محسوس نہ ڪندو هو. هن ڪڏهن بہ پنهنجي مالڪ مستري رمضان کان اهو نہ پڇيو هو تہ رات جو گيراج ۾ طبلا ڇو وڄندا آهن؟ ڊانس ماستر شيام سندر ڇوڪريون ڇو وٺي ايندو آهي؟ ڇوڪريون سڄي سڄي رات گيراج ۾ رهي ڇو پونديون آهن؟

هن ڪجهہ نہ پڇيو، ڪجهہ نہ سوچيو. جيڪو نہ پڇي ۽ نہ سوچي تنهن کي هرڪو پسند ڪندو آهي. ان ڪري ساجن کي بہ مستري رمضان بيحد پسند ڪندو هو، ۽ کيس گيراج ۾ رهڻ جي موڪل ڏني هئائين.

مکڙيون مهڪنديون رهيون. گل ڪومائجندا رهيا. رات جي تاريڪيءَ ۾ انسانيت جو خون ٿيندو رهيو، پر ساجن ڪڏهن بہ پنهنجي دل ۾ ڇهنبڙي محسوس نہ ڪئي. هن پاڻ سان گڏ دنيا کي بہ ڀلائي ڇڏيو هو. هڪ دفعي ڪنهن عيسائيءَ مشنريءَ جي فادر کيس زوريءَ ڪرستان ڪرڻ لاءِ ڪانئس پڇيو هو، ”تون مسلمان آهين؟“

”نہ.“

”هندو آهين؟“
”نه.“
”ڪير آهين؟“
”مان ساجن ڪلينر آهيان.“
فادر خار وچان ساجن کي گهوريندو هڪ طرف هليو ويو هو.
دين ڌرم جي باري ۾ به ساجن ڪجهه نه سوچيو. ها، هو ڪڏهن ڪڏهن مسجد جي ملان جي ٻانگ جو ۽ مهاديو مندر مان گهنڊن جو آواز ٻڌندو هو، پر ڪيس ٻنهي مان مزو نه ايندو هو. هن مُلان کي گُٿي ۾ لڪي لڪي شراب پيئندي ڏٺو هو، ۽ ٻانڀڻ کي چُپي چُپي گوشت کائيندي ڏٺو هئائين. ساجن کي مراد ڪاسائيءَ جو جملو ياد هو ته، ”اڙي مولائي، هيءَ سڄي دنيا دوکو آهي. فقط صبح جو سائين سچ آهي. دين ڌرم سڀ ڌوڙ آهي.“
۽ ساجن روز صبح جو گانجي جو دم هڻي، ڪنگهندي ڪنگهندي چوندو هو،
”آ صبح جا سائين پيڙي ٻني لائين،
جيڪي پيئن سي جيئن، نه ته پرتي ٿي پيهن،
آ صبح جا سائين.“
۽ هڪ صبح جو جڏهن سائينءَ کي ٻڌ ڪري ساجن پيڙي ٻني لاهي رهيو هو، تڏهن هن مستري رمضان جي ڪوٺيءَ مان هڪ ڇوڪريءَ کي ٽڙندڙ قدمن سان ٻاهر نڪرندي ڏٺو. شيڊ جي ميرانجهڙيءَ روشنيءَ ۾ هن ڏٺو ته ڇوڪريءَ جا وار منجهيل هئا، ۽ اکين جي چو گرد ڏڪ ۽ اوجاڳي جا گهرا نشان هئس. ڇوڪريءَ بس جو سهارو وٺندي، گهراج تي هڪ نظر وڌي. ساجن جي پاسي ۾ سينور لڳل گهگهي ۽ جست جو ميرو ۽ مروڙيل گلاس ڏسي وک وڌايائين. قدم وچڙي پيس. موٽر جي ٽائر تان ٿاٻو کاڌائين، ۽ ٻئي لمحي ڊونهاٽيل ڪاري فرش تي ڦهڪو ڪري ڪري پيئي. ساجن کي ڪاوڙ لڳي ته ڇوڪريءَ سندس سمورو سرور ڪافور ڪري ڇڏيو. هو ٻيڊليءَ سان ڇوڪريءَ کي سهارو ڏيڻ لاءِ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ مان اُٿيو ۽ پوءِ لاپرواهيءَ سان ڇوڪريءَ کي ٻانهن کان ڇڪي اٿاريندي پڇيائين، ”ڇا گهرجيئي؟“

”منهنجي ٻانهن نه ڇڏ.“ ڇوڪريءَ ٻانهن ڇڏائيندي چيو، ”منهنجي قميص تي پنهنجي ميري هٿ جا داغ ڪري ڇڏيندين.“

”تنهنجن ڪپڙن تي هن ڌرتيءَ جا به ته داغ آهن.“

”پر هجن. اسان جي قسمت ئي داغدار آهي.“

”اڇاپل آهين؟“

”ها، مان اڇاپل آهيان،“ ڇوڪريءَ پنهنجن خشڪ چپن تي زبان ڦيريندي چيو.

ساجن ڪيس گلاس پري ڏنو ۽ هوءَ يڪساهي سمورو پاڻي پي ويئي. پوءِ وڌيڪ پاڻي پيئڻ لاءِ گگهيءَ جي پاسي ۾ ويهي رهي. مٽ مان مروتيل نوٽ ڌرتيءَ تي رکي پاڻي پيئڻ لڳي. سلجن سندس سامهون اچي ويٺو ء مروتيل نوٽ کڻندي پڇيائين، ”ڇا هي؟“

ڇوڪريءَ جهٽ ڏيئي مروتيل نوٽ ساجن جي چپٽيءَ مان ڦري ورتو. وراڻيائين، ”هي ڏهين رپئي جو نوٽ آهي. منهنجو آهي. انسانيت جي قيمت آهي.“

”تنهنجو نالو انسانيت آهي؟“

”بلڪل ٻڌو آهين،“ ڇوڪريءَ ويران ٿهڪ ڏنو.

”نه. مان ٻڌو نه آهيان. منهنجو نالو ساجن آهي.“

”سلجن!“

”ها، منهنجو نالو ساجن ڪلينر آهي.“

”عجيب نالو اٿئي!“ ڇوڪريءَ رئي جي ڪنڊ ۾ نوٽ ٻڌندي چيو، ”ضرور تنهنجي پيءُ رکيو هوندو.“

”اهو نالو مراد ڪاسائيءَ رکيو آهي.“ هن جواب ڏنو، ”منهنجو ڪوبه پيءُ ڪونهي.“

”تنهنجو ڪوبه پيءُ ڪونهي؟“

”مون کي ته ياد ناهي.“

۽ اوچتو اُداسين جا بادل اُپرندا آيا. ڇوڪري اُپاٽڪي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي. هن جي اندر ۾ پڙاڏو گونجيو، ”تہ پوءِ ڇا مان بہ هڪ ڏينهن
ڪنهن اهڙي ساجن کي جنم ڏيندس جنهن جو ڪوبہ پيءُ نہ هوندو
۽ جيڪو ڪنهن گدلي گيراج ۾ ڪلينر. ٿي سڄي دنيا کان لاپرواهه
ٿي ويندو؟

ساجن ٿهڪ ڏيڻ لڳو.

اوچتو ڇوڪريءَ سوال ڪيو، ”تنهنجي ماءُ ڪٿي آهي؟“

”هوءَ ڪمبخت بہ مري ويئي.“

”مري ويئي!“

”هاں، مري ويئي، اسان سڀ مري ويندا سين. تون، مان،
مسجد جو مُلو، مندر جو پاڌو، ڪرستان فادر ۽ منهنجي ماءُ. اسان
سڀ مري وينداآهيون.“

”ڇا ٿيو؟“

”الاءِ. بس هڪ ڏينهن فٽ پاٿ تي مري ويئي. مان آن
وقت تمام ننڍو هوس،“ ساجن جواب ڏنو.

خوف، هراس ۽ دپ جي جذبن ڇوڪريءَ جي تن بدن
مان سيسڙاٽ ڪڍي سندس جوانيءَ کي لوڏي ڇڏيو. هن پاڻ کي
ڪنهن فٽ پاٿ تي دم توڙيندي ڏٺو. کيس پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪنڊا
چڀندا محسوس ٿيا: ساهہ ڦڙن ۾ ڦاسندو محسوس ٿيو، ۽ سندس
زبان خشڪ ٿيندي ويئي. هوءَ پنهنجي حسرتناڪ موت جي تصور
تي اداس ٿي ويئي. نڙيءَ ۾ موت جي تلخي محسوس ٿيس ۽ پوءِ
گلاس جو بچيل پاڻي گيٽ ڏيئي پي ويئي. گلاس گسڪيءَ
تي رکندي چيائين، ”مون کي ٽئڪسي تہ آڻي ڏي. مان ٿڪل
آهيان ساجن.“

۽ پوءِ جڏهن ساجن ٽئڪسي آڻي گيراج جي ٻاهران بيهاري
تڏهن ڇوڪريءَ کيس دعا ڏني، ”خدا تنهنجو ڀلو ڪندو ساجن.“
ساجن آسمان ڏانهن ڏسي کلي پيو.

”ڇو تہ کلين؟“ ڇوڪريءَ ٽئڪسيءَ ۾ ويهندي پڇيو.
ساجن جواب نہ ڏنس، پر پيو بہ هڪ ٽهڪ ڏنائين. کيسي مان پن

جي پيڙي ڪيڏي، دکائي، ڪش هڻي، ٻنهي آسمان ڏانهن ڇڏيندو اندر گيراج ۾ موٽي ويو.

ٿي ڏينهن سانجهيءَ ڌاري ساڄن پيرو موالي کان چرس وٺڻ لاءِ گيراج کان ٻاهر نڪتو. در وٽ کيس ڪالهوڪي ڇوڪري ملي ويئي. ساڄن کي ڏسي بيهي رهي. ساڄن پڇيس، ”تون روز نچڻ ايندي آهين؟“

”نہ. استاد شيام سندر کان ڊانس سکڻ ايندي آهيان.“

”سچي رات!“

”بلڪل پڪو آهين ساڄن.“ ڇوڪريءَ طنز ڀريل لهجي ۾ چيو، ”استاد شيام سندر ۽ مستري رمضان سڄي رات مفلسيءَ کي پيسي تي نچائيندا آهن.“

ڇوڪريءَ جو جملو ساڄن جي سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ هو ڪياڙي کنهندو مواليءَ جي اڏي ڏانهن هليو ويو.

پيرو مواليءَ جي اڏي تي جانو مڪرانيءَ ساڄن کي خوب شراب پيئاريو. مفت جو مال قاضيءَ کي حلال! ساڄن ڊوڙ تي پيتو. ڪنتريءَ جي ڪڙاڻ جڏهن سندس وات کي زهر ڪري ڇڏيو، تڏهن هو ٽيبل کي لت هڻي گُتي کان ٻاهر نڪري آيو. هن قدمن کي هوا ۾ تڙندي محسوس ڪيو. دل ۾ رستي تي ليٽي پوڻ جي تمنا جاڳي اٿيس، پر هلندو رهيو. ٿابو آيس تہ فٽ پاٿ تي اجايو ويهي پيسا ڳولهڻ لڳو. هلندي هلندي جڏهن اليڪٽرڪ پول سامهون آيس تہ ان کي خوب گاريون ڏنائين. چنڊ ٻادلن ۾ لڪي ويو تہ پٿر کڻي آسمان ڏانهن اڇلايائين. گيراج ۾ پهتو تہ پاڻ کي بس جي پراڻي سيٽ تي اڇلائي ڇڏيائين. ٻئي ٻانهون ڪنڌ هيٺان ڏيئي، ٽنگ ٽنگ تي رکي اکيون پوري ڇڏيائين. اوچتو پير ۾ خارش ٿيڻ لڳس. هٿ وڌايائين تہ وچي لانگ بوٽ ۾ پيس ۽ پوءِ ٽنگ مٿي ڪري، پراڻي ڇڳل لانگ بوٽ کي ڪڙيءَ کان وٺي ڇڪي لاهي ڦٽو ڪيائين. ان وقت سندس ڪن تي ڪنهن عورت جي آزي - نيزاريءَ جو آواز پيو- ڇڻ تہ رحم لاءِ پڪاري رهي هئي . هن

محسوس ڪيو تہ آواز مستري رمضان جي ڪوٺيءَ مان اچي رهيو هو. هن اٿڻ چاهيو، پر گهيرٽ آيس، ۽ جهٽ پر ڪيس ننڊ ڪڻي ويئي.

گهڻن ڏينهن تائين ساجن وري اُن چوڪريءَ کي نہ ڏٺو. هڪڙي ڏينهن سج لهڻ مهل، هن ڪوٺيءَ مان مستري جو آواز ٻڌو. ڪاوڙيل هو. ”جيستائين نوري نہ ايندي، مان هڪ پائي بہ نہ ڏيندس.“

”هوءَ اچڻ جهڙي ناهي آبا،“ ساجن ڪمزور آواز ٻڌو. ان وقت هو مارتول سان رنگ تي تاثر چاڙهي رهيو هو.

”اچڻ جهڙي ناهي تہ پيسا بہ ناهن.“

”مستري ڪجهہ تہ خيال ڪر،“ ڪمزور آواز چيو، ”اڇا تائين تو هن کي فلمن پر ڪم بہ نہ وٺي ڏنو آهي، ۽ اڇا تائين ڪيس....“

”ان لاءِ ڪيس پيسا بہ ملندا آهن، خدا جي نالي تہ نہ ايندي آهي.“

”پر اُن رات توهان پنهي.......“

”پيسا بہ تہ ڊبل ڏنا سونس.“

ان وقت ساجن لوهي رنگ تي ٽرئڪٽر جو زبردست تاثر چاڙهي ڇڏيو.

ڪوٺيءَ مان مستري رمضان جو آواز آيو، ”پين کي ويهہ ڏيون تنهنجي ڌيءَ کي ٿيهہ، شراب بہ انگريزي استعمال ڪندا آهيون. ڪيس ڪباب ۽ چاپون بہ ٻڪريءَ جي گوشت جون ڪارائيندا آهيون. سودو فائديمند اٿئي پوڙهي.“

ساجن جون نگاهون وزني مارتول تي کپي ويون. مستري رمضان جا جملا سندس دماغ کي ڪنهن غيبي مترڪي سان ڪٽڻ لڳا. هن پنهنجي دماغ کي، دماغ جي ويچارن کي چٽجندي محسوس ڪيو. احساس ٿيس ڄڻ تہ مغز جون رڳون ڇڄي پيون هيس. سمجهيائين تہ رت ريلا ڪري سندس منهن ڏوئي ڇڏيو هو. سندس اندر ۾ وڏي پوڻ لڳا. روح جي نفرت منين ۾ پيڪوڙجي ويس. انسان جي قيمت فقط ٿيهہ رپيا! جسم کي پائمال ڪرڻ جي قيمت ٿيهہ

رنپيا! جيڪي نادان هڏ ڪي مڏ تي رکي اميدن جي جوڻي آس تي جيئندا آهن، تن جي قيمت فقط تيهه رپيا! ساجن سستائيءَ تي ٺهڪ ڏيڻ لڳو. عورت جي جسم ۽ ڪڪ جي هڪ مڻ جي ساڳي قيمت! هو ديوانن وانگر کلڻ لڳو — انسان جي عقل تي، انسان جي اخلاق تي، ۽ انسان جي وحشي جذبن تي.

تڏهن مستري رمضان ۽ استاد شيام سندر ساجن جي ٺهڪن جو آواز ٻڌي پنهنجي ڪمري مان نڪري آيا. ساجن گهوُر ڪري ٻنهي ڏانهن نهاريو. لوهه جي وزني هٿوڙي تي سندس گرفت مضبوط ٿيندي ويئي. هن حقارت مان ٻنهي ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ سڄي قوت سان هٿوڙو اڇلائي گگهيءَ ڪي هڻيائين. نڪر جي گگهي چوُر چوُر ٿي ويئي ۽ پاڻي سڄي فرش تي زمين جي اندلش ٿاهي ٻيهي رهيو.

”ڪمبخت وڏيڪ ٻيي ويو آهي،“ شيام سندر چيو.

مستري رمضان ڏند ڪرٽيندو ساجن ڏانهن وڌي آيو. ڪيس زوردار چماٽ وهائيندي چيائين، ”ساجن، ڇٽ جا پٽ. سوئر جا ڦر. حرامي، مغز خراب ٿيو اٿئي ڇا!“

ٺهڪ بادلن جي گجگوڙ وانگر گجي خاموش ٿي ويا. دل جي دنيا تي سارنگ وسڪارو ڪيو ۽ ساجن ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي سيٽ تي اونڌي منهن ڪري پيو.

ان رات هن مستري رمضان جي چماٽ وسارڻ لاءِ خوب شراب پيتو — ڪنٽري ۽ نرو. جڏهن سندس کيسا بلڪل خالي ٿي ويا. تڏهن هن جانو سڪرانيءَ کي ڪنڌ ڪان وٺندي چيو، ”اڙي، جانوءَ جا ٻچا، پيسا ڪيڏ.“

”پيسا الله ڏيندو.“

”الله ويٺو آهي مسيت ۾، هي گتو آهي پيسا ڪيڏ.“

”جوتا ڪندين؟“

”ها.“

”اچي هي ريٽو وٺ، آڏارو. مراد ڪاسائيءَ جي اوطاق تي. جوتا هليٺي پيئي.“

مراد ڪاساٽيءَ جي اوطاق تي جوئا هلي رهي هئي. ساڄن سيٺي کي ڦري ورتيو ۽ پيسا کٽي کڻي ۾ موٽي آيو. ٽيبل تي پير پٽاري، ديسي شراب جي گلابي بوتل سوڊا ۾ ملائي پي ويو. ٿرو ۽ ڪنٽري پيئڻ کان پوءِ هن پنهنجي ڳل تي مستري رمضان جي چماٽ جو درد محسوس ڪيو. بيخياليءَ ۾ هن پنهنجون ٿريل آڱريون پنهنجي جلندڙ ڳل تي رکيون ۽ اوچتو سندس بدن مان سيسڙاٽ نڪري ويو. هن رڙ ڪري پيروءَ کان هڪ ٻي بوتل گهري. ٻي بوتل جو شراب هن گلاس ۾ نہ پيتو، پر ٻُڪ ۾ وجهي پنهنجي جلندڙ ڳل ۽ پيشانيءَ تي ڇنڊا هڻڻ لڳو. بوتل ۾ باقي بچيل ٿرو پنهنجي مٿي تي پيٽي ڇڏيائين. ساڄن جي ان حرڪت تي گتي ۾ ويٺل گراهڪن کي کل آئي. ڪي تہ کلي کلي اونڌا ٿي پيا ۽ ڪن ٽهڪڙن ۾ چيو—

”خلاص.“

”ڪلاس.“

”فنيس.“

”ابئوٽ.“

هن پيروءَ موالي کي ڪائونٽر تي بل ڏيئي باقي پيسا گهريا. وٽس ڏهين ڏهين جا ٽي نوٽ هئا! پيروءَ کان وقت پڇيائين. رات جا ساڍا ٻارهن ٿيا هئا. هن پڇيو، ”نوري آئي هوندي.“

”ڪير نوري؟“

”مستري رمضان جي معشوق.“

”تنهن ۾ تنهنجو ڇا هي؟“

”اڙي سڙيل ڪاريٽڙ، ان بلبل جي قيمت آهي ٽيهہ روپيا.“

”هان؟“

”ها، ۽ اڄ رات مان.“ ساڄن کي هڏڪي آئي، ”مان نوريءَ کي مستري رمضان جي ڪوٺيءَ ۾ وڃڻ نہ ڏيندس.“

”ڇو؟“

”شش! ڪو ٻڌي ويندو.“ ساڄن ڇپڻ تي آڱر رکي چوڻ

لڳو، ”خبر اٿئي مترڪا، نوري-منهنجي— منهنجي— ڀيڻ آهي.“
ڀيرو ۽ ان ڳالهہ تي زوردار ٺهڪ ڏيندي چيو، ”وارو ڪر اڙي ساجن، تنهنجي ڀيڻ مستري رمضان جي ڪڇ ۾ هوندي.“
ڀيرو ۽ جو جملو ساجن جي دل ۾ برڇي ٿيي لڳو. هن جون نگاهون پٽ سان ٽڪرائڻ لڳيون. تڏهن اوچتو هن جي نظر ڪنهن قومي ليڊر جي تصوير تي ڄمي ويئي. ساجن زُوم مان بوتل ليڊر جي تصوير کي اُڇلائي هڻيون ۽ پوءِ ٻئي ٻانهون آڃيون ڪري پٽ وٽ ويهي رهيو. گراهڪن ٺهڪ ڏيندي چيو—
”ٺيڪ.“
”ڪلاس.“
”مالو اُٺوت آهي، ڪُرو.“
ساجن ٻئي مُنهون ڀيڪوڙي پٽ تي وهائي ڪيڍيون. ۽ چيائين، ”مان ڪلاس نہ آهيان، ٺيڪ نہ آهيان. مان ڪتو نہ آهيان.“
ڀيرو موالي ڪائونٽر تان اُٿي آيو ۽ ساجن کي ڪنڌ کان وٺي لت هڻي ڪتي مان ٻاهر ڪيڍي ڇڏيائين. ساجن ٿاٻڙندو، اليڪٽرڪ پول سان وڃڙندو اڳتي نڪري ويو. هن پنهنجي سيني ۾ جوالا جلندي محسوس ڪئي. ڪنهن آتش فشان پهاڙ جو لاوو سندس سموري وجود کي جلائڻ لڳو. آڳ جا شعلا سندس اندر کي لهسائڻ لڳا.
ساجن کي سُڌ هئي تہ ڪٽ ڪاڏل لوهہ جي ڪٽ لاهڻ لاءِ لوهہ کي وزني مارتول سان ڪٽڻو پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ سخت زنگ آلود نٽبولٽ بہ مترڪي جي هڪ ڌڪ سان ڍرا ٿي ويندا آهن. ۽ اڄ مستري رمضان جي زوردار چماٽ هن جي ذهن جي، ذهن جي شعور جي، سوچ ويچار ۽ بيحس احساس جي ڪٽ لاهي ڇڏي. هن جو ضمير، ۽ ضمير جي غيرت بيچين ٿي جاڳي اٿي. بغاوت جي ٻاهہ اندر ۾ ڀڙڪي اٿيس. هن پنهنجي دل ۾ مستري رمضان ۽ استاد شيام سندر خلاف نفرت جا لڪين جذبا محسوس ڪيا. جيتوڻيڪ تڏي رات هير ۾ نري ويئي هئي، پر تڏهن بہ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بدن ـ باطن ۽ ظاهر تندور وانگر تپي ويو هو. ڪوري وانگر ڪامي رهيو هو. هن تيزتند ۽ ڀرانگهن ۽ اکهوماتيڪ دماغ سان رمضان ۽ شيام کي مترڪن سان چتيءَ چتيءَ ماري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. هن ٻنهي کي ۽ ٻنهي جي دولت کي شڪست ڏيڻ تي چاهي. هن ڪيسي مان ڏهين ڏهين جا تي نوٽ ڪڍي مٺ ۾ ڀيڪوڙيا. انهن ڪرڻ سان هن مستري رمضان ۽ استاد شيام سندر جو ساهه پنهنجي مٺ ۾ ڀيڪوڙجندو محسوس ڪيو. خوشيءَ جو احساس ٿڪن جي صورت وٺي رات جي خاموشيءَ ۾ گونججندو رهيو.

”هو هو ها! اڄ رات مان مستري رمضان کي مات ڪندس.“

۽ پوءِ اوچتو سندس لهجو غمگين ٿي ويو. هن جي خوشي ڪافور ٿي ويئي. ڏندن ۾ چپ چباڙيندي چيائين، ”اڄ رات منهنجي پيڻ مستري رمضان جي دولت تي نہ نچندي. اڄ رات منهنجي پيڻ استاد شيام سندر جي ڪچ ۾ نہ سمهندي. غريبي عورت کي نچڻ تي مجبور نہ ڪندي.“

ساجن پراڻي لانگ بوٽ جي لت سان گيراج جو دروازو کولي ڇڏيو. هو ڪوٺيءَ جي بند دروازي ٻاهران اچي بيٺو ۽ پوءِ رڙ ڪري چيائين، ”اڙي مستري رمضان، دئوس ٻاهر نڪري اچ. مان تنهنجو ۽ تنهنجي دولت جو دشمن آهيان. مان نوريءَ جو ياءُ آهيان. اچي، ڪڻ هي تيهه رپيا ۽ نوريءَ کي ٻاهر موڪل.“

ڪوٺيءَ جو در کليو. هڪ صوبيدار ۽ ٻہ پوليس وارا ٻاهر نڪري آيا. ساجن اهڙي واقعي لاءِ تيار نہ هو. هو پنهنجي جاءِ تي پٿر پٿر ٿي ويو. ساجن جون نگاهون ڪوٺيءَ جي در ڏانهن آتيون تہ اتيئي ڄمي ويون. مستري رمضان جي هڪ هٿ ۾ شراب جو گلاس ۽ ٻيو هٿ هڪ نيم ننگي عورت جي چيلهہ ۾ هوس. هوءَ نوري نہ هئي. سندس چپن ۾ سگريٽ هو. هن در جي چائنٽ تي قدم رکندي چيو، ”مان تو کي ڇڏايان ها ساجن. پر نہ. تو سوچڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. اهڙا ماڻهو اسان کي پسند ناهن.“

پوءِ صوبيدار ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”هي ئي اٿو

ساجن، جنهن مراد ڪاشائيءَ جي اوطاق تي جوئا ڪئي ۽ جنهن جي تلاش ۾ توهان هتي آيا آهيو ۽ موقعي تي آيا آهيو.“

سپاهين ساجن کي هٿڪڙيون هنيون. ساجن خاموش رهيو. هن احتجاج نه ڪيو. آه به نه ڪيائين. فقط ويران نگاهن سان مستري رمضان کي ڏسندو رهيو. مستري سگريٽ جو دونهون ڇوڪريءَ جي منهن ۾ ڇڏيندي چيو، ”هيءَ نوري ناهي، ساجن. پر ٻي ڪا نوري آهي. تو جهڙا سڀ ڦريا، ديوانا، ڪيترين نورين کي بچائي سگهندا؟“

مستري رمضان ٺهڪ ڏنو ۽ ست ڏيئي ڇوڪريءَ کي سيني سان لڳائي کوليءَ جو در ٻيڪڙي ڇڏيو.

ساجن سينٽرل جيل ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي. روز صبح جو سليماني چانهه ۽ ڊبل روٽيءَ جو سڪل ٽڪر کارائي، ڪيس پين قيدين سميت جيل پويان نيشنل روڊ جا پٿر ٽڪڻ لاءِ وٺي ويندا آهن. ●

جڏهن مان نہ هوندس

پڄاڻي:

قاسي گهاٽ جي ڪال ڪوٺڙيءَ جو لوهي در کليو، جيلر اندر آيو. مون گوڏن ڀر ويهي مٿس نهاريو.

جيلر چيو، "اڳياڙو هڪ بيحد ضعيف ۽ ڪراڙي عورت آئي هئي. مان سمجهان ٿو هوءَ تنهنجي ماءُ هئي. تنهنجي لاءِ هيءُ ڪاغذ ڏيئي ويئي آهي."

جيلر ڪاغذ منهنجي هٿ ۾ ڏنو.

مون ڪاغذ کوليو. لکيل هو، "گهوڙن ۽ گهوٽن جيئن تورا ڏينهڙا ــــ ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا."

جيلر کــان پڇيم، "اڄوڪو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جـو آخري ڏينهن آهي نہ."

وراڻيائين، "اڄ اڌ رات کان پوءِ ڪنهن به وقت تو کي قاهي ڏيئي ڇڏيندا."

"مان پنهنجي حياتيءَ جون آخري گهڙيون لکندي گذارڻ چاهيان ٿو." پڇيومانس، "مون کي لکڻ جي اجازت آهي؟"

"ها." جيلر جواب ڏنو، "پر اعتراض جوڳي تحرير جي نہ."

جيلر مون کي لکڻ جي اجازت ڏيئي هليو ويو. مون سوچيو، پکيءَ وانگر آڏامي ويندڙ ۽ درياهہ وانگر وهندڙ وقت کــي مــان روڪي نہ سگهندس. پوئين پهر تائين ساهہ جي سلسلي جو حساب رکي نہ سگهندس ــ انت ڏانهن آخري سفر منهنجي ساهہ جي هڪ هڪ ساعت محدود ڪري ڇڏي آهي ــ دم ٽوڙيندڙ ساعتن ۾ مان پنهنجي مڪمل آتم ڪهاڻي لکي نہ سگهندس ــ مان فقط آتم ڪهاڻيءَ کي پڄاڻيءَ تائين پهچائڻ جي هڪ ڪهاڻي لکندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇاڙيءَ جي ڪهاڻي:

ڪمري جي در کي ور تي تي. مون منهن ورائي نه ڏٺو. سو چيم، 'ڪيري هومز' هوٽل جو ڇوڪرو هوندو، ۽ چانهه جي ٽري رکي هليو ويندو.

مون لاهور ۾ بيڊن روڊ جي لبرٽي بلڊنگ جي ٻي ماڙ تي فليٽ نمبر ارڙهين ۾ اچي پناهه ورتي هئي. لبرٽي بلڊنگ جي سامهون 'ڪيري هومز' هوٽل هئي جنهن جو ڇوڪرو رانجهو صبح جو سوير منهنجي لاءِ چانهه ۽ تازي اخبار کڻي ايندو هو. مان پنهنجي فليٽ جو در آسُر ويل کولي ڇڏيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو بي‌اطميناني ۽ پريشانيءَ سبب رات جي ڪنهن پهر اک کلي ويندي هئي، ۽ مان قديم پلنگ تان اٿي، ٻاهريون در کولي، موٽي اچي ڪنڌ هيٺان ٻانهون ڏيئي ليٽي پوندو هوس. ڪڏهن ڪا گهڙي اهڙي به ايندي هئي جو ننڊ کڻي ويندي هئي؛ نه ته اڪثر اٺيهين اونداهيءَ جهڙي رات ۾ اکيون وجهي ڇڏيندو هوس، ٽانڊو اچي پرهه ڦٽندي هئي، ۽ سج جا ڪِرڻا پڙدن مان ڇڻندا ڪمري ۾ ڪاهي پوندا هئا. ٿوري دير کان پوءِ رانجهو چانهه ۽ اخبار کڻي ايندو هو، ۽ چانهه جي ٽري رکي پير تي هلندو هليو ويندو هو.

در جو طاق چيچاٽ ڪري کُليو. مون منهن ورائي نه ڏٺو.

آها آجڪر جهڙي رات مون ڪمري جي اونده سان اکيون اتڪائي گذاري ڇڏي هئي. طرحين طرحين جا خيال ۽ وهم ذهن کي وڪوڙيندا ۽ پيڙيندا رهيا هئا. پاسا ورائيندي سَنڌ سَنڌ سانُو ٿي پيو هو. اڌ رات ويل در جو ڪڙو لاهي ڇڏيو هوم. جنهن وقت در ڪي چيچاٽ سان ور تي تي، تنهن وقت منهنجو منهن ڀِت ڏانهن هو. سڄو بدن سو رڪان ڇڄي رهيو هو. مٿو ڳورو ۽ ڇپرن ۾ چيڪو محسوس ڪري رهيو هوس. جڏهن ڪجهه دير تائين چانهه جي ٽري رکڻ جو آواز نه آيو، تڏهن نه چاهيندي به منهن ورائي ڏٺم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهره پلنگ جي پاڻيءَ وٽ ويٺي هئي. وهنتل هئي. آماوس جي رات جهڙا ڪارا وار ڪلهن تي پيا هئس. بدن تي سونهري ڪنيءَ وارو ڪرمچي گائون ڍڪيل هوس. پيرن ۾ پن پٽين وارو ربڙ جو اڇو چمپل هوس، جنهن تان پاڻيءَ جي آلاڻ نہ لٿي هئي. ان وقت جيتوڻيڪ اندر ۾ آنڌ مانڌ ۽ حواسن تي بوجهہ پي محسوس ڪيم، پر تنهن هوندي بہ زهره ڪي ماڪ پينل رابيل جهڙي محسوس ڪيم.

هن پنهنجو نرم، نازڪ ۽ برف جهڙو سرد هٿ منهنجي سڙندڙ نرڙ تي رکيو. مون سندس وڏين ۽ گهاٽين پنبڻين سان ڍڪيل ڪارين ڪجلين اکين ۾ نهاريو. مونکي اهي لفظ ۽ جملا نٿا سجهن جن سان زهره جي بيپناهہ حسن کي ڪاغذ تي آتاري سگهان. هوءَ هر مرد جي تصور ۾ ديرو ڪيل ڪنهن بہ حسين عورت کان وڌيڪ حسين، ۽ مشرقي سونهن سوبيا جو جيئرو جاڳندو مثال هئي. مون پنهنجي اٺٽائينڪي زندگيءَ ۾ زهره کان وڌيڪ سهڻي ۽ شاندائتي عورت نہ ڏٺي آهي.

منهنجي نرڙ تي هٿ رکندي پڇيائين، ”ڪيئن آهين؟“

”ويهي رهہ، بيٺي ڇو آهين؟“ پيٽ ڏانهن کسڪي ويم. هوءَ پلنگ جي پاڻيءَ تي ويهي رهي.

منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪندي پڇيائين، ”ٺيڪ آهين نہ.“

”ها. ٺيڪ آهيان.“

هن پنهنجين آڱرين سان منهنجا وار جاڻيتا ڪندي چيو، ”اج وري اوجاڳو ڪيو اٿئي. هان نہ؟“

ڪيس جواب نہ ڏنم.

وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي پڇيائين، ”تون ڪنهن ڪنهن وقت سمهي ڇو نہ سگهندو آهين؟“

وراڻيم، ”چوندا آهن، ماڻهو جڏهن موت کي ويجهو هوندو آهي، تڏهن سمهي نہ سگهندو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏس! وري ڪڏهن نه ٻڌ وائي وات مان.“
منهنجن خشڪ چپن تي مُرڪ ٽڙي آئي.
”ٻڌاءِ نه؟“ پڇيائين، ”تون ڪنهن ڪنهن وقت ڇو نه سمهي سگهندو آهين.“
”ڪنهن ڪنهن مهل منهنجين اکين ڪان سمهڻ وسري ويندو آهي.“
”سمهڻ وسري ويندو آهي!“
”ها زهره. ۽ پوءِ راڪاس جهڙي رات منهنجي مات ٿي پوندي آهي.“
”پر تنهنجين اکين ڪان سمهڻ ڇو وسري ويندو آهي. تون سمهي ڇو نه سگهندو آهين.“ هوءَ بيچيني تي پيئي. منهنجو هٿ ٻنهي هٿن ۾ قابو ڪندي پڇيائين، ”اهو ڪهڙو فڪر آهي، ڪهڙو غم آهي جيڪو توکي سمهڻ نه ٿو ڏئي.“
”ڪوبه نه.“ منهن ٻئي پاسي ڪندي چيم، ”ڪوبه نه.“
”ڳالهه ٻڌ.“ زهره مونکي ڪلهي ڪان وٺي پاڻ ڏانهن ڪندي چيو، ”گذريل هڪ مهيني جي ملاقات ۾ مان سمجهي نه سگهي آهيان، ته آخر اهو ڪهڙو غم آهي جيڪو توکي اندر ئي اندر کائيندو رهي ٿو. تون ٻڌائين ڇو نه ٿو؟“
مون زهره جي شفاف ڪارين ڪجلين اکين ۾ نهاريو. دل چاهيو ته ٻڌائي ڇڏيانس ته جڏهن اندر آتاولو هوندو آهي، تڏهن ننڊ نيڻن کي تياڳ ڏيندي آهي. اسين مگ ٿر جي ملڪ سنڌ ديس جا واسي اڄين ئي ويراڳ جي وروڌهن هوندا آهيون. دل گهريو ته کيس پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيان. ڪاش ڪجهه نه لڪايان. کيس ٻڌائي ڇڏيان ته مان لاکي ڦلاڻيءَ ۽ هيمون ڪالاڻيءَ جو پيو جنم آهيان.
”تون ٻڌائين ڇو نٿو.“ زهره ٻيهر پڇيو، ”آخر اهو ڪهڙو غم آهي جيڪو توکي اندر ئي اندر کائيندو رهي ٿو؟“
آهه منهنجي ساهه سان وچڙي پيئي. فقط ايترو چئي سگهيم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون کي ڪوبہ غم نہ آهي، زهره.“

”تہ پوءِ بيچين ڇو رهندو آهين؟“ هن مونکي ٻارن وانگر سمجهائيندي چيو، ”ڏس، پنهنجي مونجهاري جو ذڪر جڏهن بہ مان ڪيو آهي تہ، تڏهن دل تان بوجهہ لهي ويندو آهي.“

ان وقت ’ڪيري هومز‘ هوٽل جو ڇوڪرو رانجهو چانهہ جي ٽري ۽ اخبار کڻي آيو. ٽري ٽيبل تي رکندي چيائين، ”ڇوڪرن ٻڌايو تہ رات ذوالفقار علي ڀٽي کي گرفتار ڪيو اٿائون.“

چيومانس، ”تون ٻوڙ پائي هڪ بي چانهہ بہ کڻي اچ.“

”نہ نہ،“ زهره جي سڏ تي رانجهو بيهي رهيو. زهره چيو، ”مان پنهنجي فليٽ مان چانهہ پي گهرائي وٺان.“

”مونکي خبر آهي تہ تنهنجي بورچياڻي چانهہ سٺي ٺاهيندي آهي. پر هن وقت تون منهنجي فليٽ ۾ آهين.“ مون رانجهي کي چيو، ”وڃ. ٻوڙ پائي هڪ چانهہ کڻي اچ.“

زهره آرام ڪرسي ڇڪي پلنگ جي پاسي ۾ ويهي رهي. ڪاڏي ۽ هيٺان هٿ ڏيئي هوءَ ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

پڇيومانس، ”ڇا پيئي ڏسين؟“

چيائين، ”تون منهنجي لاءِ گجهارت ٿي پيو آهين. ۽ ۽ ۽ —.“ هن جملو پورو نہ ڪيو. خاموش ٿي ويئي.

”ڇا زهره.“

”۽، ۽ هڪڙي ڏينهن —“

”زهره!“

”۽ هڪڙي ڏينهن جيئن اجنبين وانگر آيو آهين، تيئن اجنبين وانگر هليو ويندين.“

”زهره.“ مان سٽ ڏيئي ويهي رهيس. ڪرسيءَ جي ٻانهن تان زهره جو هٿ کڻي پنهنجن هٿن ۾ جهليم. چيم، ”ڪيئن ٿي چوين تہ مان توکي ٻڌائڻ کان سواءِ هليو ويندس. مان —“ آواز اوپرو لڳم. جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنم.

هن منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ پاڻ سنڀالي، ٿڌو ساهه کڻي چيائين، ”تنهنجي اچڻ کان پوءِ پانيان ٿي، دل ۾ جڻ اڳ جهڙي اڪيلائي نه رهي آهي.“

”وقت وقتا ڪٿي جيڪڏهن، مان پنهنجي زندگيءَ سان تنهنجين اڪيلاين کي خريد ڪندس.“ آهستي چيم، ”بس، وقت وفا ڪئي جيڪڏهن.“

هن منهنجين اکين ۾ اکيون وجهي ڇڏيون. ڄڻ منهنجي اندر جو ٿوهه پي ورتائين. چيائين، ”تہ پوءِ مون کان لڪائين ڇو ٿو؟“

”ڇا.“

”پنهنجو غم. پنهنجي پريشاني.“

مان خاموش رهيس.

پڇيائين، ”پيسن جي تنگي تہ نہ اٿئي.“

”نہ.“

”حجاب تہ نٿو ڪرين؟“

”مان لڪنو جو نہ آهيان.“

هن ٿهڪ ڏنو. پوءِ گنڀير ٿيندي چيائين، ”خانيوال کان منهنجو مني آرڊر آيو آهي. ڪجهه پيسا ڏيانءِ؟“

”نہ“ ورائيم، ”’ڪيري هومز‘ جو بل لاهڻ جيترا پيسا ۽ ڪجهه بچت اڃا مون وٽ آهي. ضرورت پئي تہ تنهنجي قرض ۾ مبتلا ٿيندس.“

چيائين، ” ’ڪيري هومز‘ جو سمورو بل مون ڏيئي ڇڏيو آهي.“

”ڏيئي ڇڏيئہ!“

”ها.“

”توکي ائين ڪرڻ نہ گهربو هو، زهره “

”ڇو؟“

مان کيس جواب ڏيئي نہ سگهيس.

گهڙي کن خيالن ۾ گم رهڻ کان پوءِ عجيب سوال پڇيائين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ڪنهن سان محبت تہ نہ ڪندو آهين؟“
مون سندس اکين ۾ نهاريو. چيم، ”ها.“
”تہ پوءِ شايد سڄي سڄي رات ان عورت جي ياد ۾ جاڳندو آهين.“
”ڪنهن حد تائين.“
”هوءِ بہ توسان محبت ڪندي آهي؟“
”چئي نٿو سگهان.“
”هوءِ ڪنهن ٻئي مرد سان محبت ڪندي آهي؟“
”شايد.“
”اهو تہ ڪو جواب ڪونهي.“ زهره چيو، ”پر مرد کي ڪڏهن بہ ڪنهن اهڙي عورت سان محبت ڪرڻ نہ گهرجي، جيڪا ٻئي ڪنهن مرد سان محبت ڪندي هجي.“
”مان بہ دراصل ان خيال جو آهيان، زهره.“ وراڻيم، ”پر دل کي جيڪڏهن عقل هجي ها، تہ پوءِ محبت پرڏيهي واپار تي پوي ها.“
زهره جي گلابي چپن تي مرڪ ليئو پائي ورتو. پڇيائين، ”پلا ٻڌاءِ تہ آها عورت ڪٿي آهي.“
دل ۾ آيو تہ ٻڌايانس تہ آها عورت تون آهين زهره؛ تون— جيڪا منهنجي ساهہ وانگر مونکي ويجهو هوندي بہ مون کان پري آهين، منهنجي ٿي نہ سگهي آهين. آها عورت تون آهين زهره، جنهن سان حالتن جي اهڙي وراڪي ۾ مليو آهيان جتي منهنجي پنهنجي زندگي پنهنجي نہ رهي آهي. آها عورت تون آهين زهره، جنهن جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد منهنجي پيار تي پابندي وجهي ڇڏي آهي.
دل جو چيو زبان تي نہ آيو. فقط ايترو چيم، ”اهو پڇي ڇا ڪندينءَ.“
هڪدم پڇيائين، ”ڇا مان ايترو حق بہ نٿي رکان.“
”نہ نہ، اٿيئن ٿاهي.“ هٻڪندي چيم، ”ڳالهہ هن ريت آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته، ته ــــ .” ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. جملو پورو ڪري نه سگهيم، اڌ ۾ ڇڏي ڏنم.

چيائين، ”مون کان لڪائين ٿو.“

منهنجن ڇپن تي سياري جي شام جهڙي اُداس مُرڪ ليٽو پائي ورتو. پاڻ کي عجيب ڪشمڪش ۾ جڪڙيل محسوس ڪيم. گذريل چئن-پنجن هفتن جي ملاقات ۾ زهره سان اندر جــو حال اوري نه سگهيو هوم. ڪيس پنهنجو همدرد محسوس ڪرڻ کان پوءِ به پنهنجي آتمڪٿا ٻڌائي نه سگهيو هوم. شروعات ۾ زهره کي سليس سنڌي ڳالهائيندي ۽ پنهنجي ويجهو ٽيٻدي ڏسي مان اول ڇرڪيو هوس، ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن کانئس پڇيو هوم، ’پنجابڻ آهين نه؟‘ جواب ڏنو هئائين، ’هذ، چم، ماس سميت پنجابڻ آهيان.‘ تــڏهن کانئس ورائي پڇيو هوم، ’ته پوءِ سنڌي ڳالهائڻ ڪٿان سکي آهين؟‘ ٻڌايو هئائين، ’تنهنجي سنڌ جو چپو چپو ڏٺو اٿم. ورهين جا ورهيه اُتي رهي آهيان. منهنجن مائٽن کي انگريزن طرفان سانگهڙ ۾ زمينون مليل آهن.‘ ڪٿ ڪائيندي پنهنجي ساءِ ڇيو هوم، ’سانگهڙ- انگريز سامراجين جــي سرڪش حرن جي لاشن تــي اڏيل پنهنجن وفادار خادمن ۽ غلامن لاءِ جاگيرا!‘ مــون سمجهيو هو زهره منهنجو ڳُفتو ٻڌي مونکان نفرت ڪندي. پر هن ساڳي نوع ۾ مونکان پڇيو هو، ’تون ڪير آهين. لاهور ۾ ڇا ڪرڻ آيــو آهين.‘ مون فقط ايترو وراڻيو هو، ’پڪ ڄاڻ ته فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي هردلعزيز حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ نه آيو آهيان.‘ هن کِلي ڏنو هو. هن اڪثر ورجائي ورجائي مونکان منهنجي باري ۾ پڇيو هو ۽ مون هر دفعي کيس ٽاري ڇڏيو هو.

منڪر هوندي به اهو اعتبار ڪري ويٺو هوس ته لوح محفوظ جي ليڪ جي ڪا ويڪ هئي، جنهن حياتي هڪ محور تــي آڻي بيهاري ڇڏي هئي. مان زهره سان اهو اظهار ڪندي ڪندي رهجي ويو هوس ته، زهره هيءَ جو مونکي وطن ۾ بي‌وطن ٿيٺو پيو آهي، ۽ هيءَ جو مونکي سنڌ جا ڇانورا ڇڏي پنجاب جي ڇناب جو پاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئڻو پيو آهي، سوسڀ بيمعنيٰ نہ آهي. شايد تنهنجي منهنجي زندگيءَ جا دائرا ازل جي اوٽ ۾ هڪٻئي سان جڪڙجي ويا آهن. جيڪي ڪجهہ تو سان وهيو واپريو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ مون سان ٿي گذريو آهي ۽ گذري رهيو آهي، سو فقط ان لاءِ ٿيو آهي تہ جيئڻ پاڻ بيئي زندگيءَ ۽ موت جي اڪيوٽ ۾ ڪجهہ ڍير لاءِ ملي، هڪٻئي کي چاڻي سڃاڻي هميشہ لاءِ ڌار ٿي وڃون. پر مان، جنم جنم جو سودائي، زهره سان اندر جو حال اوري نہ سگهيو هوم. ڪيس دل چيري ڏيکاري نہ سگهيو هوم.

”ڪهڙن پورن ۾ پئجي ويو آهين؟“ زهره جو آواز ڪن پيو. خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. پڇيائين، ”ڇا پيو سوچين؟“

ورائيم، ”منهنجي حصي ۾ وهمن جي دنيا آئي آهي زهره.“

چيائين، ”جنهن ڇوڪريءَ کي چاهين ٿو، تنهن کي بہ پنهنجن وهمن سان پريشان ڪندو هوندين.“

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. آتاولي اندر کي آٿت نہ آيو. تڏهن چيم، ”مان جنهن ڇوڪريءَ کي روح جي گهراين مان چاهيندو آهيان، تنهن ڇوڪريءَ جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد جون سرحدون نڪتل آهن. مان ڪيس ويجهو هوندي بہ هن لاءِ اوپرو آهيان، اجنبي آهيان. هوءَ منهنجن وهمن کان آزاد آهي.“

زهره اک ڇنڀڻ بنا مون ڏانهن ڏسندي رهي. حيرت ڪارڻ ڪجلين اکين مان ليئا پائڻ لڳس.

آهستي چيم، ”مان هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪانئس پري هليو ويندس، مرندو مري ويندس، پر سندس دل جا دروازا منهنجي محبت لاءِ بند رهندا.“

ان وقت رانجهو چانهہ کڻي آيو. اکين ۾ چمڪو هوس. چانهہ جي ٽري رکندي چيائين، ”افواهہ ناهي. اصل سچي ڳالهہ آهي. ذوالفقار علي ڀٽي کي رات گرفتار ڪيو اٿائون.“

زهره ٽري مان هڪدم اخبار کڻي ورتي. مون ڪانئس اخبار وٺندي چيو، ”جيڪڏهن اها خبر سچي آهي، تہ پوءِ ان اخبار ۾

هرگز نہ هوندي. اڄ ڪلهہ جون اخبارون پڪوڙن جي پڙن ۽ مسافريءَ ۾ بوٽ ويڙهڻ جي ڪم اينديون آهن.“ رانجهي ڪي چيم، ”تون وڃ رانجها، وڃي موج ڪر.“

رانجهو هليو ويو.

زهره چانهہ ڏاهيندي پڇيو، ”هينئر چا ٽيندو.“

”جيڪي ٽيندو آيو آهي.“

”چا ٽيندو آيو آهي؟“

”سرڪش سرويچ ڌرتيءَ ڪي رت جو ريج ڏيندا.“

”پئتي لاءِ؟“

”نہ. آزاديءَ لاءِ.“ مون بالڪونيءَ ڪان ٻاهر پولار ۾ نهاريندي جهونگاريو: .

”سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان،
مٺي ماٽي لايان،
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين تو ڪي چشمن چايان،
گيت بہ مون وٽ تنهنجا ماتا، بيت بہ تنهنجا پايان،
سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان،
مٺي ماٽي لايان.“

پڇيائين، ”پنهنجي ساهہ چا پيو ڳالهائين.“

وراڻي پڇيومانس، ”ڪڏهن ولر ڪان وڇڙيل ڪا ڪونج ڏٺي اٿئي.“

ڪجهہ حيرت وچان جواب ڏنائين، ”نہ.“

”ڪڏهن وياڪل ونين ڪي پنهنجن وڻجارن لاءِ درياهہ تي آڪا پائيندي ۽ چوواٽن تي ڏيئا ٻاريندي ڏٺو اٿئي؟“

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيائين.

تڏهن چيومانس، ”پلا رت جي درياهہ جو ڪڏهن تصور ڪيو اٿئي؟“

”نہ.“ زهره عجب مان ڪنڌ لوڏيو.

”تون بيحد حسين آهين، زهره.“ پولار تان نظرون

زهرہ ڏانهن ڏٺائين، چيائين: ”تون بيحد حسين آهين، تنهنڪري اهي ڳالهيون تنهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهن.“

لڇ ”کان“ منهن وِ”ن“ وَ”ن“ ڪرڻ لڳس. ڏاڏي پياري نموني ۾ چيائين، ”الاءِ چا پيو چوين.“

چيومانس، ”مونکي چانهہ ڏي.“

مونکي چانهہ جو ڪوپ ڏنائين. مان پلنگ جي پٺ سان ٽيڪ ڏيئي ويٺس. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي ويئي. ڪيليءَ تان ٽوال لاهي آئي ۽ منهنجي هنج ۾ وڇائي ڇڏيائين. پوءِ پنهنجو ڪوپ کڻي آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

چانهہ جي سپ پيري ڏانهس ڏٺم. هوءَ مون ڏانهن نهاري رهي هئي. چيم، ”تنهنجي اِن ٻرتاءَ مونکي غلطفهميءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي.“

اُس جي ترڪڻ جهڙي مرڪ چپن تائين اچي موٽي ويس. هرڻيءَ جي اکين جهڙيون اکيون ڇلڪندڙ ڪٽورا ٿي پيس. آرام ڪرسيءَ تان اٿي بالڪونيءَ تائين هلي ويئي. ليٽو پائي موٽي آئي. سپ پيري، دردناڪ لهجي ۾ ڳالهايائين، ”اڳاٽو چا چيو هيئہ، تہ جنهن عورت کي چاهيندو آهين، تنهن عورت جي دل ۾—“ هن جملو پورو نہ ڪيو.

مون جملو پورو ڪيو، ”تنهن عورت جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد جون سرحدون نڪتل آهن.“ چيم، ”۽ مان جلاوطن اُنهن سرحدن کي پار ڪري سندس دل جي وسعتن ۾ محبت جي سياسي پناهہ وٺي نہ سگهيو آهيان.“

نہ ڳالهہ سمجهيائين، ۽ نہ ئي جملي جي تهہ تائين پهچي سگهي. غم جون ريکائون پيشانيءَ تي ڇهتيل رهيس. جذبن جي اٿل ۾ چيائين، ”عورت وفا نڀائي تہ هڪ مرد کي چاهي. ڪامٺي ٿئي تہ جڳ کي هيرڪائي.“

مونکي پڪ ٿي ويئي تہ مقدر جي مايوسين جو اڌڪٽ حصو منهنجي جهول ۾ اچي ڪريو آهي. تاريخ جي هر دور ۾ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محرومين جو قافلو ڪٿي درد جي صحرا ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان. وطن ۽ عورت جو پيار منهنجي لاءِ رنج آهي.

منهن مٿي ڪندي چيائين، ”مون خالد کي دل جي بيپناهه شدت سان چاهيو هو.“

اسان جون نگاهون گهڙي پل لاءِ ملي ڌار ٿي ويون. چانهه جي سپ سپ پرينديءَ رهي. ڪوپ فرش تي رکي، ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان مٿو لڳائي چڏيائين. پوءِ اداس لهجي ۾ چيائين، ”پر خالد جي دل ۾ فقط منهنجي لاءِ پيار نه هو. هن جو پيار وراهيل هو.“

”ڪنهن ٻي عورت کي چاهيندو هو؟“

”نه.“

”ته پوءِ؟“

”هن کي پنهنجي وطن سان بيپناهه محبت هئي.“

”تاريخ وطن پرستن جو عبرتڪدو آهي.“ اندر اٿلي پيو. چيم، ”پر جابر جي انڌير نگريءَ ۾ وطن پرستن کي غدار سڏيو ۽ سمجهيو ويندو آهي.“

منهنجو جملو زهره لاءِ ڄڻ پاڻيءَ تي ليڪو هو. چيائين، ”منهنجو خالد پاڪستان آرميءَ ۾ فوج جو سڀ کان ننڍو ڪئپٽن هو. بي-آر-بي نهر وٽ هندستاني فوجن سان وڙهندي جڏهن شهيد ٿيو، تڏهن سندس عمر پورا پنجويهه سال به نه هئي.“

خالد جي باري ۾ ڳالهائيندي هوءَ آپسرائن جهڙي پراسرار نظر اچڻ لڳي. سندس آواز ڄڻ غفائن مان ايندڙ پڙلاءُ هو. چيائين، ”جڏهن هندستاني فوجون لاهور ڏانهن پيشقدمي ڪري رهيون هيون، تڏهن منهنجو خالد بي-آر-بي نهر ٿيي، هڪ پيٽ جي اوٽ وٺي اسٽين گن تاڻي بيٺي رهيو هو. هن اڪيلي سر ٽن ڪلاڪن تائين سڄي سموري ڪمپنيءَ کي هڪ وک وڌڻ نه ڏني.“

زهره ڳالهه روڪي، ڇاتي منهنجي منهن ۾ ڏٺو. ڄڻ پنهنجي ڳالهه جو رد عمل منهنجي منهن ۾ پئي ڳولهائين. مان ڏانهس ڏسندو رهيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي نوع ۾ چيائين، ”۽ پوءِ جڏهن خالد وٽان گوليون جو ذخيرو ختم ٿي ويو، تڏهن هو پنهنجي جاءِ تان هٽيو ڪونه، نه ئي هٿيار ڦٽا ڪيائين. ان جاءِ تي بيهي هن هندستاني سپاهين تي وڃي ٽٽو. ٻن کي اُتي ماري وڌائين.“

جملو نہ روڪي ها تہ جيڪر روئي پوي ها. تڏو ساهہ کڻي، آواز جائيتو ڪندي چيائين، ”پوءِ جڏهن منهنجو خالد وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويو، تڏهن سندس جسم تي بي انداز زخم هئا. هندستاني دستي سندس لاش کي گارڊ آف آنر ڏنو هو.“

جيئن جيئن خالد جي ياد سندس وجود تي ڇانئجندي ويئي، هوءَ وڌيڪ باوقار، شاندار ۽ عظيم ٿيندي ويئي. سندس حسن غمناڪ ٿي بيپناهہ ٿي ويو. چهرو الائي ڪهڙي ڏکيءَ تي جهڪي پيس. نگاهون بالڪونيءَ کان ٻاهر نيري آسمان تي ڪپاٽي ڇڏيائين.

پلنگ تان اٿندي چيم، ”منهنجو وس پڄي تہ جيڪر تنهنجو غم وراهي وٺان زهره.“

”منهنجا ڪيترا غم وراهي وٺندين.“ زهره ڪنبندڙ آواز ۾ ڳالهايو، ”منهنجيءَ حياتيءَ جو پل پل غم آهي.“

سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيم، ”اڳاڙو چيو هوم نہ زهره، جيڪڏهن وقت وفا ڪئي، تہ پوءِ مان تنهنجن غمن جو پنهنجي زندگيءَ سان سودو ڪندس. بس، وقت وفا ڪئي جيڪڏهن.“

هن منهن مٿي ڪري مون ڏانهن ڏٺو. اسين ڪجهہ دير تائين هڪٻئي ڏانهن ڏسندا رهياسين.

ڪرسيءَ تان اٿندي چيائين، ”اڄ شام توکي بي-آر-بي نهر وٽ آهو هند ڏيکارڻ هلنديمانءَ جتي منهنجو خالد شهيد ٿيو هو.“

اندر ۾ اونده جو احساس ٿيم. چيم، ”۽ اتان موٽندي شاليمار هلنداسين.“

هن ڪجهہ حيرت منان مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”اوچتو شاليمار جو خيال ڪيئن آيئه؟“

”تو ئي تہ ڪالهہ ٻڌايو هو تہ اڄ شاليمار ۾ بجليءَ جي

بلبن سان چراغان ڪندا.“

”ها. اڄ رات شاليمار ۾ مغلن جي ياد تازي ڪئي ويندي. اڄ چنچر آهي نہ.“

”اڄ چنچر آهي!“

”ها، اڄ چنچر آهي.“ زهره پڇيو، ”پر تو اچرج ڇو ڪاڏو.“

”اتفاق هوندو.“

”تون لڪائين ٿو.“

”يقين ڪر. ڪجهہ بہ ڪونهي زهره.“

”مان نہ مڃيندس.“ هن ضد ڪيو، ”چنچر جو لفظ ٻڌي تو تعجب ڪاڏو هو.“

”هڪ بيوقوف جوتشيءَ جي ڳالهہ دل تي تري آئي هئي.“ پنهنجي وهم تي کلندي چيم، ”جوتش جي حساب موجب مونکي چنچر رات مرڻو آهي.“

”چنچر رات!“

”ها، چنچر رات.“

”پر ـــ“

”ڪابہ چنچر رات. اهو ضروري ناهي تہ اها چنچر رات، جنهن رات مون کي مرڻو آهي، سا اڄوڪي چنچر رات هجي.“

زهره پريشان ٿيندي چيو، ”چرچا تہ نہ ڪرين.“

”جيستائين چنچر رات مرندس نہ، تيستائين مان پاڻ جوتشيءَ جي اڳڪٿيءَ کي چرچو سمجهندس،“ مون زهره ڏانهن ڏسندي ورائيو.

”نہ پوءِ ـــ نہ پوءِ.“

مونکي کل آئي. چيم، ”ڪا خبر اٿئي زهره! جوتشي صاحب چيو هو مونکي عام رواجي موت نہ ايندو. مان رائيفل جي گولين سان ماريو ويندس، يا ڦاهيءَ چاڙهندس.“

زهره جي منهن تي هيبت هارجي ويئي. چيائين، ”تون پنهنجي ماءُ ڏانهن ۽ پنهنجي سنڌ ديس ڏانهن موٽي ڇو نٿو وڃين. هتي ڇا ڪرڻ آيو آهين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙو ڦوڙو آواز ڳورو ڪندي چيم، ”مان فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي هردل عزيز حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ آيو آهيان.“

زهره جي چپن تي مرڪ نہ آئي. هن گنڀير لهجي ۾ چيو، ”نہ نہ. اڄ پاڻ ڪيڏانهن بہ نہ هلنداسين.“

”مان اڄ پي-آر-بي نهر وٽ اهو هنڌ ضرور ڏسندس جتي خالد شهيد ٿيو هو.“ چيم، ”۽ آتان موٽندي شاليمار هلنداسين.“

”منهنجي دل نٿي مڃي،“ زهره چيو.

”دل جي ڳالهين ۾ نہ ايندي ڪر، زهره. دل انسان کي برغلائڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ ڪندي آهي.“ سندس منهن تان وار پرزي ڪندي چيم، ”اڄ شاليمار ضرور هلنداسين. جڏهن اندر ۾ اونده جو احساس وڌي ويندو آهي، تڏهن ٻاهريون روشنيون اکين کي پيارءِ پونديون آهن.“

هن جواب نہ ڏنو.

مون پوست محسوس ڪندي ڳالهايو، ”اڄ منهنجي اندر ۾ اوندهہ آهي— گھگھہ اونده آهي. پاڻ شاليمار ضرور هلنداسين. تاريخ جي تهن مان شايد ڪو ترورو راهہ روشن ڪري ڇڏي.“

زهره جون اکيون رڻ ۾ رُليل اڃ کان آتي هرڻيءَ جي اکين وانگر وياڪل ٿي ويون. هوءَ جتي جوانيءَ ۾ مڙس جي جدائيءَ جو جوک سهي ويٺي هئي، پنهنجو هيڏو سارو غم برداشت ڪري ويٺي هئي، منهنجو غم ڏسي بيچين ٿي پيئي. زبان سان جيتوڻيڪ ڪجهہ نہ ڪڇيائين، پر مون سندس نگاهن ۾ پنهنجي غم جو اولڙو ڏسي ورتو. اهو شايد ان ڪري ٿي رهيو هو، جو هن اڻسڌي طرح منهنجين مجبورين ۽ مايوسين ۾ اضافو ڪيو هو. سندس قرب مونکي برغلائيندو هو، ۽ اهوئي سبب هو جو رت جي راند ۾ زهره کي مسافر وانگر مليس. ورهين جي وصال جو فريب کائي ويٺو هوس.

هوءَ منهنجي اڳيان هٿي ويٺي. چيائين، ”مان بہ عجيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوقوف عورت آهيان. پنهنجا ڏک سور اوري توکي اُداس ڪري ڇڏيسِ."

"مان ڏکن جي ڏيهه جو واسي آهيان،" ورائيم، "سُک ملندا ته مري ويندس."

ٿورو مُرڪي چيائين، "تون چريو آهين."

"چريـن جي چاهت ۾ جنون هوندو آهي." چيم، "اسين جنهن ڪي چاهيون ٿا تنهن لاءِ ٿڪي چائون، پٽڪي چائـون، مري مات ٿيڻ چاڻون. اسان سنڌيـن جي محبت ۽ نفرت جو ڪو انت ڪونهي."

ڪمري مان باهر وڃڻ لاءِ در تائين هلي ويئي. در وٽان منهن ورائي چيائين، "سيالڪوٽ کان منهنجو مامون آيو آهي. مان ٿوري دير کان پوءِ ملڻ لاءِ هلي ويندس. تون منجهند جو ڪٿي هوندين؟"

"لاهور جي رستن تي رلندو رهندس، پيو ڪٿي هوندس." ورائيمو. "هتي منهنجو ڪير آهي."

باهر وڃڻ کان اڳ چيائين، "ڪوشش ڪنديس ته منجهند جي ماني موٽي اچي توسان کاوان. پر جي نه اچي سگهان ته انتظار نه ڪجانءِ. سمجهيئه."

باهر هلي ويئي. پڙدو لڏندو رهيو. هوءَ پيئي پير موٽي آئي. چيائين، "ڳالهه ٻڌ. متان اُن ڏينهن وانگر ٻـِک تي ويٺو رهين."

هوءَ وڃڻ لڳي.

ڪيسُ سڏ ڪيم، "زهره."

"جِيُم."

"زهره." ڪجهه چئي نه سگهيم.

"چو. ڪا خاص ڳالهه آهي."

"زهره. پايان ٿو اڄ هنن پٿين ۾ منهنجو ساهه نڪري ويندو."

"چريو ته نه ٿيو آهين!"

سون منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. زهره چيو، "مان نٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچان.“

”تون وڃ.“

”مون کي چنچر جي ڳالهہ وهم ڏيئي ڇڏيو آهي.“ چيائين،

”مان نہ ويندس.“

”تنهنجو مامون آيو آهي، تون وڃ.“ چيم، ”مان بہ ڪجهہ دير کان پوءِ هتان هليو ويندس.“

”ڪيڏانهن ويندين؟ ڪٿي هوندين؟“ بيڪل ٿي پڇيائين،

”مون کي ڪٿي ملندين.“

ڪن لاءِ سوچي ورائيم، ”مان ’بيٽر بڪس‘ تي تنهنجو انتظار ڪندس، پيين ۽ ٽين لڳي جي وچ ۾.“

”’بيٽر بڪس‘ الفلاح بلڊنگ ۾ آهي نہ.“

”ها.“

”مان ضرور ايندس.“ زهره چيو، ”پوءِ منجهند جي ماني ’انڊس‘ تي کائينداسين.“

”ٺيڪ آهي.“

”مان وڃان؟“ هن پڇيو.

مان ڪجهہ دير تائين ڏانهس ڏسندو رهيس. پوءِ آهستي چيم، ”تون وڃ، زهره.“

زهره هلي ويئي، پر منهنجي لاءِ وهمن ۽ سنسن جو سنسار ڇڏي ويئي. ڪا رمز دل کي ريجهائي نہ سگهي. تقدير تدبير کان ناٻري واري بيٺي. حالتون ڪوريڊور جي چار ڏانگر مون کي سوگهو ڪنديون ويون. زندگيءَ جي چوواٽي تي زهره جو ملڻ بي معنيٰ محسوس ٿيڻ لڳو.

’ڪيري هومز‘ هوٽل جو ڇوڪرو رانجهو چانهہ جا ٿانو کڻي آيو. ڏاڍي رازداريءَ واري نوع ۾ خوشيءَ وچان ٻڌايائين، ”شاگردن جلوس ڪڍيو آهي. جلوس يونيورسٽيءَ کان ٽولٽن مارڪيٽ ڏانهن وڃي رهيو آهي.“

رانجهو منهنجي ڳالهائڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ايتري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوڙ جو ۽ نعرن جو اڻچٽو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو ڊوڙ پائي ٻالڪونيءَ ڏانهن هليو ويو. ٻالڪونيءَ مان ڳاٽ ڪڍي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي موٽي آيو. چانهه جا خالي ٿانو ڪٺندي چيائين، ”هيٺ ماڻهو گڏ ٿي رهيا آهن. شايد چوڪرن جو جلوس پهچڻ وارو آهي.“

مون کي خاموش ڏسي رانجهو مايوس ٿيو. ويندي ويندي چيائين، ”سائين، اڄ جلوس ڏسڻ وٽان هوندو!“

جنهن ڏينهن مان حيدرآباد مان لاهور لاءِ فرار ٿي رهيو هوس، تنهن ڏينهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن پوسٽ ۽ پابندين خلاف آواز اٿارڻ لاءِ جلوس ڪڍيو هو. لوڊنگ ٽرڪ، جنهن ۾ مان پوليس ۽ سي-آءِ-ڊي کان لڪي ڇپي رٿيل پروگرام موجب لاهور روانو ٿي رهيو هوس، سا ٽرڪ حيدر چوڪ ڳاڏي کاتي وٽ پلسو وٺي بيهي رهي هئي. مون سامان ٽان ٽالپٽري مٿي ڪري ٻاهر نهاريو هو. سامهون اورينٽ هوٽل وٽان جلوس لنگهي رهيو هو. سرويچن جي هٿن ۾ ’پلي ڪارڊ‘ هئا، جن تي مختلف نعرا لکيل هئا. جيئن جيئن جلوس ٽرڪ کي ويجهو آيو هو، تيئن تيئن منهنجيون اکيون لڙڪن سان ٿمتار ٿي ويون هيون. دل چاهيو هو ٽرڪ مان ٽپو ڏيئي نڪري وڃان، ۽ جن جو آهيان ۽ جن لاءِ آهيان، تن ويڙهيچن سان وڃي ملان--- پوءِ پل تہ مري مات ٿيان. هوش تڏهن آيو هوم جڏهن ٽرڪ جي لاليءَ ڪلينر چيو هو، ’او خانہ خراب، پاڻ سان گڏ اسان کي بہ مارائيندين. لڪي ويهہ.‘ مان ٽالپٽريءَ جي هيٺان سامان وٽ ويهي رهيو هوس. ٽرڪ شهر مان نڪري ويئي هئي. هالا وٽ يوسف مليو هو. سمورو بندوبست هن ئي ڪيو هو. مون کي چابي ڏيندي چيو هئائين، ’بيڊن روڊ تي لبرٽي بلڊنگ جي ٻي ماڙ تي فليٽ نمبر آٺين جي چابي اٿئي. جيڪڏهن خبرداريءَ سان رهندين، ۽ پنهنجي ياري ۾ ڪنهن کي ڪجهہ نہ ٻڌائيندين تہ بلڪل محفوظ هوندين. جيئن ئي تو کي جينيوا پهچائڻ جو بندوبست ٿي ويندو، مان هڪدم لاهور هليو ايندس.‘

گوڙ ۽ نعرن جو آواز ڪن تي پيم. خيالن جي چار مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري آيم. آئون بالڪونيءَ ۾ اچي بيٺس. مال روڊ ۽ بيڊن روڊ جي چوواٽي تي گورنمينٽ ڪاليج، ميو ڪاليج، اسلاميہ ڪاليج ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ جا بليزر پاتل شاگرد ہٿن ہٿ هو چيڙ وچڙ ٽولن ۾ بيٺا هئا ۽ آمريت ۽ ايوب خان خلاف نعرا هڻي رهيا هئا. سخت جوش ۽ جنون ۾ هئا. سندن ٽولا رستي روڪ ڪري بيٺا رهيا. مال روڊ جي آمد و رفت بلڪل بند ٿي ويئي. بيڊن روڊ تي تماشائين جو هجوم وڌندو ويو. هجوم ۾ سرگوشيون ۽ سس پس ٿيڻ لڳي، هرهڪ شخص جي نگاهہ مال روڊ تي بيٺل شاگردن تي هئي. ماحول چڪ ـ تاڻ ۾ وڌندو ويو. مون محسوس ڪيو، ڄڻ انساني آتش فشان ڦاٽڻ تي هو. ڌرتيءَ جي هنج ۾ ڪو زبردست زلزلو پاسا ورائي رهيو هو.

تڏهن اوچتو مون کي زهره جو خيال آيو. سوچيم، هن هلچل هنگامي ۾ ڪيس ٻاهر وڃڻ نہ گهرجي. هڪدم بالڪونيءَ مان هٽي، ٻاهر اچي، زهره جي فليٽ جو در کڙڪايم. زهره جو فليٽ منهنجي فليٽ جي بلڪل سامهون هو. هوءَ آئي هڪ ڪراڙي بورچياڻيءَ سان اڪيلي سر رهندي هئي.

ڪجهہ دير تائين جڏهن در نہ کليو، تڏهن ٻيهر در کڙڪايم. در زهره جي بورچياڻيءَ کوليو. عادت موجب مون کي دعائون ڏنائين. کانئس پڇيم، ”زهره ڪٿي آهي.“

چيائين، ”سيالڪوٽ مان ماءُ آيو اٿس. کيس ملڻ ويئي آهي.“

”ملڻ ويئي!“ مون پنهنجي ساهہ چيو.

پڇيائين، ”ڇو؟ نہ وڃي ها ڇا.“

ورائيم، ”مان سمجهان ٿو لاهور ۾ فساد ٿيڻ وارو آهي.“

ڪراڙيءَ جي ڇاڙي لٽڪي پيئي. منهن جا گهنج چٽا ٿي پيس.

مان پنهنجي ڪمري تي موٽي آيس. رکي رکي زهره جو خيال ذهن کي پريشان ڪرڻ لڳو. سوچيم، هيٺ لهي وڃان، کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوليان. تلاش ڪريان. پر ڪٿي! ممڪن آهي انارڪليءَ ڏانهن هلي ويئي هجي! زهره جي غلطيءَ جو پورو پورو احساس تڏهن ٿيم جڏهن مال روڊ تان اينڊڙ آوازن جو زور وڌي ويو.

هڪدم ڪپڙا مٽائي ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي جيئن منهن ورايم ته مون کان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو.

يوسف بيٺو هو. سچو، وارن کان پيرن تائين مٽيءَ ۾ اٽيو پيو هو. ڪجهه دير تائين هڪ هٿ ڪي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيوسين. بيتاب ٿي پڇيومانس، ”مون کي جينيوا لاءِ ڪڏهن روانو ٿيڻو آهي، يوسف.“

منهنجين ٻانهن مان نڪرندي چيائين، ”پروگرام ۾ ٿوري ڦيرگهير ٿي آهي.“

هن جي ڏاڙهي وڌيل هئي. اکيون ذرا ڏيئي ويون هئس. هالا وٽ جڏهن مون کي بيڊن روڊ جي فليٽ جون چاٻيون ڏنيون هئائين، تڏهن ڪڙو تڙو هو. مهيني - سوا کان پوءِ ڏٺومانس ته ورهين جو جهونو نظر آيو.

”پروگرام ۾ ٿوري ڦيرگهير ٿي آهي.“ سگريٽ دکائي، ڏونهون ڦڦڙن ۾ لاهي، موٽائي ٻاهر ڪڍيائين. پوءِ چيائين، ”تون جينيوا نه ويندين.“

”ڇو،“ مون سخت حيرت وچان پڇيو.

”تنهنجي باري ۾ آر- سي- ڊي ملڪن جي انٽيليجنس کي هتان جي پوليس چڱي طرح آگاهه ڪيو آهي.“ يوسف چيو، ”تنهنجو يورپ تائين پهچڻ ڪيو ويندو.“

منهنجي دل ٻڏي پيئي.

يوسف چيو، ”تنهنجي بدران رشيد بخاري جينيوا ويندو.“

منهنجي منهن مان شايد ملولائي ظاهر ٿي پيئي هئي، جو يوسف چيو، ”دل نه لاهه. تحريڪ جو ڪم آهي. اسان کي پنهنجو ماڻهو هر حال ۾ اقوام متحده جي انساني حقن واري ڏينهن جي اجلاس کان اڳ جينيوا پهچائڻو آهي.“ پوءِ نرڙ ۾ ڳنڍ پئجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويس. چيائين، ”تون پاڪستان جي سرحد ٽپڻ شرط مارجي وڃين ها. تون پاڻ سمجهي سگهين ٿو ته اسان جي آواز جو ۽ نمائيندي جو انساني حقن واري اجلاس لاءِ جينيوا ۾ پهچڻ ڪيترو نه ضروري آهي. جيستائين اسين دنيا جو ڌيان سنڌين سان ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافين ڏانهن نه ڇڪائينداسين تيستائين انڌير جي گهاٽي ۾ پيڙجندا رهنداسين.“

آميدن جو آسمان پڃجي پُري ڪري پيو. سنڌ جو آواز اقوام متحده جي اعوان تائين پهچائڻ جو خواب ٽُٽي پيو. پر پوءِ دل کي اهو چئي سرچايم، ته جيڪڏهن مان نٿو وڃان، ته منهنجي بدران پيو ڪو وڃي رهيو آهي — شخص کان وڌيڪ تحريڪ اهم آهي. سوچيم، رشيد ڪيڏو نه خوشنصيب آهي جو سنڌ جي تاريخ ۾ بلڪل نئين باب جو اضافو ڪري پاڻ کي هميشه لاءِ غيرفاني ڪري رهيو آهي.

مون يوسف کان پڇيو، ”سنگتي ساٿي ڪيئن آهن.“

وراڻيائين، ”سيني يارن سيرَ سان ڪفن ٻڌو آهي، ۽ پنهنجو صليب پنهنجن ڪلهن تي کڻي ظلم سان جنگ جوٽڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا آهن. سڀ کان وڏي ڳالهه ته يارن سنڌ جي نئين نسل کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائي وڌو آهي.“

يوسف ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو خاموش ٿي ويو. مون ڏانهن چتائي ڏسڻ لڳو. پڇيومانس، ”ائين ڇو ٿو ڏسين.“

چيائين، ”تون موت جي منهن ۾ آهين.“

وراڻيم، ”ڪا نئين ڳالهه ڪر.“

”سڄي پاڪستان جي پوليس ۽ انٽيليجنس کي تنهنجي باري ۾ سختيءَ سان خبردار ڪيو ويو آهي. توکي اقوام متحده تائين پهچڻ کان روڪڻ لاءِ کين وڏا اختيار ڏنا ويا آهن. ممڪن آهي، توکي ڏسڻ شرط شوٽ ڪري ڇڏين.“ يوسف مون ڏانهن وڌي آيو. چيائين، ”اسين ان تعاقب جو پورو پورو فائدو وٺنداسين. ڊڪٽيٽر جي سموري مشينري تنهنجي تلاش ۾ سرگردان هوندي، ۽ ان وچ ۾ رشيد بخاري سرحد پار ڪري جينيوا ڏانهن هليو ويندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم، ”مون کي خوشي آهي تہ مان جيڪڏهن سنڌي طرح نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ اٽسنڌي طرح تہ سنڌ جي ڪم اچي رهيو آهيان.“

يوسف چيو، ”هرڪ صالح سپوت کي سنڌي طرح، يا اٽسنڌيءَ طرح سنڌ جي ڪم اچڻو آهي.“

پڇيومانس، ”في الحال مون کي ڇا ڪرڻو آهي.“

”توکي هر حال ۾ سرحد پار ڪري هتان پڇي وڃڻو آهي.“

چيائين، ”هتان هڪدم هليو وڃ. پاڪستان جي چپي چپي تي تنهنجي لاءِ موت آهي.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس. دل اُڏهن جي ڪن ۾ ولوڙجي ويئي. ڏک وچان چيم، ”مان ڪهڙو نہ بدنصيب آهيان، يوسف. اڄ جڏهن سنڌ سڏ ڪيو آهي ۽ سِرُ ڏيئي سُرخرو ٿيڻ جو وقت آيو آهي، مان سڏ ورائڻ بدران وطن کان ڀڄو ٿو وڃان.“

يوسف مون کي ڪلهن کان وٺندي چيو، ”آمريت جو قلعو ڪيرائڻ ڪو سولو ڪم نہ آهي. ڪجھ دوستن کي سنڌ جي مفاد لاءِ جلاوطن ٿي ڪم ڪرڻو پوندو.“

مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. يوسف منهنجي پاسي ۾ اچي بيٺو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين، ”توکي ضرور ڏک ٿيو هوندو؛ پر اسان کي پنهنجو ماڻهو انساني حقن واري اجلاس ۾ ضرور پهچائڻو آهي.“

يوسف منهنجي پاسي مان هٽي ويو. ڪمري جي وچ ۾ وڃي بيٺو. مون ڏانهن پٺ ڪئي هئس. ڳالهايائين، ”اسين انساني حقن جي اداري آڏو ايوب آمر جي حڪومت جو ڊينگو ڊيري ڪنداسين. ڪشميرين ۽ فلسطينين جي حقن لاءِ هاءِ گهوڙا ڪندڙ نوڪرشاهي حڪومت جو بهروپ جڳ کي ڏيکاريندا سين. اسين دنيا کي ٻڌائينداسين تہ هي الو ڪوڙ جا ڪوٽ ڪٽي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ وارا سنگدل، جيڪي پاڻ کي سڄي زمين جي مظلومن جا همدرد سڏائين ٿا، پر جن ظالمن ۽ قاتلن جي قيدخانن ۾ سنڌي قوم سڪرات ۾ سڏڪي رهي آهي. موجوده حالتن ۾ سنڌي قوم جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون نسل پنهنجن وڏن جي فيصلي جو پابند نه رهندو.“
اوچتو ٻاهران اينڊڙ گوڙ جو آواز وڌي ويو. آوازن سان گڏ ٽيئر گئس جي گولن هلڻ جو آواز آيو. مان بالڪونيءَ ڏانهن وڌي ويس. يوسف هڪدم مون کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. چيائين، ”بيوقوف نه ٿيءُ. سي- آء - ڊي ۽ پوليس جا ماڻهو تنهنجي ڳولا ۾ لاهور پهچي ويا آهن.“
”پر تو ته چيو هو هيءُ فليٽ بلڪل محفوظ آهي،“ يوسف ڏانهن ڏسندي چيم.
”آمر جي عمارت ۾ شگاف پيو آهي. هُن ڪاموڙڪي لوڏ وطن پرستن جي ڳولا ۾ چڏي ڏني آهي.“ يوسف واچ ۾ وقت ڏسندي چيو، ”دير نه ڪر. هَل. مان سبزي منڊيءَ وٽ هڪ لوڊنگ ٽرڪ واري کي اڌ ڪلاڪ لاءِ بيهاري آيو آهيان. هو توکي پشاور کان پاڪستان جي سرحد ٽپائي ڇڏيندو.“
مان بالڪونيءَ جي در جي چوڪاٺ وٽ بيهي رهيس. دل ۽ دماغ پاڻ ۾ وچڙي پيا. ڇهين حس ذهن کي موت جي پڪ ڏياري ڇڏي. دل مبهم خيالن جي سوريءَ تي لٽڪي پيئي. پريشانين جو اڪت سلسلو بيچين روح جي تهن ۾ لهي ويو. دل چاهيو ته ٻين ماڻ ٽان ٽپو ڏيئي، هڪ پل ۾ سڀني عذابن جو انت آڻي ڇڏيان — جيڪا ڪهاڻي عبرتناڪ پڄاڻيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي، تنهن جو انجام اکين سان ڏسڻ کان اڳ اکيون پوري ڇڏيان.
”هڪ هڪ گهڙي تنهنجي لاءِ موت برابر آهي.“ يوسف چيو، ”جلد ڪر. هَلُ.“
”يوسف.“ مون ٻرڀل آواز ۾ چيو، ”يوسف مون موت کي ايتري ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي، جو هينئر موت ۽ موت جو تصور منهنجي لاءِ اجنبي نه رهيو آهي.“
”ڳالهه ٻڌ.“ يوسف پنهنجي مٺ منهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪندي چيو، ”هن شهر لاهور ۾ هڪ قلعو آهي، جتي قيدين کي اهڙا اهڙا جسماني عذاب ڏيندا آهن جن جو مثال انسان ذات جي

تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.“

”مون کي خبر آهي، يوسف.“ مون آهستي وراڻيو، ”تون فڪر نہ ڪر. هليو وڃ. پل تہ تاريخ جي هِن خوني دور ۾ ستم ۽ صبر جو معرڪو ماضيءَ جي ڪنهن کهاڻيءَ کي جيئرو ڪري ڇڏي. تون هليو وڃ يوسف.“

”بيوقوف نہ ٿيءُ.“

”تون هليو وڃ، يوسف.“

اوچتو مال روڊ تي ماڻهن ۾ ٽاڪوڙ پئجي ويو. آواز آسمان تائين پهچي ويو. هجوم جي ياڃ جو گوڙ ماحول ۾ واڇٽ ڪرڻ لڳو. ٽيئر گيس شيل هڪ ٻئي جي ڪِيڏ هلڻ لڳا.

يوسف چيو، ”فساد جو پورو فائدو کڻ. ڀڄي وڃ.“

چيم، ”اڄوڪي رات مان لاهور ۾ رهندس. سپاڻي جا پاڳ سپاڻي سان.“

يوسف حيرت مان مون ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”تنهنجي ڪا ڪَلَ ٽڙيل تہ ناهي؟ اڙي تون رات جي ڳالهہ ٿو ڪرين! هن شهر ۾ رهندين تہ شام تائين مارجي ويندين.“

”مان حياتيءَ جي جنهن دؤر مان گذري رهيو آهيان يوسف، تنهن ۾ مون زندگيءَ ۽ موت جي اڪپوٽ ڏٺي آهي.“ ڪوٽ پائيندي چيم، ”مان نہ مرندس.“

پڇيائين، ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

کيس جواب نہ ڏنم.

وراڻي پڇيائين، ”عورت جو چڪر تہ ناهي.“

مان خاموش رهيس.

چيائين، ”الاءِ ڇو دنيا جا سڀئي وطن پرست رومانٽڪ هوندا آهن.“

”ڇو جو ڌرتي ۽ عورت ۾ بنيادي مشابهت آهي.“

”ڪهڙي؟“

وراڻيم، ”ڌرتي ۽ عورت ۾ بنيادي مشابهت اها آهي، جو

پيئي پنهنجن سرويچن جي رت جو سيندور سينڌ ۾ وجهي قيامت تائين سندن شهادت جي ياد تازي رکنديون آهن.“

يوسف منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيائين، ”مان تو کي ٻاهر وڃڻ نه ڏيندس.“

”مان موٽي ايندس يوسف.“

”تون مري ويندين.“

”مان نه مرندس.“

”تون مري ويندين. مونکي پڪ آهي، اڄ تون مري ويندين.“

”يوسف.“ مون کيس پنهنجي اکيان هٽائيندي چيو، ”هڪڙي جوتشيءَ مون کي ٻڌايو هو ته مان چنچر ڏينهن مرندس. ۽ اڄ چنچر آهي.“

يوسف ڪجهه ڪاوڙ منجهان چيو، ”شايد جوتشيءَ جو چيو سچ ٿي پوي.“

”مون کي جوتش آزمائڻ ڏي يوسف.“ ٻاهرين در ڏانهن ويندي چيم، ”اڄوڪي رات ٻچي ويس ته سڀاڻي پاڻهيئي جلاوطن ٿي ويندس.“

لبرٽي بلڊنگ جي ڏاڪڻ لهندي محسوس ڪيم ته مان زندگيءَ ۾ پيهر وري ڪڏهن سنڌ جا چانورا ڏسي نه سگهندس. الاءِ ڪيئن اهو خيال دل ۾ جاڳي آئيو ته انقلابي تحريڪن جا پهريان جلاوطن جيئري وطن نه ورندا آهن. سوچيم، ته اڄ رات کان پوءِ مان نه فقط وطن کان وڇڙي ويندس، پر پنهنجي پهرين محبت جو لاش پنهنجن ڪلهن تي کڻي پرديس ۾ ڀٽڪندو رهندس. منهنجي زندگيءَ جو باقي حصو روپوش رهندي گذري ويندو. وطن ورڻ جو انتظار وقت جي ڪوري ۾ ڪامندي رکي ڏسي ويندو. پڪ ٿي ويم ته مان خياليءَ جي هين دور ۾ وطن ۽ عورت جو پيار وڃائي ويهندس. اندر مان آهه اُڀري ـــ نه نه، مان نيپولين نه آهيان.

بيدن روڊ ماڻهن سان سٽيو پيو هو. مان پيهه مان واڻيون ڪندو، ڏڪبو ۽ ڏڪيندو مال روڊ تائين هليو آيس. پوليس وارن

شاگردن کي ٿولتن مارڪيٽ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو. ٿولتن مارڪيٽ جي پسگردائيءَ ۾ شاگردن گهٽين ۽ گهٽن تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ اتان پوليس تي پٿر اڇلائي رهيا هئا. پوليس وارن ترڪن جي پوئتان پناهہ ورتي هئي، جتان شاگردن تي ٽيئرگيس جا گولا هلائي رهيا هئا. ڪجهہ شاگرد آلين ٽوٽين ۾ ٽيئرگيس جا گولا جهٽيندا، اڪ چنبي ۾ پوليس تي ورائي رهيا هئا. سڄو ماحول جيئرو ٽيڪ ڏونهاٽيل هو ۽ هرڪو اکين مان وهندڙ پاڻي اگهي رهيو هو، پر تنهن هوندي بہ هزارين ماڻهو مال روڊ ۽ بيڊن روڊ جي چوواٽي تان پوليس ۽ شاگردن جي ويڙهہ ڏسي رهيا هئا.

مان هوٽل اندس ڏانهن هليو آيس. اُن طرف هجوم ڇڊو هو. اندس جي ڪنڊ ۾ ويهي گرم گرم ڪافي ٽڙيءَ ۾ لاٿم. ڦڦڙن ۾ ڇڻ ساهہ پيو. تڏهن محسوس ڪيم تہ پاهرا سيءُ ڪجهہ سرس هو. ڪافيءَ جو پيو ڪوپ پيئڻ کان پوءِ لڳو مان سيسڙاٽ ڍرو ٿيو. ذهن گوڙ ۽ گهمسان، ڌڪاون ۽ آوازن کان جڏهن آجو ٿيو تڏهن اندر اٿلي پيو. خيالن ۽ وهمن جا سلسلا وير وانگر منهنجي وجود کي ورائيندا ويا. هيڪلائي بتواس محسوس ٿيڻ لڳي. رام ۽ سيتا جي ياد دل تي تري آئي. سوچيم، زندگيءَ ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ وڃائڻو بہ پوندو آهي. ها، مان بہ وڃائي رهيو آهيان پنهنجي امڙ، وطن ۽ زهره جو قرب. پر سڀڪجهہ وڃائڻ کان پوءِ مونکي ڇا ملندو! وطن جي آزادي! ڇا ان مبهم تمنا جي تڪميل منهنجي مختصر حياتيءَ ۾ ممڪن آهي؟ ماضيءَ جي ڏنڌلڪن مان پڙلاءُ پڌم، تہ انقلابي تحريڪن جي شروعات ڪندڙ، ڦهر جيڪوٽ جي فقط هڪ سرءَ سوري سگهندا آهن. هو جدوجهد جي ابتدا ڪندا آهن. انتها ايندڙ نسل جي انقلابين جي ڪا ڪڙي ڪندي آهي. اُن نسل جا جوڌا ڦهر جا ڪوٽ ڪيرائي اسان جي تمنائن جي تڪميل ڪندا آهن. پر تڏهن اسين نہ هوندا آهيون. اسين ڪنهين کي ياد نہ هوندا آهيون. اسين تاريخن جا صفحا نہ والاريندا آهيون. جنهن وقت ايندڙ نسل اسان جي خوابن جي تعبير

پوري ڪندو آهي، تنهن وقت اسين بنا ڪتبي واري قبر ۾ مٽيءَ جي تهن هيٺان دفن هوندا آهيون.

خيالن جي راڪاس ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ اخبارن جا صفحا اٿلائڻ لڳس جن ۾ خبرون گهٽ ۽ اشتهار وڌيڪ هئا. سموريون اخبارون ملڪ جي امن - امان ، ڏهن سالن جي بيمثال ترقيءَ ۽ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي اعليٰ انتظام، حڪمت ۽ شخصيت جي خبرن سان پريون پيون هيون. مون هڪ هڪ اخبار جي هڪ هڪ ڪالم ۾ ورائي ورائي سنڌ جون خبرون ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اخبارون پريزيڊنٽ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي شان ۾ بنيادي جمهوريتن جي عوامي نمائيندن طرفان جاري ڪيل حمد و ثنا سان پريون پيون هيون. ملڪ جي سياسي هلچل جي باري ۾ هڪ به خبر شايع ٿيل نه هئي.

مان جنهن وقت جنيوا وڃڻ لاءِ سنڌ مان فرار ٿي رهيو هوس، تنهن وقت سنڌ جي ڌرتي برنڊڙ جبل وانگر ٻري رهي هئي. يوسف جي ڪارن ڪڪرن ۾ بغاوت جي ڪنوڻ ڪنوي رهي هئي. موهن جي دڙي جي تاريخ پاسا ورائي رهي هئي. سنڌي قوم سر جو سانگو لاهي ظالم ۽ جابر آڏو سينو ساهي بيٺي هئي. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ احتجاج جو جهنڊو جهولي رهيو هو. ماحول اهڙو هو، چڻ اياز جي هڪ سٽ جي تشريح ڪري رهيو هو — 'مون چرڪي پنهنجو پاند ڏنو، رت آئي ڳاڙهن پيرن جي.' آسمان مان آواز پئي آيو — انقلاب، انقلاب، انقلاب. سنڌ ڇڏڻ ڪان اڳ مان پوليس ۽ سي- آءِ - ڊي ڪان لڪي ڇپي پويون دفعو امڙ سان ملڻ لاءِ گهر ويو هوس. امڙ جا پير چمندي چيو هوم، 'امڙ مان سنڌ ديس جي آهن جو آواز انساني حقن جي اداري تائين پهچائڻ لاءِ جنيوا وڃي رهيو آهيان؛ شايد هميشه لاءِ وڃي رهيو آهيان. پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيان يا ناڪام، پر هيءَ حڪومت مون کي پيهر ڪڏهن به پاڪستان جي ڌرتيءَ تي پير پائڻ نه ڏيندي. منهنجي منٺڙي ماءُ، اڄ پويون دفعو مون کي ميٺي ڏيئي سيني سان لڳاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان تنهنجي ٿيچ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي قيامت ڏينهن بخشائڻ لاءِ جلاوطن ٿي رهيو آهيان.“ اِمڙ مونکي مٺي ڏيئي سيني سان لڳايو هو. سنڌس اکيون آليون نه ٿيون هيون. پاڻ کان جدا ڪندي مونکي دعائون ڏنيون هئائين، پر خدا حافظ نه چيو هئائين. خدا حافظ چوڻ بدران چيو هئائين: ”گهوڙن ۾ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا— ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.“

بيري جي آواز تي خيالن جا پٽڪندڙ سلسلا ماضيءَ جي ڏنڊ مان موٽي آيا. بيري ادب سان چيو، ”مال روڊ تي گڙ بڙ وڌي ويئي آهي. اسين هوٽل بند پيا ڪريون.“

بل ڏيئي ’انڊس‘ مان ٻاهر نڪري آيس. وقت ڏنم. منجهند جو هڪ ٿي رهيو هو. آس ۾ ماڻهن جي پيهه. سبب سيءُ گهٽ ٿي ويو هو. ٽيئر گئس جو دونهون اکين ۾ چڀڻ لڳو. مون رومال ڪڍي اکين تي رکيو. ٽولنٽن مارڪيٽ وٽ پوليس ۽ شاگردن جي ويڙهه هلي رهي هئي. ٽيئرگيس جي گولن جا ٺڪاءَ ٿي رهيا هئا. شاگردن جي پٿربازيءَ سان گهرن، دڪانن، موٽرن ۽ بسن جا شيشا چور ٿي رهيا هئا.

مال روڊ جا دڪان ذري گهٽ بند هئا. ڪن دڪانن جا اڌ طاق کليل هئا، جن مان دڪانن جا سيلزمين گهاٽ ڪڍي ٽولنٽن مارڪيٽ ڏانهن نهاري رهيا هئا.

مان الفلاح بلڊنگ ڏانهن هلڻ لڳس. ماڻهن جي ڪُلهي گس هجوم ۾ هڪ مان ئي هوس جنهن جي پٺ ٽولنٽن مارڪيٽ ڏانهن هئي ۽ انسانن جو سمنڊ ڇهاڳيندو الفلاح بلڊنگ ڏانهن وڌندو پئي ويس. ’ڪشمير شال هائوس‘ کان ’ليڊيز ڪارنر‘ تائين رنگارنگي ڪپڙن وارين پنجابي ڇوڪرين ٻانهن تي ڪارين پٽيون ٻڌي بيٺيون هيون ۽ نعرا هڻي رهيون هيون. سندن هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا جن تي مختلف نعرا لکيل هئا. ان هنڌ ماڻهن جي پيهه گهٽي هئي.

الفلاح بلڊنگ تي پوليس جو زبردست پهرو هو. لوهي ٽوپلن وارا سپاهي هٿن ۾ سنگينون لڳل رائيفلون جهلي بيٺا هئا، ۽ خونخوار

نظرن سان راهگيرن ڏانهن ڏسي رهيا هئا.
”الفلاح“ ڏانهن وڌندي مان هڪ پل لاءِ بيٺس. رائيفلون ۽ رائيفلن ۾ لڳل سنگينون ڏسي پنهنجي بدن ۾ سيسڙاٽ محسوس ڪيم. ائين پئي پاتيم، ڄڻ تہ منهنجي جسم ۽ رائيفلن ۽ سنگينن جي وچ ۾ ڪو نظر نہ ايندڙ سنبنڌ هو، لاڳاپو هو، تعلق هو.
”ڇا پيو ڪرين؟“ هڪ صوبيدار سخت ڪهري آواز ۾ پڇيو.
مون ڏانهس ڏسندي فقط هڪ لفظ چيو، ”جي.“
”هتي ڇو بيٺو آهين؟“
”ڇو؟“
”منهنجي سوال جو جواب ڏي. هتي ڇو بيٺو آهين؟“
”بيٽر بڪس ڏانهن وڃڻو اٿم.“
”اهو (گار) بيٽر بڪس وري ڇا هي؟“
مون بيٽر بڪس ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”هو جيڪو ڪنڊ وارو ڪتابن جو دڪان آهي نہ، تنهن جو نالو بيٽربڪس آهي.“
صوبيدار مونکي هٿ لائي ڦوليو. جڏهن پڪ ٿي ويس تہ منهنجي وَرَ ۾ اٽم بم لڪل نہ هو، تڏهن مونکي دڪان ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏنائين.
زهره اڳوات دڪان تي ويٺي هئي. مونکي ڏسڻ شرط مون تائين هلي آئي. فڪرمند پئي ڏٺي. پڇيائين، ”صوبيدار توکي ڇو روڪيو هو.“
”منهنجو انٽرويو پئي ورتائين.“ ورائيم، ”پاڪستان تي خدا جي فضل و ڪرم سان اهو دور بہ اچڻ وارو آهي، جڏهن پوليس وارا پنهنجي مرضيءَ ۽ سهوليت مطابق اسانکي جيئري رهڻ جي ڏوهہ ۾ چالان ڪندا.“
زهره چيو، ”ماحول خراب آهي. شهر ۾ بلوو ٿيڻ وارو آهي.“
ورائيم، ”خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.“
”خوشيءَ جي ڳالهہ آهي!“ هن حيرت مان پڇيو، ”تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجيب ماڻهو آهين! تو کي پوءِ نٿو ٿئي؟“
”ڇا جو؟“
”بلوي جو.“
”بلوو مون منولائيءَ کي ڇا ڪندو. منهنجي کهڙي ميل يا ڪارخانو آهي جنهڪو سڙي ويندو.“
”پر، تڏهن بہ.“
”ڪٿي تون ڪنهن مل جي مالڪياڻي تہ ناهين!“
زهره جي منهن مان پريشاني ظاهر ٿيڻ لڳي. چيائين، ”هل. فليٽ تي موٽي ٿا هلون.“
”نہ زهره.“ ورائيم، ”اڄ فليٽ تي نہ هلنداسين. اڄ بي-آر-بي- نهر وٽ اها جاءِ ڏسنداسين جتي تنهنجو خالد شهيد ٿيو هو.“
زهره مون کي عجيب نظرن سان ڏٺو. اڳ ڪڏهن بہ مون کي اهڙين نگاهن سان نہ ڏٺو هئائين. انهن نگاهن ۾ مون کي اهتري تہ پنهنجائپ محسوس ٿي جو فيصلو ڪري ڇڏيم تہ اڄ ڪجهہ بہ ٿي پوي، زهره کي ٻڌائيندس، تہ زهره جيڪڏهن تون شهيد ڪئپٽن جي زال آهين، تہ مان بہ وطن پرست آهيان. وطن پرست جي محبت جي دنيا جي ڪابہ محبت مقابلو ڪري نٿي سگهي. مون ٻيهر زهره ڏانهن ڏٺو. نگاهن ۾ پيار هوس، خوف هوس. چيائين، ”سپاڻي هلنداسين.“
”سپاڻي!“ منهنجي آواز ۾ يا لهجي ۾ الاءِ ڇا هو جو زهره ڇرڪ پري مون ڏانهن ڏٺو.
دل ۾ آيو تہ چوانس، ڇري تون ڪهڙي ’سپاڻي‘ جي ڳالهہ ٿي ڪرين— منهنجي لاءِ هن ملڪ ۾ ’سپاڻي‘ ڪڏهن نہ ايندي، اڄوڪي شام هن ملڪ ۾ منهنجي آخري شام آهي. مان سپاڻي کان اڳ توکان هميشه لاءِ وڇڙي ويندس— ۽ زهره، جڏهن مان نہ هوندس تڏهن منهنجي ياد تنهنجي دل مان دنيا جي هر فرد جي ياد کي تڙي ڪيندي. اسان سڀني جي محبت ۽ نفرت جو ڪوانت ڪونهي. پر گونگي دل جي ڳالهہ زبان تائين نہ آئي. فقط ايترو چيم، ”سپاڻي

جي ڳالهہ نہ ڪر زهره. جيڪي ٿيڻو آهي، پَل نہ اڄ ٿي وڃي."

زهره چيو، "مون کي خبر آهي، تون ضدي آهين. تون نہ مڃيندين."

غم اکين مان ليڪا پائڻ لڳس. ڪلهن تان ڪشميري شال کسڪي ويس. دڪان کان ٻاهر ڏسڻ لڳي،

اسين دڪان مان نڪري آياسين. 'الفلاح' تي پهرو ڏيندڙ سپاهين منهن ورائي اسان ڏانهن ڏٺو. پريان صوبيدار بيد جو لڪڻ پنهنجي ڪُلف' لڳل پتلون سان هٿنديءَ کنگهڪار ڪئي. زهره پڇيو، "اسان جي ملڪ مان پوليس کي ختم ڪيو وڃي تہ جيڪر چڱا ٿي پوي."

"چڱا ورڻي چڱا!" مون صوبيدار ڏانهن ڏسندي چيو، "چوريون، خون، ڌاڙا، بدمعاشيون جيڪر هڪدم ختم ٿي وڃن."

زهره جي چپن تي مرڪ تري آئي. اسين الفلاح جي حدن مان نڪري وياسين. ٻئي ڪجهہ دير خاموش هلندا رهياسين.

زهره چيو، "لڪشمي چوڪ وٽان ٽيڪسي ملي ويندي."

"ٿانگي ۾ هلنداسين، زهره." ورائيم، "پل تہ اڄ وقت جون محدود گهڙيون اينگهجي وڃن."

"ڇو اينگهجي وڃن؟" زهره منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو.

چيم، "دل چاهي ٿي تہ زندگيءَ جي هلندڙ هڪ هڪ ساعت صدي ٿي پوي، ۽ اها ساعت تنهنجي ويجهو گذاري ڇڏيان. ۽ پوءِ جڏهن هتان هليو وڃان، تڏهن پاڻ سان اهو وهم کڻي وڃان تہ تون مون سان آهين، مون وٽ آهين."

زهره هلندي هلندي بيهي رهي. پاسي مان ڦري منهنجي سامهون اچي بيٺي. پڇيائين، "ڪٿي تون مونسان محبت تہ نٿو ڪرين."

مون کي پنهنجي مرڪ جي ڪوڙاڻ محسوس ٿي. چيم، "لڪشمي چوڪ وٽان ٽانگو ملي ويندو."

چيائين، "منهنجي ڳالهہ نہ لنواءِ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪهڙي ڳالهه.“

”اهائي، ته ڪٿي تون مونسان محبت ته نه ڪرين.“

”مان فقط ايترو چاهيان ٿو.“ ورائيم، ”ته مان جنهن عورت سان محبت ڪندو آهيان، تنهن عورت جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد جون سرحدون نڪتل آهن.“

ائين منهن ڦيرايائين. جڻ مون کان منهن تي آسري آيل تاثر پي لڪايائين. مونکان وڪ ڪن اڳيرو ٿي هلڻ لڳي.

لڪشمي چوڪ وٽ فساد جا آثار نه هئا. ٽانگو ڪري بي-آر-بي نهر ڏانهن رواڻا ٿياسين. گهڻي وقت ٻئي خاموش ويٺا هئاسين. زهره کي چيم، ”ڪجهه ڳالهاءِ نه زهره.“

ٿڌو ساهه کڻي چيائين، ”ڇا ڳالهايان.“

چيم، ”اهو به مونکي ٻڌائڻو پوندو ڇا؟“

پوءِ، جڏهن ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن ڳالهه جو منڍ نه مليس، تڏهن پڇيائين، ”ماني کاڌي اٿئي.“

”اڄ اهاڙين ڳالهين ۾ وقت نه وڃائيندا سين.“ ورائيم، ”اڄ ته اهڙيون ڳالهيون ڪريون زهره، جيڪي آئينده زندگيءَ ۾ نه تون وساري سگهين، ۽ نه مان.“

غور سان، مون ڏانهن ڏسندي چيائين، ”اڄ تون اهو ناهين جيڪو روز هوندو آهين.“

مونکي کل آئي. پڇيومانس، ”اڄ منهنجي مٿي تي سڱ نڪري آيا آهن ڇا؟“

”چرچي ۾ ڳالهه نه ٽار.“

”ڇا جي ڳالهه.“

”هائي ايڏو پورڙو به ناهين.“

”ته سچ پچ ٻڌايانءِ؟“

”جي مرضي پوئيٿي ته.“

”ته ٻڌ.“ مون آواز ڳورو ڪندي چيو، ”عزيز هم وطنو، ايوب خان جي جاءِ تي مان اسلامي جمهوريه پاڪستان جو صدر

تيئن وارو آهيان.“

”هونهه.“ زهره خفي ٿي ويئي. چيائين، ”مان به ڪا صفا بيوقوف آهيان. ڀلا مون کي ڪهڙو حق ٿو پهچي جو توکان تنهنجين ذاتي ڳالهين جي باري ۾ ڪجهه پڇان!“

”زهره.“ مون سندس اداس اکين ۾ ڏسندي چيو، ”دنيا ۾ فقط ٻه عورتون آهن جن کان مان ڪجهه لڪائي نه سگهندو آهيان. انهن مان هڪ تون آهين، ۽ ٻي منهنجي ماءُ.“

”اجايون ڳالهيون نه ڪر.“ پڇيائين، ”جڏهن کان لاهور آيو آهين، تڏهن کان ڪڏهن پاڄي به پنهنجي ماءُ کي خط لکيو اٿئي.“

”مون ضرورت محسوس نه ڪئي.“

”تون ڪهڙي قسم جو پٽ آهين. ماءُ کي خط لکڻ لاءِ به ضرورت محسوس ڪبي آهي!“

مون پنهنجي اندر ۾ ڏنڊ مانڊ محسوس ڪئي. چيم، ”اڄ مون کي هلڻ وقت خدا حافظ نه چيو هو، زهره.“

”خدا حافظ نه چيو هئائين توکي!“ حيرت مان پڇيائين.

ورائيم، ”خدا حافظ کان ڪجهه وڌيڪ چيو هئائين.“

پڇيائين، ”خدا حافظ کان وڌيڪ هڪ ماءُ پنهنجي پٽ کي پيو ڇا چئي سگهندي. جنگ تي موڪلڻ مهل به ماءُ پنهنجي پٽ کي خدا حافظ چوندي آهي.“

کيس ٻڌايم، ”پر سرڪش سنڌين جون مائرون موڪلائڻ مهل ’خدا حافظ‘ چوڻ کي بزدليءَ جي علامت سمجهنديون آهن.“

پڇيائين، ”ته پوءِ سنڌي مائرون پنهنجن پٽن کي الوداع ڪيئن ڪنديون آهن.“

جواب ڏنم، ”الوداع ڪرڻ مهل سنڌي مائرون پنهنجن پٽن کي چونديون آهن: گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا — ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جاءِ.“

”مان پنهنجي ڪُند ذهن سان توکي ڪڏهن به سمجهي نه سگهنديس.“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو، ”تون ڪير آهين. لاهور ۾

ڇا ڪرڻ آيو آهين! مان تو کي سمجهي نه سگهنديس.“

”ڇا ڪنديئه مونکي سمجهي.“ آواز ۾ درد ڇـو احساس ٿيم. چيم، ”سمجهجانءِ، زندگيءَ جي سفر ۾ هڪ مسافر ساهي پٽڻ لاءِ ترسيو هو، هليو ويو.“

”مون کي خبر آهي.“ زهره جي لهجي ۾ لوچ هئي. چيائين، ”مون کي خبر آهي، تہ هڪ ڏينهن تون هليو ويندين.“

دل جهلي، منهن ٻئي پاسي ڪندي چيم، ”منهنجي وڃڻ جي ويل اچي ويئي آهي، زهره.“

زهره ڦڪي، ڦيرو کائي، مون کي ڪلهي کان وٺي منهنجو منهن پاڻ ڏانهن ڪري ڇڏيو. پُتليون پٿر ٿـي ويون. خالي نگاهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. مون محسوس ڪيو، ڄڻڪ ڏهن اسين ٽانگي ۾ نہ هجون ها، اڪيلا هجون ها، هوءَ مون کي ڀاڪر ۾ ڀري روئي پـوي ها. ضبط ڪندي غمناڪ لهجي ۾ فقط ايترو چيائين، ”تون هليو ويندين.“

سندس ان هڪ جملي ۾ سڄي دنيا جو درد هو، ڏک هو. اهو هڪ جملو سندس صدمي جـو شاهد هو. اُن وقت مـان اِهـو سمجهي نہ سگهيس تہ شهيد مڙس جـي ياد جو مندر من ۾ کڻي هلڻ واري عورت منهنجي لاءِ ايتريقدر بيچين ڇو ٿي پيئي! مون اوپري اجنبي شخص لاءِ ان حد تائين بيڪل ڇو ٿي پيئي جو مان گهڙي کن لاءِ اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيس تہ ڇڻ سندس من ۾ خالد جي ياد جو مندر مسمار ٿي ويو. هڪ لحظي لاءِ وهم ۾ ورائي ويو. ٿيـ آهي سرحدون جن کي مان اڪري نہ سگهيو هوس، آخري ملاقات ۾ پار ڪري زهره جي هيڪلي دل ۾ داخل ٿـي ويـو هوس. پـر غلط فهمي يا خوشفهميءَ وارو پل اک ڇنڀ ۾ گذري ويو.

آهستي چيم، ”مون کي پنهنجي خالد جون ڳالهيون ٻڌاءِ.“

”ڇا ٻڌايانءِ.“

”خالد جي حب الوطنيءَ جي باري ۾ ٻڌاءِ.“

”هو وطن لاءِ مرڻ کي موت جي معراج سمجهندو هو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نيڪ سمجهندو هو تنهنجو خالد.“ ورائيم، ”پر زهره، ڪجهہ انسان وطن لاءِ اهڙي نموني سر جو نذرانو ڏيندا آهن، جو سندن موت معراج ڪان مٿي تي ويندو آهي.“

زهره ڪجهہ حيرت ۽ ڪجهہ آداسائيءَ واري نگاہ سان مون ڏانهن ڏٺو. ڄڻ منهنجي ڳالهہ تي يقين نہ پئي آيس. فقط ايترو چيائين، ”ائين وري ڪيئن هوندو.“

چيم، ”آهي ڌرتيءَ جا لال يونيفارم نہ پائيندا آهن. در مهيني پکهار نہ وٺندا آهن. سندن ياد ۾ سيمنٽ جا سهڻا يادگار ڪڙا نہ ڪيا ويندا آهن. هُو، جڏهن ڌرتي ماءُ جو سڏ ٿيندو اٿن، تڏهن سِر جو صدقو ڏيئي حب‌الوطنيءَ جي تاريخ پنهنجي رت سان لکي ڇڏيندا آهن.“

زهره ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. مون ڏانهن ائين ڏسڻ لڳي ڄڻ مون کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ٽانگو شهر کان پري نڪري آيو هو. رستي جي ٻنهي پاسن کان ٿوهر هئا. ٿوهرن کان پرڀ پرڌو زمين جي مٿاڇري تي ساوڪ جي سائي چادر وڇايل هئي.

ٽانگي واري پيڙي دکائي ڪش هنيو. هو ويڪري هاڏيءَ وارو ڪُراڙو قداور مڙس هو. جهاڪن جو هيريل هو. ٽانگو جهاڪن ۾ جهچڻ لڳو ۽ هُو سلطان باهُوءَ جو ڪلام آهستي آهستي جهونگارڻ لڳو:

”دردمندان ديان آهين ڪولوُن پهاڙ پٿر دے جهڙدے هو،
دردمندان ديان آهين ڪولوُن پنج ناگ زمين وچ وڙدے هو،
دردمندان ديان آهين ڪولوُن آسمانوُن تارے جهڙدے هو،
دردمندان ديان آهين ڪولوُن ’باهوُ‘ عاشق موُل نہ ڊردے هو.“

زهره ۽ مون هڪٻئي ڏانهن ڏسي ورتو.

جهاڪن ۾ جهچندي ٽانگي وارو جهونگاريندو رهيو ـــ

”درد آندر دا آندر ساڙي، باهر ڪران تسان گهائل هو،

حالُ آسادا اوه ڪينوئين جانن، جيو دنيا تي مائل هو، بحر سمندر عشقي والا، هردم اهنسدا حائل هو، پهچُ حضور اسان تہ ”باهوُ“ اسان نام تيزي تهي مائل هو.“

مون زهره ڏانهن ڏٺو. هوءَ ڪنهن ڪشمڪش ۾ ڦاٿل ويٺي هئي. اڪيون ڏانگي جي ڦرنڊڙ ڦيٿي تي ڪپاڻي ڇڏيون هئائين. هٿن جون آڱريون هڪٻئي ۾ وچڙيل هئس. ڪشميري شال سرڪندي، لهي اچي هنج ۾ پيئي هئس. پوءِ جڏهن ڏانگو بي-آر-بي نهر وٽ اچي بيٺو، تڏهن بہ هوءَ خيالن جي ڪاڪ مان ڏکري نہ سگهي. سمت ۾ نہ آئي. مون جڏهن شال هنج مان ڪڍي سندس ڪلهن تي ويڙهي، تڏهن هن هلڪڙو چرڪ ڀريو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، اکيون ڇنڀي ورتائين. پوءِ ڏانگي مان لهندي جڏهن پير پائدان تي رکيائين، تڏهن پير ڪنبي ويس. ڏانگي جي ڊمڻ ۾ مٺ وڌائين، تہ مٺ ڦٽجي نہ سگهيس.

سرگوشيءَ ۾ ڪيس سڏيم، ”زهره.“

هن منهن هيٺ ڪري ڇڏيو. ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. ڪلهن جي ڪنبڻ مان سمجهيم تہ هوءَ اندرئي اندر ويرون وڍجي رهي هئي. آڏمن ڪي پاهر اچڻ کان روڪي رهي هئي.

ڪيس ٻيهر آهستي سڏيم، ”زهره.“

هن منهن مٿي نہ ڪيو. ۽ پوءِ، الاءِ ڪيئن لفظن کي ڪنبندڙ چپن تائين آندائين. چيائين، ”هتي، اصل هن جاءِ تي منهنجي خالد هندستاني فوج جي هڪ ڪمپنيءَ کي ڏن ڪلاڪن تائين اڪيلي سر روڪي ڇڏيو هو.“

مان ڏانگي مان لهي، ڀئي پاسي کان ڦري زهره جي پرسان اچي بيٺس. هن جو هڪ پير پائدان تي هو ۽ ٻيو ڏانگي جي هوڊي ۾. ڪنڌ مٿي نہ ڪيائين. شايد مون کان لڙڪ لڪائي رهي هئي.

مون ڏانگي واري کي چيو، ”واپس هل.“

”ترس،“ زهره هڪدم چيو. رئي جي پلاند سان اکيون اُگهي ڏانگي مان لهي آئي. ڊوڙي، ڊرتيءَ تان مٽيءَ جي چپٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري پنهنجي سينڌ ۾ وڌائين. ۽ پوءِ، جيئن بند ٿيچي پون، ۽ ساوڻيءَ جو سنڌو ملڪ کي جل ٿل ڪري ڇڏي، تيئن زهره جي برداشت جو بند ٽٽي پيو. هوءَ رئي ۾ منهن لڪائي، اوڇنگارون ڏيئي روئي پيئي.

”زهره.“ مان ڪجهہ چئي نہ سگهيم. ڪيئن آٿت ڏيڻ لاءِ مون وٽ لفظ نہ هئا. ڪيس هنجون هاريندي ڏسي سوچيم، هيءَ عورت نڪاح جي ٻن ٻولن ۾ ٻڌل نہ آهي — هن عورت کي پنهنجي شهيد مڙس سان عشق آهي. مان سٽن چئن ۾ بہ خالد جي ياد زهره جي دل مان ٽڙي نہ سگهندس.

سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيم، ”زهره، دل جي درد لاءِ اکيون آب حيات بخشي سگهن ها، تہ جيڪر دنيا مان غم موڪلائي وڃي ها. نہ روءُ زهره، نہ روءُ.“

ٽانگي وارو ٽانگو ڇڏي، ٻيڙي ڇڪيندو ڪنڌين ڏانهن هليو ويو.

زهره پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. سندس روڪيل روڪيل سڏڪا منهنجي روح مان پار ٿيندا ويا.

چيم، ”زهره، پنهنجي ڏک جو ڏونگر مون کي ڏيئي ڇڏ. اڄ رات کان منهنجي زندگيءَ جو جيڪو سفر شروع ٿيندو، تنهن ۾ اهو ڏونگر مان ڏيهان ڏيهہ کڻي گهمندس.“

هوءَ مون کان پري ٿي ويٺي. آلين اکين سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. ڪجهہ نہ چيائين. رئي جي ڪنڊ سان اکيون اگهي ٽانگي ۾ چڙهي ويٺي. مان پرسان وڃي ويٺو هوس.

ٽانگي وارو ڪنڌين وٽان موٽي آيو. پڇيائين، ”ڪيڏانهن هلان.“

چيم، ”بيدن روڊ.“

زهره ڏريل آواز ۾ پڇيو، ”ڇو؟“

”تون ذهني طرح پريشان آهين.“ ورائيم، ”منهنجو خيال آهي. پاڻ فليٽ تي موٽي هلون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏو ساهه کڻي پڇيائين، ”۽ پوءِ“
جواب ڏيڻ کان اڳ ڏانهس ڏٺم، ”۽ پوءِ مان هليو ويندس.“
جيئن ڪنڊي ڪٽلي ۾ اٽڪي پوي ۽ ٻيان کان ٻاهر ايذاءُ ڏئي، تيئن ڪو لفظ زهره جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. لڙڪ ڀريل هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. پوءِ ڀريل آواز ۾ ڳالهايائين، ”ڇا اهو ممڪن ناهي ته شاليمار کان ٿيندا هلون.“
ڪچهارت جي ڳنڍ ۾ پيچ پئجي ويو. مقدر جو مام عميق ٿي ويو. سوچيم، اڄ دل جو غوراب غلطفهميءَ جي ڪُنَ ۾ غرق ٿي ويندو. دل کي سمجهايم ته جنهن عورت کي صبح شام خالد جي واتان وات آهي، سان موڻ سان هرگز محبت ڪري نه سگهندي. هينئر، هن وقت جيڪي ڪجهه رونما ٿي رهيو آهي، سو نظر جو دوکو آهي ــــ سرت سمجهه جو فريب آهي. اهو عذاب فقط منهنجي نصيب جي ڪتبي تي لکجي ويو آهي، ته مان حياتيءَ جي آخري دور ۾ ڪنهن اهڙي عورت سان محبت ڪيان جنهن جي دل ۾ منهنجي لاءِ جاءِ نه آهي.
مون کي خاموش ڏسي، زهره بيحد اداس لهجي ۾ چيو، ”الفلاح وٽ چيو هوءِ نه، ته اڄ جيڪر زندگيءَ جي هڪ هڪ ساعت صدي ٿي پوي.“
”ها، چيو هوم. پر انَ وقت اهو نه سوچيو هوم، ته اسان جهڙن انسانن جي صدي ڪڏهن ساعت به ٿي پوندي آهي.“
ٽانگي واري کي چيم، ”شاليمار هل.“
بي-آر-بي کان موٽندي سج لهي ويو. سانجهي آئي. آسمان مان اونده ڇڻندي آئي. سيءُ وڌڻ لڳو. زهره پاڻ کي چگني طرح شال ۾ ويڙهي ڇڏيو. سڙڪ جي ڪناري کان بيٺل بجليءَ جي ٿنڀن ۾ بلب ٻري پيا.
زندگيءَ جو رشتو جڏهن ڇڇي ڌار ٿيڻ تي هوندو آهي، تڏهن لفظ ۽ جملا اظهار جي قوت وڃائي بيمعنيٰ ۽ بيسود ٿي پوندا آهن. آهي انسان، جيڪي هميشه لاءِ هڪٻئي کان ڌار ٿيڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهلت جا مهمان هوندا آهن، سي خاموش رهندي به پاڻ ۾ ڳالهائي ونندا آهن. شاليمار تائين زهره ۽ مون زبان مان اکر نه آڪليو.

شاليمار جي وڻن، ٻوٽن ۽ ڇپر تـي رنگارنگي بلب جهرمر ڪري رهيا هئا. بـاغ ۾ ماڻهو تمام گهٽ هئا. شايـد شهر ۾ فساد سبب پنهنجي پنهنجي وٿاڻ وجــي ٿانئينڪا ٿيا هئا. ايڪڙ ٻيڪڙ جوڙي ڪان سواءِ سمورو باغ ويران هو، جنهن ۾ زهره ۽ مـان ٻن ٻيچين روحن وانگر ماٺ ۾ ۽ سانت ۾ ڳاڙهين سرن جي فرش تي هلي رهيا هئاسين. آن وقت محسوس ڪيم، ته اهو ضروري ناهي ته جڏهن اندر ۾ اونده هوندي آهي، تڏهن ٻاهريون روشنيون اکين کـي ٻاءَ پوندیون آهن. جڏهن اندر ۾ اونده هوندي آهـي، تڏهن سڻن سڄن جي روشني به تاريڪيءَ جي احساس کي ختم ڪري نه سگهندي آهي.

زهره پڇيو، ”صبح مون سان وچڻ جو ذڪر ڇو نـه ڪيو هـوءَ .“

”صبح ويل مون کي به خبر نه هئي ته اوچتو وڃڻو پوندوم.“

”وري ڪڏهن لاهور ايندين؟“

”ٻئي جنم ۾.“

”ٻئي جنم ۾ اعتبار اٿئي ڇا؟“

”ها.“ وراڻيم، ”پر ٻئي جنم ۾ مـان جلد ايندس. ان کان اڳ جـو ڪو ڪيپٽن يـا ميجر تنهنجي دل ۾ منهنجي پيار تـي پابندي وجهي ڇڏي، مان تو کي حاصل ڪندس.“

ڪجهه هڪندي پڇيائين، ”سند ڏاڏهن ويندين.“

”نه.“

”ته پوءِ؟“

”مونکي خبر ناهي.“

هوءَ ڇبوتري جي پاسي ۾ رکيل بينچ تي ويهي رهي. مان وچي پر ۾ ويٺومانس. گوڏن تي ٻانهون رکي ڇپر جي روشنين ڏانهن ڏسڻ لڳي. پڇيومانس، ”ڇا پيئي سوچين؟“

ڪنڌ مٿي ڪرڻ بنا ڳالهايائين، ”وقت پٿر ڪري آڏامندو

تو وچي.“

مان خاموش رهيس.

پڇيائين، ”خط لکندين.“

”چاهيندي بہ نہ لکي سگهندس،“ آهستي ورائيم.

بينچ جي پٺيءَ سان ٽيڪ ڏيئي ويئي. هن ڪنهن حد تائين پاڻ سنڀالي ورتو هو. مون ڏانهن ڏسندي پڇيائين، ”مون کي ياد ڪندين.“

”اهو پڇي ڇا ڪندينءَ.“ ورائيم. ”پڇ تہ تو کي ڪڏهن وساري بہ سگهندس.“

”مون ۾ ڇا رکيو آهي جو مون کي وساري نہ سگهندين.“

هوءَ بينچ تان اٿي ويئي. ڳاڙهين سرن جي فرش تي اڳيرو هلي ويئي.

”ترس زهره.“

هوءَ پٺيري بيهي رهي. سندس پٺيان وڃي بيٺم. چيم، ”ان ڪان اڳ جو مان هميشہ لاءِ هتان هليو وڃان، مان اهو اظهار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ تون منهنجي پهرين ۽ آخري محبت آهين.“

”تہ نہ.“ زهره هڪدم منهن ورايو. چيائين، ”تو کي مون سان محبت ڪرڻ نہ گهرجي.“

”اهو منهنجي وس ۾ ناهي.“ چيم، ”اهو چاڻندي بہ، تہ تو کي پنهنجي شهيد مڙس جي ياد سان بيپناهہ پيار آهي، مون توسان محبت ڪئي آهي، زهره.“

”مان جو چوانءَ ٿي؛ تو کي مون سان محبت ڪرڻ نہ گهرجي.“

”مان پنهنجي اڻميي پيار جي عيوض تو کان ڪنهن بہ قسم جي طمع نٿو رکان.“

”پر،“ هوءَ هڪي ٻڪي پيئي. چيائين، ”منهنجو مطلب آهي، مان تنهنجي محبت جي قابل ناهيان.“

”يا تون مونکي محبت جي لائق نٿي سمجهين،“ هڪدم چيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ نہ ـ ائين ناهي.“ هوءَ چپ ٿي ويئي.

مون سندس پريشان اکين ۾ ڏسندي چيو، ”مان اڄ اڌ رات ڌاري هميشه لاءِ هتان هليو ويندس. وڃڻ کان اڳ فقط ايترو پڇڻ گهران ٿو، تہ جنهن عورت کي مان عبادت جي حد تائين چاهيندو رهيو آهيان، تنهن عورت جي دل ۾ منهنجي محبت بئي مرد جي ياد کي ميساري سگهي آهي، يا نہ.“

مون زهره جا چپ ڪنبندي ڏٺا، چيائين، ”خبر ائي مان ڪير آهيان؟“

”مان فقط ايترو چاڻان ٿو زهره،“ ورائيم، ”جهڙي محبت مون توسان ڪئي آهي، تهڙي محبت اڄ تائين دنيا جي ڪنهن بہ مرد ڪنهن عورت سان نہ ڪئي هوندي.“

چپن تي زهريلي مرڪ ۽ اکين ۾ غم ڌاري آيس. چيائين، ”مون سان محبت نہ ڪر.“

چيم، ”دنيا جي ڪابہ طاقت مون کان محبت جو حق کسي نٿي سگهي.“

صنوبر جي ٽڙ سان پڌل ٽيوب لائيٽ جي روشني ۾ زهره جون اکيون لڙڪن سان تمتار ٿيندي ڏٺم. پوءِ ڏڏندڙ ۽ ڪنبندڙ آواز ۾، پگهل ٿڌل لهجي ۾ـ جنهن ۾ صدين جي ستم جو سماع هو. چيائين، ”مان وئشيا آهيان.“

مون کي پنهنجن ڪنن تي اعتبار نہ آيو.

زهره جون اکيون ملهار ٿي پيون. چيائين، ”مان تو کي دوکي ۾ رکڻ نٿي چاهيان. مان فاحشہ آهيان ـــ ’ڪال گرل‘ آهيان.“

شاليمار جا جهرمر ڪندڙ بلب ٿوري دير لاءِ منهنجين نگاهن ۾ وسامي وياءِ هيبتناڪ اونده وايو منڊل کي آگهري ويئي.

تڏهن زهره جو آواز پڌم، ”مون کي معاف ڪر. مون تو کي دوکي ۾ رکيو هو. منهنجا اهڙا پاڳ ڪٿي جو ڪنهن شهيد ڪيپٽن جي زال سڏائي سگهان.“

وايومنڊل اونده جني ڪُنن مان نڪري آيو. رنگا رنگي

بلبن جي روشنيءَ ۾ زهره جي پنبڻين تي لڙڪن جا موتي چمڪندي ڏٺم. سندس هٿ ۾ هٿ ڏيندي چيم، ”ڪجهہ انسان پنهنجي وجود ۾ خواهشن ۽ تمنائن جو قبرستان کڻي گهمندا آهن؛ ۽ ڪجهہ انسان انهن خواهشن ۽ تمنائن جي رڃ پٺيان ڊوڙندي، رڻ ۾ رُلي ويندا آهن. ڪن انسانن جا خواب خسيس ۽ سطحي هوندا آهن؛ ۽ ڪي تو وانگر هڪ آدرش جي تڪميل لاءِ زندهہ رهي زندگيءَ جو زهر پيئندا آهن.“

زهره ڏک وچان چيو، ”مان فقط ايترو چاهيان ٿي، تہ مان تڪارڻ لائق آهيان.“

”مون تو کي تنهنجي ماضي، حال ۽ مستقبل سميت چاهيو آهي.“ ورائيم، ”تون جيئن آهين، جهڙي آهين، منهنجي محبت جو مرڪز آهين.“

مون کان اڳيرو هلندي پڇيائين، ”تون ڪهڙي قسم جو مرد آهين! مونکي ڌڪارين ڇو نٿو، مونکان نفرت ڇو نٿو ڪرين؟“

جواب ڏنم، ”اسين سنڌ ملڪ جا ماڻهو عورت ۽ ڌرتيءَ جي عزت ڪندا آهيون.“

زهره حوض جي ڦوهارن وٽان ڦري باره دريءَ ڏانهن هلي ويئي. مان پريان کيس ڏسندو رهيس. هوءَ چيڙهہ جي پرسان ڌڪوما جي گلن وٽ بيهي رهي. ڌڪوما جي ٽارين ۾ اڇا - ساوا ننڍڙا بلب ٻري رهيا هئا. هُن چيڙهہ جي ٿڙ سان ٽيڪ ڏيئي، روشنين کان منهن موڙي، اوندهہ ڏانهن رخ ڪري ڇڏيو. وڃي وڃي سندس ڪلهي تي هٿ رکيم. سرگوشيءَ ۾ چيم، ”زهره.“

هوءَ چيڙهہ جي ٿڙ وانگر ساڪت هئي.

”زهره.“ مون ٻيهر آهستي کيس سڏ ڪيو.

هن اونڌهہ مان ورائيو، ”مان تو کي پنهنجو مڪروهہ منهن ڏيکارڻ جهڙي ناهيان.“

”تون منهنجي لاءِ ساڳي زهره آهين.“ سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيم، ”تون منهنجي لاءِ ساڳي زهره آهين، ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد ڪيپٽن جي زال."

زهره اونده ۾ اکيون وجهي ڀڳل ٽٽل لهجي ۾، جنهن ۾ بيپناه ايذاءَ جو احساس هو، درد هو، چيو، ”مون کان هميشه نفرت ڪئي ويئي آهي. منهنجي جسم کي تہ چاهيو ويو آهي، پر ڪنهن بہ منهنجيءَ دل جي اڪيلائين ۾داخل ٿي مونکي محبت نہ ڏني آهي."

”مون کي بہ اُنهن مان هڪ ٿي سمجهين؟"

”مان تنهنجي ڳالهہ تہ نٿي ڪريان. پر—"

”تون پنهنجي ڳالهہ پوري ڪر زهره."

”منهنجو مطلب آهي—"

”هرگز نہ. يقين ڪر، مان پنهنجي اٺمي پيار جي عيوض تو کان ڪنهن بہ قسم جي طمع نٿو رکان." مون ڏک وچان چيو، ”مان تہ ڪجهہ گهڙين جو مهمان آهيان. ٿوري دير ڪانپوءِ هميشه لاءِ هليو ويندس."

”تون عجيب انسان آهين،" زهره وچڙيل لهجي ۾ ڳالهايو. چيائين، ”سڀ ڪجهہ چاڻندي بہ مون کي چاهين ٿو."

ورائيم، ”مون ڏيتي ليتي نہ ڪئي آهي، زهره. مون محبت ڪئي آهي."

”پر ڇو؟" هن سخت ڪشمڪش مان پڇيو، ”تو مون سان محبت ڇو ڪئي آهي."

”تنهنجو سوال بلڪل بيمعنيٰ آهي." چيم، ”اهڙو سوال مون کان وري ڪڏهن بہ نہ پڇجانءِ." مون کي لهجي جي ڪوڙاڻ جو احساس ٿيو.

زهره جي منهن مان تعجب ظاهر ٿيو. ڏک جو ڏيک گهڙي پل لاءِ اکين جي حيرت ۾ گم ٿي ويس. چتائي مون ڏانهن ڏٺائين. پوءِ آهستي، پر چٽي آواز ۾ پڇيائين، ”تون ڪير آهين؟"

مون کيس جواب نہ ڏنو.

هن ٻيهر پڇيو، ”تون ڪير آهين."

مان تڏهن بہ خاموش رهيس.

”تو کي ٻڌائڻو پوندو،“ هوءَ بيچين ٿي پيئي. چيائين، ”ٻڌائين
چو نٿو، تہ تون ڪير آهين.“
مون سندس سوال نظرانداز ڪري ڇڏيو. وراڻي پڇيو مانس،
”مون سان موت جي سفر تي هلندينءَ، زهره.“

پڇاڙيءَ جي شروعات:

زهره منهنجين ٻانهن ۾ هئي. ٽيپهريءَ جو سج آسمان مان
باهہ ڇڏي رهيو هو.

رت وهي وڃڻ سبب زهره جو منهن هيڊ جهڙو ٿي ويو هو.
اکيون ڏرا ڏيئي ويون هئس. چپ اُڃ ڪان سڪي ڏوٽ ٿي ڏري
پيا هئس. بدن سَتَ ڇڏيندو پئي ويس.

رائيفل جي گولي ڪيس ساڄي ٿَنگ جي سٿر ۾ لڳي هئي.
سٿر جو هڏو ڇتجي ڇور ٿي ويــو هئس. ٿَنگ مُشڪن جي تندن
۾ لڙڪي رهي هئس. مان ڪيس ترائيءَ مان ڪڍي، پٿرن تان ٿڙندو
ٿاٻڙندو جبل جي ڪپل چاڙهي چڙهي آيو هوس.

ترائيءَ جي پرئين پاسي ڪان رينجرس ۽ سرحدي فوج جا
گهوڙيسوار مٽيءَ جو طوفان اڏائيندا پئي آيا.

اڌ چاڙهي چڙهڻ ڪان پوءِ منهنجو پنهنجو ساهہ چڙهي آيو.
هڪ ڇپ جي ڇانــوَ ۾ ساهي پٽڻ لاءِ ترسيم. زهره کي پنهنجي
سهاري ٽيڪ ڏيئي ويهاريم. سندس ساهہ جو سلسلو وڇڙي رهيو هو.
منهن منهنجي ڪلهي تي رکي اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

مون ٻانهن وراڻي سندس منهن پنهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.
چيم، ”تو منهنجي لاءِ ڪيترو نہ پوڳيو آهي، زهره.“

جهيڻي آواز ۾ وراڻيائين، ”مان خوش آهيان. بيحد خوش
آهيان.“

ڪيس ڳراٽڙيءَ ۾ ڪندي چيم، ”مون کي معاف ڪر.“
ڪجهہ دير تائين جڏهن ڪيئي پاڻ ڪان پري نہ ڪيم. تڏهن
نبل آواز ۾ پڇيائين، ”روئين تہ نہ ٿو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُک جي زهر جو ڏُک پريندي چيم، ”جبل جي چوٽيءَ وٽ اچو پٽڙ ڏسين ٿي، زهره. ان پٽڙ ڪانَ پوءِ پاڪستان جيءَ سرحدَ ختم ٿي ويندي.“

تمام ڪمزور آواز ۾ چيائين، ”مون ڪـي ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.“

مون چپ پيڪوڙي اکيون بند ڪري ڇڏيونَ.

آهستي پڇيائين، ”سنڌ جون سهاڳڻيون پنهنجن وَرن ڪان موڪلائڻ مهل ڇا چونديون آهن.“

منهنجي هانءَ ۾ هٿ پيو. اندر مان درياهہ آچل ڪائي اکين تائين هليو آيو، پر پنبڻين جو بند ٻيجي نہ سگهيو.

ڇڇندڙ آواز ۾ چيائين، ”ٻڌاء نہ.“

منهنجي سَنڌ سَنڌ مان پير جي ٽـاري ڦٽي نڪتي. دل جهلي چيم، ”سنڌي سهاڳڻيون ٻہ وَرن ڪان موڪلائڻ مهل، سنڌي ماٺرن وانگر چونديون آهن—“ جملو پورو ڪري نہ سگهيم.

”ڇا چونديون آهن؟“

”چونديون آهن: گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا— ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.“

آجهامندڙ اکيون کوليَ ڪجهہ دير تائين مون ڏانهن ڏسندي رهي. پوءِ نبل آواز ۾ چيائين، ”منهنجي هڪڙي ڳالهہ مڃيندين.“

هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيم.

”رينجرس تنهنجي تلاش ۾ آهن.“ جهيڻي جهڇندڙ آواز ۾ چيائين، ”تون سرحد ٽپي هليو وڃ.“

”نہ نہ. هرگز نہ.“ مون ڪيس پاڪر ۾ پري پنل پنبڻيون سندس وکريل وارن سان لڳائي ڇڏيون.

منهنجي پـاڪر ۾ ئي هٿي جو ساهہ جو گهائل پکي پـرڙا هڻڻ لڳس. آجهاميل اکين ۾ زندگيءَ جو ساٿـو ساٿـو سج وسامڻ لڳس. پوءِ ٻڏندڙ آواز ۾ لفظ لفظ ڪري جهونگاريـائين، ”گهوڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گهوٽن، جيئڻ ٽـورا ڏينهڙا— ڪڏهن منجهہ ڪوٽـن ، ڪڏهن واهي رڻ جا.“

”زهره.“ منهنجي سڏ ستن آسمانن تـائين پهتو هوندو، پـر منهنجي زهره تائين نہ پهتو. اندر اڌ ٽي پيو. دل جي دنيا رت جي سمنڊ ۾ لڙهي ويئي.

رينجرس ۽ سرحدي فـوج جا گهوڙيسوار جبل جهاڳيندا آيا; رائيفلون ۽ اسٽين گن تاڻي، گهيرو ٿاهي، اسان ڏانهن وڌڻ لڳا. تڏهن، مان زهره جو لاش ٻانهن ۾ کڻي اٿي بيٺس. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امر جليل اٺين نومبر، اڻويهه سؤ ڇٽيهن ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو ● پرائمري تعليم رتن تلاءُ اسڪول ڪراچي، ميٽرڪ اين-جي-وي هاءِ اسڪول ڪراچي، بي-اي گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه، اقتصاديات ۾ ايم-اي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان، تاريخ ۾ ايم-اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان، ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجيءَ ۾ گريجوئيٽ پروگرام فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي آمريڪا مان ڪيائين. تعليمي نشريات ۽ ٽيليويزن پروگرام پروڊڪشن جي سلسلي ۾ ٿائيلينڊ، آمريڪا، سري لنڪا، فرانس ۽ جپان جي سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ شريڪ ٿيو آهي ● امرجليل اڻويهه سؤ سٺ کان لکي رهيو آهي. هن وقت تائين ڏيڍ-ٻه سؤ کن ڪهاڻيون ۽ پنجاهه کان مٿي ريڊيو، ٽيليويزن، ۽ اسٽيج لاءِ ڊراما لکي چڪو آهي. ان کان سواءِ، روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، ۽ الفتح ڪراچيءَ لاءِ ڏيڍ هزار کن سياسي، سماجي، ۽ ادبي ڪالم لکيا اٿائين ● شاگرديءَ واري دور ۾ امرجليل ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر هوندو هو. هُو پنهنجي اسڪول، ڪاليج، ۽ يونيورسٽي ڪرڪيٽ ٽيمن جو ڪئپٽن رهي چڪو آهي ● هيل تائين سندس هي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن: دل جي دنيا- جڏهن مان نه هوندس- تاريخ جو ڪفن- سنڌو منهنجي ساهه ۾- منهنجو ڏس آسمان کان پڇو- ٽيون وجود- رني ڪوٽ جو خزانو، ۽ ٻه پاڪيٽ بڪ: رڃ، ۽ هن چار ۾ ● امرجليل هن وقت علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجيءَ جو ڊائريڪٽر آهي ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com